# پڙاڏو سوئي سڏ

سراج

ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

# پڙاڏو سوئي سڏ

(ناول)

سراج

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

2013ع

اداري جا حق ۽ واسطا محفوظ

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | پڙاڏو سوئي سڏ (ناول) |
| مصنف: | سراج |
| ڇاپو پهريون: | فيبروري 2013ع |
| تعداد: | هڪ هزار ڪاپيون |
| ڪمپوزنگ: | سارنگ امداد ۽ محمد اقبال ابڙو |
| ٽائيٽل / لي آوٽ: | ظفر آفتاب ابڙو |
| ڇپيندڙ: | پيڪاڪ پرنٽرز ڪراچي، سنڌ |
| ڇپائيندڙ: | ثقافت کاتو -حڪومت سنڌ |
| قيمت: | 250/- |

| | |
|---|---|
| Title of Book: | Parrado Soyoi Sadd (The Echo and the Call are the Same) |
| Writer: | Siraj |
| Edition First: | February 2013 |
| Quantity: | One Thousand Copies |
| Composing: | M. Iqbal Abro & S.M. Imdad |
| Title/Layout: | Zafar Aftab |
| Printed by: | Peacock Printers, Karachi, Ph: 0300 2152634 |
| Published by: | Culture Department, Government of Sindh |
| Price: | Rs. 250/- |

ملڻ جو هنڌ

**ثقافت کاتو ڪتاب گهر**

سامهون ايم. پي. اي هاسٽل، سر غلام حسين هدايت الله روڊ.

ڪراچي، سنڌ- 74400

فون: 021-99206073

# انتساب

سنڌ جي

اڳوڻن، هاڻوڪن ۽ ايندڙ وقت جي

سورهيه سوڍن

جي نالي

# پبلشر جو نوٽ

مانوارو سراج الحق ميمڻ اڻگڻين صلاحيتن جو مالڪ هو. هو هڪ ئي وقت ٻوليءَ جو ماهر، بهترين وڪيل، مجيل محقق، سٺو سنڌيڪار ۽ بيباڪ صحافي هو. سندس تحقيق توڙي تحرير جو رنگ نرالو هو جنهن منجهان ڌرتيءَ جي خوشبوءِ پئي ايندي هئي. هن جڏهن سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۽ بڻ بنياد بابت لکيو تہ سنڌي ٻولي بابت رواجي نظريا تبديل ٿي ويا. هو جڏهن عالمي پسمنظر ۾ پنهنجو ڪالم "رتيءَ جي رهاڻ" لکندو هو تہ بہ انکي سنڌ جي مامرن سان ملائيندو هو. روزاني هلال پاڪستان ۾، ان دور (77_1972ع) ۾ هن جيڪي ايڊيٽوريل لکيا، سي ملڪي تاريخ ۽ سياست جو اهم حصو آهن. ان حوالي سان هن سنڌي صحافت کي نوان موڙ ڏنا.

سراج صاحب جو نالو افسانوي ادب ۾ پڻ مثاهين حيثيت رکي ٿو. هن ڪيترين ئي ڪهاڻيون لکيون ۽ ترجما ڪيا. هن شاهڪار ناول لکيا، جن جي ڳاڻاٽي ڪانسواءِ سنڌي افساني ۽ ناول جي تاريخ اڌوري ليکي ويندي. سندس هي ناول "پڙاڏو سوئي سڏ" 1970ع ڌاري شايع ٿيو جيڪو سنڌي ادب ۾ مثالي حيثيت رکي ٿو. 1520ع ۾ جڏهن سنڌ تي ارغونن ۽ ترخانن حملو ڪيو ۽ مڪاني ماڻهن سان جيڪي ويل وهايا، سنڌ جي وسيلن خاص طور زراعت ۽ معيشت کي تباهہ برباد ڪيو ۽ سنڌ جي جوڌن جنهن سُچيتائي سان سندن مقابلو ڪيو ۽ مٿن راتاها هنيا. هي ناول ان سچي ڪهاڻي جو پوتاميل آهي. سراج صاحب پاڻ ئي لکي ٿو تہ: سنڌ جي تاريخ هونئن تہ هر مظلوم قوم جي تاريخ وانگر ظلم جي داستانن سان پري پيئي آهي، پر ان تاريخ ۾ ترخانن جو دؤر سنڌ جي ماضيءَ جو بدترين دؤر آهي. جڏهن شاهہ بيگ ارغون سنڌ تي قبضو ڄمايو، تڏهن هن ايترا ظلم ڪيا، جو ڪنهن شاعر اُن وقت اُن حملي جي تاريخ "خرابيءِ سنڌ" مان ڪڍي هئي. ترخانن ۾ مرزا باقيءَ جو دؤر سڀ ڪان اونداهو ۽ سڀ ڪان روشن دؤر آهي؛ سڀ ڪان اونداهو ان ڪري، جو هن ڪان وڌيڪ ظالم ٻيو حاڪم نہ

ٿيو ۽ سڀ ڪان روشن ان ڪري جو ان ظلم خلاف سنڌي قوم منظم ٿي بغاوت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سنڌ جي تاريخن ۾ ان بغاوت جي يڪي ۽ سربستي ڪهاڻي لکيل ڪانهي، پر مختلف تاريخن ۾، مختلف شاعرن جي شعرن ۾ ننڍا ننڍا واقعا بيان ٿيل آهن. جن ۾ مون کي هڪ عظيم سلسلو ٿو نظر اچي، انهن ئي واقعن جي هيءَ ڪهاڻي آهي.

سنڌ جي تاريخ سان جڙيل هن ناول کي ٻيهر ڇپائيندي، اسان خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون. جيڪو ثقافت کاتي جي وزير محترمہ سسئي پليجو جي خواهش تي ڇپجي رهيو آهي.

هيءَ حقيقت آهي تہ محترمہ سسئي پليجو جون خاص هدايتون آهن تہ سنڌ جي اهڙن اديبن، شاعرن، مفڪرن ۽ سپوتن جون سموريون تخليقون سهڻي نموني ڇپائي عوام آڏو آنديون وڃن تہ جيئن عام پڙهندڙ سنڌ جي تاريخ، تهذيب ثقافت، ۽ سماجيات بابت فڪري طور پاڻيرو ٿي سگهي.

ان ڏس ۾ اسان مهان شخصيتن: شيخ اياز استاد بخاري، استاد حامي، امرجليل، فيض احمد فيض ۽ ٻين جون تخليقون شايع ڪرائي چڪا آهيون. جن کي پڙهندڙن وٽان تمام سٺي موٽ ملي آهي.

کاتي جي باصلاحيت ڊائريڪٽر جنرل ۽ ادب ۾ اهم جاءِ والارينڊڙ ڊاڪٽر محمد علي مانجهي کاتي پاران تيار ٿيندڙ علمي ادبي ڪمن ۾ نہ صرف سمجهداري سان نگراني ڪري رهيو آهي، پر انهن ڪمن جي پورائي لاءِ ڀرپور فني مهارتون بہ پيش ڪري رهيو آهي، جنهن سبب ثقافت کاتي جي اشاعتي ڪم کي سٺي موٽ ملي رهي آهي.

هن ڪتاب جي اشاعت کان پوءِ اميد آهي تہ سراج صاحب جا ٻيا سڀ ڪتاب ترتيب سان ڇپائي پڌرا ڪنداسين.

**عبدالعزيز عقيلي**
سيڪريٽري ڪلچر
ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

16 جنوري 2013ع
ڪراچي

ـ پهرئين ايڊيشن لاءِ

# مصنف طرفان ٻه لفظ

سنڌ جي تاريخ هونئن ته هر مظلوم قوم جي تاريخ وانگر ظلم جي داستانن سان ڀري پيئي آهي، پر ان تاريخ ۾ ترخانن جو دؤر سنڌ جي ماضيءَ جو بدترين دؤر آهي. جڏهن شاهه بيگ ارغون سنڌ تي قبضو ڄمايو تڏهن هن ايترا ظلم ڪيا، جو ڪنهن شاعر اُن وقت ان حملي جي تاريخ ”خرابيءِ سنڌ“ مان ڪڍي هئي. ترخانن ۾ مرزا باقيءَ جو دؤر سڀ کان اونداهو ۽ سڀ کان روشن دؤر آهي؛ سڀ کان اونداهو ان ڪري، جو هن کان وڌيڪ ظالم ٻيو حاڪم نه ٿيو ۽ سڀ کان روشن ان ڪري جو ان ظلم خلاف سنڌي قوم منظم ٿي بغاوت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سنڌ جي تاريخن ۾ ان بغاوت جي يڪي ۽ سربستي ڪهاڻي لکيل ڪانهي، پر مختلف تاريخن ۾، مختلف شاعرن جي شعرن ۾ ننڍا ننڍا واقعا بيان ٿيل آهن. جن ۾ مون کي هڪ عظيم سلسلو ٿو نظر اچي، انهن ئي واقعن جي هيءَ ڪهاڻي آهي.

”ترخان نامي“ جو مصنف لکي ٿو ته ”مردم ولايت سنڌ..... هرگز شبي از ترس ميرزا محمد باقي بفراغت نرفة بود....“ يعني ’سنڌ جا ماڻهو مرزا باقيءَ جي دؤر ۾ هڪڙي رات به سک سان نه سُتا.‘

سنڌ جو مؤرخ، پير حسام الدين راشدي، ميرزا باقيءَ تي لکندي چوي ٿو ”.... هي اهي مقتول ۽ شهيد آهن، جيڪي مؤرخن لاءِ قابل ذڪر هئا. ورنه ميرزا باقيءَ جي حڪم تي اهڙا سوين خدا جا بيگناهه بندا بي دريغ قتل ڪيا ويا. ڪو ڏينهن خالي نه هو جڏهن قتل نه ٿيندو هو. اهو روز جو معمول ۽ مشغلو هو ڪنهن جو نڪ، ڪنهن جو ڪنڌ، ڪنهن جو هٿ، ڪنهن جي ٻانهن هر روز ڪپارائيندو هو. هاٿيءَ جي پيرن هيٺان لتاڙائي مارائي ڇڏڻ به سندس دل گهريو شغل هو. جڏهن مرزا شاهه رخ مئو ان وقت قلعي ۾ رهندڙ سيني عورتن جا ٿڻ ڪپائي ۽ سندن سٿڻ ۾ جيئريون ٻليون وجهرايائين ـ سٿڻ ۾ ٻلين وجهرائڻ جو پهاڪو ۽

ڏڪوانهيءَ منحوس ۽ غير انساني ڪارروائيءَ جو سنڌ اندر يادگار آهي....“

انهن ظلمن جي ردعمل طور سنڌين ڪئين شورشون ڪيون، جن جو هڪ مقصد هو هڪ آدرش هو. ان آدرش کي اُجاگر ڪرڻ لاءِ ئي مون ان کي ناول جي صورت ڏني آهي.

گاهي گاهي باز خوان اين قصہء پارينہ را!

— سراج

ڪراچي

3_ اپريل 1980ع

# پيش لفظ

سنها ياڻ ۾ سَپ، وياءَ واسينگن جا،
جَنين جي جهَرَپ، هاٿي هنڌائين نہ ڇُري!

ساٿيهہ جي سڪ يا وطن سان پيار هڪ مثبت جذبو آهي. منجهس ڪاب منفي ڳالهہ نہ آهي. نہ ڪنهن سان نفرت آهي، نہ ساڙ نہ پٽڻ پائي، نہ هلڪڙائي. رڳو پيار ئي پيار. قرباني، اڻٽڪ محنت، پاڻ وسارڻ، سيڪجهہ لٽائڻ، ڏيڻ ئي ڏيڻ، نڇاور ڪرڻ، ڪجهہ نہ وٺڻ، منزل سان لڳاءَ ۾ انس، متيءَ سان لنئون لڳائي متي تيڻ، نهٺائي، نماڻائي، نِوڙت ۾ نياز. انساني اُيار جي چوٽ تي پهچي ب پاڻ کي ڪا وَٽُ نہ سمجهڻ. اهي سڀ ساٿيهہ جي سِڪ جي چشمي جون ڌارائون آهن، جي ٿيج جيان، رت- رڳن ۾ تحليل ٿي، انسان کي سهڻو سلوڻو سورهيہ ۾ سپاجهو بڻايو ڇڏين.

اڄ، جا هيءَ هاهوڙ مَتي آهي. سا نسورو ڪُوڙ رڳو دولاب ۾ دوکو آهي. علائقہ- واريت ڪا بچڙي بلا ڪانهي. علائقو تہ ڇا، ملڪ جي چپي چپي سان، گهٽيءَ گهٽيءَ سان، ڳوٺ ڳوٺ سان پيار آهي، متس ناز آهي. گهر سان پيار نہ ڪبو تہ پاڙي کي ڪيئن پڇبو. پاڙو نہ سنواربو تہ شهر ڪيئن سڌاربو. جنهن گهر وساريو سو ڪهڙي سورهيائي ڪندو. جنهن مِٽ وساريا، سو ڪهڙو ٻوٽو ٻارينڊو، ڪهڙا اَڪ ڪارا ڪندو ڪهڙي ڪيپ ڪتيندو- مرڳو پاڻ وڃائيندو، ڪردار وڃائيندو سورهيائي ۾ سيج وڃائيندو. جيڪي ان مثبت جذبي کي لوئين ٿا، سي قومي ڪردار کي ٿوڙين ٿا. ملڪ جي جڙن کي کوٽين ٿا. دراصل هو پنهنجي اصليت وڃائي وينا آهن، اونداهيءَ ۾ ٽاڦوڙا ٿا هڻن، پنهنجون پاڙون پٽائي وينا آهن، هاڻ نہ پاڙ تي کُپين، نہ متي تي جاءِ ڏئين، نہ ڪو

ڪردار ٿو اُڀرين.

سنڌ جي گود ۾ نوان آيل سنڌي بہ ماءُ جي هنج جي آسيس پيا وٺن. سندن نئين پيڙهي، حَب ۽ ملير جي مٽيءَ مان روحاني تسڪين پيئي وٺي. سنڌوءَ جي پاٽيءَ ۽ ڪوهستان جي ڪڪريءَ سان لڱن کي اُمهائي پيئي؛ پنهنجو پگهر ۽ پسينو ڏئي پيئي. سندن وڏڙا ڪجهہ گائون مائون، گاڏڙ جذبن سان، خاموش تماشائي ٿيو ڪجهہ وٿين مان ويندو پيا محسوس ڪن. انهن بہ ساٿيهہ ڪونہ وساريو. پنهنجي ٻوليءَ ۽ پنهنجي قوميت کي قائم رکڻ لاءِ هزار جتن ڪندا اچن. مٿن سلام هجي. هيڏين مشڪلاتن هوندي، صرف ٻوليءَ جي سهاري مختلف قوميتن کي "مهاجر" لڙيءَ ۾ پوئي جيئڻ لاءِ وس ڪندا اچن. ٻوليءَ سان ۽ پنهنجي علائقي سان، ايڏيون جيءَ- جڙيون اٿن، جو اوپر پنجاب جي املهہ ماٺڪن کي، جي هم مذهب بہ آهن تہ هجرت جو شرف بہ حاصل اٿن، ان مخصوص مهاجر لڙيءَ کان ٻاهر ئي رکيو اچن. ٻوليءَ ۽ مهاجريت کي ڪوسو واءُ بہ لڳڻ نٿا ڏين. شال اهي ڪين نيبهہ هجن. پلي هن مٽيءَ ۾ گل ڦولارجن ۽ هڳاءُ پيدا ڪن.

مَن ۾ ٻيائي تہ ٻهانا لک. گهَہ ڪبو تہ واٽ ڪيئن ڏسبي؟ اک ٻوٽي تہ سوجهرو ڪٿان نظر ايندو؟ مذهب تہ ڪوپا لاهيو ڇڏي، پر جي هروڀرو ڪوپو چاڙهبو تہ ٻيا پاسا ڪيئن ڏسبا. مذهب ۽ ساٿيهہ جو تہ ٽڪر ئي ڪونهي. پاڻ وطن جو پيار نصف ايمان آهي. وطن جو پيار ناهي تہ ايمان ڪان وانجهي، پوءِ "حيف تنين کي هوءِ وطن جن وساريو!" وطن سان پيار ڪري سگهجي ٿو. پنجابي پڪو مسلمان آهي، ۽ خوبين جي کاڻ آهي ۽ مسلمان هوندي بہ پنجابي آهي. پاڪستاني پڪو مسلمان آهي ۽ مسلمان هوندي بہ پاڪستاني. دراصل وطن سان پيار هن جو امتياز آهي؛ ان ۾ ايڏو سرشار آهي، جو افغاني مسلمان سان بہ ملڪ خاطر ٽڪر کائيندي دير نہ ڪندو.

وطن جي حُب ايڏو اهم جذبو آهي، جو ان کان سواءِ ماڻهو اصليت وڃايو ويهي، ڪوڪلو ٿيو پوي، خود مطلب، ڪميٽو ۽ ابن الوقت ٿيو پوي. اسفل سافلين جي مڪروه ۽ گندي گج ۾ گند هاڻو ٿيو پوي. انساني عظمت جي چوٽ تي پهچڻ لاءِ، حب الوطنيءَ جي ڏاڪڻ جو ڏاڪو سندس ڪردار کي اُجاريندو ۽ سندس اخلاق کي چرڪائيندو وڃي.

ان جذبي کي قائم ۽ دائم رکڻ لاءِ وڏيءَ جاکوڙ ۽ جتن جي ضرورت آهي. پنهنجي عظمت جي نشانن کي ڳولي هٿ ڪرڻو آهي. تاريخ جي ورقن تان دَز لاهي، پنهنجي ڪشمڪش جي ڪارنامن کي چمڪائڻو ۽ وڏي واڪي ڳائڻو آهي. اسان جي هن سر زمين جي وِک وِک تي تاريخ وِکري پيئي آهي. سندس مٽيءَ جي ذري ذري تي اسان جي وڏڙن جون رت- ڦونگارون، موتيءَ- داڻن جيان چٽڪاريل آهن. ڳوٺ ڳوٺ، ديهه ديهه، ٽيپي ٽيپي ۾ تاريخ پنهان آهي. هن گهر گهر، بستيءَ بستيءَ پنهنجا ڪونڌر ڪُهايا آهن. هزارن سالن کان هن عظيم قوم پنهنجي عظمت ۽ آزاديءَ خاطر منظم جدوجهد ڪئي آهي. سوين سوڍا، لکين دودا، ڪئين مائرون، ڪئين ڀينرون بازارن ۾ نيلام ٿي، ڪُسجي امر ٿي ويا. اڄ تہ انهن دودن جي نشاندهي ڪريون ۽ انهن زمين جي ٽڪرن جي "مٽي ماٽي لايون"، جت سندن خون جذب ٿي ويو. اُن مٽيءَ جو مان آهي اها تاريخ! اهو فخر، اهو ناز اسان کي دڳ لائيندو حب الوطنيءَ کي جرڪائيندو ڪردار کي اُڀاريندو مردار ٿيڻ کان بچائيندو: تاريخ ويئي تہ جذبو ويو ڪردار ويو موت آيو.

حب الوطنيءَ جو ۽ تاريخ جو مذهب سان ڪو ٽڪر نہ آهي. عرب، اسلام کان اڳ واري دور جي شاعرن ۽ سورهين تي اڄ بہ فخر ڪن ٿا. اسين تہ حاتم طائيءَ ۽ نوشيروان جا ڳڻ ڳائيندا اچون. جيتوڻيڪ هو مسلمان نہ هئا. رستم، سهراب ۽ سڪندر جا نالا پاڻ تي رکندا اچون، جيتوڻيڪ هو غير مسلم هئا. ڇا ٿي پيو جي پنهنجي سنڌ ديس جي سورهين جا اسين گيت ڳايون، انهن سورهين جا، جن موهن جي دڙي جي تهذيب جو پايو وڌو، جن ٽئڪسيلا ۽ گنڌارا جي آبياري ڪئي، جن رني ڪوٽ جو قلعو اڏيو ۽ ديبل، اروڙ ۽ برهمڻ آباد جو بنياد رکيو. جن جي تهذيب ۽ تعمير تي سارو پاڪستان تہ ڇا، سڄي دنيا فخر پيئي ڪري. جنهن لاءِ شاهہ ايران جي درٻاري شاعر چيو تہ "ساقي مون کي شراب، موهن جي دڙي جي مٽيءَ مان ٺهيل پيالي ۾ ڏي، ڪاش اها مٽي منهنجن وڏڙن جي هجي!" ٽوئنبي، موجوده دنيا جي عظيم تاريخ نويس چيو "مان دنيا جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ تهذيب جي تلاش ۾ ويس. موهن جو دڙو منهنجي حقير تلاش جي بلند ترين چوٽي آهي!" ان چوٽيءَ تي

ڀڇندڙ نہ هندو هئا، نہ مُسلم، سنڌي هئا، محض سنڌي!

”چچنامي“ جي مترجم، علي ڪوفيءَ، ڪئين ڳالهيون ڪوڙيون ۽ لغو ئاهي، تاريخ کي مسخ ڪري ڇڏيو. سڀ ڄاڻُو اها ڳالهہ ڄاڻن ٿا تہ هو ڪم علم ۽ ڪم ظرف هو جنهن عشق جي چاشني ملائڻ خاطر تاريخ لکڻ جي مقدس امانت ۾ خيانت ڪئي. ڏاهر جي ڏيئرن کي بدنام ڪرڻ خاطر ۽ سنڌن لاءِ نفرت پيدا ڪرڻ لاءِ محمد بن قاسم جي موت جهڙي اهم واقعي کي ڪوڙو ۽ افسانوي رنگ ڏنو. اهو تاريخدانن جو ڪم آهي تہ حقيقت کي پرکين تہ کهڙيون ڳالهيون ڪن گهڙيون ۽ محض الزام آهن- مثلاً چچ ۽ ڏاهر جون شاديون- پر سنڌن عظيم سلطنتون، سنڌن نظام حڪومت، سنڌن دور جي خوشحالي، سون ۽ چانديءَ جا ذخيرا، علم ۽ ادب جا ادارا، فن جو فروغ، وڻج واپار، فوج جو نظام، بهادري ۽ دليري، سنڌن فتوحات ۽ هار جا اسباب، سڀ ٺوس تاريخي حقيقتون آهن. جيڪڏهن اهي فخر جي درجي تائين اعليٰ هيون تہ ڪو اهم نہ آهي، جي انهن تي فخر ڪيو وڃي، جيئن موهن جي دڙي واريءَ تهذيب تي هر پاڪستانيءَ کي فخر آهي ۽ ڪروڙين رپيا خرچ ڪري بہ انهن عظمت جي نشانن کي محفوظ رکڻ لاءِ جتن ڪيا پيا وڃن. تاريخ قومي امانت آهي، ڪفر ۽ اسلام جو معرڪو نہ آهي، جو ڪفر جون فتوائون ڪيڏي لعنت ۽ ملامت سان قومي جذبي جي تذليل ڪئي وڃي ۽ نوجوان نسل جا هنيانءَ ڪاڏا وڃن. عجب آهي فردوسيءَ دهل جي ڏونڪي تي دل آزرده ٿي عرب فاتحن کي ڳوهون ڪائيندڙ چيو ۽ آسمان کي نهايت سخت لفظن ۾ ميار ڏيئي ”تُفو برتو“ چيائين تہ ڪنهن پاڪستاني مسلمان کي غيرت نہ آئي، نہ ڪنهن ڪيس ڪافر چيو نہ ڪنهن شاهنامو ساڙيو. هي ترخاني انصاف جو طريقو اسان جي قومي ڪردار کي نهوڙي نيندو. ضروري آهي تہ جنهن مهلڪ مرض جو خطرو آهي، تنهن جي نشاندهي ڪجي. ذهني بديانتي ۽ ضمير کي دٻائڻ جا جراثيم اسان جي قومي ڪردار کي ڪوڙهيو ۽ مفلوج ڪري رهيا آهن. ڪو هڪ بہ اهڙو عالم نہ آهي، جو سچ چوڻ جي همت ساري سگهي. اردوءَ جو ڪو هڪ- اڌ شاعر بہ مام ۾ ڳالهائڻ لاءِ مجبور آهي. پيو تہ ٺهيو رڳو مرحوم لياقت علي خان جي ملڪي نيتيءَ متعلق ٻڙڪ

ٻاهر ڪيڻ بہ ڪفر جي مترادف سمجھيو پيو وڃي؛ حالانڪ محترمہ فاطمہ جناح ڪي لياقت علي خان جي پاليسين سان شديد اختلاف هو. مرحومہ تہ پنهنجي ياءُ متعلق بہ چوندي هئي تہ ڪانئس ڪي غلطيون سر زد ٿيون آهن. ڪيڏي عظيم، باضمير ۽ ديانتدار رهنما هئي. عزت ۽ احترام پنهنجيءَ جاءِ تي آهن ۽ تاريخي حقيقتون پنهنجي جاءِ تي. جنهن قوم تاريخي حقائق کي اوندهہ ۾ رکيو غلطين جو ڍڪ ڪيو ۽ اکيون ٻوٽي دُهرايو ان جو الله واهي؛ جنهن سبق نہ سکيو تنهن پنهنجي پير تي ڪُهاڙو وهايو.

تاريخ ۽ ادب کي مذهبي طوطو ٻڌائي، پڃري ۾ ٻولڙيو ڪري رکي نٿو سگھجي. تاريخ ۽ ادب جي وسعت لامحدود آهي. تاريخ هندو مسلم، ڪرستان يا پارسي نٿي ٿي سگھي، نہ ئي ادب. شيڪسپيئر عظيم آهي، ڀلي هو ڪرستان هجي. گورڪي عظيم آهي، ڀلي هو ڪميونسٽ هجي. غالب ۽ شاهہ عظيم آهن، ڀلي هو مسلمان هجن. ڪاليداس ۽ ٽئگور عظيم آهن، ڀلي هو هندو هجن. تيمور ۽ نادر سفاڪ هئا، ظالم هئا، ڀلي هو مسلمان چوائين. حجاج بن يوسف، ظلم ۽ ڪفر جي جيئري تصوير هو جنهن هڪ هٿ ۾ ترار ۽ ٻئي ۾ قرآن حڪيم جو نسخو کڻي مسلمانن کي مخاطب ٿي چيو هو تہ ”جو مون کي هن ڪتاب جي ۽ رسول جي ياد ڏياريندو، تنهن جو سر هن ترار سان وڍيندس!“ ٻئي هنڌ چيائين تہ ”مسلمانو توهان جا مٿا مون کي ائين ٿا لڳن، ڄڻ سنگ هجن، پانيان تہ هن ترار سان لُٽي ڇڏيان!“ پڙهندڙ پاڻ فيصلو ڪن تہ حجاج کي مسلمانن ۽ اسلام لاءِ ڪهڙي ۽ ڪيتري عزت ۽ احترام هو. هي اهو شخص هو جنهن سنڌ تي ڪاهہ جو حڪم ڏنو. ڇا سندس يلغار مسلمانن ۽ اسلام جي عظمت خاطر هوندي؟

سنڌ جي تاريخ ۾ ارغونن ۽ ترخانن جو دؤر، اونداهو ۽ بربريت جو دؤر هو، حالانڪ هو مسلمان هئا. هنن بہ اسلام جو حربو استعمال ڪيو هو. جڏهن سنڌ تي سنڌ جي ماڻهن جي حڪومت هئي، تڏهن ارغونن طرفان پهريائين مذهبي عالم تبليغ خاطر روانا ڪيا ويا، جن اهو نعرو ڏنو تہ مسلمان سڀ ڀائر آهن؛ ڪوبہ قنڌاري ۽ سنڌي نہ آهي، نہ جغرافيائي حدود، ملت اسلاميہ لاءِ هاڃيڪار آهن. نٿي ۾ تبليغ

ڪري، ڏقيڙ وجهي، ٻيڙا پرائي، اُتر طرف ساڳئي مقصد لاءِ روانا ٿيا. تنهن وقت بہ ڪلجڳ جا ڪاپڙي پيا هئا. خدا ڀلو ڪري سَن جي محترم جي. ايم سيد (جنهن کي جابلو ماڻهو ’جيئيم سائين‘ ڪري چون ٿا) جي جد امجد، سائين حيدر شاهہ سنائيءَ جو جنهن ارغون عالمن جا ٻيڙا ساڙائي، فتني کي ٻنجو ڏنو بهرحال نفاق جو ٻج ڇٽجي چڪو هو. سمن شڪست کاڌي، ۽ ارغون ڪڙڪي پيا. دولهہ دريا خان (جنهن هڪ پيرو اڳ کين اهڙي شڪست ڏني هئي، جو تاريخ ۾ اجا پئي ڳائجي.) سنڌين کي منظم ڪندي، وڙهندي ماريندي شهيد ٿي ويو. سندس پُٺن تحريڪ اڳتي وڌائي، ۽ سر ڏيئي سرها ٿيا. سنڌ جو چپو چپو اٿي کڙو ٿيو. هن ڪشمڪش جي دؤر سنڌ جو هڪ عظيم ۽ لاثاني سورهيہ سپوت پيدا ڪيو جو گهاٽي ۾ ٻيڙجي ٻيسجي قيمو ٿي ويو، پر حب الوطنيءَ جو جهنڊو پوين پساهن تائين بلند رکندو آيو. اڄ بہ سندس مزار تي هر جمعي تي هزارين سنڌي حاضري ڀرين ٿا. هي سچو سورهيہ، مخدوم بلاول جي نالي سان، ڦلجيءَ اسٽيشن جي ويجهو (ضلعي دادوءَ ۾) مدفون آهي. کيس ’سنڌ سان محبت‘ جي پاداش ۾، گهاٽي ۾ پيڙائي شهيد ڪيو ويو. هو مذهبي رهنما هو ۽ سنڌ جي نالي ۾ بغاوت جو عَلم بلند ڪيائين. پڪو مسلمان هوندي، نوابشاهہ جي هندن کي خط لکي مدد گهريائين تہ ”هي سنڌ جو سوال آهي، جنهن سان مذهب جو واسطو نہ آهي“. ارغونن سان ٽڪر کاڌائين، ۽ گرفتار ٿيو. کيس مارڻ، ارغونن لاءِ اهڙو ئي مسئلو هو جهڙو سندس جيئڻ. کيس معافي گهرڻ جي آڇ ڪئي وئي، جا هن مڙد مجاهد ريٽي، موت کي جيئڻ تي ترجيح ڏني، جيئن، آگ دکندي ڏٻندي رهي. ارغونن لاءِ هي وڏو مسئلو هو جو وري بہ مذهب جي آڙ ۾ حل ٿي ويو. قرآن شريف جا ورق جُتيءَ جي تري ۾ سِبرائي، جُتي کيس سوکڙيءَ طور ڏني ويئي. بعد ۾ کيس گرفتار ڪرائي، جتي کولارائي، فتوي ورتي ويئي. قرآن جي بيحرمتيءَ جي جرم ۾ کيس جيئرو پيڙايو ويو! عبرت جو مقام آهي، بيحرمتي ڪنهن ڪئي، ۽ پيڙايو ڪنهن کي ويو؟ مذهب ڪنهن جي ڍال بنيو؟

هيڏا هاجا ٿين، پينر هن پنيور ۾!

طاغوتي طاقت جي نشي ۾، تاريخ جي هر دور ۾، ڪئين مچ مچي،

مواڙ تي، ٿونا هٽندا آيا آهن. پنهنجي چوڌاري مذهب ۽ ڪوڙي تقدس جو ڍونگ رچائي، ڪارا قانون جوڙي، زبانون وڍائي، ذهني گهُٽ پيدا ڪري، ڀائيندا آهن تہ سندن جوڙيل اَڄ سدائين قائم رهندي، جنهن ۾ تڙڳندا رهندا ۽ جاوا ڪندا. پوءِ ڀيا دون هٽندا. ڍهون هٽندا. ۽ ٽلها تي ٿونا هٽندا. نٽا ڄاڻن تہ اُن ڀاڻيءَ جا ڏينهن ئي اڇي ڀنا آهن. اهڙو ڪو ڦرڪو ڦرندو. جو اِها اڄ ئي ڪانہ هوندي، اهو ٽڪساٽ ئي ڪونہ هوندو. ڏتڙيل، ڏکيا، ڏهيرا، سنها، سڪڙا سڀ، ائين اڏامندا. جو هڪ ئي جهڙپ سان، هاٿي ۽ مڇ، هنڌان ئي نہ چرندا. البت، رڇ رڱٽا پوندا. مڇ ائين نہ مرندا. جيئن جهينگا جهلجن جهول ۾ چاڙهن ۽ ڇڇ چڏٽا پوندا. وِڪ وڌاٽي پوندي اوڙاهہ اڃا اڳيرو اڃا اڳيرو. ڪُنَ ڪڙڪاٽ، چوليون، چوها..... تيزي، تندي، تياري، تنظيم، جهڙپ.

سراج انهن سيني مسئلن کي، نندي ناول دوران، سلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس سمجهو ۽ دور رس نگاهہ، ماضي، حال ۽ مستقبل کي يڪجاءِ ڪري، تاريخي پس منظر ۾ حقائق کي بي نقاب ڪيو آهي. سندس تڙپندڙ دل، ماضيءَ جون رت- اڏيون، حال جون ڪاوشون، ۽ مستقبل جون اميدون ۽ خدشا ڪنيو ڏاڍي نهنائيءَ ۽ نماڻائيءَ سان، دوائون ۽ دعائون جهليو بيٺي آهي. سندس قلم ۾ قرب آهي، مشورو آهي ۽ انتباهہ. سندس اٿاهہ قرب اُٿل ڪائي،مصلحتن جا ہنا اورانگهي، لوڪ لڄا لاهي، پاڻ ہوهي ۾ ڏيئي، سچ ـ ڪٽا پلئہ پائي، سئن پيو ڏئي. اُها سئن، جا تاريخ جي دؤر ۾، هر سورهيہ وَر وَر ڪري ورجائي آهي: تنظيم، تربيت، مسلسل جدوجهد، سچائي ۽ اخلاص سان گڏوگڏ، مرڪزيت، صحيح فيصلا، حڪم جي پابندي ۽ پاڻ تي ضابطو ورنہ، سنگهار جي انفراديت، جذباتيت ۽ هوڙهيائي، باوجود دليريءَ ۽ سچائيءَ جي، نور وڃائيندي ۽ دادن جي سياست زنجيرن ۾ جڪڙائيندي هٽ صرف سوڍا ڪپن، جي پاڻ وڃائي، راڄن جا ويڇا ميساري، غريبن ۽ مسڪينن کي هڪ لڙيءَ ۾ پوئي، شيهي جي ديوار بنائي ڇڏين. مسلمان، هندو پارسي، عيسائي، هڪ لڙيءَ ۾ پوئجي، ہيو سيڪجهہ ڀلائي، هڪ قوم ٿي وڃن. قائداعظم جي لفظن ۾ ”جت هندو هندو نہ رهندا، ۽ مسلمان مسلمان نہ رهندا..... “ بس هڪ قوم رهندي، جنهن جو هر فرد ’سودو‘ هوندو. ڀل تہ

هڪ سوڊو سوريءَ چڙهي وڃي، سوين ۽ لکين سوڊا جاءِ پرينداء.

سراج سان منهنجي پهرين ملاقات، سن 1956ع ۾ ٿي، جڏهن هو سنڌي ادبي بورڊ ۾ هو. ڳڀرو جوان، ڪليل پيشاني، گهريون گنڀيرتا ڀريل اکيون، چمڪندڙ چهرو، سادگيءَ واري مرڪ، ننڍڙو ديوتا ٿي لڳو. منجهانس چاڻ ۽ سمجهه جون جهلڪيون ٿي آيون، جي پيار، مقصد سان لڳاءُ ۽ مسلسل محنت سان، ڪِرڻا ۽ شعاع بڻجي ويون. شال سندس زورِ قلم وڌندو رهي. شال سنگهار ۽ دادن جا جذبا اُسرندا رهن. شال سوڊا، ڪميتن تي چڙهي، جهر جهنگ ڇائنبا وڃن. شال سندن رت۔ ڦونگارون، هن پاڪ سر زمين تي پئي، لعل ۽ ياقوت اُگائين، ڳاڙها گهوٽ اُپائين. ننڍ وڏائيءَ کي مليا ميٽ ڪري، قوت عوام جو نظام قائم ڪن. هن ملڪ جو جهنڊو اوچو رکن، ملڪان ملڪ سندس ڏونڪو وڃائن ۽ کيس ترقيءَ ۽ ڪمال جي بلند ترين چوٽين تائين پهچائين!

**جمال ابڙو**

ڪراچي
10۔ اپريل 1970ع

[1]

سوڍل ڏنوڻ مان هٿ ڪڍي، پنهنجي نرڙ تان پگهر اُگهي، چوني باهہ مان ڪڍي سنداڻ تي رکندي، جيوڻ ڏانهن ڏٺو. چونيءَ جي ڳاڙهي ڳاڙهي آڳ مان سنهيون سنهيون چڻگيون اُڏامي، گهڙيءَ لاءِ چمڪي وري وسامڻ تي لڳيون. جيوڻ، سوڍل جي اکين ڏانهن ڏسي، ائين ڀانيو ڄڻ هن جي اکين ۾ انهن چڻگين کان بہ ڪو وڏو مچ مچي رهيو هو. هو انهيءَ مچ کان ڊڄي ويو ۽ هن تڪڙو تڪڙو هٿن جي ڪُبَ ۾ ٽُڪَ ڇنڊيندي، مترڪي ۾ هٿ وڌو. مترڪو مٿي کڻي، هونگار ڪري، چونيءَ تي ڏڪ هنيائين، تڏهن هن کي پڪ ٿي تہ لوهہ اڃا پورو نرم نہ ٿيو هو يا هن جي پنهنجي ڏير جي ڪري هڪدم ٺرندو ٿي ويو. مترڪي جي ڏڪ سان چونيءَ جي ڦار وڏيڪ ڦهلجي ويئي، پر سندس ڇهنب ڪجهہ آڏي ٿي ويئي. هن مترڪو کڻي پاسي تي رکيو ۽ ساهي کڻڻ لاءِ ڪاٺ جي صندليءَ تي ويهي رهيو. سوڍل چوني کڻي پاٽيءَ جي پاٺ ۾ وڌي، شوشرات ڪري لوهہ جي دل ٺڏي ٿي ويئي، پر جيوڻ کي پڪ هئي تہ سوڍل جي دل تي اڃا ڇنڊو نہ پيو هو. هن جي گول گول نيرين پورين اکين ۾ اهو ئي مچ ٻرندو رهيو. جڏهن سوڍل ڪاوڙيل هوندو هو تڏهن ڳالهائيندو بنهہ ڪونہ هو ۽ فقط ڏند ڪرٽيندو رهندو هو. جيوڻ کي ساڻس ڳالهائڻ لاءِ وجهہ ڳولڻو پوندو هو تہ جيئن اڄايو ڳالهائڻ تي ڇڙٻ نہ ڏئي ڪڍي. البت اڄ هن کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ اڄ هن کي ڪنهن تي ڪاوڙ هئي. هو اڃا انهيءَ سوچ ۾ هو تہ پريان هن حاجي بابا کي ايندو ڏٺو. حاجي بابا هڪ ٽلهي تسبيح جا داڻا سوريندو هيڏانهن هوڏانهن ڏسندو ڀانڊي اندر گهڙي آيو. سوڍل جي

اکين جو مچ وڏيڪ جرڪڻ لڳو ۽ هن حاجي بابا جي سلام جي جواب ڏيڻ بنا چيو: ”ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟“

پيڙو حاجي بابا، سوال جي جواب ڏيڻ بدران، تسبيح تڪڙي تڪڙي سورڻ لڳو. جيوڻ کي وري پڻ ٿيڻ لڳو ته سوڍو ڪاوڙ مان ڪجھ ڪري نه ويهي. چا ٻه هو حاجي بابا ترخانن جو ماٺهو هو ۽ سوڍي جي نظر ڪنهن ترخان تي پيئي، جڻ رت تي نظر پيس.

حاجي بابا آرام سان صندليءَ تي ويهندي آهستي چيو: ”امير خان سڏايو اٿئي؟“

”ڇو؟“

”بابا، مون کي ڪهڙي خبر؟ هوندس ڪو ڪم ڪار...“

”آءٌ واندو ڪونه آهيان....“

”سوڍل، ڏاهو ٿي. امير خان سان هوڏ چڱي نه آهي.“ حاجي بابا تقريباً اکيون پوريندي چيو. تسبيح جا داڻا تڪڙا تڪڙا اڳتي سرندا ٿي ويا.

سوڍل کو جواب نه ڏنو ۽ هٿ وڌائي وري ڏنوڻ هلائي باھ ڏڳائڻ لڳو. حاجي بابا ڪا گهڙي، هن کي گهوريندو رهيو ۽ پوءِ وري اکيون بند ڪري چيائين: ”توسان ڪي خاص ڳالهيون ڪرڻيون اٿس، ۽ چيو اٿس ته پراڻي ياريءَ جو ننگ وجهجانس!“

”منهنجي ڪنهن سان ياري ڪانهي...“ سوڍل ڏنوڻ زور زور سان ڏئيندي جواب ڏنو. سندس اکين جو مچ، گهڙيءَ لاءِ جهڪو ٿي ويو هو، سو جڻ وري ڏنوڻ جي زور تي نئين سر ڏڳڻ لڳو هو.

”مون کي چوڻ ته نه گهرجي، پر پانيان ٿو ته پاڻهين بابت توسان ڳالهائڻو اٿس.“ حاجي بابا اهڙيءَ طرح چيو جڻ هو ڪو راز ظاهر ڪري ويٺو هو.

سوڍل سوچ ۾ پئجي ويو: ’هن ڪتي جو مون ۾ ڪهڙو ڪم ٿو ٿي سگهي؟ ۽ پاڻهر بابت چا ڳالهائڻو هوندس؟ وري پراڻيون دشمنيون جاڳائڻيون اٿس چا؟ يا وري ڪا نئين باھ دکائڻي آهي؟ هو ڪجھ وقت سوچيندو رهيو ۽ پوءِ هري هري چيائين: ”چڱو تون هل، آءٌ سانجهيءَ ڏاري ايندس!“

حاجي بابا تسبيح سوريندي اٿيو ۽ هڪ نظر ڏنوڻ تي، ۽ نظر سوڍل تي وجهندي، ٻاهر هليو ويو. جيوڻ کي هميشہ هن ترخان حاجيءَ تي چڙ ايندي هئي. هو جڏهن بہ ايندو هو. سوڍل کي ڪاوڙائي ويندو هو. ڳالهائيندو ائين هو ڄڻ ڪيس دنيا جهان جي ڪا خبر ڪانہ هئي. پر اها بہ دنيا جهان کي خبر هئي تہ ترخان اميرن جي جاسوسن ۾ خابرن مان هو.

حاجي بابا جي پٺيان خود مرزا باقيءَ تائين هئي. هن اڄا حاجي بابا بابت ئي پئي سوچيو تہ سوڍي جو آواز ٻڌائين: ”جيوڻ، گهوڙي سنبراءِ.....!“

جيوڻ گهوڙي سنبرائڻ لاءِ نڪتو تہ سوڍل بہ ڪَرَ موڙي اُٿي بيٺو. قداور مڙس، ذري گهٽ مٿو ڇت سان ٿي لڳس. موڪرو موڪرو منهن، جنهن جي نرڙ جي گهنجن ۾ اهڙي قسم جي ڏيا هئي، ڄڻ دائمي طرح ڪنهن تي ناراض هو. گهاٽا گهرا ڪارا ڀرون، ڀوريون نيريون اکيون، ڇهچ ڪارا شهپر، ڪاڏي ٿوري اڳتي نڪتل، ڳتيل ڪسرتي بدن، چيتي جهڙي سنهي چيلهہ۔ هن کي ڏسڻ سان ئي هيبت وٺيو ٿي ويئي. امير خان بابت سوچيندي، هن جي نرڙ ۾ گهنج وڌيڪ گهاٽا ٿي ويا. هن کي اهي ڏينهن ياد آيا، جڏهن جهرڪن جي مَٽ اڳيان پهريون ڀيرو امير خان سان مليو هو. مرزا عيسيٰ خان ترخان جو زمانو هو. فرنگين ٺٽي کي لُٽي، تهس نهس ڪري ڇڏيو هو ۽ هلندي مهل شهر جي چئني طرفن کان باهيون ڏيڻ لڳا هئا. موقعي جو فائدو وٺي ڪيترا ترخان ۽ ارغون سردار بہ ڦرلٽ ۾ لڳي ويا هئا. سوڍو پنهنجن ساٿين سان مينهن۔ واءُ ڪريو ٺٽي ڏانهن پئي آيو تہ رستي تي امير خان ترخانن جي هڪ دستي سان، جهرڪن کان ايندو نظر آين. سوڍل هڪ ٽڪريءَ جي اوٽ وٺي بيهي رهيو. پنهنجن همراهن کي، ٻُوٽن ۾ لڪي بيهڻ جو اشارو ڪري، پاڻ دڳ جهلي بيهي رهيو. ترخان سڄي وات دز اڏائيندا ويجها پوندا ٿي ويا. جڏهن ترخانن جو سونهون سوڍل اڳيان ٿي لنگهيو تہ سوڍل جهٽ ڏيئي، گهوڙي جي لغام کي اهڙي سَٽ ڏني، جو گهوڙي جا اڳيان پير ڄڻ مُرين کان نڪري ويا ۽ گهوڙو اڳتي جهڪي، بازولي پائي، اُبتو ٿي ڏڪ کان هٽڪارڻ لڳو.

سوار گھوڙي تان اونڌي۔ منهن اڇي سوڍل جي پيرن ۾ پيو. سوڍي هڪل ڪيس: ”ڪير مڙس آهين؟“

سونهون پاڻ سنڀالي اُٿي بيٺو پر پنهنجي اڳيان پربت جهڙو مڙس ڏسي هنيانءُ ئي ڪاچي ويس.

”ترخان آهيان، امير خان جو سونهون!“

”ڪٿان پيا اچو؟“

پريان گهوڙن جي سنبن جو ٺاڪوڙو مٿي ۽ دَز کي چيريندو ويجهو پوندو ويو. سونهين جي همت بہ موٽي آئي ۽ دڙڪي مان چيائين: ”تون ڪير آهين، ائين رستي روڪ ڪرڻ وارو؟“

”مون توکان پڇيو تہ ڪٿان پيا اچو؟“ سوڍل جي آواز ۾ رُڪ جهڙي سختي اچي ويئي. سونهون وري هيسجي ويو.

”فرنگي نٿي ۾ گهڙي پيا آهن۔ اوڏانهين ٿا وڃون.“

”گهڻا مڙس آهيو؟“

”سؤ کن ٿيندا....“

سونهين جي جواب ڏيڻ وقت امير خان بہ پنهنجي جٿي سان اچي پهتو. سونهين جي گهوڙي کي پٺ تي ڪِريل، خود سونهين کي ڏڏڙ ۾ دبيل ۽ هيسيل ڏسي، امير خان ترار ڪڍي، اڳتي وڌي آيو.

”ڪير آهين تون؟“

سوڍي جواب نہ ڏنو. هن ڳڀرو جوان کي گهوري ڏسندو رهيو. هو پهرينءَ نظر مان سمجهي ويو تہ هي ترخان، بين ارغونن ۽ ترخانن کان جدا طبيعت جو ٿو ڏسجي، الائي ڇو هن کي هڪدم ڪانئس نفرت ڇو نہ ٿي. سندس اتاولو جوش ڏسي، هن کي مٺيان لڳڻ بدران جڻ اطمينان ٿيڻ لڳو. ترخانن ۾ بہ تہ ڪو ماڻهو آهي، جنهن ۾ دغا دولاب بدران ڪجهہ سڏي سنئين همت جو جزو آهي.

”سوڍو منهنجو نالو آهي... لُهرڪو ڪم ڪندو آهيان.“

”تو اسان جي سونهين کي ڇو جهليو آهي؟ ۽ هن جي گهوڙي کي ڇو ڌڪيو اٿئي؟... تيمور خان، گرفتار ڪر هن کي...!“

ان نئين جوانيءَ جي جوش تي سوڍل کي کِل اچڻ لڳي، پر کِل هن جي مذهب ۾ ئي نہ هئي. هو هن اتاولي قنڌاريءَ کي عجيب دلچسپيءَ

سان ڏسندو رهيو. ترخانن مان هڪڙو سوار گهوڙي کي اڙي هٽي، وچين ۾ صف مان نڪري، سوڍل ڏانهن وڌي آيو: سندس هڪ هٿ ۾ اگهاڙي ترار هئي ۽ ٻئي هٿ سان هني مان رسو کولڻ لڳو. هن جو ڏيان رسي کولڻ ۾ ئي هو تہ هڪ تير سوساٽ ڪندو سندس رسي واري ٻانهن ۾ کُپي ويو. هن کان رڙ نڪري ويئي. ترار هيٺ اچلائي هن اهو هٿ ڪٽي پنهنجي ٻانهن ۾ وڌو. امير خان جون وايون ولڙيون ٿي ويون. خود سوڍل کي پنهنجن همراهن تي ڪاوڙ اچڻ لڳي. هن جي اشاري کان سواءِ هنن وار چو ڪيو. هن پاڻ اڳتي وڌي، چڪ ڏيئي تير تيمور خان جي ٻانهن مان ڪڍي ورتو ۽ هني تي پيل ڪيس مان هڪ ٻڳهي لينگهہ ڦاڙي، مضبوطيءَ سان سندس ٻانهن ٻڌي ڇڏي تہ جيئن رت بند ٿي وڃي.

"تڪڙ ڪم شيطان جو آهي، امير خان!" ائين چئي. هن امير خان تي هڪ نظر وجهندي، پنهنجي گهوڙي ڏانهن وک کنئي.

امير خان جي اکين مان جنسي باهہ نڪرڻ لڳي. سوڍل جي ٻت بدن کي ڏسي، هُن دل ۾ هميشہ لاءِ هن کي پنهنجو دشمن ٺهرائي ورتو. هن جا ٻہ ماڻهو سندس اکين اڳيان پاڻ ڏڪايو ويٺا هئا. ان بي عزتيءَ کان هن جو رت ٽهڪڻ لڳو هو. ۽ اوچتو هن مست اُٺ وانگر گوڙ ڪندي چيو: "خبردار پاڻ سنڀالجانءِ!" ائين چوندي هن ترار جو وار سڌو سوڍل جي مٿي تي واريو. سوڍل پنيرو هو. پر هن جي آواز تي ڦڙتيءَ سان ٻہ قدم پاسي تي هٽي ويو. جيڪڏهن هنڻ ۾ هو پل بہ دير ڪري ها، تہ ترار سندس جسم کي ٻن اڌن ۾ ورهائي ڇڏي ها. امير خان گهوڙي کي ورائي، وري ٻيو وار ڪيو. سندس ساٿين جا هٿ بہ ترارن جي مُٺين ۾ ڦٻندا ويا. هنن کي امير خان جي سورهيائيءَ ۾ يقين هو تہ هن جي ترار جو وار ڪوبہ بچائي نہ سگهندو. پر سوڍل اهو وار بہ بچائي ويو ۽ جيئن ئي امير خان وري گهوڙي کي ورايو تيئن سوڍل ٽپ ڏيئي امير خان جي ڪمر بند ۾ هٿ وڌو ۽ ڪيس هڪ ٻالڪ جيان گهوڙي تان مٿي کڻي، وٽي اُڇل ڏنائين. اڳيان بيٺل سوارن مان هڪڙي جي مٿان امير خان ائين ڪريو جيئن حمال ڳوٽيون سٽيندا آهن. ان سوار جي گهوڙي ان اوچتي آفت کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي، ٿهي ٻئي پير اڳيان کڻي ذري گهٽ سوار جو ڪنڌ ڀڳو هو. امير خان جو ٽرو ڪُلي،

ڪُلي سوڏو اچي گهوڙي جي پوين سنبن ۾ پيو. هو پنهنجي زندگيءَ ۾ ايترو بي عزتو نہ ٿيو هو. سوڍل لاءِ دشمني هن جي دل ۾ وڻ وانگر پاڙون هڻي ويئي، هن کي ڪرندو ڏسي هڪ ئي وقت سؤ ترارين مياڻين مان نڪري جهلڪا ڏيڻ لڳيون. امير خان پنهنجي پيڙا کي پنهنجن همراهن کان لڪائيندي، بنا ڪنجهڻ ڪرڪڻ جي اٿي، پنهنجو ڪمربند سڌو ڪري ٻڌڻ لڳو ۽ سوڍل کي پنهنجي گهوڙي ڏانهن ويندو ڏسي، هن پنهنجن همراهن کي هلڪو اشارو ڏنو. سوڍل جي ڪميت گهوڙي پنهنجي لاءِ خطرو محسوس ڪري ٻہ قدم اڳيان وڌي آئي. سوڍل گهوڙيءَ جي اکين مان خطرو محسوس ڪري، سندس بشڪن تي هٿ گهمائيندي پوبان نهاريو. سؤ تلوارون هن جي سِرَ لاءِ آتيون هيون، ۽ گول دائري ۾ هن ڏانهن وڌي رهيون هيون.

سوڍل ڏاڍيان چيو: "امير خان، هرويرو موت کي چوٽا سڏ ڪريو...

منهنجي هٿ جي اشاري تي، منهنجا همراهہ بگهڙن وانگر اوهان تي واهوڙ ڪري وري ويندا، ۽ اوهان مان ڪنهن جو سَنڌ سَنڌ سان ڪونہ ملندو."

امير خان ۽ سندس همراه اتي ئي ڄمي ويا. امير خان جڏهن پنهنجي ترار مياڻ ۾ وڌي، تڏهن سؤ ترارون هڪ ئي چٽڪي سان مياڻن ۾ هليون ويون. ترخانن کي سوڍل جا ساٿي اوچتو ياد اچي ويا، جن ڪين پنهنجو موت ياد اچي ويو هو. ڪن کي تہ ان وسوسي ئي ڏکٽي وجهي ڇڏي تہ جيڪڏهن سوڍل تي حملو ٿئي ها تہ سندن ڪهڙو حشر ٿئي ها. امير خان ڪُلو ٻڌي، مٽي تي رکندي سوڍل ڏانهن وڌيو. هن جي اکين ۾ نفرت ماٺي ٿي ويئي هئي ۽ سياست ان جي جاءِ والارڻ لڳي. سوڍل جي ويجهو پهچي، هٿ وڌائيندي هن چيو: "سوڍل خان، مون کي بهادرن سان ياري رکڻ جو مرض آهي. اڄ تہ سنڌي دستور موجب پڳ مٽائي ياري رکون!"

سوڍل ڪو جواب نہ ڏنو. ڪنهن سنڌيءَ جي ترخان سان پڳ مَٽ ياري ممڪن ئي نہ آهي، ٻہ تراريون هڪ ئي مياڻ ۾ ڪيئن اينديون؟ هن نرڙ گهنجائيندي امير خان ڏانهن ڏٺو هن جي اڳتي وڌيل هٿ ڏي ڏٺو هن جي سياست ڀريل اکين ڏانهن ڏٺو ۽ هن جي ساٿين ڏانهن ڏٺو پر هن جي دل وري بہ هٿ وڌائڻ تي نہ آئي.

امير خان هن کي دل- ھَن هٺندو ڏسي، داءُ بدلايو: "مون ٻڌو هو تہ سنڌي سجڻپي جو هٿ ڪڏهن بہ نہ موٽائيندا آهن. آءٌ هار ڪاڏل آهيان، منهنجو هٿ موٽائڻ توکي سونهين ڪونہ ٿو."

لاچار سوڍل پنهنجو هٿ اڳتي وڌايو. امير خان ائين ڀانيو ڄڻ سندس هٿ ڪنهن رُڪ جي چنبي ۾ اچي ويو هو. هن گهٽڻ ئي سورهين سان هٿ ملايو هو پر هي سيني کان سرس هو.

"ڪاڏي سنبت آهي؟"

"ٻڌو اٿم تہ ٺٽي کي فرنگي ورائي ويا آهن... اوڏانهن ٿي ويس."

"اسين بہ اوڏانهن ٿي وياسون. حضور مرزا صاحب سلطان محمود جي ڪٽن کي منهن ڏيڻ ويو آهي ۽ ٺٽي ۾ ذات سپاهي ڪونهي."

سوڍل کي دل ۾ آيو تہ چئي ڏي تہ هڪڙو ڪُتو ٻئي ڪُتي کان هڏي بچائڻ جي فڪر ۾ آهي، ٻن سانن جي ويڙهہ ۾ سنڌي ٻُوڙا پيا لتاڙجن. پر هن چيو ڪجھ بہ نہ. گهوڙيءَ تي لانگ ورائيندي، پنهنجن همراهن لاءِ هٿ مٿي ڪٽي اشارو ڪيائين.

امير خان چيو: "بسم الله، اچو تہ گڏجي ٺٽي کي فرنگين جي فتني کان آزاد ڪرايون...."

سوڍل جي دل ان وقت اُڏامي ٺٽي وجي پهتي هئي، جتي پورچوگيز مال متاع لٽيندي، ٻارن، زالن ۽ ٻڍڙن کي پنهنجين بہ- مُنهين بندوقن ۽ پستولن سان ماريندا ٿي ويا. امير خان ۽ سوڍل گڏوگڏ هلندا رهيا. ائين ٿي ڀانيو ڄڻ تہ طوفان تي سوار هئا. سوڍل جي ڪميت کي ڄڻ پر لڳي ويا هئا، سندس واڇن مان گجي اڏامي، دز ۾ ملندي ٿي ويئي ۽ سندس ناسن مان آواز ائين نڪري رهيو هو ڄڻ هوءَ پاڻ پنهنجو ساھ گهٽڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. جڏهن هو ٺٽي جي ويجهو پهتا، تڏهن سوڍل جي پنهنجي دل ۾ وڍ پوڻ لڳا. سنڌ جي هن سدا ملوڪ شهر مان دونهين جا ڪڪر آسمان تائين پهچڻ لڳا هئا. جتان ڪٽان گهرن جي سڙڻ جا تڙڪات، ماڻهن جا ڪُوڪريا، ۽ پستولن جي ٺڪائن جا آواز اچي رهيا هئا.

"سوڍا خان، اڄ تہ دريا وارو گس وٺون. فرنگين جا ٻتيلا اتي هوندا ۽ ائين ٿو ڀانئجي تہ فرنگي هاڻ شهر مان هٽندا ٿا وڃن...."

فرنگين جي ياد ايندي ئي سوڍل وري گهوڙيءَ کي اَڙي هنئي. ٻئي رڪيب گهوڙيءَ جي ڪُکين ۾ کُپي ويا ۽ ڪميت پنهنجي مالڪ جو ارادو سهي ڪري، امالڪ پيچرو ڇڏي ٻيلي ڏانهن پڙڪو ڪاڏو. هنن جي پويان، هنن جي ساٿين جي گهوڙن جي سنبن جڻ تہ سُپ پري دز ٿي اُڏائي، ۽ ائين ٿي پانيو جڻ تہ ڌرتي ڌٻڻ لڳي هئي. پٽڻ جي ويجهو پهتا تہ سوڍل ڪان دانهن نڪري ويئي. ڇهہ ست ٻتيلا بيٺل هئا، جن ۾ پورچوگيز ڦر جو سامان ڏتي پري رهيا هئا ۽ شايد اجا پنهنجن ڪن ساٿين جي اوسيئڙي ۾ هئا. سوڍل رڙ ڪري چيو: "متان ڇڏيو اتوَ حرامخورن کي!"

هنن جو جملو اجا پورو ئي مس ٿيو تہ ٿيهارو کن تير هڪڙي ٻتيلي ۾ سامان لڏيندڙ پورچوگيزن جي پٺين ۾ کُپي ويا. راڙو راڙ مچي ويئي. تيرن جي جواب ۾ پورچوگيزن پنهنجا بارودي پستول سنڀاليا. اوچتو سوڍل پورچوگيزن جي هڪ انبوهہ کي، پستول ڇوڙيندو پٽڻ ڏانهن ايندو ڏٺو. هن امير خان کي هڪل ڪئي "امير خان، اِتي تنهنجي همراهن جو وارو آهي!"

امير خان پنهنجي لشڪر کي اشارو ڪيو ۽ هن جو دستو سوڍل جي ماڻهن کان جدا ٿي، وڃي پورچوگيزن تي ڪڙڪيو. سوڍل کي الائي ڪهڙو خيال آيو. هن ڪميت کي هلڪو اشارو ڪيو ۽ گهوڙي پٽڻ جي پر ۾ دِڪي وٺ اچي بيهي رهي. سوڍل ڪنارو وات ۾ جهلي، گهوڙيءَ تان درياهہ ۾ ٽپي پيو. سندس ساٿي مسلسل ڦِري گهِري ٻتيلن ۾ تيرن جو مينهن وسائيندا ويا. پورچوگيزن جا پستول هنن تائين ڪونہ ٿي رسيا، پر انهن جي ڌڪائن تي سندن گهوڙا ٺهڻ لڳا هئا. سوڍل کي پاڻيءَ ۾ گهڙندو ڏسي، هنن مان بہ ڪي گهوڙا ڇڏي پاڻيءَ ۾ لهي پيا.

سوڍل سيني ڪان ويجهي ٻتيلي جي پر ۾ پهچي، پاڻ مٿي ڪنيو ۽ ٻتيلا اينترا اوچا هئا، جو هنن ۾ هٿ وجهڻ جي جاءِ ڪانہ هئي. فقط هڪڙو هنڌ اهڙو هو، جتان ٻتيلي ۾ چڙهي ٿي سگهيو ۽ اها جاءِ هئي ٻتيلي جي مهڙ، جا دِڪي سان ٻڌل هئي. دِڪي جي منهن تي پورچوگيزن جو پهرو اجا موجود هو. فائرن ۽ تيرن جي آواز هنن کي هيڪاري خبردار ڪري ڇڏيو هو. پر سوڍل نہ مڙيو ۽ ٻتيلي کي ڦري آيو. جڏهن مهڙ وٽ پهتو تڏهن گهڙيءَ لاءِ وري پاڻيءَ ۾ هليو ويو. پوءِ

وجهہ ڏسي هڪ پاسي کان منهن ڪيڻائين. اتي هڪڙو فرنگي بتيلي جي ڪليل تختي تي زنجير کي ٽيڪ ڏيو ويٺو هو. سوڍل آهستي آهستي هڪڙو هٿ تختي ۾ ڦهائي، پنهنجو جسم ڪوئي، پاڻ مٿي کٽي ورتو. سندس ٻيو هٿ فرنگيءَ جي ٽنگ ۾ ڦهي ويو. پورچوگيز کي ائين محسوس ٿيو جڻ ڌرتي ڦاٽي پيئي ۽ هو ان ۾ ڪرندو ٿي ويو. هڪ وڏي رڙ ڪري، ٻئي ٻانهون مٿي ڪري، وچي درياهہ ۾ ڦهڪو ڪيائين. پنهنجي ساٿيءَ جي رڙ ٻڌي، ڪي پورچوگيز بتيلي مان هيٺ نهارڻ لڳا. سوڍل تختي جي هيٺيان لنگهي ٻئي پاسي ڦري آيو. ٻئي هٿ تختي ۾ وجهي، پاڻ مٿي کٽي، اتي بيهي رهيو. هن اجا پاڻ سنڀاليو مس تہ هڪڙي پورچوگيز پستول ڪٽي ڇاتيءَ تي رکيس... ۽ گڏوگڏ زور زور سان پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪجهہ چوڻ لڳو "آميگو آميگو سالوي مي سالوي مي.....!"

فرنگيءَ تي، پاڻي ۾ ٻنل هن ديو جهڙي مڙس جي هيبت ڇائنجي ويئي هئي ۽ پستول هوندي بہ هن جا ٻئي هٿ ڏڪي رهيا هئا. ۽ "سالوي مي، سالوي!" چوندو رهيو. سوڍل ڪجهہ سوچڻ بنا، پستول واري ٻانهن ۾ هٿ وجهي، ٿورو پاسيرو ٿي پٺيءَ کان ورائي کيس ڌڪو ڏنو. پورچوگيز جي وات مان اکر ڇچرجي نڪتا "ميئا ديئو...!" هن جي ڪِرڻ سان دڪي تان، وچ واري تختي تان ۽ بتيلي مان پستولن جا واچٽ شروع ٿي ويا. سوڍل خطرو محسوس ڪري، وات مان ڪٽارو ڪڍي، ڪمربند ۾ هٽي ڇڏيو ۽ هيٺ نمي بتيلي ۾ پير رکيائين. بتيلي ۾ اندر ٿيندي، هن دڪي ۽ بتيلي کي ڳنڍيڻ واري سنهي زنجير کي ڇڪيو. پر سنگهر چڱي مضبوط هئي. سوڍل وري ٻيهر زور لڳايو ۽ زور لڳائيندي هن جي جسم جون سموريون رڳون ٽڪجي، خود رُڪ جون زنجيرون بنجي ويون. اوچتو زنجير ٻنهي پاسن کان ٽُٽي پيئي ۽ سوڍل آنڊجي پويان ڪري پيو. وال ڪن سنگهر جو ٽڪر هن جي هٿ ۾ اچي ويو. زنجير هن جي هٿ ۾ ڇا آئي، جڻ موت جو فرشتو هن جي هٿ ۾ ڪيڏڻ لڳو هو. جيڪو فرنگي هن کي نظر آيو ٿي، ان جي منهن تي سنگهر جو اهو گرز ائين ٿي ڪڙڪيو، جڻ مٿس ڪنوڻ ڪِريو ٿي پيئي، جڻ سرڻ لامارو ڏيئي، چنبو هٽي وري مٿي اڏامڻ ٿي شروع ڪيو.

فرنگين ۾ تاڪوڙو پئجي ويو ۽ هنن لتيل سامان جي پويان لڪڻ شروع ڪيو. هنن کي پنهنجا هٿيار ئي وسري ويا. سنگهر کي ڦيرائيندي، سوڍل بتيلي جي وچ ۾، پچري مان نڪتل شينهن وانگر گُڙڻ لڳو. اتي ئي هن ڏهاڪو کن زالن ۽ ڪن ڇوڪرن کي رسن ۾ ٻڌل ڏٺو. هو سمجهي ويو تہ انهن زالن ۽ ڇوڪرن کي فرنگي لُٽ جي مال سان گڏ ٻانهن طور کنيو ٿي ويا. انهن مان تيرهن چوڏهن ورهين جو هڪ نينگر، سوڍل کي اڪيلو هيترن فرنگين سان وڙهندو ڏسي، ڪنهن عجيب جذبي کان اٿي بيهي رهيو. سندس ٻانهون پويان رسن سان ٻڌل هيون. سوڍل وڏي وٿس آيو. اوڏي مهل هڪ پورچوگيز هڪ ٻوڙ جي پٺيان لڪي، هڪ ڊگهو چاقو سوڍل ڏانهن اڇلايو. ڇوڪري کان رڙ نڪري ويئي ”ڀائو سنڀال!“ سوڍو رڙ ٻڌي، هيٺ جهڪي ويو ۽ چاقو ’زون‘ ڪندي هڪڙي سڙهہ ۾ وڃي کُتو. سوڍل پنهنجي ڪٽاري سان ڇوڪري جا رسا ڪپيندي چيو ”ادل، هي ڪٽارو پاڻ وٽ رک، ۽ ٻين جا بند آزاد ڪر تہ آءٌ اچهو آيس!“

ڇوڪرو سيني جا رسا وڍڻ کي لڳي ويو ۽ سوڍل ٽپ ڏيندو فرنگيءَ تائين وڃي پهتو ۽ ڪيس ڳچيءَ کان جهلي، ٻليءَ جي ٻلونگڙي وانگر مٿي کڻي، وٺي اُڇل ڏنائين. فرنگيءَ جو مٿو هڪڙي سڙهہ جي ڪاٺ ۾ اهڙو زور سان لڳو جو اُن جي آواز تي سيني جو ڌيان اوڏانهن ڇڪجي ويو. فرنگيءَ ڊانهن بہ ڪانہ ڪئي، ۽ ويڊيل بندڊ جيان اتي ئي ٿڏو ٿي ويو. سوڍل سامان جي هڪڙي سٽيءَ کان ٻيءَ سٽيءَ تائين ڦرندو فرنگين کي سنگهر سان ڪُٽيندو رهيو. فرنگي هاڻ ڊپ کان بتيلو ڇڏي درياهہ ۾ ٽپِڙا ويا. سوڍل بتيلو خالي ڏسي، وري قيدين ڏانهن موٽي آيو. هن ڄوانڙي تيسين سيني جا بند ڪٽي، آزاد ڪري ڇڏيو هو. هنن مان ٻہ- ٽي زائفائون ڏکيل بہ هيون. سوڍل ڇوڪري کان پڇيو ”ادل، ڪير مڙس آهين؟“

”سمون آهيانِ ٻني جو وينل آهيان. ننٽي ناناٽا گهمڻ آيو هوس. اوچتو هي راڪاس شهر ۾ گهڙي پيا. شهر ۾ جيڪي ترخان سپاهي هئا، سي يا تہ شهر ڇڏي ڀڄي ويا، يا ڪي وري اهڙن پاڙن کي لتڻ لڳي ويا، جتي اجا فرنگي نہ پهتا هئا. فرنگي اصل گهرن ۾ گهڙي پيا. ڪن

منهن ڏنو ڪن نه ڏنو. مدرسن جا جوان گهٽين ۾ فرنگين سان چوٽون کائڻ لڳا. پر هنن فرنگين وٽ الائي ڪهڙا هٿيار هئا. جن مان باهه جا اُلا پئي نڪتا ۽ پري کان ٿي مار ڪيائون. جڏهن مدرسن جا شاگرد کين سوڙها پوڻ لڳا ته وٺي گهرن کي باهيون ڏيڻ شروع ڪيائون. بس قيامت هئي، ادا! ڦُرڻ لُٽڻ کان پوءِ وري ڀانهون ڪٽڻ شروع ڪيائون. منهنجي ڀيڻ کي- اوءِ اِجها هوءَ وڃي آهي- ڪنيائون ٿي ته هن ويچاريءَ به ٻُنڊي ڪٽي هڪ- ٻن جا هڏ گڏ ڀڃي وڌا. مون کي به هڪڙو سونٽو هٿ اچي ويو پر هنن راڪاسن سان ڪير پڄي. اديءَ سان گڏ مون کي به ڪٽي ڀڏائون....."

هن جوانڙي اهو سڀ ڪجهه ائين بيان ڪيو جڻ اهو واقعو ٻئي ڪنهن سان ٿي گذريو هجي ۽ ڀڄ ۽ پوءِ جو هن ۾ نالو نشان به ڪونه ٿي ڏنو. شايد هن سان هيترين وارداتون ايترين ٽڪرين ٽڪرين ٿي گذريون هيون، جو هن کي ڀڄ جو اجا موقعو ئي نه مليو هو. سوڍل هن جي ڀيڻ ڏانهن نهاريو: منهن مهانڊي جي ملوڪ. سترهن ارڙهن ورهين جي ڪنواري نينگر کي ڳل تي هڪ وڏو چير هو جنهن سندس منهن ۾ حيا ۽ بيوسيءَ جو عجيب گڏيل رنگ آڻي ڇڏيو هو. سوڍل کي پنهنجي دل وڍجندي محسوس ٿي: الا، منهنجي سنڌ جون هي نياڻيون! پنهنجو پاڻ کي ايترو بيوس ۽ ويچارو سمجهڻ لڳيون آهن، جو لاچاري سندن حيا کي ڍڪڻ لڳي آهي! ان نينگر سان گڏ ٻيون به زالون هيون. ڪي اجا تائين موڙهل هيون ته ڪن کي اهو آسرو جاڳيو هو ته سندن لڄ بچائڻ وارا واهرو اچي پهتا هئا. سانجهيءَ جو سج به هن منظر کي ڏسڻ جو تاب نه جهلي، درياهه جي پرانهين پار ٻڏڻ وارو هو. ٻتيلو ڊڪي کان ڇڇي ڏار ٽيڻ ڪري به درياهه جي لهرن سان هري هَري ٽلڪڻ لڳو هو ۽ درياهه جي دل ۾ به آنڌمانڌ مچي ويئي هئي.

سوڍل پٽڻ ڏانهن نهاريو. سندس همراهن پٽڻ کي فرنگين کان آجو ڪري ڇڏيو هو ۽ باقي ٻتيلي ۾ به هن جي همراهن سندن سرن جا ڍير لڳائي ڇڏيا هئا. فرنگي ٻتيلا ڇڏي درياهه ۾ ٽپندا ٿي ويا. پٽڻ وارن همراهن وري مٿان کين تيرن جو شڪار بنائڻ شروع ڪيو هو. سوڍل چوڪري کي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو: "ادل، هاڻ ڏٺيءَ کي پرتا آهيو.

آءُ بتيلو وري ٿو دڪي سان لڳايان. تون ۽ هي ٻيا نينگر گڏجي، هنن زائفائن کي هيٺ لاهي، سيني کي پنهنجي پنهنجي گهر پهچائجو....“

سيني جا منهن شڪر گذاريءَ ۽ هڪ عجيب فخر جي احساس کان ٻهڪڻ لڳا هئا. سوڍل وري پاٽيءَ ۾ لهي پيو ۽ ٽٽل زنجير کي ڇڪي، آٽي دڪي تائين پهتو. قيدي تختي تان هلي، هيٺ لهڻ لڳا. ٻين بتيلن مان بہ ڪيترين ئي زائفائون ۽ ڇوڪرڙا آزاد ٿيا هئا. پتڻ تي هُل مچندو ٿي ويو. سوڍل پاٽيءَ کان ٻاهر نڪتو تہ امير خان بہ پنهنجن همراهن سان اچي پتڻ تي نڪتو هن جا ويهارو لشڪري ڪِري پيا هئا، پر هنن ڪافي فرنگين کي جيئرو جهلي ورتو هو جن کي رسن ۾ ٻڌيو گهليندا پٺي آيا.

ترخانن بتيلن مان لٿل زائفائن کي ڏٺو تہ سندن اکين ۾ چمڪ اچي ويئي، ۽ پنهنجي پاڻ ۾ چرچا گهٻا ڪري ٽهڪ ڏيڻ لڳا هئا. سوڍل فارسي چڱي طرح ڄاڻندو هو. هو چُپ چاپ هنن جي بڪواس ٻڌندو رهيو. پر جڏهن هڪڙو ترخان گهوڙو وڌائي، هڪڙي زائفان اڳيان جهلي، سندس ٻانهن ۾ هٿ وجهڻ لاءِ نئڙيو. تڏهن سوڍل جي سنگهر سندس ڪلهن ۽ پٺن تي ڪنوڻ وانگر ڪري پيئي، ۽ هو ڍڳي جهڙو رانياٺ ڪري، انهي زائفان جي قدمن ۾ ڪري پيو. سوڍل ڇپن ۾ چيو: ”ڏاريان سي ئي ڏاريا. فرنگي هجن يا قنڌاري!“ ۽ پوءِ ڏاڍيان رڙ ڪري چيائين: ”امير خان، پنهنجن ماڻهن کي لغام ڏي، نہ تہ..... فرنگين جون ڪسرون منجهائن ڪڍنداسون!“

خود امير خان کي پنهنجي سپاهين جي ارڏائي بري لڳي هئي، سو پاڻ گهوڙي تان لهي سوڍل وٽ آيو. سندس ڪلهي تي هٿ رکندي چيائين: ”چڱو ڪيئي، هن حرامخور کي تون سزا نہ ڏين ها تہ آءُ سندس سر قلم ڪرڻ وارو هوس!“

”هي اسان جون لڄون آهن: هنن کي هٿ لائڻ موت سان کيڏڻو آهي، امير خان!“

”بيشڪ بيشڪ!“

سوڍل کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ تہ امير خان جي انهيءَ ”بيشڪ“ ۾ وڏي ٺوڪ سمايل هئي، پر ان وقت هن کي ڪي ٻيا خيال ستائي رهيا

هئا. بتيلن ۾ لٽيل سامان ۾ اسلحو سون، ڪپڙو هٿيار ۽ سنج سڙا جيڪڏهن هنن چڏي ڏنا ته هي قنڌاري پاڻ ۾ ورهائي ورچي ڪٽندا. هي سنڌين جو مال متاع هو سندن هڏن جو پورهيو ان تي هي پرمار ڳجهن وانگر لامارا ڏيڻ لڳندا. امير خان چڻ سندس خيال پروڙي ورتا ۽ هن کي پاسيرو وٺي چيائين: ”سوڍا خان، هي بتيلا ۽ سامان اسين پنهنجي قبضي ۾ آڻينداسون. جيسين اصلي مالڪن جي خبر پوي، تيسين هي سمورو مال سرڪاري توشي خاني ۾ رهندو!“

”هي سنڌين جي ملڪ آهي، ۽ سنڌي ئي انهيءَ جي سنڀال ڪندا!“ سوڍي مختصر جواب ڏنو.

”ائين وري ڪيئن ٿيندو؟ اسين سرڪاري ماڻهو آهيون. آءٌ جهرڪن جو نائب عامل آهيان. هي مال اسان جي حفاظت ۾ رهندو.“ امير خان جي آواز ۾ ترشي اچي ويئي.

سوڍل چڻ اها ڳالهه ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي، ۽ هن پنهنجن همراهن کي هڪل ڪئي: ”سوڀا، قبوليا، شيرو.... سامان بتيلن سوڌو اوهين سوگهو ڪريو!“

سوڍي جا همراهه گهوڙن تان لهي بتيلن ڏانهن وڌيا. امير خان به پنهنجن ماڻهن کي اشارو ڪيو ۽ پاڻ گهوڙي ڏانهن وڌيو. سوڍل وک اڳيان وڌائي ڪٽي پوبان پاڪر وڌس. سندس ٻئي هانهون پوبان موڙي ڪٽي هڪڙي هٿ ۾ جهليائين ۽ سندس ئي خنجر ڪڍي پٺ ۾ رکندي چيائين، ”اوهان مان ڪو اڳتي وڌيو آهي ته هي خنجر امير خان جي پٺ ۾ کوڙي ڏيندس.....“

سوڍل جي اکرن ۾ ڪاوڙ بلڪل ڪانه هئي، پر ترخان سمجهي ويا ته هن جو هڪڙو هڪڙو اکر سچو هو. جن پنهنجي ترارين جي مُنين تي هٿ رکيا هئا، تن پنهنجا هٿ ڪٽي ورتا، جن پنهنجا ڀالا ۽ نيزا سنڀاليا هئا، تن وري اهي پوبان لڙڪائي ڇڏيا. هنن ترخانن اهڙي جيتري بي عزتي ڪڏهن به نه سَني هئي. هنن مان ڪيترا اهڙا هئا، جن سنڌين جي ڪيترين ئي بغاوتن ۽ شورشن کي چيپاتي ڇڏيو هو جن ڪيترن کي پنهنجن گهوڙن جي پُڇن ۾ گهلي ماريو هو. جن ڪيترن سنڌي سورهين جي اکين ۾ تتل سيخون سرمي- ڪانيءَ وانگر گهمايون هيون، جن

ڪيترن سنڌي سوڍن جو سنڌ سنڌ ڪري ڪپيو هو. پر هي سوڍو ڇڻ ڪنهن مختلف مٽيءَ مان ٺهيل هو جنهن جي رڳ رڳ ڇڻ رُڪَ جي ٺهيل هئي، جنهن جي دل ۾ ڪو رحم نہ هو جنهن ڏڪ پهرين ٿي هنيو سوچيو پوءِ ٿي! اهي آزمودگار ترخان پاڻ کي بيوس لاچار ڏسي ڏند ڪرٽيندا رهيا.

سج بہ درياهہ جي اورين ڪنڌي ٽپي، ٺٽي جي ماڙين ۾ منگهن مان ليئا پائيندو لڪندو لهي ويو هو. قبوليو سيني ڪان اڳ بتيلو پڳهہ مان ڇوڙي، هڪ ڏگهي لڙهي سان بتيلي کي اڳيان ڏڪي ويو. هن فقط هڪڙو سڙهہ چاڙهائي ڇڏيو ۽ بتيلا بہ سڌي قطار ۾ رڙهڻ لڳا ۽ امير خان جي ماڻهن جي ڏسندي وڃي درياهہ جو وچ ورتائون.

سوڍل پنهنجن ڪن همراهن کي اکين ئي اکين ۾ ڪو نيا پو ڏنو ۽ هي همراهہ گهوڙن کي اڙي هٽي، درياهہ جي ڪنڌيءَ هليا ويا. سوڍل امير خان جي پٺ تان خنجر هٽائي، سندس ٻانهون ڇڏي ڏنيون. امير خان پنهنجن ٻانهن کي مهٽيندو سوڍي جي اکين ۾ نهاريندو رهيو. سندس اکين ۾ ڪاوڙ ۽ حيرت جا جذبا هَري هري ٿي ڍرا ٿيڻ لڳا ۽ پوءِ هن مرڪ چپن تي آڻيندي چيو: ”سوڍا خان، اجوڪي رات ٺٽي ۾ اسان جي مهماني قبول ڪرا“

”بلاشڪ....!“ ائين چئي سوڍل پنهنجن باقي ساٿين سان گڏجي امير خان جي ٺٽي واري حويليءَ تي پهتو. رستي تي، ٺٽي جي گهٽين ۾ فرنگين جي مچايل تباهي ۽ بربادي کي ڏسي، رت هن جي لوُنَ ۾ درياهہ وانگر اڇلون کائڻ لڳو هو. ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ گهر باهہ کان بچيو هو. شهر جي گهٽين ۾ دونهون ايترو هو جو هو کنگهندا، گهُٽجندا ترخاني محلي ۾ پهتا هئا.

ترخاني محلو شهر جي هڪ طرف جامع مسجد جي ويجهو هو. فرنگي جامع مسجد جي سونين نيلن تان بہ نہ ٽريا هئا. ان رات امير خان ميزبانيءَ ۾ ڪا ڪثر نہ ڇڏي. جڏهن سوڍل طول تي ٽيڪ ڏيئي انگوريءَ جا ڪجهہ پيالا پي چڪو تڏهن امير خان هن کي وري پڳ مٽائڻ جي دعوت ڏني. سوڍل ان وقت نشي ۾ هو ۽ هن کلندي پنهنجو پنل پٽڪو مٿي تي ٻڌي، لاهي ڪٽي امير خان جي مٿي تي رکيو ۽ امير خان پنهنجي پڳ کُلي سوڏي ڪٽي سوڍل جي مٿي تي رکي.

”سوڍل، مون کي قسم آهي هن پڳ جو تہ سنڌي ۽ ترخان پاڻ ۾ ڪھڙي بہ ڏاڙهي پٽ ڪن، آءٌ تنهنجي سر کي هٿ نہ لائيندس!“

سوڍل تي شايد انگوري ايتري چڙهي ويئي هئي، جو هن ڪوبہ جواب نہ ڏنو. ان کان پوءِ سوڍل جڏهن بہ نٽي ايندو هو، تڏهن امير خان وٽ اچي مهمان ٿي لهندو هو. سندس ساٿين سنگتين مان ڪيترن کي اها ڳالهہ نٽي وٽي، پر سوڍل کي چوڻ جي مجال ڪنهن کي نہ ٿي، 968هہ واري بغاوت پيري جڏهن سوڍل ۽ سندس ساٿين مرزا عيسيٰ جي هڪ ارغون سردار امير تيمور جي لشڪر تي راتاهو ڏنو تڏهن تہ ڳالهہ سيني کي ڏکي لڳي. سوڍل ۽ شيرو امير تيمور جي تنبوءَ ۾ گهڙيا تہ امير خان وٽس ويٺو هو. امير خان جي منٿ ڪرڻ تي سوڍل امير تيمور جي جان بخشي ڇڏي. شيروءَ جڏهن اها ڳالهہ سنگت سان ڪئي، تڏهن باقاعدي پنچائت ويٺي تہ سوڍل کي ائين ڪرڻ گهربو هو يا نہ. چاچي وريام سيني پاران ڳالهائيندي چيو هو: ”سوڍا، ابا انهيءَ امير تيمور نٽي شهر جي گهٽين مان سنڌي زائفان جو لنگهڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن دارون پي مست هاٿيءَ وانگر نٽي جي بازارن ۾ ٿو اچي تہ ڪنهن جي عزت سلامت نٽي رهي، سنڌين کي زن دختر گاريون ڏيندو وتي ۽ تو ان ڪميني کي جيئدان ڏيئي ڇڏيو سا ڳالهہ اسان کي ڪانہ ٿي آئڙي ڪٿي تون، ڪٿي هڪ ترخان، اها ياري ڪيئن ٿي ٿهي؟ تون ياريون پل رک. پر اسان جي ڪِئي تي پاڻي نہ ڦير!“

سوڍل کي بہ ڪاوڙ اچي ويئي: ”منهنجي مرضي، جيئن وڻندم، تيئن ڪندس!“

پوڙهو وريام تڏهن بہ ماٺ نہ ٿيو: ”تنهنجي مرضيءَ جي ڪاڻ ڪنهن کي ڪانهي، سوڍا! هي سنڌين جي دشمن جو سوال آهي،“ وريامَ جي لفظن ۾ سختي اچي ويئي. سوڍل ڪو جواب نہ ڏنو. هو پنهنجي ڪٽاريءَ سان ڪاٺ جي ٽڪر مان گهوڙي جي شڪل گهڙيندو رهيو.

ڪراڙي وريام وري چيو: ”مون کي ارغونن ۽ ترخانن سان وڙهندي ڇمارون گذري ويون آهن. آءٌ جڏهن تنهنجي ڇمار جو هوس، تڏهن منهنجي بدن تي ترخانن جي ترارين ۽ ڀالن جا ايترا ڦٽ هئا، جيترا تنهنجي مٿي تي وار آهن. مرزا شاهہ حسن جهڙي جبل سان مون ٽڪر

ڪاڏا: مٿس راتاها ڏنم. مرزا عيسيٰ منهنجي سسيءَ جي قيمت هڪ لک اشرفيون رکي هئي. نٿي ڪان بکر تائين مون ارغونن ۽ ترخانن سان چوٿون ڪاڏيون آهن. پر مون کي قسم آهي پروردگار جو. جيڪڏهن منهنجو پنهنجو پٽ ڪنهن ترخان جي سسيءَ جو جيئدان گهري ها ته آءٌ پهرين ڪيس دڳ لائي ڇڏيان ها ـ ۽ تون امير تيمور جهڙي فرعون جي جان بخشي آيو آهين! مون کي بخش ڪج. پر مون کي ته تنهنجي سنڌي هجڻ........"

"بس بس چاچا وريام بس... حد نه اورانگهه....." ائين چئي سوڍل پئنچات ڇڏي هليو ويو هو.

وري 978هه واري اٿل وقت، جڏهن سنڌي هڪ ڀيرو وري پنهنجي ڳچيءَ مان ڦاهيءَ جو ڦندو لاهڻ لاءِ سنبريا هئا ۽ پنهنجو جڻ ـ ٻچو گهائي ويهي رهيا. تڏهن وري سوڍل ۽ امير خان جي ياريءَ جو امتحان آيو هو. چاچو وريام جهلجي پيو هو ۽ ڪيس ٺٽي جي سيدن واري چونڪ ۾ ڦاهيءَ تي ٽي لٽڪايائون. سوڍل ويس بدلائي امير خان وٽ آيو هو ۽ اچي چاچي وريام جي سِر جي گهُر ڪئي هئائين. امير خان سندس ڳالهه ٻڌي، وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي چيو هو: "اول ته اها ڳالهه منهنجي وس کان ٻاهر آهي. حضور مرزا صاحب وٽ هڪ سنڌيءَ جي سر لاءِ وڃڻ مون کان ڪونه پڄندو. تنهن کان سواءِ سوڍل مون تنهنجي جان بخشيءَ جو قسم ڪنيو آهي، نه سنڌي باغين جي جان بخشيءَ جو. هينئر به وقت اهڙو آهي، جو جيڪڏهن منهنجو سُنهن ڪنيل نه هجي ها ته توکي هتان جيئرو وڃڻ ڪين ڏيان ها.....!"

سوڍل کي ان جواب تان ايتري ڪاوڙ آئي هئي، جو ڪٽار جو منيو سندس هٿ جي نسن ۾ گهڙي ويو هو. هو اتان ٽپي، ڪميت تي چڙهي سڌو آيو سيدن واري چونڪ تي. ڪيس ترخانن وارو چرغو پيل هو ۽ ڳلي تي پٽڪو پنهنجي منهن ۽ شهپرن کي لڪائڻ لاءِ هن هڪ ترخاني رومال منهن آڏو ڏيئي ڇڏيو هو. چونڪ ۾ هزارين ماڻهو وريام جي ڦاهيءَ چڙهڻ جو ٻڌي اچي گڏ ٿيا هئا. سنڌين جا ڪنڌ هيٺ هئا. ڪيترا اهڙا سنڌي هئا، جيڪي ترخانن جا نوڪر چاڪر هئا، يا ترخانن جا هٿ ٺوڪيا ماڻهو هئا. گهڻو ٺٽو رڳو تيموري ۽ چنگيزي ارغونن ۽ ترخانن جو هجوم هو. سوڍل ترخانن جي وچ ۾ ترخاني ٿي لڳو.

اوچتو هاهوڙ تي ويئي: ڏهاڪو کن سپاهي اگهاڙين ترارين سان ڪراڙي وريام کي وچ ۾ ڪري وٺي آيا. چونڪ جي پوري وچ تي ڦاهيءَ جو تياس کوڙيو هئائون. چاچو وريام سڄو رت ۾ رڱيل هو سندس ڏاڙهيءَ جا وار ڇهچ ڳاڙها رت ۾ رڱجي چڳون چڳون ٿي چٽڙجي ويا هئا. جڏهن کيس تياس جي ويجهو آندائون، تڏهن امير تيمور مڇن کي تاءُ ڏيندو تياس تائين آيو ۽ وڏي واڪي چيائين: ”سنڌيو اوهان کي معلوم هئڻ گهرجي تہ ظلِ الاهيءَ سان بغاوت ڪرڻ وارن ڪُتن جي سزا هيءَ آهي!“ ائين چئي هن جلاد کي اشارو ڏنو. جلاد تياس جي پرسان پيل تختي تان ڪاري پٽي کڻي، وريام جي اکين ٻڌڻ لاءِ اڳتي وڌي آيو. وريام هٿ سان کيس منع ڪندي، تياس ڏانهن ڏنو.

اوچتو سوڍل جي ڪميت هڻڪار ڪئي، پوءِ ماڻهن رڳو گهوڙي جي ٽاپڙ ٽاپڙ ٻڌي. سوڍو کنوڻ وانگر تياس تائين پهچي ويو. سندس ڀالو امير تيمور جي نڙيءَ مان پار هليو ويو. هن باز وانگر جهپ هڻي، وريام جي چيلهہ ۾ ٻانهن ڦٻائيندي، کيس کڻي پنهنجي هني تي رکيو. جيسين ترخان سجاڳ ٿين، تيسين ڪميت ماڻهن جي ميڙ کي چيپاٽيندي، چيريندي ٻاهر نڪري ويئي. ترخانن جا ڪيترا سوار هن جي ڪڍ لڳا، پر سوڍي جي ڪميت کي جڻ پُڇ ۾ ٻاهہ وچڙيل هئي ۽ هوءَ کنوڻ جيان کنوندي، الائي ڪٿان وڃي نڪتي.

اهو ڏينهن، اڄوڪو ڏينهن، سوڍل وري امير خان جي در تي نہ ويو هو. امير خان جو کيس سڏائڻ ضرور ڪنهن مقصد سان هوندو. ڀانئجي ٿو تہ سنڌين جي اندر جو ڪورو وري تپي ڄڀيون ڪڍڻ لڳو هو ۽ اهي ڄڀيون وري ڦنڌارين کي ساڙڻ لڳيون هيون. اهو جڻ تہ هڪ اهڃاڻ هو. هڪ چتاءُ هو- نئين طوفان، نئين چوهي جو! پر هن نئين چوهي جو نتيجو ڇا نڪرندو؟ وري سنڌي ڪک پن وانگر لڙهي ويندا، وري ڳچ ڳرندا، ڪنڌ ڪرندا، سسين جا لابارا پوندا، سرن جا لابارا لهندا، ڪنڌن جو فصل ڳاهبو ۽ سنڌ غلام رهندي! هن شڪايتي انداز سان مٺي نهاريو. جڻ آسمان جي هن پار رهڻ وارن تي بہ هن کي چِڙ اچڻ لڳي هئي. سنڌ جي سڀاجهي صورت هن جي اکين اڳيان اچي ويئي، ۽ هو نهايت پيار مان پنهنجي ڪميت جي ڳچيءَ تي هٿ ڦيرڻ لڳو. هن کي ائين محسوس ٿيڻ

لڳو ڄڻ ان ڪميت گهوڙيءَ ۾ سنڌ جي روح جو ڪو ذرو سمايل هو- وفادار ۽ هميشه قربان ٿيندڙ سنڌ. هن جي جيجل ماءُ. هن جي پروردگار. جنهن ايامن کان ظلم سٺا هئا: يونانين جا. ايرانين جا. ساسانين جا. عربن جا- ۽ هر ڀيري جڏهن سنڌين جي غيرت کي ڏڏڪو ٿي آيو ته هزارين سنڌين. پنهنجا ڪنڌ ڪپائي. وري پنهنجي جيجل ماءُ کي عزت سان رهڻ جو سنيهو ٿي ڏنو. انهن ڪنڌن ۾ هن جي ابن ڏاڏن جون سِسيون به شامل هيون. هن زمين. هن ڌرتيءَ ۾ هن جي ابن ڏاڏن جو رت. چم ماس ۽ هڏا ٻيجي وانگر وري وري ڦٽندا. وري لٽجندا رهيا. هر بار هن جي جيجل سنڌ گهڙيءَ لاءِ ڳاٽ اوچو ٿي ڪيو ته آسمان جي هن پار وسندڙن ڪيس غيرن جي غلاميءَ ۾ ڏيئي ٿي ڇڏيو. ائين ڇو ٿي ٿيو؟ سنڌ ڪهڙو ڏوهه ڪيو هو؟ ڇا انهيءَ ڪري. جو منجهس هر انسان کي پيار ۽ پاٻوهه ڏيڻ جي عجيب عادت هئي.... اي خدا ڇو؟ هتي جا پيارا پيارا سهاجهڙا ماڻهو. پيارا پيارا ڪيت. منڙا منڙا گيت. سهڻا سهڻا ناچ. سهج- سنوان ڳوٺ. وهيون. واهڻ- هي ٺٽو هي بکر. هي اروڙ هي موهن ڪوٽ. هي برهمڻ آباد. هي لڪيءَ جا جبل. پب. هالار. اڇا ڪارا جبل. هي ساگر. هي سمنڊ. هي درياهه. هي ٻيلا- هي ڪائنات جا بي مثال تحفا. ۽ هي منڙي سهنجي سولي آسماني سنڌي ٻولي. هي مسجدون. هي مندر. هي مٺ. هي راڳ. هي ويراڳ. هي سماع. هي صوفي. هي ويج. هي پورهيت. هي ڪمي ڪاسبي. هي هاري ناري. هي لوهار. هي واڍا. هي اوڏ. هي اُستا- هيءَ منهنجي ملوڪ سنڌ. ڇا ڪڏهن به ڌارين کان آزاد ڪانه ٿيندي؟

سوڍل کي پنهنجي دل ڏانوا ڏول ٿيندي محسوس ٿي ۽ اُن گهڙيءَ جي ان ڪمزوريءَ کان هُن پنهنجو منهن ڪميت جي گهرين گهرين ٻُشڪن ۾ لِڪائي ڇڏيو. هن کي انهن ٻشڪن جي ڪوسي ڪوسي لهس ۾ ڄڻ آرام مليو. ان پيار ڀريءَ ڳراٽيءَ ڪميت کي به ڪونئرو ڪري وڌو ۽ هوءَ ڪنڌ جهولڻ لڳي ۽ اڳئين سنب سان سنڌ جي مٽيءَ سان پيار ونڊڻ لڳي. ڄڻ هن کي چئي رهي هئي ته آءٌ سجڻ. ته آءٌ توکي سنڌ جي آزاديءَ جي راهه تي وٺي هلان!' سوڍل ڄڻ سندس سنيهو سٽي ورتو ۽ هوريان چيائين ”هل مٺي ته هلون!“

**

[2]

سوڍي لانگ ورائي تہ ڪميت هوا سان ڳالهيون ڪرڻ لڳي. سندس من ڳرو ٿي پيو هو ۽ هن کي پنهنجا احساس ۽ اُڌما سمجهہ ۾ نٿي آيا: انهن ۾ بغاوت ۽ نفرت سان گڏ جڻ تہ اڪيلائيءَ جو احساس بہ هو۔ سنڌ جي اڪيلائيءَ جو احساس! گهوڙيءَ کي شهر جي وچ مان وٺي وڃڻ بدران، هن گهوڙيءَ کي ڪوٽ ڏانهن موڙيو. ڪوٽ جي ٻاهران مينگهواڙن جي چونئرن وٽان لنگهيو. تڏهن ڪاريئي مينگهواڙ پنهنجي زال کي ٺونٺ هڻندي چيو: ”اڄ وري ڪو پنيٽ پڙڪڻ وارو آهي: هي واچوڙو سيني کي ڪک پن وانگي لوڙهي ويندو. پاڻ کي وري لڏڻو پوندو!“

جڏهن بہ ڪو خُلم پرندو هو تڏهن غريب سنڌين جا چونئرا ۽ لوڙها سڙندا هئا. سندن ڪلن ۾ ٻُهہ پريو ويندو هو. هنن سان اهي وارداتون ايتريون تہ گهڻيون ٿي گذريون هيون، جو هر پيڙهيءَ جا ماڻهو ڪن خاص اهڃاڻن مان ايندڙ آفت کي سهي ڪري ويندا هئا.

سوڍل امير خان جي ڏيڍيءَ تي پهتو تہ پر ۾ مغلن واري مسجد مان ٻانگي جو پُر سوز آواز فضا ۾ گونجڻ لڳو. سوڍل کي ائين محسوس ٿيو جڻ اڄ ٻانگي جي آواز ۾ ڪو اهڃاڻ هو. ڪو چتاءُ هو ڪنهن ٿيڻيءَ جو. ڪنهن نئينءَ واردات جو. پهريدارن ڪنهن سوار کي چوهہ مان ايندو ڏٺو تہ پنهنجا ڀالا منڊيئڙن وانگر آڏا ڏيئي بيهي رهيا، پر سوڍل ڪميت جي رفتار نہ گهٽائي، ۽ جيڪڏهن پهريدار هٽي نہ وڃن ها تہ سنبن ۾ چچرجي وڃن ها. سوڍل هنن کان گهڻو اڳتي عين ڏيڍيءَ جي صدر واري دروازي اڳيان وڃي گهوڙي جهلي. گهوڙيءَ جي سنبن جي

آواز تي هڪ مغلياڻيءَ ٿورو در کولي جهاتي پاتي، پر سنڌيءَ کي ڏسي وري جهٽ تاڙي چاڙهي ڇڏيائين. سوڍل گهوڙيءَ تان لٿو تہ پهريدار بہ پالا تاڻيندا اچي پهتا.

"تون ڪير؟" هڪڙي پهريدار ڪڙڪي سان چيو.

"سوڍل!" هن مختصر جواب ڏنو.

پهريدار خاموش ٿي ويو. هنن کي شايد سوڍل جي اچڻ جو اڳ ئي ڄاڻ ٿيل هو. ڪين هن جي اچڻ جي ڍنگ تي جا ڪاوڙ هئي، سا هاڻ حيرت ۾ بدلجي ويئي. هنن مان هڪڙي وڏي مرداني اوطاق جي در جو ٽنگيل ڇڙو وڄايو. گهڙيءَ کان پوءِ هڪ خواجہ سرا (ڪدڙو) سوڍل جي آجيان لاءِ ٻاهر نڪري آيو ۽ ٻيئي هٿ منڍيئڙي وانگر پنهنجي ڇاتيءَ اڳيان ٻڌندي چيائين "حضور اوهان جي انتظار ۾ آهن".

سوڍل هن سان گڏجي اندر داخل ٿيو. اڳڻ جي اڳيان هڪ نهايت خوبصورت چمن هو. جنهن جي عين وچ تي هڪ ڦوهارو رنگين پاڻيءَ جون پچڪاريون گلن تي اڇلائي رهيو هو. هر طرف سنگمرمر جي مرتبانن ۾ مشعلون ٻري رهيون هيون. ڦوهاري جي چوڌاري چئن ستونن سان هڪ گول چبوترو ٺهيل هو. هر هڪ ستون جي مٿان هڪ نهايت حسين اگهاڙي عورت جو بت ٺهيل هو. پر مجسمو جڻ ڏسندڙ کي پنهنجي خوبصورت اُرهہ کي ڇُهي ڏسڻ جي آڇ ڪري رهيو هو. سوڍل انهن مجسمن کي دل ئي دل ۾ ساراهيندي رهجي ويو. فن ۽ هنر جو ڪمال هو جو سونهن سُندرتا جي صورت وٺي بيٺو هو. هن کي پنهنجو سنگتي رتن ياد اچي ويو جيڪو سنگمرمر ۽ آبنوس مان اهڙا پيارا پيارا بت ۽ مجسما گهڙيندو هو جو ڏسندڙ دنگ رهجي ويندا هئا. مرزا عيسيٰ هڪ مُلي جي چوڻ تي ڪيس سنگسار ڪرائي مارائي ڇڏيو هو. هي مجسما بہ رتن جا ٺاهيل هئا ۽ سوڍل کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ انهن مجسمن ۾ رتن جو روح ڪيس بدلي وٺڻ لاءِ ٻاڏائي رهيو هو.

خواجہ سرا هن کي بتن ڏسڻ ۾ محو ڏسي، هلڪي ڪنگهڪار ڪندي چيو: "حضور جن اوهان جا منتظر آهن!" ائين چئي وري ادب سان ٻانهون ٻڌي بيهي رهيو. سوڍل چمن مان لنگهي ديوانخاني ۾ قدم رکيو. هن جي بلڪل سامهون هڪ وڏي تخت تي، امير خان طول تي

تيڪ ڏيو ويٺو هو. سندس سامهون، هڪ موڙهي تي هڪ حَسين ترڪ ڇوڪرو رباب تي ڪا ايراني ڌُن وڄائي رهيو هو. امير خان اکيون بند ڪري ان ڌُن ٻُڌڻ ۾ مگن هو. سوڍل جي اچڻ تي جڏهن هو ڇرڪ پري اٿي ويهي رهيو.

”اڄ سوڍل اڄ، اچي هتي منهنجي پر ۾ ويهه“، امير خان جي منهن تي مرڪ ڦهلجي ويئي.

سوڍل گهڙيءَ لاءِ پنهنجي چوڌاري ڏسندو رهيو: هر طرف ريشم ئي ريشم هو- پردا ريشم جا، قالين ريشم جا، طول ويهاڻا ريشم جا، چادرون ريشم جون، تخت جي پر ۾ آبنوسي ميز تي بلوري صراحين ۾ انگوريون ۽ عرق سجايل هئا ۽ انهن جي پر ۾ دل جي شڪل جا بلوري جام چمڪي رهيا هئا.

”آءٌ ويهڻ ڪونه آيو آهيان. تو مون کي ڇو سڏايو آهي، امير خان؟“ سوڍل جي آواز ۾، نه چاهيندي به سختي اچي ويئي.

”ڏاڍي ڪا ڪاوڙ اٿئي مون تي! ياد نه اٿئي ته پاڻ پڳ مٽ يار آهيون.“ امير خان صلح جي انداز ۾ چيو.

”آءٌ ياري نڀائڻ نه، پر تنهنجو نياپو ٻڌڻ آيو آهيان،“ سوڍل پنهنجي آواز کي جهيڻو ڪندي چيو.

”نياپا پيا ڏبا وٺبا. پهرين اچ ته انگوريءَ سان ياريءَ کي تازو ڪريون. ادراڪي، منهنجي جان، اسان کي پنهنجن انهن خوبصورت هٿن سان جام پري ڏي!“ امير خان پيار مان ترڪ ڇوڪري کي چيو. هن جون اکيون هن نينگر جي سراپا کي ڏسي وڏيڪ چمڪڻ تي لڳيون. ترڪ ساقي ڏاڍي ناز سان اٿيو. رباب هڪ پاسي تي رکي، هن هڪ خاص ادا سان به جام پريا ۽ هڪ سوني طشت ۾ رکي اڳتي وڌيو.

امير خان کي جام ڏيڻ کان اڳ هن جام پنهنجن چپن تائين آندو ۽ سرڪي پري کيس پيش ڪيائين. امير خان مُرڪندي، جام ورتو. ترڪ ڦيروءَ وري سوڍل جو جام پنهنجن چپن تائين آندو پر هن جي سرڪ پرڻ کان اڳ، سوڍل ڇام سندس هٿن مان کسي ورتو. هن کي ان منظر کان ئي بچان اچي ويئي هئي. ترڪ ڦيرو ڪاوڙجڻ بدران دل تي هٿ رکي هڪ نئينءَ ادا سان ڪنڌ نمائي ويهي رهيو.

امير خان ٺهڪ ڏيئي چيو: ”اوهين سنڌي اڃا هن ايراني ميوي تي ڪونہ هِريا آهيو. پر هن ميوي ۾ جو مزو آهي سو اسان ڪان پڇ.“

”اهو ميوو اوهان کي نيبهہ هجي، اسان سنڌين کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏيو!“ سوڍل پنهنجي آواز ۾ ٺوڪ کي لڪائيندي چيو ۽ جام پنهنجن چپن سان لڳائي ڇڏيائين.

هو چپ چاپ پيئندا رهيا. سوڍل جي اندر جي آڳ انگوريءَ وڌيڪ ڀڙڪائي ڇڏي، اڄ انگوري هن جي اندر جي ڪوري تي ڇنڊو نہ وجهي سگهي. هو جيئن جيئن پيئندو ويو تيئن تيئن هو وڌيڪ سجاڳ ٿيندو ويو. هن کي رتن جو روح سڄي ديوانخاني ۾ ڀٽڪندو، هن جي ڪنن ۾ ڀُڻ ڀُڻ ڪندو محسوس ٿيو: ’سوڍل، تون تہ ياري نڀائڻ وارو آهين. منهنجي خون جو بدلو ڪڏهن وٺندين؟‘ اها ڀُڻ ڀُڻ هن جي لوڙن ۾ ٻرڻ لڳي ۽ ان سان گڏ هن کي سنڌ جا اهي سمورا ڪونڌر ياد اچي ويا، جيڪي ترخانن ۽ ٻين ڌارين سان وڙهندي ڪُسجي ويا هئا: ’سوڍل، اسان جي رت جو سڏ ڪڏهن ڏيندين؟‘ اهي سرگوشيون پڙاڏا بنجي هن جي ڪنن، هن جي دل ۽ پوءِ هن جي رت ۾ هُرڻ ڀُرڻ لڳيون. رت جي انهيءَ هواڪورا هن کي ويهڻ نہ ڏنو ۽ هو اٿي بيٺو. گهڙيءَ لاءِ امير خان کي گهوريندي، هن چيو: ”امير خان، تو مون کي ڇا لاءِ سڏايو آهي؟ ادي بابت ڇا چوڻو اٿئي؟“

امير خان بہ ڄڻ ننڊ مان جاڳي پيو. انگوري هن جي پاپڙين ۾ پوسرڻ لڳي هئي ۽ هن سرور مان چيو: ”سوڍل، ڇڏ انهن ڳالهين کي، تون تہ منهنجو يار آهين، ويهہ تہ اڄ توکي دنيا جي هڪ نرالي شيءِ ڏيکاريان....“ ۽ پوءِ ترڪ ڳيروءَ ڏانهن منهن ڪري چيائين: ”جان، اسين اڪيلا ٿيڻ چاهيون ٿا.“

ترڪ ڳيرو ڪورنش ڪري، پوئتي هٽندو ديوانخاني مان نڪري ويو. امير خان سوڍل کي ويهڻ جو اشارو ڪري، زور سان تاڙي وڄائي، خواجہ سرا بنا ڪنهن آهٽ جي اندر داخل ٿي، ڪنڌ نمائي بيهي رهيو.

”پنهنجي مالڪڻ کي چئو تہ اسين سندس منتظر آهيون.“

خواجہ سرا ڪان ڄڻ ڇرڪ نڪري ويو. هن کي ڄڻ اُن ڳالهہ تي اعتبار ئي نٿي آيو ۽ هو منجهي بيٺو رهيو.

”سليمان، اسين ڳالهہ ورجائڻ جا عادي نہ آهيون!“ امير خان کي اوچتو ڪاوڙ اچي ويئي.

”جي...... جي آقائي من!“ سليمان جو ڪنڌ اجا ئي وڌيڪ جُهڪي ويو ۽ هو تخت جي پٺيان واري دروازي کان زنانخاني ۾ هليو ويو. سوڍل کي بہ ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آيو تہ امير خان جو مقصد ڇا هو. ڇا هيءُ ڪو نئون داءُ هو سياست جو؟ هي ڪو نئون ڪوڙڪو هو هنکي ڦاسائڻ لاءِ۔ هو اجا انهن خيالن ۾ هو تہ پازيبن جي هلڪي ڇڻ ڇڻ هن جي ڪن تي پئي ۽ پوءِ هلڪي پيازي، شفاف ململ جي چولي ۾ ملبوس پرين جي هڪ شهزادي اندر داخل ٿي. سوڍل کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ مٽس ڪنوڻ ڪِنوي ويئي ۽ هن جون اکيون کيريون کيريون ٿي ويون. پيازي ململ مان جهلڪندڙ هن جا ڳُلها، هن جي ڇاتيءَ جي محراب جي ٻنهي پاسي ڄڻ تہ سجدو ڪرڻ جي دعوت ڏيئي رهيا هئا. سندس سنهڙا گلابي چپ بہ محرابي شڪل ۾، ڊگهي سنهي نڪ هيٺان ائين ٿي لڳا ڄڻ تہ ڪو گلابي ڪنول ڏانديءَ سوڌو ڪٽي پيو هو. سندس اکين جا پنبڻ هوش حواس ٻُهاري وجهڻ لاءِ آتا هئا، ۽ ريشم کان بہ نرم ڪليل وارن سندس سراپا کي عجيب پس منظر ڏيئي ڇڏيو هو. ۽ سڀ کان وڌيڪ هن جي اچڻ سان ڪمري ۾ هڪ عجيب هٻڪار پکڙجي ويئي ۽ فضا واسجي ويئي. سوڍل کي اها خوشبو ڪائڻ لڳي. هن جي جسم جي اها اُپ هن جي ناسن کان ٿيندي، هن جي هيٺئين ڌڙ ۾ پيڙون ڏيڻ لڳي ۽ سوڍل کي اهو احساس ٿيندي ئي پنهنجي پاڻ تي ڪاوڙ اچڻ لڳي.

”محبوبي، هي منهنجو پڳ مٽ يار سوڍل آهي، هن کان مون کي ڪو بہ پردو نہ آهي. اڄ، اڄ اسان جي ڦٽيل دلين تي پنهنجي مٺي آواز جي جادوءَ سان ڪو مرهم رک!“ امير خان تخت تي هن جي ويهڻ لاءِ طول سڌو رکندي چيو.

هن سوڍل تي هڪ سرسري نظر وڌي، پر ان جي سرسري نظر ئي هن جي سَنڌ سنڌ ۾ هڪ عجيب ڇڪ پيدا ڪري وڌي. نہ چاهيندي هن جي نگاهہ، سوڍل جي پورين نيرين اکين کان ٿيندي، سندس موڪري ويڪري ڇاتيءَ تي ڄمي وئي، ڄڻ هوءَ ان ڇاتيءَ ۾ پنهنجي لاءِ ڪا جڳهہ ڳولڻ

لڳي هئي. ان موڪري چاتيءَ کي ڏسي هن کي پنهنجي وطن ترڪستان جا وسيع ميدان ياد اچي ويا. هن کي انهن ميدانن کي ڪن ۾ طي ڪندڙ سرڪش گهوڙا ياد اچي ويا، جن جي انگ انگ ۾ اجاتي اُچل هئي، جن جون مشڪون انسان کي ڏسي سيٽجي وڏيڪ اُپري بيهنديون هيون. انهي ويڪري چاتيءَ کي ڏسندي ڏسندي هو رباب کڻڻ لاءِ هيٺ جهڪي تہ سوڍل کي پنهنجي ڪميت گهوڙي مومل ياد اچي ويئي. رباب کڻي موٽڻ وقت هن جو هٿ اڻ لکو هن جي ٻانهن کي ائين محسوس ٿيو جڻ ڪنهن باهہ جو اُلو سندس ٻانهن تي رکي ڇڏيو هو ۽ هو ٻئي هٿ سان انهيءَ هنڌ کي مهٽڻ ۽ آروس ڪرڻ لڳو.

هن رباب تي آڱريون ڦيرينديءَ هڪ ڪُهني ڏُن ڇيڙي ۽ ان ڪُهني ڏن جي لئي ۾ هن جو سريلو آواز انگوري شراب بنجي ويو. هوءَ ڳائڻ لڳي پنهنجي ئي وطن جو هڪ نغمو جنهن جا سمورا لفظ نہ سمجهندي بہ سوڍل جڻ ان جي پيغام کي پروڙي ويو.

”منهنجي وطن جا جوان، غلام وطن جي ڪنوارين کي وبجهو نتا وڃن: منهنجي وطن جون ڪنواريون هٿ کڻي هنن کي ڳراتي پائڻ لاءِ وڌن ٿيون، پر هو کين پاڪر ۾ نتا آٽين، ڇاڪاڻ تہ هنن جو وطن غلام آهي. منهنجي وطن جون ڪنواريون ڳاڙها پيازي گل پنهنجي سينڌ ۾ سجائي، هنن جي آجيان لاءِ پٻن تي بيهي انتظار پيون ڪن، پر هو اچڻ لاءِ آتا نہ آهن، ڇاڪاڻ تہ هنن جو وطن غلام آهي. منهنجي وطن جون ڪنواريون پنهنجن دروازن اڳيان پنبٽين جي سيج وڇائي، اوسيئڙي جا لڙڪ پيون ڳاڙين، پر هو اچڻ لاءِ آتا نہ آهن، ڇاڪاڻ تہ هنن جو وطن غلام آهي.... ڇاڪاڻ تہ هنن جو وطن غلام آهي.....!

گيت الائي ڪيڏي مهل پورو ٿيو پر جڏهن سوڍل هن ڏانهن نهاريو تڏهن هن سوڍل جي اکين ۾ هڪ انوکو مچ مچندو ڏٺو: اهو مچ، ان مچ کان مختلف هو جو هن جي اکين ۾ ڪيس ڏسڻ سان پيدا ٿيو هو. هوءَ بہ هڪ غم گاڏڙ خوشي محسوس ڪرڻ لڳي: ڪيترو نہ دکي هو هي غلام ديس جو شهزور انسان!

”اها اٿئي اسان جي ليلي، سوڍل! اسان جي دين ايمان جي مالڪ! ليلي، جان.... اڄ تو اسان کي اهو گيت ٻڌائي نئين حياتي بخشي ڇڏي

آهي. اسين تنهنجا احسان ڪيئن لاهي سگهنداسون....! امير خان جام ختم ڪندي چيو. هن جي اکين ۾ انگوريءَ بدران ليلي، جهلڪي رهي هئي، هن اکيون اڌ بند ڪندي چيو: ”ليلي، اسان جو جام خالي آهي!“

ليلي آئي، ميز تان هڪ وڏي صراحي کڻي هن ڏانهن موٽي آئي. جام امير خان جي هٿ مان وٺي، کڻي فرش تي اڇلايائين. بلوري جام اٽا اٽا ٿي ويو. امير خان حيرت مان ليليٰ جي منهن ۾ نهارڻ لڳو ليليٰ جي اکين ۾ شرارت هئي ۽ چپن تي هڪ دلنواز مرڪ. هن صراحي کڻي امير خان جي هٿ ۾ ڏني، ڪيس پي وڃڻ جو اشارو ڪيائين. امير خان جي چپن تي بہ مرڪ اچي ويئي. هن صراحي چپن سان لڳائي ڇڏي، پر اڌ صراحي پوري ٿي تہ انگوري هن جي واڇن کان وهڻ لڳي. هن کي هڏڪيءَ اچي ورتو. سندس منهن ڳاڙهو ٿي ويو ۽ اکيون ٻاهر نڪري آيس. هن کان وڌيڪ پيتو نہ ٿيو ۽ هن لڏندي، ٿاٻڙجندي صراحي تخت تي رکي، اکيون بند ڪري ڇڏيون.

ليلي وري اٿي، ميز تان اهڙي ساڳي صراحي کڻي، سوڍل اڳيان آئي، ۽ کيس اهڙين نظرن سان ڏٺو جن ۾ شوخي ۽ شرارت کان سواءِ هڪ التجا بہ هئي. هن صراحي سوڍل ڏانهن وڌائي. سوڍل صراحي هن جي هٿ مان وٺي، چپن سان لڳائي ڇڏي. هوءَ عجب ۽ ڊپ مان هن وحشي گهوڙي کي ڏسندي رهي. جڏهن صراحي خالي ٿي ويئي، تڏهن سوڍل صراحيءَ کي زور سان آتشدان ۾ اڇلائي ڇڏيو. بلوري صراحي بہ جام وانگر اٽا اٽا ٿي ويئي. امير خان ڪڏهن سوڍل کي، ڪڏهن ليليءَ کي عجب نظرن سان گهوريندو رهيو. سوڍل جي اکين جو مچ هيڪاري وڌيڪ مچڻ لڳو هو. ليليءَ هڪ هلڪو ٽهڪ ڏيئي، امير خان جي ڇاتيءَ تي پنهنجي آڱر رکندي چيو: ”ڪانئر......!“ ائين چئي، هڪ خاص ادا سان موڙو ڏيئي، رباب امير خان جي هنج ۾ اڇلائيندي، زنانخاني جي دروازي ڏانهن هلي ويئي. سوڍل هن طوفان کي ويندي ڏسي، ڪجھ وقت زنانخاني جي دروازي ڏانهن نهاريندو رهيو.

امير خان جي انا بہ صراحيءَ وانگر اٽا اٽا ٿي ويئي هئي. هن کي ليلي ۽ سوڍل سان گڏ پنهنجي پاڻ تي بہ ڪاوڙ اچي ويئي ۽ هو اٿي بيهي رهيو. ڪمري ۾ اچ وڃ ڪندي، هو پنهنجي ڪاوڙ کي ڍري

ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي چوڻ لڳو: سوڍا خان، پاڻهين ڪي سمجهائي چڏ. هن ٺٽي جي پريءَ بازار ۾ ترخانن ڪي گاريون ڏنيون آهن، ۽ امير ڪوڪلتاش ڪي سندس اوطاق تي وچي مارڪٽ ڪئي آهي. ترخانن ۾ ڏاڍو تاءُ آهي. امير ڪوڪلتاش مون کي چوائي موڪليو آهي تہ آءٌ اهو نياپو تو تائين پهچايان.... هاڻي تون وچي سگهين ٿو. مون کي تنهنجي ياريءَ جي ضرورت نہ آهي؛ سليمان.... سليمان!...... سوڍل هاڻ وڃڻ لاءِ تيار آهي........"

سليمان زنانخاني جو دروازو کولي اندر آيو ۽ امير خان جي اکين کي ڏسي، سوڍي جي اڳيان سڌو ٿي بيهي رهيو. سوڍو پنهنجي موڙي تي ويٺو رهيو ۽ چيائين: "آءٌ پنهنجي مرضيءَ سان آيو هوس، ۽ هاڻ ويندس بہ پنهنجي مرضيءَ سان......!"

"سوڍا، توکي پنهنجي هٿ سان نہ مارڻ جو قسم مون کنيو آهي، نہ سليمان.... ۽ سليمان جي خنجر جو وار ڪڏهن بہ خالي نہ ويو آهي....." امير خان تي هاڻ انگوري پنهنجو پورو اثر ڪندي ٿي ويئي. سوڍل چپ چاپ زنانخاني جي دروازي ڏانهن نهاريندو رهيو هو هن جي ڪنن ۾ اڃا تائين پازيبن جي ڇم ڇم جو آواز پري رهيو هو. امير خان هن کي اوڏانهن نهاريندو ڏسي ٻر ٿي ويو ۽ هن سليمان ڏانهن نهاريندي چيو: "سليمان، اسان کي ڳالهہ ورجائڻ جي عادت نہ آهي....!"

سليمان پربت جيڏو جناور هو سندس اکين ۾ رحم ۽ انسانيت جو نالو نشان بہ نہ هو. هو جهنگلي سانَ جيان نڪ مان ڦونگارا ڪيندو رهيو. اوچتو هن پنهنجي ڪمربند مان ڪاري ڳن سان هڪ ڊگهي ڌار وارو سنهو خنجر ڇڪي ڪڍيو ۽ سندس زبان مان لفظ ڇڻ چيرجي نڪتا: "سنڌي، تون حضور جا لفظ ٻڌي چڪو آهين!"

سوڍل ڇڻ تہ ڪجهہ ٻڌوئي ڪونہ. هن هڪ صراحيءَ مان جام ڀريو. اڃا جام چپن تائين آندائين تہ انگوريءَ جي تهہ تي هن سليمان جو ڪرسرو پاڇولو ڏٺو. هن ڪنڌ جي هلڪي جنبش سان مٿي نهاريو ۽ خنجر کي تيزيءَ سان پاڻ ڏانهن ايندو ڏٺائين. هٿ جي هلڪي اشاري سان هن جام ۾ پيل انگوري سليمان جي اکين ۾ اُڇلائي وڌي ۽ پاڻ موڙي تان هٽي ويو. سليمان جي اکين ۾ اوندهہ جا مرچ پئجي ويا ۽ هن جو وار

خالي موڙي تي اچي ڪِريو. خنجر موڙي جي ناسي چمڙي کي آرپار ڪپي ويو. وڏيڪ وار روڪڻ لاءِ، سوڍي جهٽ هٽي، سليمان جي خنجر واري هٿ کي ڳرائيءَ سان جهلي، پنهنجي هٿ کي هلڪو موڙي ڇڏيو. سليمان جي وات مان ڪِيڪ نڪري ويئي، ۽ هو پٺئين پاسي سجو پيٺو تي ويو. پر خنجر هٿ مان نہ ڇڏيائين. سوڍي پنهنجي گوڏي سان، سليمان جي گوڏي جي پٽ ۾ زور سان ٺوڪر هٽي، سندس ٻانهن ڇڏي ڏني. سليمان مروٽيل ٻانهن سان پٽ پر وجي ٿهڪو ڪيو ۽ سندس ئي آبنوسي ڳن جي خنجر جي ڇهنب، سندس چيلهہ وٽان گهڙي، ڌُنَ وٽان نڪري آئي. هن ڇپن ۾ ئي ڪنل ڊِگي جهڙي رنڀ ڪئي، ۽ سڌو ٿي ويو. سوڍل ڪيس پيير سان ٿڏو هٽي، اونڌو ڪري خنجر ڇڪي ڪڍي ورتو. خنجر هٿ ۾ جهلي، هو امير خان ڏانهن وڌي آيو. امير خان ڊپ کان ڇرڻ پنڊپهڻ ٿي ويو.ن سوڍل سندس پهراڻ سان خنجر تي لڳل رت صاف ڪندي چيو: "امير خان هي آبنوسي خنجر تنهنجي منهنجي ياريءَ جي نشانيءَ طور ڪنيو ٿو وڃان....."

سليمان جي رنڀ تي پهريدار پنهنجا نيزا سنڀالي اندر هليا آيا. سليمان کي پٽ تي پيل ۽ سندس پيٽ مان وهندڙ رت کي ڏسي، هو منجهي بيهي رهيا. امير خان سوڍل جي هٿ ۾ خنجر ڏسي، چيو: "اوهان کي ڪنهن سڏايو مردودوا وڃو.... هڪدم ٽرو منهنجي منهن تان!"

پهريدار منهن پيلو ڪري ٻاهر هليا ويا. سوڍل خنجر جي ڦار تي آڱر ڦيريندي، ڏار ڏسندي چيو: "امير خان، تنهنجو نياپو آءٌ ڀاڻهم تائين پهچائيندس، پر ڪنهن ترخان هن کي هٿ لاتو آهي تہ منهنجو نالو بہ سوڍو آهي....." امير خان تي هڪ نظر وجهي، هن وري زنانخاني جي بند دروازي ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ ديوانخاني مان نڪري، چمن مان ٽپندو پنهنجي گهوڙيءَ تائين وڌي آيو.

**

## [3]

سنڌ آزاد هئي تہ چانڊوڪيون راتيون بہ آزاد هيون. سُمهڻي نماز کان پوءِ ننڍا نينگرا وڃي ميدانن ۾ ونجھہ وٽيون ۽ ٻيلهاڙا کيڏندا هئا. پريا مڙس انهن بازين تي شرطون رکندا هئا، مڻايون ورهائيندا هئا. کٽندڙن توڙي هارائيندڙن جون مانيون جهلبيون هيون. لونگيون ٻڌبيون هيون، پتاشا ورهائبا هئا، ڏونڪا وڄندا هئا، ڇيرون ٻڌبيون هيون، سانگ وڄهبا هئا ۽ آزادي ماڻبي هئي. پر جڏهن کان قنڌاري ڪڙڪيا هئا، ۽ سنڌ غلام ٿي هئي، تڏهن کان چنڊ ڪٽي کهڙا بہ سورنهن سينگار ڪري، سُمهڻي نماز کان ئي اڳ سڀ تڙي پکڙي ويندا هئا. پيش امام ويچارا انهيءَ اوسيئڙي ۾ هوندا هئا تہ من ڪي مومن اچي نڪرن تہ ڪا جماعت پڙهجي. پر ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ نمازي مسجد ڏانهن رخ رکندو هو.

اڄ بہ چنڊ جي سون- ورني سورهين رات هئي. چوڌاري چٽن ئي ڏِسن تي چانڊوڪيءَ جون سون پڌاريل هو. سنگهار آخوند نور محمد جي حجري ۾ داخل ٿيو تہ اتي جانڻ ٻگهيو دلاور سمون، صاحب اُنڙ ۽ يارو سومرو اڳي ئي پلٿي ماريو ويٺا هئا. سنگهار کي ڪيڪاريندي آخوند چيو: ”ابا ڀلي ڪري آئين، جيءَ ڪري آئين. آ، هتان ٿي ويھہ....“

سنگهار آخوند جي پاسي ۾ ويهي رهيو. جانڻ جي پٽ کي ڪوڪلتاش ارغون انڌو ڪرائي کوهہ ۾ وجهائي ڇڏيو هو ۽ سنگهار وٽس عذر خواهي لاءِ وڃي نہ سگهيو هو سو ويهندي وقت سندس ڪلهن ۾ ٻانهن وجهي، همدردي ۽ سچٽيي جو ڀاڪر وجهندي چيائين: ”ادا جانڻ، ڏٽيءَ جي اها مرضي هئي، سندس شيءِ هئي، موٽائي ورتائين. پر سندس موت بہ موچارو ٿيو جو سنڌ مٿان سِر ڏنائين.... ڏٽي صبر ڏيندءِ!“

جاڻ جي عمر اڃي موت کاڏي هئي. هڪڙو ئي پٽ هوس دين دنيا ۾، پر، ديس تان قربان ٿيو هو. ڏک تہ گھڻو ئي هوس، پر سندس دل ۾ هاڻ فقط آرزو هئي ڪوڪلتاش کان بدلو وٺڻ جي- ان ڪري آخوند نور محمد جي سڏ تي ڀهرين ڀهرين جاڻ آيو هو. سندس ڏک سيني جو پنهنجو ڏک هو. جنهن بہ سرويچ اهو سڏ ٻڌو هو. سو هلي وٽس آيو هو. هينئر بہ آخوند سيني سان گڏجي فاتحہ پڙهي، وري جاڻ سان عذرخواهي ڪئي.

جڏهن جن ڪي اچڻو هو سي پهتا، تڏهن آخوند سيني کي چپ رهڻ جو اشارو ڪندي چيو: "ابا، باهہ وري ڏُکڻ لڳي آهي. اجا ٽي سال بہ ڪونہ ٿيا آهن، جو وري سنڌين کي سنڌ جي سور جاڳائي وڌو آهي. مون اوهان کي هت سڏ ان ڪري ڏنو آهي، جو منهنجن ڪنن ۾ ڪن ترخانن اها ڳالهہ وڌي آهي تہ مرزا جان بابا، مرزا باقيءَ خلاف شورش ڪرڻ وارو آهي. ڀهرين وچ ۾ سلطان محمود خان پيو هو. مرزا باقيءَ ان کي ترڪتال ٻڌائي، ڇهہ ڪنواريون ترڪ ڪنيزون ۽ ٻيا تحفا ڏيئي راضي ڪري موڪلي ڇڏيو. هاڻ مرزا جان بابا پنهنجي منهن نٽي تي چڙهڻ وارو آهي. منهنجو خيال آهي تہ اسين مرزا جان بابا جو ساٿ ڏيون!"

"نہ سائين نہ. مرزا جان بابا بہ تہ نيٺ ترخان آهي: مرزا باقيءَ جو ڀاءُ آهي، ڏاريون آهي. اسان جي لاءِ ڳالهہ ساڳي، مرزا باقي سنڌ جو حاڪم نہ ٿيندو تہ مرزا جان بابا ٿيندو يا شاهہ قاسم ارغون ٿيندو. سنڌ لاءِ ڪهڙو فرق پوندو؟ اهو ٿيو هٿ وٺي پاڻ کي ٻوهي ۾ ڏيڻو. جي مرزا باقي ڪٽي ويو تہ سنڌين جو جڻ- ٻچو رُلائي ڇڏيندو. جي مرزا جان بابا ڪٽيو تہ ان تي وري ڪهڙو اعتبار! هو ائين سمجهندو تہ سنڌي اڄ مرزا باقيءَ خلاف منهنجو ساٿ ڏيو بيٺا آهن، سڀاڻي منجهن ئي ڪو زور وارو ماڻهو پيدا ٿيو تہ ان جو ساٿ ڏيندا. ان ڪري، دشمن سو دشمن- هنن سمورن کي ختم ڪرڻ جي ڪا سوچيو." سنگهار پنهنجي راءِ ڏني.

"چئين تہ سچ ٿو پر مرزا جان جي وري بہ سنڌين سان سڱابندي آهي؛ سميجا سندس سيڻ آهن. اسان لاءِ وري بہ مرزا جان بابا چڱو." دلاور سمي چيو.

”سگهابنديءَ سان ڇا ٿو ٿئي؟ ترخان وري بہ ترخان. هينئر بہ موچڙا پيا اٿس تڏهن وچي سميجن وٽ لڪو آهي، نہ تہ اهي ساڳيا سميجا پٽس جي وقت ۾ وٽس دانهين ٿي ويا تہ انهن کي رُکو جواب ڏنو هئائين.“ سنگهار کي ڳالهہ پسند نہ هوندي هئي تہ سڌو چئي ڏيندو هو.

آخوند نور محمد، ناس جي چپٽي ڏيندي چيو: ”منهنجو مقصد اهو کونهي تہ مرزا جان کي سنڌ جي حاڪم ٿيڻ ۾ مدد ڪريون. سندس لشڪر ۾ اڌ کان مٿي سميجا ۽ اتڙ آهن. اهي تہ آخر پنهنجا آهن. انهن سان ڳالهيون ٻولهيون ڪجن: جيڪڏهن مرزا جان بابا ڪٿي وچي تہ سندن مدد سان ڪيس ٿيڙڻ ڏکيو ڪونہ ٿيندو“ آخوند نور محمد تصور ئي تصور ۾ سنڌين جي پنهنجي راڄ کي ڏسڻ لڳو هو.

”سنڌين ۾ ڪير آهي، جو مرزا جان کي ٽُڏي، ڪيس گادي وٺي ڏجي،“ جانڻ ٻهريون پيرو ڳالهايو هو.

”ادل، ڳالهہ لڪ جي ڪئي اٿئي. اسان جي فيروز سمي تہ ڪو ٻوٽو ڪونہ ٻاريو. پاڻ ٻيڙو ٻوڙي راهي ٿيو. اهڙو ڪو سردار ڪونهي، جنهن کي سمورن راڄن جي حمايت هجي ۽ ان کي ڪٽي واڳون ڏجن،“ دلاور سمي چيو. فيروز سمي جو نالو ڪٽنديءَ، هن جا ڏند ڪرٽجڻ لڳا هئا. فيروز جي بدبختيءَ ۽ ڪمزوريءَ جي ڪري ڇهہ سؤ سالن جي ماٽيل آزادي سنڌ وڃائي ويٺي هئي.

”اڙي ابا، ڪو سردار نہ ملندو تہ سنڌ کي آزادي ڪانہ ملندي ڇا؟

ڏارين کي ڪيو، پوءِ پاٽيهي ڪو ٻلو ٿي پوندو. پنجن ڇهن ڇٽن کي سڀ سنڌي چونڊي ملڪ هلائڻ لاءِ مقرر ڪندا تہ ملڪ ڇو ڪونہ هلندو. اهي سرداريون ۽ بادشاهيون ئي تہ سنڌ جو سر وڃائين ٿيون. پنهنجي سرداري ۽ بادشاهي قائم رکڻ ڪاڻ تہ سمن ۾ ڦيٽاڙو پيو ۽ وچي شاهہ بيگ جي سنگهر پنهنجي ڳچيءَ ۾ وڌائون،“ آخوند نور محمد جون ڳالهيون ئي اهڙيون هونديون هيون، جو ماٺهو پاڻ ۽ تہ وينو ٻڌي، ان ڪري ڪيس عزت بہ سڀ ڏيندا هئا. وڏيءَ نظر جو ماٺهو هو. نلهو نڙڪو مُلو ڪونہ هو جن مان خلق سڄي ڪڏهوڪو پروسو وڃائي چڪي هئي.

آخوند نور محمد سمورين بغاوتن جو منڍ مهاڙ هو. هن جي ذريعي

مڪتبن، مدرسن ۽ دارالعلومن ۾ اندر پيئي شاگردن کي تربيت ملندي هئي: ۽ باهه جڏهن به ٻرندي هئي ته انهن شاگردن جو ان ۾ وڏو هٿ هوندو هو. ڪمال ته اهو هو جو خود ترخان به هن کي ڏاڍي عزت ڏيندا هئا. مرزا باقي جهڙي ڪنجوس ۽ بي مروت به ڪيس سروپاءِ ڏياري موڪلي، ۽ پائنده بيگ جي اتاليق ٿيڻ لاءِ درخواست موڪلي هئائينس. سندس علم ۽ فقيريءَ جو ايڏو ته نالو هو جو ڪنهن ترخان کي به اهو شڪ نه هوندو هو ته آخوند نور محمد کي پنهنجي درس و تدريس ۽ مسيت کان سواءِ ٻيو به ڪو مقصد هوندو. سنڌ جي سورهين جا ميڙ وٽس ڪنا ٿيندا هئا. سي به اهڙيءَ طرح جو ڪنهن کي پتو ڪونه پوندو هو ته ڪير آيو ڪير ويو. سندس علم ۽ درويشيءَ جي هاڪ همايون ۽ پوءِ اڪبر جي دربار تائين پهتل هئي. ان ڪري ڪنهن سرڪش ترخان کي به همت نه ٿيندي هئي، جو آخوند جو چوڻ موٽائي. بکر کان ٺٽي تائين سندس هزارين فدائي ۽ شاگرد ڦهليل هئا، جيڪي هن جي حڪم تي سِر ڏيڻ لاءِ تيار هوندا هئا.

جڏهن سڀ ڳالهيون بحث مباحثي کان پوءِ صاف ٿيون، تڏهن آخوند چيو: ”ڦهريون ڪم ته هي آهي ته ارغون ۽ ترخان سردارن کي اهڙو هيسائجي، جو جيڪڏهن ڪا شورش ٿئي ته، هو ڪنهن به ڊر جو ساٿ نه ڏين. ٻي ڳالهه اها ته سنڌ جي سرحدن تي اهڙا ماڻهو موڪلجن، جو ڪنهن به ترخان سردار جو ماڻهو قنڌار کان ڪُمڪ آڻي نه سگهي. ٻڌو اٿم ته ڪو ترخان سردار قنڌار وڃڻ لاءِ سنٻريو آهي. ان کي ڪنهن طرح روڪڻو آهي.“ آخوند نور محمد هاڻي فيصلي جي انداز ۾ ڳالهائي رهيو هو. سندس اکين ۾ هڪ نئين جوت جلي رهي هئي، ڄڻ سنڌ جو روح سندس اکين ۾ بکڻ لڳو هو.

”اها خبر ڪنهن وڏي ترخان کي هيسائڻ سان پوندي ته قنڌار کان ڪمڪ وٺڻ ڪير ويو آهي. اهو خط به هٿ ڪجي. جڏهن اهو خط هٿ اچي وڃي ته.....“

”آءُ حاضر آهيان......“ سنگهار هڪدم حامي ڀري.

”ته پوءِ آءُ سنگهار سان گڏيو ويندس.“ جانڻ پنهنجي پراڻي يار کي اڪيلو ڇڏڻ نٿي گهريو.

"ابا سنگھار، تون نہ وڃين ها تہ چڱو. توکان ترخان هونئن ئي گھڻو چڙڪيل آهن. جڏهن کان ڪوڪلتاش کي ڇيڇيپو اٿئي، مون کي ڪيترين دانهون مليون آهن. پر خير، هاڻ هيئن ڪج، جو ڪنهن طرح اها خبر هٿ ڪر تہ قنڌار ڪير تو وڃي ۽ خط ڪنهن ڏي لکيل آهي. جي خط ٿي ملي وڃي تہ واہ واہ. پوءِ اهو خط کڻي آخوند صالح کي پهچائجو. تنهان پوءِ جيئن آخوند صالح چوي، تيئن ڪجو. آءٌ پاڻيهي آخوند صالح سان صلاح ڪندس ۽ پوءِ جيئن ڏٺيءَ کي منظور هوندو، تيئن ڪنداسون."

"اسين صبح جو ساجهر نڪي وڃي ڪو جتن ڪنداسون.... چڱو هاڻ موڪلائي ڪانهي." سنگھار اٿي بيهي رهيو. آخوند نور محمد بہ اٿي بيهي رهيو ۽ سنگھار جي اکين ۾ نهاريندي چيائين: ڏٺي ساٿي تيندءِ ابا!" الائي ڇو آخوند نور محمد کي ائين لڳو ڄڻ هو سنگھار کي آخري ڀيرو ڏسي رهيو هو. هن بي اختيار ٿي کڻي سنگھار کي ڀاڪر پاتو. جذبات کان هن جو آواز ڳرو ٿي پيو هو ۽ سنگھار فقط ايترا لفظ ٻڌا: "جيئي سنڌ!"

هنن جا گھوڙا مسجد جي پٺئين پاسي ڦتل مندر ۾ ٻڌل هئا. سنگھار پنهنجي گھوڙي جو توبرو لاهي، هني هيٺان هٽي، گھوڙي کي لغام چاڙهي سواريءَ لاءِ لانگ ورائي. جاڻڻ بہ سوار ٿي گھوڙي کي اڙي هنئي. ٻنهي جي دلين تي گذريل وارداتن، هلندڙ حالتن ۽ ايندڙ وقت جو غبار هو ۽ گھوڙن جي رفتار تي هنن جا خيال هنن کان بہ اڳ ۾ ڊوڙڻ لڳا. هنن اڳيان جيڪو آدرش هو، تنهن هنن جي خيال ۾ هڪجهڙي ڳوڙاڻ پيدا ڪري وڌي هئي، ۽ هو ٻيئي پنهنجي پنهنجي زندگيءَ تي سوچڻ لڳا.

سنگھار سوڍل کان چار سال ننڍو هو پر سندس طبيعت بلڪل جدا ۽ نرالي هئي. اجا ننڍو ئي هو تہ ڪنهن ڳالھ تي پيءُ سان ڪاوڙجي جبل هليو ويو. اتي هن جي سنگت اهڙن ماڻهن سان ٿي، جن جو ڏنڌو ئي هو ڌاڙا هڻڻ ۽ ڦرون ڪرڻ. هن جي زنده رهڻ لاءِ بہ ضروري هو تہ هو بہ هنن سان هنن جهڙو ٿي هلي. ان ساٿ، ان سنگت هن کي سيکجھ گھڙي ونڻ بدران ڇني ڦري حاصل ڪرڻ جي عادت

ڏيئي ڇڏي هئي. جنهن بہ شيءِ کي هن پنهنجي لاءِ ضروري تي سمجهيو يا جنهن تي سندس دل ٺپي، اها هو زوريءَ حاصل ڪندو هو. هن پنهنجن سنگتين کان هڪ ٻيو بہ سبق پرايو هو: هيٺي کي ڪڏهن بہ نہ ستائيندو هو. پورا آٺ سال جبل تي گذاري، جڏهن هو ڳوٺ موٽي آيو تڏهن ڳوٺ جي نئين حياتي هن کي بلڪل ڏانءِ نہ آئي. پٽس کي پنهنجي زمين جو ٽڪر هو ۽ مالوند ماڻهو هو. ڇٽن پٽن هوندي بہ سمورو ڪم اڪيلي سر هن کي پاڻ ڪرڻو پوندو هو. سوڊل لهرڪي ڪم کي وچي چنبڙيو هو. سنگهار جبل هليو ويو. تنهن کان ننڍي دادن جي ٻانهن آخوند نور محمد وٽي ويو هو ۽ وچي ڪيس ملتان جي ڪنهن مڪتب پيڙو ڪيو هئائين. سيني کان ننڍو ڏنو البت ساڻس ٻانهن ٻيلي هو پر تن ڏينهن اڃا ننڍو هو. هن جي طبيعت بہ نرالي هئي، سڄو ڏينهن چنگ ۽ نڙ وڄائيندو وتندو هو. سنگهار کي کهڙي خبر تہ مال ڪيئن ڀهرائبو ڍڳيون مينهون ڪيئن ڏينديون. پر لاچار کي آچار ڪونهي. ٿورن ڏينهن ۾ هن سڄو ڪم سنڀالي ورتو. پوءِ جيڪو وقت بچندو هوس، سو پنهنجي سرخي تي چڙهي بي مقصد پيو سواريون ڪندو هو.

هڪڙي ڏينهن وچي سمن جي هُڙين کان نڪتو ۽ رستو پلجي ويو. جيئن تيئن ڪري هڙين کان ٻاهر آيو. سامهون انهن ئي سمن جون ٻاجهريون هيون. هو پنهنجي سرخي تي سوار ٻاجهرين مان پئي لنگهيو تہ ڪانياٽيءَ جو ڳوڙهو اچي ڪياڙيءَ ۾ ڪُتس. مڙس ڏڪ تہ پچائي ويو. پر ڪانياٽيءَ واري جي ڳولا ۾ نڪري پيو. ٿوروئي پوئتي موٽيو تہ پيهي تي بينل پاڳل کي ڏٺائين. ڪانياٽي هٿ ۾ هيس، نئڙي ٻيو ڳوڙهو ٿي ڪنيائين تہ هن بہ گهوڙو آٽي پيهي جي پر ۾ جهليو ۽ هڪ ٽِڪ سندس منهن ۾ نهارڻ لڳو. پاڳل حيا کان ڳاڙهي ٿي وئي، پر هن مڙس جي هيبت کان هوءَ هن مان اک ڪيڏي نہ سگهي.

"نالو ڇا اٿئي؟" هن اهڙيءَ طرح پڇيو ڄڻ ڪنهن ٻار کان ٿي پڇيائين.

"پاڳل!" پاڳل ائين ٿي پانيو تہ جيڪڏهن جواب نہ ڏنائين تہ هينئر ئي هو ڪيس ڪٽي ويندو.

”ڏيءَ ڪنهن جي؟“

”پونگر سمي جي!“

بس سوال بہ اهي، جواب بہ اهي. هن اڪين ۾ فقط هيترو نياپو پاڳل کي ڏنو تہ آءُ وري ايندس. پاڳل ان نياپي کان ڊڄي ويئي، پر ساڳئي وقت سندس دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ اهاآس جاڳي اُٿي تہ شل ائين ٿئي. هو گهوڙو موٽائي، ڳوٺ واپس آيو ۽ اچڻ شرط ماءُ جون منتيون منجهائي ڇڏيائين: ”مون کي پاڳل گهرجي- پونگر سمي جي ڏيءُ!“ هن ماءُ کي چيو هو.

”ابا، پنهنجو راڄ ڀيو هنن جو ڀيو. سما ڏارين ۾ نياڻيون ڪونہ ڏيندا!“ ماڻس هن کي سمجهائيندي چيو هو.

”مون کي پاڳل گهرجي، سمجهيئي. آءُ راڄ ڀاڄ مان نہ ڄاڻان!“ هن ضد ڪندي چيو.

ماڻس پڻس سان ڳالهہ ڪئي. پرئي مڙس مرڳو ڇڙٻ ڏيئي ڪڍيس، ”پراين نياڻين جو نالو کڻندي توکي شرم نٿو اچي؟

هن کي شرم تہ ڇا، ڳالهہ ئي سمجهہ ۾ نہ آئي. سرخي تي چڙهي وري سمن جي ڳوٺ هليو ويو. پڇا ڪري وڃي پونگر سمي جي لوڙهي تي بيٺو ۽ سڏ ڪيائين. پاڳل ان مهل جنڊ پئي پيٺو. سڏ ٻڌي، هن جو هٿ جنڊ جي هٿئي تي ايترو زور سان ڦهي ويو جڻ تہ هٿئي هن جي مُٺ کي جهلي ورتو هو. پونگر سڏ تي ٻاهر نڪتو. نہ سلام نہ دعا، هن لهنديءَ ئي چيو:

”چاچا پونگر، آءُ پاڳل جو سڱ گهرڻ آيو آهيان!“

پونگر کي ڄڻ چيلاٽا چنبڙي ويا. ههڙي ڳالهہ نہ ٿي، نہ ٿيندي. نہ ڄاڻ، نہ سڃاڻ، نہ ڪا دعا، نہ سلام، چي: آءُ سڱ گهرڻ آيو آهيان!“ پونگر الائي پاڻ تي ڪيئن ضبط ڪيو ۽ هن کي گهوريندي چيائين:

”ابا، ڪير مڙس آهين؟“

”آءُ پاڻ سوڍو آهيان. سنگهار نالو اٿم، عبدالله سوڍي جو پٽ آهيان،“ سنگهار هن جي گهور کان لهرائيندي چيو.

”ابا، واہ جو پٺهين جو نالو ڪڍيو اٿئي. چڱو مڙس ٿي ٽري وڃ نہ تہ.....“ پونگر کان هاڻ پاڻ جهليو نہ ٿيو. ڪاوڙ کان هن جو آواز گهگهو ٿي ويو. هن جون اکيون جنسي رت ڇڏڻ لڳيون.

”تڪڙ ڪانهي، سيان سانجهيءَ تائين جي مون کي سڻئون سبتو جواب نہ مليو تہ آءٌ پاڳل کي ڪٽي ويندس!“ ائين چئي، هوءَ گهوڙي تي چڙهي وري ٻاجهرين ۾ لهي پيئي. پونگر حيرت مان ڏسندو ئي رهجي ويو.

ٻئي ڏينهن سانجهيءَ تائين هو انتظار ڪندو رهيو. اڱڻ ۾ سندس اڄ وڄ لڳي پيئي هئي. ڪيڏي مهل ڪهاڙيءَ ۾ تي هٿ وڌائين تہ ڪيڏي مهل اندران ترار ڪڍي ٿي آيو. ماڻس کي من ۾ چير پوڻ لڳا تہ ڇورو الائي ڇا ڪندو. ڪيس سنگهار جي طبيعت جي خبر هئي، سندس هوڏ جي خبر هئي. پر جيئن جيئن سانجهي ٽرندي ويئي، تيئن تيئن هن جي طبيعت بہ سانتيڪي ٿيندي ويئي. ٽپهريءَ کان پوءِ هن تڙ ڪري وڃي گهوڙو سنيرايو هو. سانجهيءَ ٻانگ آئي، تہ ڪهاڙي هني ۾ هٽي ڇڏيائين. پالي جي منهن تي ڦاٿل رليءَ مان موئرو ٺاهي ويڙهي ڇڏيائين. توبري ۾ باهہ ٻارڻ جو سامان رکي، گهوڙي تي چڙهي، وري سمن جي ٻاجهرين ڏانهن رخ ڪيائين.

جڏهن ڪجهہ اونداهڙو ٿيو تہ اچي ان هنڌ بيٺو جتي پاڳل کي ڏٺو هئائين. پيهي جي پنيان ٻُهہ جون بہ ڏنون لنبيل هيون. هن گهوڙي تان لهي، ٻُهہ تان مٽيءَ جو ليپو ڪُرڙي ڪوتي لاهي ڇڏيو ۽ اِتي ئي باهہ ٻارڻ ويهي رهيو. باهہ ڏُکائي، پالي ۾ ٻڌل موئري کي ساڙڻ لڳو. جڏهن موئرو مچڻ لڳو تڏهن وٺي ٻُهہ کي باهہ ڏنائين. ڌُڪڻ پٽي لڳو. ٿوريءَ دير ۾ باهہ آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳي. پاڻ ٻاجهرين ۾ لڪي ويهي رهيو. گهڙيءَ کان پوءِ باهہ جي شعاع ۾ هن ويهارو مڙسن کي ڪهاڙين ۽ ترارين سان باهہ ڏانهن ڊوڙندو ڏٺو. همراهہ ٻرندڙ باهہ تائين پهتا تہ هو گهوڙي کي آهستي آهستي ٻاجهرين مان ڪڍي آيو. باهہ جي آواز ۽ سمن جي رڙين ۾ هن جي گهوڙي جي سنبن جو آواز دٻجي ويو ۽ جڏهن پونگر جي لوڙهي وٽ پهتو، تڏهن ميدان خالي ڏٺائين. گهوڙي جي رفتار ڍري ڪري هو لوڙهي اندر هليو آيو. گهر جون زالون بہ باهہ ڏسي پڌر ۾ نڪري آيون هيون. جيسين زالون پاڻ سنڀالين، تيسين هن پاڳل کي ڪٽي اڳيان ويهاريو. گهوڙو موٽائي ٻاهر نڪري ويو.

ڳوٺ وڃڻ بدران، هن شهر ڏانهن واڳ ورائي. ڇهہ مهينا گم هو. انهن ڇهن مهينن ۾ سما بہ روز هن جي راهہ ڏسندا رهيا. جي هو ڪين

اڳيان بيٺا. دروازي تي ڪڙو لڳو تہ روپي جي پيءُ پاڻ اٿي وڃي در کوليو. ڳوٺ جي عامل سان گڏ ٽي سپاهي، ٽي وڏا ڏاڪون کنيو بيٺا هئا. عامل ڪِلي چيو: ”ٽتي جي عامل مٺائي گهرائي هئي، سي ڏاڪون واپس ڪيا اٿس. خالي ڏاڪون موڪلڻ کي بد سوڻ سمجهي، اوهان لاءِ سوڪڙيون پاڪڙيون موڪليون اٿس!“

ائين چئي هن سپاهين کي اشارو ڏنو. سپاهين ٽيئي ڏاڪون دالان ۾ پيل صندل تي آڻي رکيا. عامل ۽ سپاهي کلندا هليا ويا. روپي جي پيءُ جي منهن تي مرڪ موٽي آئي ۽ کلندي چيائين: ”مون چيو ڪونہ ٿي تہ منهنجي مٺائي ڪائيندڙ ڪٽي ارغون هجي يا ترخان، تڏهن بہ منجهس ماڻهپو موٽي ايندو! روپي ماءُ، ڏس تہ سهي تہ ڪهڙيون سوڪڙيون مليون آهن!“

روپي ماءُ صندل وٽ اچي، وڏي ڏاڪونءَ جو پُڙ مٿي کنيو ۽ پوءِ هڪ دل ڏاريندڙ ڪيڪ ڪري اتي ئي ڏندڻجي ڪِري پيئي. روپي جي پيءُ ۽ سنگهار بہ ڏٺو: روپي جي وڍيل سِسي سڌي سنئين ڏاڪونءَ جي پڙ تان هنن ڏانهن نهاري رهي هئي. روپي جي پيءُ ڪان بہ دانهن نڪري ويئي، ۽ ويچارو پنهنجي اڪيلي پٽ جو اهو حال ڏسي ڪپڙا ڦاڙڻ ۽ وار پٽڻ لڳو. سنگهار کي سمجهہ ۾ نہ آيو تہ ڇا ڪري. نيٺ ٻاهر نڪري ڏيبي سوناري جي گهر وارن کي سڏي ورتائين، جن اچي روپي جي ماءُ پيءُ کي سنڀاليو. ڳوٺ ۾ ڄڻ راڪاس گهمي ويو. هر ڪنهن جو ڪنڌ هيٺ ٿي ويو. پوڙهن کي پنهنجا ٻچا ياد آيا ۽ جوانن کي پنهنجو هميشہ کلندو ٽهڪندو يار روپو ياد اچڻ لڳو. روپي جي ارٿيءَ ۾ ڳوٺ جو هر ماڻهو مسلمان هندو ۽ ٻوڏي ائين شامل ٿيو ڄڻ روپو هر ڪنهن جو پٽ، پنهنجو سڳو ڀاءُ هو. مساڻن کان موٽندي، سنگهار پنهنجي سموري سنگت کي اشارو ڪري، ڦتل ٻوري ۾ لهي پيو. ويهارو مڙسن جو هو. سنگهار کي لفظ ڏانءِ نہ پيا اچن. جن سان هو همراهن کي پنهنجي ڳالهہ سمجهائي، رڳو ايترو چئي سگهيو تہ ”اسين سنڌي آخر هي ڳالهيون گهڻو وقت سهنداسون. اڄ تہ هميشہ هميشہ لاءِ انهن ڏونئي ڪائيندڙن ترخانن جو خاتمو ڪريون!“

سنڌ ۾ جتي ڪٿي جوانن ۾ اڳيئي غلاميءَ خلاف مچ پئي ٻريا.

صلاح اها بيٺي تہ هڪڙو هڪڙو همراهہ سنڌ جي ڳوٺن ۾ وڃي، سيني سرويچن کي سڏ ڏئي تہ ان ڏينهن کان پورا ڏهہ ڏينهن پوءِ، سانجهيءَ پهر هر ڳوٺ، هر شهر ۾ سنڌي ترخانن جي چونڪين تي راتاهو ڏين ۽ سنڌ مان سندن نالو نشان ميساري ڇڏين. جتي جتي اهو نياپو پهچي، اتان جو ڪو ماڻهو وري پنهنجي پير واري ڳوٺ، واهڻ وستيءَ ۾ اهو سنيهو پهچائي. ڪن جو خيال هو تہ ڏهہ ڏينهن بہ صبر نہ ڪجي. پر سيني جي آخري صلاح اها بيٺي تہ جيڪڏهن هڪڙي يا ٻن هنڌن تي اڳواٽ ڪو قدم کڻبو، تہ شهرن ۾ ڇانوڻين مان ترخانن جا لشڪر ڳوٺن ۾ ٻاهيون ٻاري ڇڏيندا.

سنگهار جا ساٿي سنگتي سنڌ ۾ تڙي پکڙي ويا. ٺٽي، سيوهڻ، ٻکر، بدين ۽ امر ڪوٽ تائين بغاوت جي اها چڻنگ ماڻهن جي دلين ۾ مچ ٻاريندي ويئي. جتي ڪٿي ماڻهن لاءِ ان ڏينهن جو اوسيئڙو ڏکيو ٿي پيو. هاري ناري، ڪمي ڪاسبي ۽ پورهيت پنهنجو ڪم هاج وساري ويٺا. ماڻهن جي منهن ۾ سرهائي اچي ويئي. وسين واهڻن ۾ ٻار بہ ٽوليون ٺاهي بيت ڏيندا لنگهندا هئا.

"بديسي بيڙا، ماري ڪنداسين مُڇَ،
ڏونگر ڏرندا ڏيهہ ۾، لهندي سنڌوءَ اُڇ،
نہ ڪي پاپ نہ پُڇَ، ڏسندا ڏيهہ ڏٽي!"

ان ڏينهن جي اوسيئڙي ۾ اُپ بہ آگمجي آيو. صبح کان ئي سنهي سنهي بوند پوڻ لڳي. ماڻهن ٽپهريءَ کان اڳي ئي مال ڀهرائي ڇڏيو. ڳوٺن ۽ شهرن ۾ جڻ ڪا ڌرتي ڌٻڻ واري هئي: ٻپهرن کان پوءِ هر هنڌ هٽ تاڙتي ويئي. زالن زائفائن سويري ئي درن کي ڪڙا ڏيئي، ٻارن کي جڻ ٻوٽاڙا چاڙهي اندر ويهاري ڇڏيو. سندن دلين ۾ اَچاتو ڌپ هو پڙ هو ۽ ان سان گڏ ڪي آسون اميدون ۽ ڪي آسرا هئا. هو ڌٽيءَ در دعائون گهرنديون رهيون تہ ڏيهہ تان هي ڏاريون ڳٽ لهي پوي، تہ وري ڪي ساوڪون سڪار ٿين، تہ جيئن وري ونيون پنهنجن ورن سان مٺي مرڪ سان ڪا رهاڻ ڪن.

سنگهار ۽ سندس ساٿي سانجهيءَ کان اڳي وري ڍوري ۾ لهي پيا. ڪنهن ڪجهہ نٿي چيو. جڻ هنن کي ڪا خبر نہ هئي تہ ڪين ڇا

ڪرٽو هو ڪين ڇا ٽيٽو هو. اوچتو سموري آسمان ۾ ٻاڙهو ٻاڙهو سوجهرو ڦهلجي ويو جڻ تہ اُپ بہ رت سان رڱجي ويو هو. ماڻهو سنڌ جي هن رت سان ٻاڙهي اُپ ڏانهن ڏسي، دل ئي دل ۾ ڪي باسون باسڻ لڳا. تڪاٽن ۾ ٻاوا پرارٿنائون ڪرڻ لڳا، اوچتو ترخانن جون رڙيون ۽ ڪيڪون آسمان ڏارڻ لڳيون. سنگهار ۽ سندس ساٿي ڊورو ٽپي، ترخانن جي چونڪيءَ تي چڙهي آيا. ڪن وٽ ڀالا هئا، تہ ڪن وٽ ڪهاڙيون. هڪ ٻن وٽ تہ رڳو ڏڱهيون ڳريون لوڙهيون هيون. پر سيني جي ڪمربندن ۾ ڪٽارن جا ڦڻ صاف چمڪي رهيا هئا. جڏهن هنن چونڪيءَ تي حملو ڪيو تڏهن ترخانن ڪي سمجهہ ۾ نہ آيو تہ هي آسماني آفت ڪٿان ڪڙڪي هئي. ترخانن وٽ بہ سؤ ڪن سپاهي هئا. ٻئي طرف سنڌي، سانيڪي ڪان ستر مڙسن جي هئي. ٽُرا ۽ ڪلاهہ پٽ تي ليٽڙڻ لڳا. ڪنڌ ڪپجي، ڪورجي دروازن جي چانئٺن اڳيان ڍير ٿيڻ لڳا. سنگهار ڀالي سان ترخانن جا سينا ڏاريندو عامل جي دروازي تائين پهتو. دروازي تي بيٺل ٽي سپاهي تراريون اُڀيون ڪري هن تي چڙهي آيا. سنگهار کي ان وقت جڻ سڳ چمي پيا هئا ۽ هو مست سانَ وانگر جڻ ٿونا هڻندو اڳتي وڌندو ويو. ٻن سپاهين کي پنهنجي ڀالي جو ڪاج بڻائي، ٽئين کي ڳچيءَ کان جهلي ڪٽي مٿي کنيائين. ترخان سندس هٿن ۾ ڪرڙيءَ وانگر ڦٿڪڻ لڳو ۽ پوءِ ڪيس ٻنهي هٿن سان ڪٽندي، پنهنجي مٿان ورائي ڪٽي دروازي ڏانهن اُڇل ڏنائين. دروازو زور سان ڏڪ لڳڻ سان کُلي پيو ۽ سپاهي عامل جي قدمن ۾ ليٽڙڻ لڳو. عامل پنهنجي ترار سنڀالي، ان کان اڳ سنگهار وٽس پهچي ويو. عامل هن ديوَ جهڙي مڙس کي پنهنجي سامهون ڏٺو تہ سجو ٿڙڪڻ لڳو ۽ بجاءِ وڙهڻ جي سنگهار اڳيان هٿ ٻڌي، پنهنجي جان بخشيءَ لاءِ آزيون نيزاريون ڪرڻ لڳو. سنگهار کي الائي ڪهڙو خيال آيو ۽ هن ڀالو هڪ ڪنڊ ۾ اُڇلائي ڇڏيو ۽ خالي هٿين عامل ڏانهن وڌيو. عامل کي جڻ پنهنجي جيئدان جي اميد نظر اچڻ لڳي ۽ هن هٻڪندي چيو: "هيءَ پيٽي هيرن جواهرن سان ڀري پيئي آهي، جي منهنجي جان بخشين تہ اها تنهنجي مِلڪ آهي!"

سنگهار کان کِل نڪري ويئي ۽ هن وبجهو پهچي پيٽيءَ جو تاڪ

مٿي ڪنيو. ان ۾ پيل سون چانديءَ جي زيورن ۾ هيرن موتين کي ڏسي هن جون اکيون ڪيريون ٿي ويون. هن عامل الائي ڪيترن سنڌين کي ڦريو لٽيو هو جو پيٽي منهان منهن ڏٽي پيئي هئي. سنگهار جو ڌيان پيٽيءَ ۾ هو. تڏهن عامل موقعو ڏسي ترار ڪڍي سنگهار تي وار ڪيو. سنگهار چيتي وانگر ٽپو ڏيئي هٽي ويو ۽ ترخان وار خالي وڃڻ ڪري اونڌي منهن وڃي زيورن مٿان ڪريو. سنگهار ٽپ ڏيئي ڪٽي ڳچيءَ کان جهليس. "ڪميٽا ڪنهن جاءِ جا!"

اڻين هن کي ڪنڌ کان جهلي، ڪيس ٻاهر وٺي آيو. ڌپ کان عامل جي منهن تي جڻ هيڊ هارجي ويئي هئي. هن کي پنهنجي موت جي ايتري پڪ ٿي ويئي، جو هاڻ پاڻ بچائڻ لاءِ ڪوشش بہ ڇڏي ڏنائين. ترخانن جو پنهنجي عملدار جو اهو حال ڏٺو تن وڙهڻ ڇڏي ڪٽي ڪڙين تي زور رکيو. ترخان پڇندا ٿي ويا. پر سنگهار جي ساٿين سنڌن پٺ نہ ڇڏي. جڏهن ڳوٺ کان گهٽو پري نڪري ويا، تڏهن همراهہ موٽي آيا.

سنگهار جي چوڻ تي سندس ساٿي، ڳوٺ جي سمورن ماڻهن کي مسيت واري چونڪ ۾ گڏ ٿيڻ جو چئي آيا. مشعلون ٻاريءَ عامل کي چوڪنيو ٻڌي، هڪ گهيرو ڻاهي بيهي رهيا. فيصلو ڳوٺ جي ماڻهن تي ڇڏيائون تہ عامل کي ڪهڙي سزا ڏني وڃي، جو هن جي چرچ تي روپي کي ترخانن قتل ڪيو هو. ڪن اهو چيو تہ عامل جو پٽ امير خان جهلي آڻجي، ۽ عامل جي سامهون ڪيس ڦاهيءَ تي چاڙهجي. پر جيئن تہ امير خان ٺٽي ويل هو ان لاءِ ترسڻ اجايو هو. ڳوٺ جي ماڻهن اها سزا مقرر ڪئي تہ ان چونڪ ۾ ٽياس کوڙي، عامل کي ان ۾ اُبتو ٽنگي ڇڏجي. جيڪڏهن صبح تائين جيئرو رهيو تہ سندس جان بخشي ويندي، ڳوٺ جي ڇوڪرن ٻاڪرن کي رونشو ٿي آيو. ٽياس کوڙي جڏهن عامل کي اُبتو ٽنگيائون تہ ڇوڪرا دير تائين ڪيس چيڙائيندا رهيا.

ان رات سنڌين سُک جو ساهہ کنيو هو ۽ ٻي اونا سمهي رهيا. پر صبح جو اوچتو گهوڙن جي آواز تي سڀني جي اک کُلي، اڻين ٿي پانيو جڻ درياهہ اُٿلي پيو هو يا ڪو زلزلو اچڻ وارو هو. ڳوٺ جي ڪُتن جي ڀونڪڻ هيڪاري ان هُل هنگامي کي تِکو ڪري ڇڏيو. ۽ پوءِ هن ننڍڙي ڳوٺ کي هزار کن هٿياربند ترخان لشڪري گهيرو ڪري آيا. سنگهار

۽ سندس ساٿي هڪڙي گهر کان ٻئي گهر تائين ’هشيار خبردار‘ جو هوڪو ڏيندا، ڳوٺ کي بچائڻ جو ٻِلو ڪرڻ لڳي ويا. پر هنن اندازو لڳايو تہ جي هنن مقابلو ڪيو تہ گهڙيءَ ۾ ترخان هنن جي لاشن کي لتاڙيندا گهرن ۾ ڪاهي پوندا. ان ڪري ضروري هو تہ ڪنهن طرح سان زالن ٻارن کي محفوظ ڪجي. ايتري ٿوري دير ۾ ترخانن جي گهيري کي ٽوڙڻ بہ محال هو. فقط اهو ئي سجهي آين تہ ڪنهن طرح سان تڙ تڪڙ ۾ زالن ۽ ٻارڙن کي ڳوٺ جي مسجدن ۾ پهچائجي. سنگهار پنهنجي ماءُ ۽ زال ياڳل کي چيو تہ هو ياڙي جي ٻين زالن ٻارن سان ير واري مسيت ۾ هليون وڃن. ٻيا بہ پنهنجي پنهنجي زالن کي ائين ڪرڻ لاءِ چئي آيا. جڏهن زالون ٻار ۽ ٻنهہ پيرسن مسجدن ۾ پهتا، تڏهن سنگهار پنهنجو جٿو ساڻ ڪري ترخانن جي مقابلي لاءِ تيار ٿي بيٺو. پر مقابلو ڇا هو: هڪ سنڌيءَ جي مقابلي ۾ ڏهن کان بہ مٿي ترخان هئا_ ترارين، ڀالن ۽ ڍالن سان سينگاريل! سنڌين وٽ تہ ڪهاڙيون بہ پوريون سوريون هيون. ڪن وٽ ڀالا ۽ تراريون بہ هيون، پر جهڙيون اٽي ۾ لوڻ. سنگهار پنهنجي سرخي تي سوار شينهن وانگر گجگوڙ ڪندو ترخانن تي ڪڙڪندو رهيو. سندس ساٿين بہ جڻ مرڻ يا مارڻ جو سنهن کنيو هو. وڙهندي وڙهندي پهر سج جو چڙهي آيو. نيٺ سنڌي ڍرا پوندا ويا، ڪرندا ويا. سنگهار جو سڄو بدن رت ۾ ڳاڙهو ٿي ويو هو. اوچتو پري کان اُڇلايل هڪ ڀالو هن جي ڪلهي جي ڦرڻ ۾ کُپي ويو ۽ هو هني تي لٽڪي پيو. سرخي جي رينن کي جيئڻ ئي ڍر ملي، تيئن هوا سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو. سنگهار جي ڪلهي مان رت وهي، سنجن مان ٽيندو گهوڙي جي پيٽ تان لار ڪري وهڻ لڳو. گهوڙي، ڍوري ۾ لهي، سمن جي ٻنين ڏانهن ڪٽي رخ رکيو. ان هاهوڙ جو پڙاڏو سمن تائين اڳيئي پهچي چڪو هو سي بہ پنهنجي بچاءَ ۾ هٿيار ڪٽيو ٻنين جو ڪپ ڏيو بيٺا هئا. سرخو پنهنجي مالڪ کي ڪٽي، ڪنڌ نمائي سمن اڳيان اچي بيهي رهيو جڻ چوندو هجي: ”هي منهنجو سائين آهي، هن جي پارت اٿوَا!“ جڏهن سمن هن کي سڃاتو ۽ هن جي حالت ڏٺائون، تڏهن سندن دلين ۾ هن لاءِ نفرت جڻ هن جي رت سان ڌوپجي نڪري ويئي، ۽ ڇاڇو پونگر هن کي گهر کڻي آيو.

ان بغاوت ۾ ترخانن سوين ڳوٺ ساڙي جلائي ڇڏيا. اُن جي ڪرن ۾ گاهہ جي ڌنين تان بہ نہ ٽريا. جيڪو جوان، ٻار يا ٻڍو سندن راهہ ۾ آيو تنهن کي نيزي جي نوڪن تي چاڙهي ڇڏيائون. سنڌين جي رت سنڌوءَ جي ڌارائن ۾ گڏجي، درياهہ کي ڳاڙهي ڪنوار بنائي وڌو هو. اهو گهر نہ هو جتان هڪ بہ ماڻهو نہ ڪُٺو هجي. هزارين سنڌي ڪنواريون ناريون ترخانن جون ٻانهيون بڻجي ويون. سنگهار جڏهن ڇڱو ڀلو ٿي ڳوٺ موٽيو تڏهن ڪيتريون چاتل سچاتل شڪليون هن کي نظر نہ آيون. جيڪي ساٿي سنگتي بچيا هئا، سي بہ هن وانگر ڇچر جي وڍجي وري جيئرا ٿيا هئا. جاڻ بہ انهن مان هو. اهي ڳالهيون ياد ڪري هن وري پنهنجي پراڻي يار ڏانهن نهاريو پر جاڻ اڏامندڙ دز ۾ ڪجهہ نهاريندو، ڳوليندو رهيو ۽ سنگهار سمجهي ويو تہ جاڻ پنهنجي ڪونڌر پٽ کي، اندر ئي اندر ۾ وري جيئارڻ ۽ ساڻس رهاڻ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

**

# [4]

جانڻ جو راڄ صدين کان دڙي ۽ ٻني جي وچ ۾ وسيل هو. گهڻو تڻو سڀ هَرَ هاري هئا يا مالوند يا پورهيت. پنهنجا کير مکڻ، پنهنجو اَن پنهنجي ڏاس، پنهنجي ڪٽڪ پنهنجي ڪپهه: هنن کي خدا جو ڏنو سڀڪجهه هو. ڪائي پي، ونجهه وٽيون، ملهون، ٻيلهاڙا وڙهي، وري وجي هر چونيءَ جي پير جهليندا هئا. زالون به سُگهڙ- پنهنجو سُٽ پاڻ ڪتين، پنهنجي ڏاس مان ڪرزينون پاڻ ئي ٺاهين، پنهنجي ان مان ڪتا ۽ لوٽيوَن ٺاهين، ان پيهي، گهر جي هاڄ لاهي، پاڙي جون زالون ائٽ ۽ چرخا ڪٽي، ڪنهن هڪڙي گهر اچي گڏ ٿينديون هيون ۽ پوءِ ائٽ به پيو هلندو هو ۽ رهاڻ به پيئي رڙهندي هئي. جهان جي نه هنئيءَ ۾ نه ڪلٺيءَ ۾: جيڪڏهن ڏک سورُ هئن، تڏهن به پنهنجي راڄ جا. ڪٿائون ڪهاڻيون به پنهنجون، پنهنجي مال جون، پنهنجي کير پٽن جون، پنهنجي نياڻين سياڻين جون، پنهنجي ٻنين جون، فصلن جون، ڳائي ماهي ڦرن ٽَڪرن جون، کين جي ڪا ڳڻتي ۽ اونَ هئي ته بس اجهو اها ته ڳوٺ مان ڪڏهن چار ڪڏهن ڇهه مڙس اوچتو وڃي ڪنهن لشڪر سان شامل ٿيندا هئا. جڏهن سومرا هوندا هئا ته سومرن جي سينا ۾، جي سما هئا ته سمن جي ڪاهوڙين سان. ڪي ورندا هئا ته سون سان ڪرزينون پيري ايندا هئا، پَٽ ۽ ريشم جا تاڪيا، ڪنجهي جا وٽا، ٽامي جا ٿالهه ٿالهيون، چاندي مڙهيل جتيون ۽ هنا، پيرت پيريل ٽَل ۽ جهلون.... ۽ پنهنجن سنگتين جي سورهيائين دلاورين جون ڪهاڻيون. اهي جهانگي مانجهي جوان جڻ ته ڳوٺ جو نت نئون داستان هئا: هنن بابت نينهن ۽ برهه جون ڳالهيون ڪٿبيون هيون، ۽ ته سياري ۾ سوڙين

۾ پُرڙجي، پوڙهيون پڪيون، جوانن ۽ جوانڙين کي اهي نينهن جا داستان وَر وَر ڪري ٻڌائينديون هيون، ۽ جوان اهي ئي داستان ٻڌي وڃي لشڪرن ۾ شامل ٿيندا هئا. جوانڙيون اهڙن ئي جوانن جا ويهي اوسيئڙا ڪيڻديون هيون.

پر جڏهن کان قنڌاري مڪڙن جيان سنڌ تي وريا هئا، تڏهن کان جڻ انهن داستانن جي ڪا ڳڙي وڃائجي ويئي هئي. قصا ڪهاڻيون ۽ داستان اُتي ئي بيهي رهيا، اڳتي وڌي نہ سگهيا. انهن جي اڳ جي خبر هئي، پر پڇاڙيءَ جي ڪنهن کي خبر نہ هئي. پوڙهيون پڪيون هاڻ فقط پراڻا قصا، پراڻيون ڪٿائون ڪٿنديون هيون، جن ۾ سنڌ جي مانجهي مڙسن جون رس رهاڻيون هونديون هيون، ۽ پوءِ جڻ ٽوڪ هڻي چونديون هيون تہ هاڻ اهڙا مانجهي مڙس ڪٿي؟ اهي قصا ڪهاڻيون بہ ڪٿنديون ٿي وبون، زندگي هلندي رهي. فقط پورهئي تائين محدود رهجي ويئي. ظاهر تہ ڪنهن کي سمجهہ ۾ ڪونہ ٿي آيو تہ ڇو زندگيءَ جي ڪهاڻين جي ڏار روڪجي ويئي هئي، ڇو زندگي ماٺي ٿي، ڪني ٿيندي ٿي ويئي. مڙسن جي منهن ۾ سرهائي ڇو نہ هئي؟ اوسيئڙن ڪيڻ جهڙا جوان ڇو نہ هئا؟ پر هنن کي هڪ ڳالهہ ضرور اهڃاڻ طور ياد ٿي آئي. اڳي سنڌ ۾ قنڌاري ڪونہ هئا: پنهنجا هئا: ڏاريان، پراوا، اوپرا ڪي بہ نہ هئا، ۽ هاڻ سنڌ ۾ جتي ڪٿي قنڌاري هئا، جن پاڻ کي ڪڏهن ارغون تہ ڪڏهن ترخان ٿي سڏايو ۽ هنن جي ڪري قنڌار جي رستي کان، يا ملتان جي رستي کان ڪڏهن ايراني ٿي آيا تہ ڪڏهن تُوراني، ڪڏهن تيموري تہ ڪڏهن مغل، ڪڏهن هراتي تہ ڪڏهن شيرازي، ڪي مولوي بنجي ٿي آيا تہ ڪي مسجدن جا پيش امام، ڪي سوداگر بنجي ٿي آيا تہ ڪي سوديباز ڪي لشڪري هئا تہ ڪي هزاري ۽ پنجهزاري. هنن مان هر ڪنهن ترخانن ۽ ارغون سردارن سان پنهنجي مٽي مائٽي ٿي ڏيکاري، ڪي ماما تہ ڪي چاچا، ڪي چاچي جا پٽ تہ ڪي مامي جا: جنهن بہ فارسي ٿي ڳالهائي، سو سرڪار جو مائٽ هو!

نئينءَ سرڪار جي سائي ۾ جاڻ جو راڄ بہ بين پورهيتن سان ماڪوڙين وانگر پورهيو ڪندو رهيو. راڄ جي وڏڙن کي ڪنهن ڪن ۾ ڦوڪ ڏيئي ڇڏي تہ جوانن کي گهر کان ٻاهر نہ ڪيندا تہ حياتي ائين

ٿي بنا ڪنهن باهه ٻرڻ جي گذري ويندي. ٻيڙن ۾ اها ڳالهه ڪٽي ڳنڍ ٻڌي هئي. جوانن کي ٻاهر جي هوا کان روڪڻ ڪاڻ، اجا مڇن جي ساوڪ ٿي نڪتن ته ڪين پرڻائي ٿي ڇڏيائون، ۽ ننڍا نيٽا جوانڙا پنهنجي ونين سان خوش، پنهنجي هَر پنهنجي ڪيڙ ۾ جنبي ويندا هئا. پر جوانن جي منهن ۾ اها سرهائي نه هئي، جا هنن جي پنهنجي منهن ۾ جوانيءَ پيري هوندي هئي. هنن جي عمر جيئن جيئن گذرندي ويئي، تيئن تيئن سندن منهن وڏيڪ آٽيا ۽ ٻُسا ٿيندا ٿي ويا ۽ ٻيڙا ڪين چئي ڏيندا هئا: ”ابا، ڪو اهڙو واءُ وريو آهي، جو اوهان ۾ اها ڳالهه ئي ڪانهي، جا اسان ۾ هوندي هئي!“ هو ڪين سمجهائي به نٿي سگهيا. جيتوٽيڪ ڳالهه هميشه سندن ڇپن تائين اچي ئي ويندي هئي.

پر رُت بدلي، وايو منڊل ۾ رت جي ٻُوءِ پرجي ويئي. ڪٽڪن جا لابارا هئا. ڪرا اَن کان بنهه ڦاٿا ٿي: ڳوٺ جا سمورا مڙس اچي ڪرن اڳيان بيٺا، جنهن جيتري ٻني ڪيڙي، اهو اوترو ان ڪٽندو. پورهيي جي ورچ هئي، اَن جي ورچ ڪانه هئي- ٻه داٽا هيڏانهن هوڏانهن، ساڳئي ابي ڏاڏي جو اولاد هئا. اَن جي داٽن تان ڪهڙبون لٽيون ڪهاڙيون ڪٽبيون. لُهار کي وادي کي، رازي کي ۽ مسيت جي مُلي کي وَٽ ڏيئي، باقي اَن ڳوٺ وارا پنهنجي پنهنجي ورچ آهر گهر ڪٽي ويندا هئا. هيلوڪو فصل به پل پلان جهڙو ٿيو هو. هاڪ پئي پيئي راڇن ۾. پوڙها پيرسن پاڻ ۾ چرچا گهڻا ڪري رهيا هئا ته پريان متيءَ جو هڪ واچوڙو هنن ڏانهن وڌندو آيو. واچوڙي ۾ گهوڙن جي سنبن جو آواز هو جڻ ڪو لشڪر چڙهندو ٿي آيو. جن پيرسنن جنگين وارا ڏينهن ڏٺا هئا، تن انهن سنبن جي آواز مان ئي سڃاتو ته هي ڪي ويري وريا آهن. ڪين اها اُٽترڻ وني ويئي ته ننڍو رت آهي، جيڪڏهن ڪنهن ڳالهه تان بحثا بحثي ٿي ته رتوڇاڻ ضرور ٿيندي. ان ڪري ننڍن نيٽن کي وڏن اها هدايت ڪري ڇڏي ته ڪير به هجي، هنن مان ڪو سوال جواب نه ڪري، پاٺهي وڏا ڳالهائيندا.

اجا هنن جوانن کي اها صلاح مس ڏني، ته پهريون سوار ڪين نظر آيو. ترخان پري کان ئي پڌرو هنن جي پويان پنجاهي ڪن پيا به ترخان هئا. هو همراهه وڏي اچي ڪرن اڳيان لٿو ۽ فارسيءَ ۾ ڪجهه چيائين.

"اسين اها ٻولي ڪانہ ڄاڻون، جوان! سنڌي ڳالهاءِ تہ سمجهون!" هڪڙي ٻيڙي چيو.

سپاهين مان هڪڙو ڄڻو وڏي اڳيان آيو ۽ گهڙيءَ لاءِ هو پنهنجي سردار سان ڪجهہ ڳالهائيندو رهيو ۽ پوءِ هنن ڏانهن منهن ڪري چيائين: "هي زمينون امير ڪوڪلتاش ارغون جون آهن. انهن جي پيدائش بہ هن جي آهي. اسين اها ڪٺڻ آيا آهيون."

هنڙي ڳالهہ ٻڌي نہ سُئي، نہ ٿي نہ ٿيندي، هي ڪهڙو واءُ وريو هو جو ماڻهن جو داڻو پاڻي بہ محفوظ ڪونہ هو. هڪڙي پيرسن ڄڻ ڳالهہ نہ سمجهندي چيو: "ابا، اسين هتي آيامن ڪان ويٺل آهيون، ابي ڏاڏي هتان جا آهيون. اسان ڪي تہ سُڌ ئي ڪانهي تہ هي ٻنيون ڪي ٻئي ڪنهن جون آهن!"

"هي زمينون اصل ۾ سمن جون هيون. سمن ڪان حڪومت اسان ورتي آهي ۽ ان زمينن جا مالڪ سما ڪيچ لڏي ويا آهن. انڪري حضور جن هيءَ سڄي جاگير امير ڪوڪلتاش ڪي عنايت ڪئي آهي،" سپاهيءَ چيو.

"ابا، الله ڪريو. هي ٻنيون سمن جون وري ڪٿان آيون؟ هنن ٻنين جي نہ ڪا اڳي ڪنهن اسان ڪان گهُر ڪئي آهي. نہ ڪو گهرندو بہ. اسان جي ابن ڏاڏن هنن زمينن ڪي ڪيڻون ڏيئي، جهنگ صاف ڪري سنئون پٽ ڪيو. اسان جي وڏڙن هتي هر ڪيڙيا، پوڪون پوڪيون، تهان پوءِ اسان انهن ڪي پنهنجو رت ست ڏنو ۽ هاڻ اسان جو هي اولاد پيو انهن ڪي سنڀالي. هر ڪيڙيون اسين، ٻني ڪنهن ٻئي جي، سا ڳالهہ ڪيئن ٿيندي؟" ٻيڙي ڄڻ ڪچهري مچائڻ واري ڍنگ ۾ چيو.

سپاهي وري پنهنجي سردار سان ڀُڻ ڀُڻ ۾ لڳي ويو ۽ پوءِ سِڌو ٿي چيائين: "سرڪار اوهان جي حقن تي ويچار ڪندي، پر هيءَ زمين امير ڪوڪلتاش جي جاگير آهي، سو پيدائش مان اڌ اُن جو آهي. باقي اڌ مان بہ اڌ اوهان جو اڌ سرڪار جو!"

ڳوٺ جي ماڻهن ۾ چوٻول ٿي ويو. نوجوانن جي ڪلهن ۾ ڄڻ تہ ڇڪي پوندي ٿي ويئي. سندن هٿن ۾ ڪنهن بانٺي گهوٻاتي ڪٺڻ لاءِ ڪَهہ ٿيڻ لڳي. پر ٻيڙن ڪين اڪين ئي اڪين ۾ ميڙون منٿون ڪيون، ان

ڪري لاچار ھو چپ ڪري ويٺا رھيا. سندن نظرون سپاھين ۾ ڪتل ھيون. ھو اھو ئي سوچي رھيا ھئا: مڙس مڙس جو مٽ آھي: اھڙا ھي کھڙا آسمان تان لھي آيا آھن، جو ائين زوريءَ اسان جو اَنُ ڪٽي ويندا.

ٻڍڙا پنھنجي پاڻ ۾ چڻ پڻ ۾ لڳي ويا. ھو ايترو سمجھي ويا تہ سپاھي جنھن مقصد لاءِ آيا ھئا، تنھن کي پوري ڪرڻ بنا رھندا ڪونہ ۽ پوءِ ننڍن نيٽن کي ڪيترو جھلبو. آخر ھڪڙي پيرسن سپاھيءَ کي سڏ ڪندي چيو: "ابا، اھا ڳالھہ ائين ڪانہ نبرندي. اوھين پري کان پنڌ پيا ٿا ڏسجو. لھو، چاندو پاڻي ڪريو. ٽڪ پيجو. ڳالھہ ڳالھہ سان چُٽندي. پوءِ بہ آن اھو پيو آھي، پڇي ڪونہ ٿو وڃي!"

سپاھيءَ سمجھيو تہ ڳوٺ جا ماڻھو ڊڄي ويا آھن. ھو واقعي وڏي منزل ھٽي آيا ھئا، ھھڙي صلاح لاءِ جڻ اڳيئي آتا ھئا. ھن پنھنجي سردار کي فارسيءَ ۾ اھا ڳالھہ سمجھائي. ان ڪٽي وڃڻ لاءِ ڪين ڏڍي گاڏين جي ۽ وھٽن جي بہ ضرورت ھئي، سي بہ تہ ڳوٺ وارن کان ئي وٺڻا ھئن، ان ڪري سياست ڪان ڪم وٺڻ بھتر ھو. اھا صلاح ڪري ھو لھي پيا ۽ اتي ئي تنبو ھڻڻ کي لڳي ويا. ٻڍڙن گھرن ڏانھن ماڻھو ڊوڙايا تہ ڳوٺان ماني ٺھرائي ڪٺائي اچن. مھمان نوازي تہ ھنن جو مرڪ ھو. متان ڏاريان ائين سمجھن تہ ٻيلي سنڌين وٽ وياسون تہ مانيءَ جي صلاح بہ ڪانہ ھنيائون.

ديڳيون چڙھي ويون، ڦندرون ڪُسجڻ لڳيون ۽ ڳوٺ جون زالئائون ٽوبين تي ڊڳڙن متان ڊڳڙ لاھڻ ويھي رھيون. پوڙھا مڙس مھمانن کي ماني کارائڻ کي لڳي ويا. پر ڳوٺ جا جوان جڻ اڄ خود پنھنجي وڏڙن کان باغي ٿي پيا ھئا. سيني مان جاڻڻ جي پٽ عمر کان وينوئي نٽي ٿيو. عمر کي ڳوٺ ۾ ھوندئن ئي اربيلو بيپرواھہ سڏيندا ھئا. ڪنھن کي وٽ ئي نہ ڏيندو ھو. وڏن جي تہ چوڻ ۾ ئي ڪونہ ھو. خود جاڻڻ بہ کيس ڪونہ جھليندو ھو. چاچنھنس نبو تہ ڪليو ڪلايو چوندو وتندو ھو تہ "ادا، جڏھن کان ڇورو بہ- ٿي پيرا شھر گھمي آيو آھي، اصل وڻ گھوڙو ٻڌڻ نٿو ڏئي. رڳو سنڌ سنڌ ڪري منجھي پيو آھي- سنڌي ھيئن، سنڌي ھونئن، جڻ سنڌ جو ڪاڄ مٿس جھُلي پيو آھي!"

اڄ بہ عمر اک ھٽي، پنھنجن ساٿين جيڏن کي ونجھہ وٺيءَ واري

پٽ تي گڏ ٿيڻ جي نيند ڏني. هڪڙو هڪڙو ٿي، وڏڙن جي نظر گسائيندو، کسڪندو ويو. جڏهن ويهارو مڙسن جو گڏ ٿيو، تڏهن عمر چيو: "آءُ اوهان کي اڳي ئي چوندو هوس تہ هي ڏاريون ٻانگ ڪڏهن نہ ڪڏهن اسان کي بہ ڏنگيندو. هاڻ تہ پنهنجن ڪنين ٻڌو پنهنجي اکئين ڏٺو- هاڻ ڇا صلاح آهي؟"

"جيڪا صلاح سڀني سنگت جي، پر وڏا ڇا چوندا؟"

"وڏا اهو ئي چوندا جيڪي ترخانن کي ڇيائون. هينئر اڌ ڏيڻ تي راضي ٿيندا. سڀاڻي هو ٿي پٽيون ڪٽي ويندا، ۽ پرينهن.... پرينهن اسان جي اکين اڳيان اسان جي ننگن کي ڪاهي ويندا؛ انهن جي بہ ٻئي ٿيندي ويرم ڪانہ لڳندي!" عمر جي اکرن مان جنسي باهہ جا اُلا نڪري سيني کي ساڙڻ لڳا.

"ڌرتي اسان جي، پورهيو اسان جو آن اُپايون اسان ۽ ڪٽي وڃن ڌاريان، اُن ڪان ٻڌي مرڻ ڀلو" هڪ ٻئي جوان خفي ٿيندي چيو.

"سچ پڇ جي اڄ ماٺ ڪري ويهي رهياسون تہ هر لاباري مهل، پرائي مال تي ٽوپي نراڙ تي، ترخان اڇي سڀ ڪجهہ ٻهاري ويندا،" هڪڙي ٻئي همراهہ چيو جنهن کي اڇا ميڇن جي ساوڪ مس آئي هئي.

"۽ پوءِ.... پوءِ وارو ايندو مال جو، وهٽن جو. جيڪا ڳئون مينهن پسند آين، سا ٿيندي سرڪاري مال....". عمر ڪان صبر ڪيو نٿي ٿيو. هو اڃا ڪجهہ چوڻ تي هو پر ڪجهہ سوچي چپ ٿي ويو.

"هي تہ 'مئو پر، پٽجي هيل' واري ڳالهہ ٿي- ڇي سما هتان لڏي ڪيچ هليا ويا، ان ڪري هيءَ زمين سرڪار جاگير ڪري ڪنهن کي ڏني آهي؛ ۽ اسان جي وڏڙن جا هڏا، جي پورهيو ڪندي هن ڌرتيءَ ۾ گڏجي مسجي ويا آهن، ڪيڻون ڏيندي، هر هلائيندي، ڳُڏون ڪيندي، آرهڙن سيارن ۾ جو اسان پنهنجو رت ست هن ڌرتيءَ کي ڏنو سو ڪنهن کي ياد ئي ڪونہ ٿو پوي!" هڪڙي جوان ڇڻ شڪايت پيش ڪندي چيو.

"پيلي ڳالهہ ٻڌي اٿو: مڙس اُهي جي پنهنجي لڄن تان گهورجي وڃن. هيءَ ڌرتي اسان جي لڄ آهي، اسان جي جيجل ماءُ آهي، جيسين

منهنجي سريءَ ۾ ساهه آهي، تيسين تہ ڪو ترخان هجي ڪٺي ترخان جو بابو هجي، ان داٽي ۾ هٿ ڪونہ وجهندو. اوهين جي مون سان ساٿ نہ ڏيندا تہ آءٌ اڪيلو بہ هنن سان وڙهڻ کان نہ مڙندس!“ عمر پنهنجو فيصلو ڪندي چيو.

جوانن ۾ چوٻول پئجي ويو. ”اسين سڀ ساٿ آهيون. اَن اسان جي لاش تان لنگهي ڪٽندا!“

”تہ پوءِ اچو تہ يڪو نبيرو ڪريون. يا هو اسان کي ماري اَن ڪٽي وڃن يا اسان جون ڪهاڙيون هنن جي رت سان رڱجي سراڻ چڙهنديون!“ عمر اُٿندي چيو.

سيڪو پنهنجي گهران وڃي ڪهاڙي ڪٺي آيو. ڳالهہ جو پنهنجي پٽن، پائرن ۽ گهوٽن کي ڪهاڙيون ڪٽندو ڏٺو تڏهن سندن مَن بہ گائون مائون ٿيڻ لڳا. يا الاهي خير، هي ويٺي ويٺي نينگرن کي ڇا ٿيو؟ هي ڪهاڙيون ڇا لاءِ؟ هو پلئہ ڪٺي ڏٽيءَ در ٻاڏائڻ لڳيون. ’ڏٽي منهنجا، پنهنجي رسول جي صدقي هنن کي هر ويريءَ کان بچائج!‘ هنن الائي ڪيتريون باسون باسيون، الائي ڪيترا سوڻ اَپسوڻ ڪيا، رڳو ان لاءِ تہ نينگر صحيح سلامت موٽي اچن.

جڏهن ترخان ماني کائي واندا ٿيا، تڏهن سنڌي ڳالهائيندڙ سپاهيءَ ڪُراڙن کي چيو تہ اَن ڪٽي وڃڻ لاءِ گاڏيون بہ هنن کي ڏيڻيون پونديون، ۽ هنن اهو بہ فيصلو ڪيو هو تہ ٽن پتين بدران اڌ ان ڪٽي ويندا، جو هارپ جو حق جتي ڪٽي اڌ حصو هو. پير مڙدن جا ڪنڌ هيٺ ٿي ويا. هن انڌير جو هنن وٽ سواءِ صبر جي ڪوبہ جواب نہ هو. جڏهن سپاهي ان جي ڪرن ڏانهن وڌيا، تڏهن هنن ويهارو مڙسن کي ڪهاڙين سان اڳي ئي اتي بيٺل ڏٺو جن هنن کي اهڙين نظرن سان ڏٺو تہ هو بہ حيران ٿي ويا. جانڻ پٽ کان پڇيو ”ابا عمر، هي ڇا آهي؟“

”بابا، اسان جي جيئري جي ترخان اَنُ ڪٽي وڃن تہ اهڙي حياتيءَ تي حيف آهي!“

جانڻ ۽ ٻيا بہ منجهي ٻيهي رهيا. ڳالهہ جوانن جي سچي هئي. ڪو وقت هو جو هنن بہ ترخانن سان چوٽون ڪاڏيون هيون. وهي چري چوندا آهن، هٿ تہ ڇمار چري تي پئي هئي. هنن کي منجهيل ڏسي،

سنڌي ڳالهائيندڙ سپاهيءَ چيو ”اجائي رتوڇاڻ ٿيندي مڙي وڃو!“ هن آهستي چيو پر سندس لفظن جو دڙڪو ڪنهن کان ڳجهو نه هو.

اوچتو سردار پنهنجي ترار اُڀي ڪندي، گهوڙي کي اڙي هنئي. هوڏانهن ڪهاڙيون اُڀيون ٿي پنهنجا نشانا ڳولڻ لڳيون. پيرسنن مان هڪ ٻه ته اڳ ۾ هجڻ ڪري پهرين وارن ۾ اچي ڏڪجي ڪِري پيا. ٻين هيڏانهن هوڏانهن ڏسي، ٻيو ڪجهه نظر نه آين ته تنبن جا ڪِلا ۽ سڪل بانٺا ڪٽي ورتا ۽ پنهنجن ٻچن سان گڏ وڙهڻ بيهي رهيا. راڙو راڙ مچي ويئي. گهوڙن جي هڙڪارن، ترارن ۽ ڪهاڙين جي ٽڪرائڻ جي آوازن، ترخانن جي رڙين، ۽ ڳوٺاڻن جي هڪلن اهڙو هنگامو پيدا ڪيو جنهن جا پڙاڏا دور دور پهچڻ لڳا. عمر جي ڪهاڙي باهه جي چڻنگ وانگر ترخانن تي ڪڙڪڻ لڳي. جوانن ڪهاڙيون اڀين ٿي هلايون، جڻ ڪهاڙين ۾ ساهه پئجي ويو هو ۽ باز وانگر هڪڙي شڪار کي ڏڪ هڻندي، ٻئي تائين پهتيون. جانڻ وٽ ڪوبه هٿيار ڪونه هو. هڪڙي ترخان جو وار بچائي، هن ڪٽي چيلهه ۾ هٿ وڌس ۽ پوءِ ڪيس ٻنهي هٿن ۾ ڪٽي، وٺي ٻين ترخانن جي وچ ۾ اڇلايائين. ترخان جي ترار هيٺ ڪِري پئي، سا جيئن نئڙي ٿي کنيائين، ته ٻئي هڪڙي ترخان جي ترار سندس ڏورو ڪپي ويئي، سور کان هو وري اُپو ٿي ويو. ان ترخان وري مٿس ٻيو وار ڪيو پر هن جي ٻانهن مٿي رهجي ويئي. هڪڙي سنڌيءَ جي ڪهاڙي سندس چيلهه ڪپي ويئي ۽ هو رنڀ ڪري منهن ڀر زمين ۾ گڏجي ويو. جانڻ جهٽ هٽي سندس ترار کسي ورتي ۽ پاسي ۾ هڪ ترخان جي پٺ ۾ لنگهائي ڏني. ترخان اهڙي ڪيڪ ڪئي، جو خود جانڻ جا وار اُڀا ٿي ويا. هن ترار ڇڪي ڪڍي ته ترار سان گڏ ترخان به اچي مٿائنس ڪِريو. ٻي ٻانهن ڏڪيل هجڻ ڪري هو پاڻ سنڀالي نه سگهيو ۽ آٽڙجي ڪِري پيو. جوانن مان عمر ۽ سندس به ساٿي سردار ڏانهن وڌيا. پر سردار جي چوڌاري ترخانن اهڙو گهيرو ڪيو هو جو جيڪڏهن ڪو ترخان ڪريو ٿي ته هڪدم ٻئي ان جي جاءِ ٿي والاري. عمر اڳيان وڌي بجاءِ ترخان تي وار ڪرڻ جي گهوڙي جي پٺ تي وار ڪيو. گهوڙي کي ڏڪ لڳو ته اڳيون ٻيئي ٽنگون مٿي کڻي، پوين ٽنگن ڀر ويهي، وري اٿڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

جاڻ جي چوڻ تي ڳوٺ ڳوٺ جا پير مڙد ٻه هاڻ صلح بدران پنهنجين زمينن ۽ پنهنجي آبروءَ لاءِ وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويا. جاڻ ته ترخانن سان جهيڙي چڪو هو تنهن ڪي پڪ هئي ته ڪوڪلتاش حملو ضرور ڪندو. هن ويجهيءَ ڇڪ ۾ پنهنجن سمورن سنگتين کي چورائي موڪليو ته سڄڻ پٽي ڏيکارڻ جو وقت اچي ويو آهي ۽ جنهن کي واهر ڪرڻي هجي، سو هليو اچي. ٿورن ڏينهن ۾ هي ننڍڙو ڳوٺڙو چڱي موچاري ڇانوڻي ٺڄي ويو. ماڻهن ۾ هاڻ ڏپ ۽ هرس بدران ايمان ۽ گهمنڊ موٽي آيو هو. رات جو پهري وقت همراهه ڪچهريون ڪندي، ترخانن سان ڪاڏل چوٽن جون ڪهاڻيون ڪٽي ويهندا هئا. چار پهر گذارڻ لاءِ سنڌ جي سورهين بابت ٺڙ بيت، ڳجهارتون ۽ پروليون سر ڪرڻ ويهي رهندا هئا، ۽ پوءِ جڏهن فجر جي بانگ ايندي هئي تڏهن سيڪو ڪلمو پڙي مسجد جو رخ ڪندو هو. پنهنجي وڏڙن جون ڳالهيون ٻڌي، ننڍن جوانن جا حوصلا جيئڻ پوءِ تيئڻ وڌندا ويا. هو روز اَنسنا ناهيندا هئا، مورچن تي ويهي دشمن جو انتظار ڪندا هئا، ملهون ۽ بيلهاڙا وڙهندا هئا، ۽ ڪڏهن ڪڏهن دشمن جي حملي جا سانگ ڪري پنهنجي رڻائن جي اوٽاين کي ظاهر ڪندا هئا.

زائفائون پنهنجي مُنهن سُنهن جوانن ۽ وڏڙن جون چوبوليون ٻڌي پنهنجا اَنسنا ناهينديون هيون. پٽارين کي ڏُهي، منڊيون ڪٽي، ٻه ٻه چار چار گڏجي ڏڏ ولوڙڻ ويهنديون هيون ته بجاءِ سُٽيءَ سيبي، يا سگُن ۽ مٽين مائٽين جي ڳالهين جي، پنهنجي مڙسالن جي سورهيائين جون ڳالهيون ڪٽنديون هيون. ڏڏ مکڻ کان واندڪائيءَ کان پوءِ، هو هٿيارن کي هٿ مهٽ ڪرڻ ويهي رهنديون هيون. ڪهاڙين، ترارين ۽ ڀالن جون ساراهون هلنديون هيون، ڳنن جي چِٽن ۽ ڦارن جي تجلين جون ڪهاڻيون ڳائيبيون هيون.

پر دشمن هنن کان وڌيڪ حرفتي هو. ٽي مهينا گذري ويا، پر ڪوڪلتاش جا ماڻهو جڻ ته آيا ئي ڪونه هئا. سندس سپاهي، جيڪي ڏڪجي پيا هئا، سي به چڱا ڀلا ٿي، معافيون گهري روانا ٿي ويا. ڪن جوانن جو خيال هو ته ڪين واپس وڃڻ جي موڪل ئي نه ڏجي، پر وڏڙن ان کي سنڌي سورهين جي شان وٽان نه سمجهي، ڪين ڪير مکڻ

ڪارائي، رضا خوشيءَ سان موڪل ڏني تہ وڃي پنهنجن ٻچن ٻيڙا ٿين. هنن بہ وڃي ڪوڪلتاش کي ڳوٺ وارن جي تياريءَ، پري پري کان آيل سنڌي سرويچن جون خبرون ڏنيون هيون. ايترو وقت جو گذري ويو تہ ڳوٺ جي ماڻهن کي پڪ ٿيندي وئي تہ ترخانن شايد پنهنجي غلطي محسوس ڪئي هوندي، يا سرڪار بہ ڪين اهڙي ظلم تي لعنت ملامت ڪئي هوندي، ان ڪري ترخان وري ڳوٺ جو رخ نہ ڪندا. هنن جون چونڪيون ۽ پهريداريون هري هري تي سُست پونديون ويون. ٻاهريان يار دوست ساٿي سڀڻ بہ موڪلائي وڃڻ لڳا ۽ ڳوٺڙو وري امن ۽ سڪون جي حياتي گذارڻ ۽ پنهنجي پورهئي ۾ مست رهڻ لڳو.

محرم جي ڏهين تاريخ هئي، ڳوٺ جي ماڻهن مان اڌ کان مٿي ماڻهو روزائتا هئا. نئي مان هڪ وڏو مولوي وعظ ڪرڻ لاءِ گهرايو هئائون. سانجهيءَ ٻانگ کان ٿورو اڳ، ماڻهو هري هري تي مسجد ۾ گڏ ٿيڻ لڳا. جن جوانن کي چونڪين ۽ مورچن تي رهڻو هو سي بہ اڄ نئي جي مولوي صاحب جو وعظ ٻڌڻ ڪاڻ مسجد ڏانهن رڙهي آيا هئا. سج جو آخري ڪِرڻو روزائتن جي منهن تي شڪراني جو پاڇو وجهندي مسجد جي گنبذن کان گهڻو دور، سنڌ ساگر ۾ سمائجي ويو ۽ دينو ٻانگي پنهنجي پرسوز آواز ۾ ٻانگ شروع ڪئي: الله اڪبر، الله اڪبر، الله اڪبر الله اڪبر، اشهد..... " اوچتو دينوءَ جو آواز رُڪجي ويو ۽ گهڙيءَ ساعت کان پوءِ "لاإلہ" جي آواز جو سوز هڪ نئين معنيٰ سان سمورن ماڻهن تي ڇانئجي ويو ۽ دينو ڇاڙهيءَ جي ڏاڪڻ تان ٿڙندو اچي ڪن نمازين جي وچ ۾ ڪريو. هڪ تير سندس نڙگهٽ ۾ ڪتل هو هن جو ساهہ ٻانگ جا آخري حرف آلاپڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. ان ساڳي گهڙيءَ ۾ زالن ۽ ٻارن جون ڪيڪون آسمان ڏارڻ لڳيون. گهوڙن جون هڻڪارون، هٿيارن جا شپڪا، ۽ سوارن جون هڪلون، دز ۽ مٽيءَ جي غبار سان گڏجي، قيامت ۽ محشر جو غوغاءُ بنجي ويون. جوان هڪدم پنهنجن مورچن ڏانهن ڀڳا؛ ڪي پنهنجي گهرن ڏانهن ڊوڙيا، ۽ ڪي پيرسن اتي ئي سجدي ۾ ڪري ڏٽيءَ در ٻاڏائڻ لڳا. ڪنهن کي بہ پنهنجو هوش نہ هو: پيرن اگهاڙا، هٿيارن بنا هرڪو پنهنجي منزل ڏانهن وڌي ويو. پر ترخان هيل ڪنهن ڳوٺ تي ڪاهہ ڪرڻ بدران وڏي جنگ لاءِ سنبري

آيا هئا. مسجد مان نڪرڻ تي ئي ماڻهن ڏٺو تہ ترخان ماڪڙ وانگر ڳوٺ ۾ ڦهلجي ويا هئا ۽ جيڪو تي سامهون آين، اتي هڪ ئي وقت ڌهہ ڌهہ تہ تراريون ۽ ڀالا تني تي پيا. جوان مورچن تي پهچڻ کان اڳ ڏڪجندا، ڦتجندا، ڪرندا ويا. ڪن جوانن مڙسي ڪري ڪنهن نہ ڪنهن ترخان کي گهوڙي تان لاهي. ڪوپالو ڪا ترار هٿ ڪري وڌي ۽ ان طرح سان وڙهندي وڙهندي پنهنجن مورچن ڏانهن وڌڻ لڳا. پر ترخانن جي ڪُٽ خلق هزارن جي تعداد ۾ هئي. انهن سان وڙهي پوري پوڻ اڻ ٿيڻي هئي.... ۽ پوءِ جڏهن ترخانن گهرن ۾ لوڙهن کي باهيون ڏيڻ شروع ڪيون، تڏهن سيني جون همتون جواب ڏئي ويون. پنهنجن ٻچن کي بچائڻ لاءِ هرڪو پنهنجي پنهنجي گهر ڏانهن ڀڳو. هڪڙو ترخان گهوڙو ڊوڙائيندو وڏي واڪ چوندو ويو: "سنڌيو پنهنجي زائفائن ۽ ٻارن جي جان پياري اٿو تہ پيش پئو.....!"

جڏهن هاهوڙ ڍري ٿي، تڏهن امير ڪوڪلتاش اڳيان ويهارو کن جوانن ۽ ڳوٺ جا سمورا پيرسن ڪنڌ جهڪايو بيٺا هئا. سٺر اَسي مڙس تہ ترخانن جي قتل عام جو شڪار ٿي چڪا هئا. ڪوڪلتاش جي منهن تي عجيب مرڪ هئي. هن هڪڙي ترخان کي اشارو ڪيو. ترخان اڳيان وڏي سنڌيءَ ۾ چيو: "اوهان جي ڳوٺ جو پريو مڙس ڪير آهي؟"

ڳوناڻن جون نظرون جاڻ کي ڳولڻ لڳيون. پر ميڙ ۾ جاڻ ڪونہ هو. پاڻ ۾ سس پس ڪندي هنن پيرسن حاجي خالق ڏني کي ڪڍي اڳيان ڪيو.

"سو تون آهين هتان جو پريو مڙس؟" ترخان ڇڻ ٺوڪ هڻندي چيو 'ابا، جيڪا سيني جي صلاح، سا منهنجي.....'

ترخان فارسيءَ ۾ امير ڪولتاش سان ڳالهائڻ ۾ لڳي ويو. ڪجهہ دير کان پوءِ وري ڳوٺ وارن ڏانهن منهن ڪري چيائين: "حضور جن اوهان جي اڳين سرڪشيءَ تي سخت ڪاوڙيل آهن. پر خدا جي خوف ۽ حضور قبلہ مرزا باقي بيگ جي رعيت پروريءَ کي خيال ۾ رکي، هي فيصلو ڪيو ويو آهي تہ يا تہ اوهين سڀ هيءُ ڳوٺ ۽ زمينون خالي ڪري هتان هليا وڃو يا هت رهي، حضور جن جي زمين تي هارين وانگر رهي، اڌ پيدائش جو سال بسال حضور جن کي تني پهچائي وڃو!"

ڪنهن بہ جواب ڪونہ ڏنو جوانن مان ڪيترن چيو تہ هو لڏي وڃڻ لاءِ تيار آهن، پر پيرسن ان تي راضي نہ ٿيا. اباڻا ڪک ڇڏي ڪٿي دربدر ٿيو! نيٺ صلاح بيٺي تہ اڌ آن ڏيڻ لاءِ راضي ٿجي. حاجي خالقڏني چيو: ”ابا، آهي تہ انڌير، پر اسين اڌ آن جو پهچائي ڏينداسون!“

سپاهي وري امير ڪوڪلتاش سان ڳالهائڻ ۾ لڳي ويو ۽ پوءِ وري چيائين: ”حضور جن اوهان جي جواب کان خوش ٿيا آهن، پر اڳين شورش جي عيوض، پنج ڪنواريون نينگريون حضور جن جي حرم لاءِ پيش ڪريو!“

هن اجا پنهنجا لفظ ئي پورا مس ڪيا تہ عمر لُوهہ پائي ڪٽي ٻک وڌس، اهو سيڪجهہ ايترو اوچتو ٿيو جو ڪنهن کي بہ سمجهہ ۾ نہ آيو تہ ٿيو ڇا! ترخان جي رنپ جڻ وري سيني کي هوش ۾ آڻي ڇڏيو. ترخان جي پنهنجي ترار سندس پيٽ جي آرپار لنگهي ويئي ۽ هو اُتي ئي ڪُنل ڍڳي جيان مٽيءَ ۾ ليٽڙيون پائڻ لڳو. جيڏيءَ مهل عمر ترار ڇڪي ڪڍي تہ ڏهہ ٻالا سندس سيني جو گهيرو ڪري بيٺا هئا. عمر پنهنجي چوطرف نهاريندي، ترار ڦٽي ڪري ڇڏي.

گهڙيءَ لاءِ ماٺ ٿي ويئي. ڪوڪلتاش جو منهن ڪاوڙ کان اودو ڪارو ٿي ويو. هو فارسيءَ ۾ گاريون ڏيڻ لڳو. هن جي حڪم تي عمر کي رسن سان چوڪنيو ڪٺي ٻڌائون. پوءِ هڪ ترخان اڳيان وڌي چيو: ”حضور جن اوهان تي رحم ڪائي، اوهان کي ڳوٺ ۾ رهڻ جي اجازت ڏني. هي ان جو بدلو ٿا ڏيو. هن ڪميٽي هاڻ حضور جي دل مان رحم پاڙون پٽي ڪڍي ڇڏيو آهي. هن کي سزا خود حضور جن تجويز ڪندا. اوهان لاءِ هي حڪم آهي تہ ڳوٺ ۾ جيڪو بہ اَن آهي، سو آڻي پيش ڪريو. مون کي حضور جن نوازش ڪري هن ڳوٺ جو عامل مقرر ڪيو آهي. آءٌ سوَ سپاهين سان هت چانوٽي هٽي رهندس تہ جيئن آءٌ اوهان سنڌين کي اطاعت ۽ فضيلت سيکاريان. ياد رکو، منهنجو نالو شهباز خان آهي، جنهن کان شيطان بہ پناهہ گهرندو آهي. هاڻ وڃو کرن ۾، گهرن ۾، ٻاندين ۾ جيڪو بہ اَن آهي، سو گاڏين تي لڏي حضور جن سان روانو ڪريو. جنهن بہ گهر ۾ ڪو هٿيار هجي، سو بہ چانوٽيءَ تي پهچايو ۽ ياد رکو، ڪنهن بہ ماٺهوءَ ڪا سرڪشي ڪئي آهي، سرڪاري حڪم جي

انحرافي ڪئي آهي، تہ ان جي گهر جي سمورن ماڻهن، زالن ۽ ٻارن کي آءُ ٽئي جي بازار ۾ نيلام ڪندس. وڃو ڪتؤ! اجا بيٺا آهيو!“

هن جي اشاري تي ترخان سپاهين، ڀالن جي نوڪن سان گهرن ڏانهن وڌڻ جو اشارو ڏنو. سپ ڪنڌ هيٺ ڪري پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن وڌڻ لڳا. عمر جا ڪي ساٿي سنگتي ڪجهہ وقت بيٺا رهيا، پر ترارين ۽ ڀالن جي چوڪن هنن کي بہ پنهنجي يار کي ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪري وڌو.

ڪيترا گهر سڙي ويا هئا، گهٽين مان لاشن ۽ ڦٽيل همراهن کي ڪڻندي ئي ڪين فجر ٿي ويئي. جانڻ ايترو ڏڪجي پيو جو پهرين تہ سيني سمجهيو تہ وڃي ڏٽيءَ در پرتو. سڄي رات مختلف گهرن مان دانهن، ڪوڪن ۽ رڙين جا آواز ايندا رهيا. هڙي قيامت جهڙي رات تہ هنن شاهہ بيگ واري واردات پيري بہ ڪانہ ڏني.

فجر نماز تي جڏهن نمازي آيا، تڏهن مسجد جي ٻاهران کوهہ تي هنن جيڪي ڪجهہ ڏٺو، تنهن سندن ڦٽن تي نسورو لوڻ ٻرڪي ڇڏيو. ڳوٺ جو شهزور جوان عمر کوهہ ۾ اُبتو ٽنگيل هو. جڏهن کيس کوهہ مان ڪڍيائون تڏهن هن ۾ اجا ساهہ باقي هو. پر هن جي بدن تي جتي ڪٿي ڏنين جا نشان هئا، جتان ڪچو گوشت سڙي نيرو ٿي ويو هو ۽ ڪٿان ڪٿان ان نيري رنگ مان رت جا ڦڙا ٻُڙڪي ٻاهر ٿي نڪتا. جتي سندس اکيون هيون، اتي هينئر ڪچي گوشت جا بہ ٻوٽ ٻاهر لڙڪي پيا هئا. هن کي مسجد جي هڪ نُڪ تي سمهاري، حڪيم ڏانهن ماڻهو ٿي ڊوڙايائون، تڏهن هن پنهنجو ڏڪندڙ هٿ مٿي کڻي ڪين منع ڪئي؛ ۽ پوءِ هنن جي ڏسندي ڏسندي، عمر جي چپن مان ”جيئي سنڌ!“ جو جهيڻو سڏ، هن جو ساهہ ٻڄي، عرش اڏامي ويو.

جڏهن جانڻ پنهنجي هن ڪونڌر پٽ جو اهو حال اکئين ڏٺو، تڏهن الائي ڇو هن آهہ بہ نہ ڪئي. هو ايترو ڦٽيل هو جو هن لاءِ اٿڻ بہ محال هو. پر ان جي باوجود هو سٽ ڏيئي اٿي بيٺو ۽ جهُڪي سندس نرڙ تي چمي ڏيندي آهستي آهستي پٽڪندي چيائين....“ابا، سنڌ کي پرتين.... ڏٽيءَ کي پرتين!“

**

## [5]

پرهه جي ٽڏي هير ٽٽي مٿان ائين گھلي رهي هئي، ڄڻ ڪا سڄڻي پنهنجي ننڍاڪڙي ساجن کي پلئه سان واءُ ڪري رهي هجي. مٿا مٿا سيءَ وڻن جي پنن کي ماڪ جي موتين سان رهاڻ ڪرائڻ لڳا ۽ سنڌ جي وڻن ۾ اهي ماڪ جا موتي ڄڻ سنڌ جي دکن تي آسمانن جي مالڪ جا لڙڪ ٻڌجي ويا هئا. پوڙهي بيبي خانم امير خان جي خواب گاهه ويندي، چپن ۾ پڙڪندي ٽي ويئي. ديوانخاني ۾ غاليچي تي جميل رت ۽ پگل جامن ۽ صراحين جا ٽڪر ڏسي هن کي راتوڪي رات ياد اچي ويئي. سليمان جو ٽڏو ٽيل مڙهه جڏهن پهريدارن کنيو هو تڏهن ائين ٽي پانيو ڄڻ تہ هو ڪو سالن جو مئل هو. منجهانئس هڪ گندي بانس سڄي محلي ۾ ڦهلجي ويئي هئي. سندس اکيون ڪنهن اچرج کان ڦاٽل هيون، ڄڻ مڙدي کي پنهنجي مئل هجڻ جو يقين ئي نہ هو. سندس چپن تي ڪنهن گجوراڙيءَ جون ڪڙيون ٻڌجي ويون هيون. امير خان هڪ ـ ٽڪ هن جي منهن ۾ نهاريندو رهيو هو. خود امير خان جي منهن تي ڄڻ ڪنهن تازي هيڊ هاري ڇڏي هئي. سندس اکيون، جيڪي هونئن ئي انگوريءَ کان پوءِ، اڌو گابريون بند رهنديون هيون، سي اڳئين کان اڳريون کليل هيون. پيڙي بيبي خانم کي مٿس ڪهل اچي ويئي هئي. هن امير خان کي ڪڏهن بہ ايترو ڊنل نہ ڏٺو هو. هن جي پرسان پهچي، جڏهن ڪيس هٿ لاتو هئائين، تڏهن هو سرءُ جي سڪل پن جيان ٿڙڪڻ لڳو هو ۽ بيبي خانم ڏٺو هو تہ هن جي اکين جي ڪنڊن ۾ لڙڪ پرجندا ٽي آيا. بيبي خانم جي هِنئين ۾ ڪو ڪُهنو سور جاڳي پيو ۽ هن دل ئي دل ۾ ڏٽيءَ در ٻاڏائيندي، هن جي

وڏيءَ عمر لاءِ دعا گهري هئي. هن جي ٻيڏڙي ارهه ۾ هن ترخان لاءِ مامتا جون لطيف لهرون جاڳي اٿيون هيون ۽ سندس هٿ وٺي ڪيس خواب گاهه تائين وٺي آئي هئي. ڪيس پلنگ تي ويهاري، هو ليليءَ کي وٺڻ لاءِ، هن جي ڪمري ڏانهن وڌي آئي. ليلي پنهنجي ڪمري ۾ پنهنجي پلنگ تي اڌ ليٽيل هئي. سندس ڊگها وار وهاڻي تان وري، پلنگ کان هيٺ لڙڪي رهيا هئا. سندس اڌ ڪليل اُرهه جڻ تہ سياڻي کان ڍڪي رهيو هو. سندس اکيون ڇت ۾ ٽنگيل فانوس ۾ ڪتل هيون. سندس هڪڙو هٿ هنڌ جي ريشمي چادر تي بي سڌ ٿيو پيو هو ۽ ٻيو هٿ سندس ڌُن تي اونڌو رکيو هو. بيبي خانم هري هري ٿي، اچي سندس سيرانديءَ کان بيهي رهي ۽ آهستي آهستي پنهنجي جهور پوڙهي گهنجيل هٿ سان هن جي وارن ۾ آڱريون ڦيرائڻ لڳي هئي.

”ڌيءُ، اڄ هو بيحد اُداس آهي. وڃ، وڃي سندس دل وندراءِ!“ ٻيڏڙي بيبي خانم جي آواز ۾ التجا هئي.

”آءٌ نہ ويندس هن وٽ! هو ڪانئر آهي، بزدل آهي؛ هن مون کي هڪ سنڌيءَ اڳيان بي پردو ڪيو آهي؛ آءٌ نہ وينديس.....“ ليليءَ جي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا.

بيبي خانم منجهي پئي. هن کي ليليءَ جي هوڏ جي خبر هئي. هن جيڪڏهن ڪيس وڃڻ لاءِ زور ڀريو تہ هوءَ خنجر پنهنجي پيٽ ۾ ٽنبي ڏيندي. پر امير خان اُداس هو سندس دل گهايل هئي، اُن تي دلداريءَ جو ڦهو رکڻ فقط ليليءَ جي هٿ ۾ هو. هن جي اندر جي عورت جاڳي پئي ۽ هن چيو: ”اڄ تنهنجي اکين ۾ چمڪ پئي ڏسان؛ تنهنجي اُرهه جي هيءَ مونجهہ مون اڳ ڪڏهن بہ نہ ڏٺي آهي؛ متان ڇوري، سنڌيءَ کي دل ڏيئي ويٺي آهين؟“

ليليءَ کي جڻ ڪنهن نانگ ڏنگي وڌو: جنهن پيڙا کي اجا هوءَ سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي، سا هڪ تير بنجي هن جي دل ۾ چيڀڻ لڳي، هڪ ڄَرَ بنجي هن جي جسم کي ساڙيندي وئي، ۽ هوءَ ان جي لهس کان اُپي ٿي وئي. سندس اکين مان جڻ نظر گم ٿي وئي ۽ بنا ڪنهن ديد جي هوءَ بيبي خانم کي گهُورڻ لڳي. پر هن جي اکين ۾ ترڪستان جا وسيع ميدان هئا، تناور وڻ هئا، وحشي اڻ پاليل گهوڙا

هئا، موڪرين ڇاتين، مضبوط ٻانهن ۽ نيرين اکين وارا دلاور مڙس هئا- ۽ پوءِ هن جي اکين ۾ سوڊل موتي آيو. هن جي اکين ۾ لڙڪ موتي آيا ۽ ڇپن تي ٻهه ٻهه ڪندڙ مرڪ موتي آئي. هن جي اکين ۾ ديد به موتي آئي ۽ هن بيبي خانم جي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو هو: ”ها، بيبي خانم! آءٌ چاهيان ٿي ته ان سنڌيءَ جي ڇاتيءَ ۾، مضبوط ٻانهن ۾ ۽ نيرين اکين ۾ سمائجي گم ٿي وڃان. بيبي خانم، جيجل! مون کي اهو سنڌي آڻي ڏي، يا مون کي وٽس پهچائي اچ!“

”آهستي ته ڳالهاءِ ڇوري! امير خان جي ڪَن تي پٽڪ پئي ته توکي مون کي گهاٽي ۾ پيڙائي ڇڏيندو!“ ٻڍڙيءَ کي ٻَوَ کان ڏڪڻي وٺي ويئي. ترخان جي ڪاوڙ ۽ غضب کان هوءَ واقف هئي. چنگيز ۽ هلاڪوءَ جي اولاد کي هن پاڻ به ته لوليون ڏيئي، مڇن جي ساوڪ ڏٺي هئي.

”هون..... ٻڌندو ته ڇا ڪندو، اهو بزدل!“ ليليءَ نفرت مان چيو: ۽ پوءِ پنهنجي اُرهه سان ارڏائي ڪندي، ان کي ڪُڏائيندي هن چيو هو: ”اڄ کان پوءِ هي اُرهه، هي ٻانهون هڪ نئين انتظار نئين اوسيئڙي ۾ رهنديون، امير خان هاڻ هنن کي هٿ به نه لائي سگهندو......!“

هن اڃا جملو پورو مس ڪيو هو ته دروازي تي امير خان کي بيٺل ڏٺائون. بيبي خانم سڪل پن جيان ڏڪڻ لڳي ۽ هن کي ليليءَ جي سر جو خير نظر نه آيو. امير خان اندر اچي اکين ئي اکين ۾ بيبي خانم کي وڃڻ جو اشارو ڏنو. هوءَ ٻاهر هلي ويئي هئي؛ ۽ پوءِ جڏهن هوءَ موٽي هن جي خواب گاهه ڏانهن وڌي رهي هئي، تڏهن دل ئي دل ۾ مرڪڻ لڳي هئي. هوءَ روز ليليءَ جي سيني تي امير خان کي ستل ڏسڻ جي عادي ٿي ويئي هئي ۽ اهو منظر هن کي ڏاڍو وڻندو هو. ڪيترو وقت ٻن خوبصورت جسمن کي پاڻ ۾ ويڙهيل سيڙهيل ڏسندي رهندي هئي، پوءِ اڳتي وڌي، چادر سان ڪين ڍڪيندي، سڏ ڪري جاڳائيندي هين. اڄ به ساڳئي منظر ڏسڻ لاءِ هوءَ مرڪندي، خواب گاهه ۾ داخل ٿي، پر هنڌ خالي ڏسي، ڪيس راتوڪي ڳالهه ياد اچي ويئي. هوءَ ليليءَ جي خواب گاهه ۾ پهتي ته اتي ليليءَ کي به اڪيلو ستل ڏٺائين. هن کي هدڪ پئجي ويو: متان سنڌين وري ڪا بغاوت ڪئي آهي ۽ راتو رات مرزا باقي بيگ کيس سڏايو هجي. پهريدارن کان پڇڻ کان سواءِ، هن گهوڙن

جي ڪڙهه ڏانهن رخ رکيو. امير خان جو ابلق سيني گهوڙن کان جدا هڪ خاص ڪڙهه ۾ ٻڌل هوندو هو. اتي پهچي، هن ڪڙهه جو ڪرسڻ هٽايو. گهوڙن جي پيرن وٽ، لڏ جي ڍير تي امير خان ستل هو ۽ سندس پيرانديءَ کان ادراڪي ويڙهيو سيڙهيو ستو پيو هو. امير خان جي وارن ۾ ڪپڙن تي لڏ ٿقيل هئي، سندس هڪڙو ڳل ته تازي لِڏ سان لتل هو. بيبي خانم ويجهو وڃي پهرين ادراڪيءَ کي اٿاريو. ادراڪي ڇرڪ ڀري اُٿي ويٺو. بيبي خانم کي پاڻ ڏانهن گهوريندو ڏسي، سندس هوش حواس درست ٿيڻ لڳا. هن بيبي خانم کي ٻڌايو ته رات امير خان اوچتو هن جي ڪوٺيءَ ۾ آيو هو ۽ هو وري ديوان خاني ۾ موٽي آيا هئا. ڪجهه دير امير خان انگوري پيئندو، راڳ ٻڌندو رهيو. پوءِ ڪڙهه ۾ اچي گهوڙي جي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي، ڳالهيون ڪرڻ لڳو هو ۽ ڪيس ائين ئي اُٿي ننڊ اچي ويئي هئي.

بيبي خانم ادراڪيءَ کي موڪلي، هڪ صاف چادر گهرائي ورتي، پنهنجي گنديءَ جو پلاند آلو ڪري، هن آهستي آهستي امير خان جو منهن ۽ وار صاف ڪرڻ شروع ڪيا. ٿڌي ٿڌي پاڻي لڳڻ سان، امير خان پاسو ورائي وري سمهي رهيو. بيبي خانم لاچار ڪيس ڏونڌاڙي جاڳائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. نيٺ امير خان اکيون کوليندي، پنهنجي چوڌاري نهاريو. پاڻ کي ڪڙهه ۾، لِڏ مٿان ستل ڏسي، هن چيو: ”اسان کي هت ڪنهن آندو؟“

بيبي خانم ڪوبه جواب نه ڏنو. فقط صاف چادر ڪڍي سندس ڪلهن آڏو ڏنائين. هري هري ڪري رات جا سموارا واقعا امير خان جي دل تي هُري آيا.... ۽ ڪاوڙ کان هن جون مڇيون ڦيڙجنديون ويون. هو چادر ڍڪي، هلي ديوانخاني تائين آيو. غاليچي تي پيل رت ڏسي هن کي پنهنجي وفادار خواجه سرا سليمان جي يادگيري اچي ويئي، ۽ هن نڙي چميل رت مان چپٽي ڀري، ترين ۾ مليندي، پنهنجي منهن تي مکي چڙيو ۽ پٽڪندي چيائين ته ”آءٌ پنهنجي پيءُ جو ۽ تنهنجو بدلو ضرور وٺندس، سليمان! مون کي قسم آهي پروردگار جو، آءٌ بدلو ضرور وٺندس! هن تازي وجائي، پهريدارن کي گهرايو ۽ کين گهوڙو سنبرائڻ لاءِ چئي، پاڻ تڙ ڪرڻ هليو ويو.

مرزا باقيءَ جي محل ڏانهن وينديءَ هو پوئينءَ رات بابت سوچڻ لڳو. جيئن جيئن سوڌل ياد ايندو ويس، تيئن تيئن هن جي رت جو دورو تيز ٿيندو ويو. هن کي ليلي ياد اچي ويئي، جنهن چيو هو تہ 'آءٌ توکي پاڻ وٽ سمهڻ تڏهن ڏينديس، جڏهن ان سنڌيءَ کي گرفتارڪري منهنجي اڳيان پيش ڪندين!' ۽ پوءِ ڏڪار مان خنجر جي نوڪ سان هن کي پنهنجي خواب گاهہ مان ڪڍيءَ دروازي کي ڪڙو ڏيئي ڇڏيو هئائين.

مرزا باقي بيگ اڳي ئي هن جي انتظار ۾ هو. پريان ئي چيائينس: "امير خان تو جهڙن دلير سردارن جي هونديءَ ترخانن ۽ ارغونن کي هيڏيون بي عزتيون سهڻيون ٿيون پون. ترخان اميرن کي جاگيرن تان آن ڪونہ ٿو ملي. ڪوڪلتاش جهڙي سردار کي گهر ويٺي سنڌي بيعزتو ڪيو ٿا وڃن. هت نٿي ۾ اسان کي ڪلايو ڪلايو گاريون ٿيون ملن. آخوند صالح دارالعلوم ۾ فارسي پڙهائڻ کان انڪار ڪرڻ جي جرئت ٿو ڪريءَ ۽ اسان جي فرمان جي جواب ۾ اسان کي نصيحتون ٿو ڪري!"

امير خان ڪنڌ جهڪائي بيهي رهيو. تيڏيءَ اک سان ڪوڪلتاش ارغون، خسرو خان، برق انداز خان ۽ مرزا باقي بيگ ڏانهن ڏٺائين. سڀ ڏپ کان چپ هئا. مرزا باقي پنهنجي ڏاڙهيءَ ۾ مٺ وجهندي چيو: "اسان کي سلطنت جون ڳالهيون سنيالڻيون آهن. اسين ڪيترو وقت انهن ننڍين ننڍين شورشن کي منهن ڏينداسون. جيڪڏهن اهي حال رهيا تہ سنڌي اسان کي جوتا هڻي وري قنڌار پهچائي ايندا. هوڏانهن شهنشاهہ ڏن نہ ملڻ ڪري چتو ٿي پيو آهي، ۽ ڪالهہ ايلچي آيو آهي، ظل سبحاني لاهور ۾ منزل انداز آهي ۽ اسين وجي سندس قدم بوسيءَ لاءِ حاضر ٿيون. هن کي کهڙي خبر تہ ترخانن ۽ ارغونن جو خون پاڻي ٿيندو وڃي، هو گاريون کائي چپ ڪري ويهي ٿا رهن ۽ هر ڳالهہ جو تدارڪ اسان کي ڪرڻو ٿو پوي. امير ڪوڪلتاش جي جاگير جي بحاليءَ لاءِ اسان کي ڪيس لشڪر ڏيڻو پيو. نٿي جي سيدن جي ايڏي مجال ٿي آهي، جو ترخانن کي پنهنجي محلي مان نٽا لنگهڻ ڏين، جو هو دارون پي گهرن ۾ گهڙي ٿا پون. وبندي ڪافرن جي ايڏي همت ٿي آهي، جو پنهنجا نبيرا اسان جي قاضين اڳيان ڪرائڻ بدران آخوند صالح وٽ ٿا وڃن. امير خان، اسين نٿي جي عملداري

توکي ٿا سونپيون. اسين ڏسڻ ٿا چاهيون تہ تون ڪيئن ٿو شورش کي منهن ڏين!“

ڪوڪلتاش ارغون ڪجهہ چوڻ ٿي چاهيو پر مرزا باقيءَ جي منهن تي ڪاوڙ جا ڪڪر ڏسي، وري چپ ٿي ويو. هن کي خبر هئي تہ مرزا جي ڪنهن ڳالهہ تي اعتراض ڪرڻ جي معنيٰ سڄي خاندان کي مارائڻ هو.

”۽ امير خان اسين توکي پنج هزاري مرتبو ٿا بخشيون. اسان کي اميد آهي تہ اسان کي مايوس نہ ڪندين!“

چوڌاري ”مبارڪ سلامت!“ جو شور برپا ٿي ويو. امير خان ادب مان ڪنڌ جهڪائيندي چيو: ”حضور جن جو هر حڪم پورو ٿيندو!“

اوڏيءَ منحل توشي خاني جو نائب عامل حاضر ٿيو ۽ چيائين ”حضور جو اقبال بلند هجي! حضور ڪٽڪ جو ذخيرو ختم ٿيندو ٿو وڃي. سُرن هٽي سموري ڪٽڪ جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو آهي ۽ سڄي ڪٽڪ مٽي بنجي ويئي آهي ۽ کاڌي جي لائق نہ رهي آهي. عملدار ۽ سپاهي اها ڪٽڪ کائڻ کان انڪار ڪرڻ لڳا آهن. حڪم هجي تہ اهو اُن اُڇلائي ڇڏيون!“

”هون... هون! اڄ ٻپهريءَ تي انهيءَ ڪٽڪ جون مانيون ئاهي پيش ڪيو وڃن، ۽ توشي خاني جا عملدار اسان سان ماني کائيندا.... ۽ اهو بہ حڪم ڏنو وڃي تہ ڪجهہ مانيون مٽيءَ جون پچائي آنديون وڃن!“

توشي خاني جو نائب ”جي حضور“ چئي هليو ويو. گهڙيءَ کان پوءِ چوبدار عرض ڪيو: ”ترخانن جي محلي ۾ شورش ڪندڙ بہ سنڌي حاضر آهن!“

”پيش ڪيا وڃن!“ مرزا باقي بيگ جي اکين ۾ خونخوار چمڪ پيدا ٿي ويئي.

گهڙيءَ کان پوءِ بہ اڌڙوٽ عمر جا سنڌي چوڪنيا ٻڌل پيش ڪيا ويا. مرزا باقي کين ڏسي تخت تان هيٺ لهي آيو ۽ چرين وانگر رڙيون ڪندي بي تحاشا کين ٺُڏڙ ۽ مُڪون هڻڻ لڳو. جڏهن سندس هٿ ٿڪجي پيا، تڏهن هن چوبدار ڏانهن مُنهن ڪري چيو: ”هنن کان ڪو

سنڌيءَ ۾ پڇي تہ ڏوھہ قبول ڪن ٿا يا نہ ۽ آئينديءِ اطاعت لاءِ اقرار ڪن ٿا يا نہ؟“

هڪڙي ترخان، اڳتي وڌي سنڌيءَ ۾ چيو ”اڙي ڏوھہ قبوليو تہ جيئدان ملندوَ!“

سنڌي خاموش رهيا، فقط هلڪي مرڪ سندن چپن تي ڪيڏڻ لڳي. هڪڙي ٿورو ڏاڍيان ڪلندي چيو: ”ترخانن جي محلي مان لنگھڻ جي ڏوھہ آهي، تہ اسين بروبرو ڏوهي آهيون.“

”پر اوهان هڪ ترخان امير زاديءَ سان هٿ چراند ڪئي آهي...... “ ترخان امير ڪاوڙ ۾ چيو.

”هن پاڻ اسان کي سڏ ڪيو ۽ پنهنجو اُرھہ ڏيکاريندي چيائين تہ هٿ لائي ڏسو تہ هي قنڌاري ڏاڙهون پڪل آهي يا نہ..... اسان تہ رڳو هن جو چوڻ مڃيو: هوءَ بہ تہ ترخان آهي، ۽ ترخانن حاڪمن جو حڪم ڪيئن نہ مڃون!“ هن پنهنجي کِل روڪيندي چيو.

ترخان امير پنهنجي ڪاوڙ روڪيندي، مرزا باقيءَ ڏانهن منهن ڪري چيو: ”حضور هي پنهنجو ڏوھہ قبولين ٿا“.

”هون...... چئين تہ آئنده وري ترخان اميرن جي محلي ۾ نہ ايندا، ۽ اسان جي اطاعت جو قسم کڻن!“

ترخان امير وري سنڌين ڏانهن منهن ڪري چيو: ”چورا چؤ تہ حضور جو سر سلامت، اسين اوهان جا غلام آهيون تہ جان بچي پوندوَ نہ تہ......“

”ڏارين جي حڪومت تي لک لعنت....“ مرزا باقي بہ تخت تان اُٿيو ٿي ويو ۽ هن چڙ وقلندي چيو: ”هنن جي جيئري کل لاٿي وڃي.... اسان جي سامهون.... هينئر جو هينئر.... چوبدار....!“

چار سپاهي تراريون ڪڍي سنڌين اڳيان اچي بيهي رهيا. ترخان امير مزو ڏسڻ لاءِ اڳتي وڌي، گهيرو ٿاهي بيهي رهيا. هڪڙي سپاهيءَ اڳتي وڌي ترار جي نوڪ هڪڙي سنڌيءَ جي نرڙ تي رکي وٺي چهڪ ڏنو. رت جي تکي ڪوسي ڌار سنڌيءَ جي نرڙ مان نڪري سپاهيءَ جي سفيد جامي کي رنگي ڇڏيو. هڪڙو سپاهي هري هري ترار جا چهڪ ڏيندو ويو ۽ ٻيو کل کي ڇڪيندو لاهيندو ويو. جڏهن ڳلن جو ڪچو

ڪچو ماس ظاهر ٿيو تڏهن هڪڙي ترخان امير کان دل جهلي نہ ٿي ۽ هن اتي ئي پيٽ کي هٿ ڏيئي التي ڪري وڌي. مرزا باقي هن کي اهڙين نظرن سان ڏٺو جڻ سندس ڪل لاهرائڻ جو حڪم ڏيڻ وارو هو. امير کي پنهنجو ٻپ وٺي ويو ۽ هو وات اُگهندو آت ڏيندو پوئتي هٽندو ويو.

جڏهن منهن جي سڄي ڪل لهي ويئي، ۽ ڪچي ڪچي گوشت جي بُوءِ ماحول ۾ ڦهلجي ويئي، تڏهن ٻئي سنڌيءَ کان رهيو نہ ٿيو ۽ هن پاڻ ڇڏائڻ لاءِ زور لائڻ شروع ڪيا ۽ رڙيون ڪرڻ لڳو. "اوهين انسان نہ ڳجهون آهيو! حرامخور، آدمخور، گونهن خور......!" هڪ سپاهي خنجر ڪڍي سندس نرڙ تي رکيو ۽ هيٺ ڇهڪ ڏنائين. هن جي نرڙ وڍجي ٻہ ڦاڪون ٿي پيو ۽ رت جو هڪ ڦوهارو سامهون ويٺل اميرن جي ڪپڙن کي ڳاڙهو ڪري ويو. اوڏيءَ مهل، پنهنجي پاڻ کي ڪجهہ سيٽيندي، سنڌيءَ پنهنجي وات ۾ ٿُڪ گڏ ڪري، زور سان مرزا باقيءَ ڏانهن اڇلائي: ٿڪ جو بوٽيندو مرزا باقيءَ جي ڏاڙهيءَ ۾ وڃي ڪتو. هڪ ترخان امير هڪ ئي ڌڪ سان ان سنڌيءَ جي سسي ڌڙ کان جدا ڪري ڇڏي.

مرزا باقيءَ جي اکين ۾ وحشت نچڻ لڳي ۽ انهيءَ امير جو ٿُرو لاهيندي، ان سان پنهنجي ڏاڙهي صاف ڪرڻ لڳو. سڀ امير ششدر ٿي، ڪسڪڻ جي واٽ ڳولڻ لڳا. عين ان وقت چوبدار عرض ڪيو: "حضور، پيهريءَ جي ماني لڳائي ويئي آهي، حضور جن قدم رنج فرمائين!"

هو سڀ ديوانخاني ڏانهن وڌيا. دسترخوان تي قسمين قسمين طعام سجايل هئا ۽ هڪ طرف انگوريءَ جون ڳاڙهيون، گلابي ۽ قرمزي صراحيون سجايل هيون. سهڻن سهڻن ترڪ ڇوڪرن وڌي سيني جا هٿ ڏُٺاريا. امير ۽ سردار انهن ڇوڪرن جي ڳلن ۾ چهنڊيون پائيندا، کلندا، مذاق ڪندا، مرزا باقيءَ جي خوشامد ڪندا، صراحين ڏانهن وڌيا. ترڪ ساقين نازن نخرن ۽ ادائن جا جام پري پري پيش ڪيا. جڏهن انگوريءَ جو دور ختم ٿيو تڏهن هنن مانيءَ ڏانهن هٿ وڌايو. مرزا باقي هٿ مٿي کڻي سيني کي منع ڪئي ۽ پوءِ توشي خاني جي اعليٰ عامل ڏانهن منهن ڪري چيو: "پهرين تون!"

سامهون ٽن قسمن جون مانيون رکيل هيون: سنيءَ ڪٽڪ مان ٺهيل اڇا ڪير جهڙا ڊٻڙ، سُريل ڪٽڪ مان ٺهيل ڪارسريون مانيون ۽ چيڪي مٽيءَ مان ٺهيل ڪاريون پوريون مانيون. عامل سٺي مانيءَ ڏانهن هٿ وڌائيندي، جيئن هڪڙي ماني کنئي ته مرزا باقيءَ ٻانهن ۾ ڏڪ هڻندي چيس: ”اها نه هيءَ ماني کاءُ!“ مٽيءَ جي مانين ڏانهن اشارو ڪيائين.

توشي خاني جي عملدارن جي منهن جو پنو لهي ويو. هن مرزا باقيءَ ڏانهن رحم طلب نگاهن سان نهاريو. مرزا باقيءَ جي چپن تي هڪ خونخوار مُرڪ نچڻ لڳي. لاچار هُن هٿ وڌائي مٽيءَ جي مانيءَ مان ٻور ڀڳو ۽ وات ۾ وجهي چٻاڙڻ لڳو. مٽي هن جي وات ۾ ڪاري گپ بڻجڻ لڳي ۽ هو اُتوڙجڻ لڳو. سندس چپن جي ڪنڊن مان ڪاري ڪاري گجي نڪري، هن جي پهراڻ تي ڪرڻ لڳي. سندس اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو. هن ڳيت ڏيئي گپ جو ڍُڪ هيٺ لاٿو. سيني اميرن جو ساهه ان وقت مٺ ۾ اچي ويو هو. امير خان به ششدر ٿي، ذري مرزا باقيءَ ڏانهن ٿي ڏٺو ته ذري هن مٽي ڪائيندڙ عامل ڏانهن. جڏهن عامل پاڻ تي جبر ڪري، گپ جو گرهه هيٺ لاٿو تڏهن مرزا باقيءَ سريل مانيون هن ڏانهن وڌايون. هن سريل مانيءَ جو ڳيو وات ۾ وجهي چاٻا ڏيڻ شروع ڪيا ۽ گپ جو سواد وات ۽ نڙيءَ مان ڪيڏڻ لاءِ تڪڙا تڪڙا گرهه ڪٽڻ شروع ڪيا. مرزا باقي هن جي منهن ۾ نهاريندو، هن کي جاچيندو رهيو ۽ پوءِ کلي چيائين: ”ڪيئن ڪهڙي ماني بهتر آهي؟ مٽيءَ جي يا سُريل ڪٽڪ جي؟“

عامل ڪنڌ هيٺ ڪري بيهي رهيو. سيني جا ڪنڌ هيٺ هئا. مرزا باقيءَ غضبناڪ آواز ۾ چيو: ”قنڌار ۾ ته اوهان کي کائڻ ليءِ چيڪي مٽي به ڪانه ملندي هئي، ۽ هت سُريل ڪٽڪ کائڻ کان عار ٿو ٿئيوَ! خبردار، آءٌ وري شڪايت نه ٻڌان!“

توشي خاني جو عامل ”جي حضور، جي سرڪار!“ ڪندي، پوئين پير اتان نڪري ويو ۽ باقي امير ۽ سردار مرزا باقيءَ سان گڏ ٻڪل گوشت، ڪٽڪ جي ڊٻڙين، پلائن ۽ ٺٽي جي آچارن تي ڪري پيا. جڻ ته هنن ماني زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ڏٺي هئي. يا جڻ ته هو آخري ڀيرو ماني کائي رهيا هئا. امير خان کي الائي ڇو هنن هيچي ترخانن کان

ٻچان اچڻ لڳي. هو سوچڻ لڳو: جيڪڏهن سنڌين کي سنئين دڳ لاٿو آهي، تہ پهرين هنن ترخانن ۾ وري تنظيم آڻڻ جي سخت ضرورت آهي.

جڏهن ماني کائي لاٿائون، تڏهن مرزا باقي امير خان ڏانهن منهن ڪندي چيو: "اسان قنڌار کان ٻہ سؤ مولوي ۽ اُستاد گهرايا آهن. اُن جو بندوبست ٿيڻ گهرجي تہ آخوند صالح واري مدرسي ۾ ٻين سمورن مدرسن ۽ دارالعلون ۾ هو شاگردن کي فارسي پڙهائين. سنڌي جيسين خيام، حافظ ۽ روميءَ کي نہ پڙهندا، تيسين هو بغاوتن کان ڪونہ مڙندا. زندگيءَ جي لذيذ شين، شيرازي ترڪن، ۽ صراحين جامن ۽ زندگيءَ جي بي ثباتيءَ ۽ لامڪاني منزلن جي ڄاڻ کان پوءِ بغاوت جو خيال اچڻ محال آهي. ان ڪري ضروري آهي تہ سنڌي پنهنجي ڄٽڪي زبان ڇڏي فارسيءَ ڏانهن مائل ٿين!"

"جي، حضور جن سچ ٿا فرمائين!" امير خان ڪنڌ ڌوڻيندي چيو.

جڏهن مرزا باقي اندر هليو ويو. تڏهن امير خان سمورن سردارن کي چيو تہ قيلولي کان پوءِ سڀ ترخاني ساقي خاني ۾ گڏ ٿين تہ جيئن ٺٽي جي انتظامي ڪمن بابت ڪي صلاحون ڪجن. هيتري ساري ماني کائڻ کان پوءِ، سيني سردارن کي اوٻاسيون اچڻ لڳيون هيون، پر مرزا باقيءَ جي موجودگيءَ ۾ اوٻاسي ڏيڻ موت کي سڏ ڪرڻ هو. مرزا باقيءَ جي وڃڻ کان پوءِ، هنن دل کولي اوٻاسيون ڏيڻ ۽ ڪر موڙڻ شروع ڪيا هئا. امير خان هنن جي اها حالت ڏسي، پنهنجي ڇپن ۾ ٽِڪندو، پنهنجي محل ڏانهن روانو ٿيو.

**

[6]

ترخاني ساقي خاني ۾ هر ڪنهن آرغون ۽ ترخان سردار لاءِ جدا جدا مسند ۽ تخت تهيل هو. ٿهوي خاني جو مالڪ آتش خان چڻ هر امير جو ذاتي دوست هو. هن کي هر امير جي اندر ٻاهر جي خبر هئي. هن کي اها بہ خبر هوندي هئي تہ اڄ فلاڻو امير ڪهڙي ٻانهيءَ يا ٻانهي سان صحبت ڪندو. هن جي جاسوسيءَ جو انتظام ايترو پختو هو جو هن کي اهي خبرون پهچنديون رهنديون هيون تہ ڪهڙي امير جي ڪهڙي زال، ڪهڙي ٻانهي يا ڪهڙو غلام، ڪهڙي امير سان ڦتل هو سندن ملاقاتون ڪٿي ۽ ڪيئن ٿينديون هيون. هر خبر ٻڌي، هو پنهنجي منڊي ٽنگ تي ٽيڪ ڏيئي، ٺهڪ ڏيڻ لڳندو هو. امير بہ هن کان ڏاڍو ڊڄندا هئا. هنن کي هميشہ اهو ڪتڪو رهندو هو تہ آتش خان سندن راز مرزا باقيءَ يا ٻئي ڪنهن سردار تائين نہ پهچائي؛ ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ اها هئي، جو هن جا ساقي بيحد حسين هوندا هئا. هر مهيني ايران، ترڪستان، افغانستان ۽ قنڌار کان ٻارهن کان سورهن ورهين جا خوبصورت مست اکين وارا ڇوڪرا غلامن طور وڪامڻ پهرين آتش خان وٽ آندا ويندا هئا ۽ هو خريد ڪرڻ وقت انهن ڇوڪرن جي جانچ جونچ بلڪل ائين ڪندو هو چڻ ڪو وهٽ خريد ڪرڻو هوس: سندس ڏند، سندس چيلهہ، سندس اکيون، سندس ڳاڙها ڳل، منهن تي تر ۽ سڀ کان وڏيڪ سندس ڏُڏا جانچي پوءِ خريد ڪندو هو. ترخان امير ان ڏينهن جي انتظار ۾ هوندا هئا، جنهن ڏينهن نوان ساقي ٿهوو يا انگوري پيئارڻ ايندا هئا ۽ پوءِ ڪنهن نہ ڪنهن ساقيءَ تي امير پاڻ ۾ وڙهڻ لڳندا هئا. هن جي ساقي خاني ۾ انهن ڳالهين تان خون ٿيڻ تہ

معمولي ڳالهہ هئي.... ۽ جڏهن بہ ترخان پاڻ ۾ ڪنهن ساقيءَ تان وڙهندا هئا، تڏهن آتش خان پنهي کي، ساقي خاني جي پٺيان هڪ وڏي دالان ۾ وٺي ايندو هو ۽ هر هڪ کي هڪجهڙو خنجر ڏيئي، مرڪندو وري ساقي خاني اندر موٽي ايندو هو. جيڪو امير سوپ کٽي موٽي ايندو هو، ساقي ڏاڍي نياز ۽ ادب سان ان کي قهوو يا انگوري پيئارڻ لڳندو هو ۽ هارايل ترخان کي، جيڪو اڪثر مئل هوندو يا مرڻ ۾ هوندو هو، تنگ کان گهلي، پنهنجي پن پهريدارن هٿان سڌو سندس گهر موڪلي ڏيندو هو. اهي ساقي ڏينهن جو ساقي خاني ۾ اميرن جي خدمت ڪندا هئا، ۽ رات جو ڪنهن خاص امير جي خوابگاهہ ۾ پنهنجا فرض بجا آڻيندا هئا.

پر اج آتش خان ڪنهن ڳوڙهيءَ سوچ ۾ گرفتار پنهنجي منديءَ تنگ تي ٽيڪ ڏيئي، ڇت ۾ ٽنگيل فانوسن ۾ نهاري رهيو هو. هن جي جاسوسن هن تائين اهو نياپو اڳي ئي پهچائي ڇڏيو هو تہ امير خان کي ٺٽي جو عامل مقرر ڪيو ويو هو. امير خان هوندئن تہ آتش خان تي خاص طرح مهربان هو: جڏهن کان هن کيس ليليءَ کي وڪيو هو، امير خان مٿس وڏيون نوازشون ڪرڻ لڳو هو ۽ هاڻ تہ ٺٽي جي حاڪم جي حيثيت ۾ اجا بہ وڌيڪ مهربانيون ڪري ٿي سگهيو پر ان ۾ هڪڙيءَ ڳالهہ خلل پيدا ڪري وڌو هو. مرزا باقيءَ کي امير خان جو ترڪ ساقي اِدراڪي بيحد پسند اچي ويو هو ۽ هن آتش خان کي گهرائي حڪم ڏنو هو تہ ادراڪيءَ کي ڪنهن بہ طرح هٿ ڪري وٽس پيش ڪري. امير خان ادراڪيءَ کي وڪڻ لاءِ ڪڏهن بہ تيار نہ ٿيندو، سا آتش خان کي پڪ هئي، ۽ هو سمورن ترخان اميرن ۾ نرالو سردار هو. جيڪڏهن مهربانين تي اچي تہ لک مهربانيون ڪندو، پر جيڪڏهن ڪاوڙيو تہ هن جهڙو خونخوار ترخان ٻيو نہ هو. اڳيان مرزا باقي بہ گهٽ نہ هو. امير خان کي ٺٽي جو عامل مقرر ڪري، هن هڪ ئي تير سان ٻہ شڪار ڪيا هئا: هڪ طرف سنڌين جو زور ڀڃڻ لاءِ امير خان کان بهتر ماڻهو نہ هو. ٻئي طرف امير خان انتظامي ڳالهين ۾ ايترو مصروف هو جو ادراڪيءَ کي مرزا باقيءَ جي خدمت ۾ پهچائڻ آتش خان لاءِ ڏکيو نہ ٿيندو. پر آتش خان لاءِ مسئلو اهو هو تہ جيڪڏهن سڌو سنئون

امير خان کان ادراڪيءَ کي مرزا باقيءَ تائين پهچائي تہ اهو امڪان هو تہ ادراڪي مرزا باقيءَ کي اهڙو پسند اچي وڃي، جو هو ڪيس موٽائڻ کان انڪار ڪري وجهي. ان صورت ۾ بہ امير خان فوراً تاڙي ويندو تہ ان ۾ آتش خان کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو هٿ ٿي نٿو سگهي. اڄ امير خان کيس اڳي ئي چوائي موڪليو هو تہ هن کي ٺٽي جي انتظامي مسئلن لاءِ اميرن سان صلاح ڪرڻي هئي، ۽ هو شام ڌاري ساقي خاني ۾ مجلس ڪندا. بيبي خانم بہ کيس ٻڌائي ويئي هئي تہ امير خان سخت تتل آهي، سندس خاص خواجہ سرا سليمان کي هڪ سنڌي سندس اکين آڏو خون ڪري ويو هو ۽ وري ليليٰءَ بہ رات کيس پنهنجي خوابگاهہ مان ڌِڪا ڏيئي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو هو. اهڙي موقعي تي ادراڪيءَ جي ڳالهہ ڇيڙڻ بہ موت کي سڏ ڪرڻو هو. اڃا انهن ئي خيالن ۾ هو تہ ترخان اميرن ساقي خاني ۾ اچڻ شروع ڪيو.

جيئن جيئن امير ۽ سردار پهچندا ويا، ساقي خاني ۾ هُل هنگامو وڌندو ويو. ساقي قهوي جون پياليون ۽ انگوريءَ جا جام کڻندا، مٽڪندا، چيلهہ ڇپي ڪندا، ناز نخري سان اميرن اڳيان پيش ڪندا رهيا ۽ امير بہ هنن سان خوش طبعي ڪندا، ڇُهندين ۽ چمين جي ڪوشش ڪندا، جام پيئندا ويا. جڏهن امير خان ساقي خاني ۾ داخل ٿيو تڏهن ڪيترا امير احترام کان اٿي بيهي رهيا، پر سرڪش قسم جي ارغون سردارن پنهنجي انگوريءَ ۽ پنهنجي ساقيءَ ۾ مگن، هن ڏانهن نهاريو بہ ڪونہ. آتش خان، اڳتي وڌي، ڪورنش ڪري، امير خان جي نئين مسند ڏانهن اشارو ڪري، هٿ ٻڌي بيهي رهيو. اها مسند هوندئن امير ڪوڪلتاش ارغون لاءِ هوندي هئي. ڪوڪلتاش جو نئدو پاءُ خسرو خان پاسي واريءَ مسند تي ويٺو هو سو امير خان کي انهيءَ مسند ڏانهن وڌندو ڏسي گهنڊ پائي کيس گهورڻ لڳو. امير خان انهن نظرن کان بي نياز نئين مسند تي اچي ويٺو. هڪ ڏگهڙي قد جي ساقيءَ پنهنجي ڇپن تي مِٺي مُرڪ آڻيندي، سندس آجيان ڪئي: ”خوش آمديد آقاءِ من!“

امير خان جي ڇپن تي بہ مرڪ اچي ويئي ۽ سندس ڳل ۾ چپٽي وجهندي، چيائين: ”تنهنجا ڳل تہ ڏاڙهونءَ کان بہ ڳاڙها آهن، ساقي! تون شايد نئون ٿو ڏسجين!“

”ادراڪيءَ جا ڳل تہ هن ڪان بہ ڳاڙها آهن، امير خان!“ خسرو خان ٺهڪ ڏيندي چيو. سمورا امير خسرو سان گڏ ٺهڪ ڏيڻ لڳا. امير خان جو منهن ٽامڙي هٽي ويو ۽ هن رڙ ڪري چيو: ”خسرو خان، ادراڪيءَ جو نالو وٺڻ کان اڳ پنهنجو وات عنبير سان ڌوئي اچ! تنهنجو وات تہ گُونهن سان ڀريل آهي!“

امير وري ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳا. خسرو خان ڪاوڙ کان اُڀو ٿي ويو ۽ هن پنهنجي خنجر جي مٺئي تي هٿ رکندي چيو: ”امير خان، زبان سنڀالي ڳالهاءِ، ٺٽي جو عامل هوندين، تہ پنهنجي لاءِ هوندين!“

امير خان جي اڳيان ننڍي خوبصورت ٽپائيءَ تي انگوريءَ جو جام رکيو هو. هن اک ڇنڀڻ کان سواءِ اهو کڻي، خسرو خان جي هوٺ ۾ اُڇلايو. خسرو خان جو منهن ۽ ڪپڙا ڳاڙهي انگوريءَ سان رڱجي ويا. خسرو خان ٽپ ڏيئي اٿي بيٺو ۽ ٻي گهڙيءَ خنجر ڪڍي امير خان ڏانهن وڌيو. سڀ امير اُٿي بيهي رهيا. آتش خان منڊڪائيندو هنن تائين پهتو ۽ ڪين منٿون آزيون ڪرڻ لڳو تہ مڙي وڃن، پر خسرو خان ڪيس هٿ سان هٽائيندي چيو: ”هن منهنجي بي عزتي ڪئي، اُن جو حساب ڪيس هينئر ئي ڏيڻو پوندو! مون کي قسم آهي پنهنجي پيءُ جي ڏاڙهيءَ جو تہ ادراڪي اڄ رات منهنجي بغل ۾ هوندو!“

امير خان بہ اٿي بيهي رهيو. هن جو هٿ پنهنجي خنجر بدران نيٺ جي ڏگهي لڪڻ ۾ هو جيڪو مُنئي وٽان گولائيءَ ۾ وريل هو. هن لڪڻ کي ڇيچڙيءَ کان جهلي، تيزيءَ سان ان جو هٿيو خسرو خان جي ڳچيءَ ۾ وجهي، زور سان ڇڪ ڏني. خسرو خان پاڻ سنڀالي نہ سگهيو ۽ هو ٿابڙجي، امير خان جي مسند جي پاين اڳيان اچي مُنهن ڀر ڪريو. امير خان لت کڻي سندس سسيءَ تي رکي ۽ رڙ ڪري چيائين: ”اوهان جهڙن ذليل ارغون سردارن جي ڪري اڄ سنڌين جو من وڏي ويو آهي. اوهان ۾ پنهنجي عزت ۽ شرافت جو هاڻ ذرو بہ نہ بچيو آهي، پر ياد رکو سنڌين کان اڳي آءٌ اوهان کي سڏو ڪندس!“ خسرو خان اٿڻ جي ڪوشش ڪئي تہ امير خان وري لت هٽي زمين ۾ گڏي ڇڏيس.

آتش خان، امير خان کي آزيون نيزاريون ڪرڻ ۽ صدقا وجهڻ لڳو. تڏهن وڃي امير خان جي ڪاوڙ ڍري ٿي ۽ ٻن ترخانن کي سڏي

چيائين ”هن حرامخور کي ڪٽي ڪنهن گند جي ڍير تي چڙهي اچو! ۽ آتش خان! مون هن کي وري تنهنجي ساقي خاني ۾ ڏٺو آهي تہ آءُ توکي اگهاڙو ڪري ٿني ڪان قنڌار موڪليندس!“

خسرو خان جي ڪاوڙ شرمساريءَ ۾ بدلجي ويئي ۽ جڏهن هن کي ٻن ترخانن اچي اٿاريو تڏهن سندس ڪنڌ هيٺ هو. سندس منهن سڄو گپ ٿي ويو هو. زريءَ جا ڪپڙا مٽيءَ ۽ انگوريءَ ۾ لتجي ويا هئا. هن خنجر مياڻ ۾ واپس رکندي چيو: ”امير خان، ارغونن سان هٿ چراند ڪرڻ جي سزا، اڄ نہ تہ سڀان، توکي ضرور ملندي....“

ائين چئي، ترخان ڪان پنهنجي ٻانهن ڇڏائيندي-هو تيزيءَ سان دروازي ڏانهن وڌيو. دروازي تي هڪ پربت جيڏو مڙس بيٺل هو ۽ هو دروازي کي ائين والاري بيٺو هو. جو ٻاهر نڪرڻ يا اندر اچڻ جيتري جاءِ بہ نہ ڇڏي هئائين. سندس ويڪري ڇاتيءَ ۽ ڊگهن شهپرن کي ڏسي هيبت وٺي ٿي ويئي. هڪ وڏو ڪٽارو سندس ڪمربند ۾ ڪتل هو. پر سندس هٿن ۾ رسيءَ جي هڪ ٽڪر ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو. خسرو خان کي ويندو ڏسي، سڀ امير دروازي ڏانهن نهارڻ لڳا هئا. هن کي دروازي اڳيان بيٺل ڏسي سڀ حيرت مان هڪٻئي جو منهن تڪڻ لڳا.

آتش خان بہ حيرت مان هن شخص کي ڏسندو رهيو. هيءُ پهريون پيرو هو. جو ڪنهن سنڌيءَ ساقي خاني ۾ اچڻ جي جرئت ڪئي هئي. هو بہ پنهنجيءَ منڊي ٽنگ تي ٿلڪندو دروازي ڏانهن وڌيو.

”ڪير آهين تون ڙي؟“ آتش خان پريان ئي واڪو ڪري چيو.

”ترخانن جو موت!“ هن شخص ڪلندي چيو.

خسرو خان کي وري پنهنجي ارغوني ترخاني ياد اچي ويئي ۽ هن خنجر ڪڍندي، گار ڏيندي چيو: ”اوهان سنڌين جي هاڻ اها همت ٿي آهي جو....“ ائين چئي هن خنجر جو وار ڪيو. هو شخص پنهنجي جاءِ تان تر جيترو بہ نہ هٽيو. جيئن ئي خسرو خان وار ڪيو هن ڪٽي خنجر واري ٻانهن ۾ هٿ وڌس. ٻئي هٿ سان رسيءَ جو ٽڪرو زور سان سندس ٻوٿ ۾ ڦهڪائي ڪڍيائين. ڏک کان خسرو خان جي اکين ۾ اوندهہ ڇانئجي ويئي ۽ هن جي خنجر وارو هٿ نستو ٿي ويو. آتش خان کي بہ ڪاوڙ اچي ويئي ۽ هن بہ پنهنجو خنجر ڪڍي جيئن وار ڪيو تيئن

هن شخص خسرو خان جي ٻانهن مروڙيندي، ڪٽي ڪيس اڳيان ڪيو. آتش خان جو وار خالي نہ ويو ۽ خنجر خسرو خان جي ڇاتيءَ ۾ کپي ويو. خسرو خان جي اکين ۾ اُن ڏک جي ايذاءَ کان وڌيڪ آتش خان جي ڪيل وار تي حيرت جهلڪڻ لڳي، ۽ هو هڪ ڏکي ”آ...... آه“ ڪندي اڳيان جهڪي پيو. ان گهڙيءَ هن شخص خسرو خان کي زور سان ڌڪو ڏنو. خسرو خان ڄڻ هن جي هٿن ۾ ڪينهون هو جنهن سان مرضيءَ مطابق کيڏڻ لڳو. خسرو خان جو مٿو زور سان اچي آتش خان جي سيني ۾ لڳو. آتش خان پنهنجي منڍيءَ ٽنگ کي سنڀالي نہ سگهيو ۽ پٺن ڀر وڃي ڦهڪو ڪيائين. اهو سڀ ڪجهہ ايترو جلد ۽ تيزيءَ سان ٿيو جو ٻين ترخانن کي سمجهڻ جو وقت نہ مليو تہ ڇا ٿي رهيو هو.

”نڪر هتان ٻاهر، اوهان جي گور.... کي .....“ هن شخص رڙ ڪري چيو. هن اڳيان وڌي هڪ وڏي صندل کي ٻنهي هٿن ۾ کڻي، اڳيان بيٺل اميرن ڏانهن اڇلايو. ترخان پاڻ بچائڻ لاءِ هيٺ جهڪي ويا ۽ صندل زور سان اچي مٿن ڪريو. راڙو راڙ مچي ويئي. امير خان چپ چاپ اهو سڀڪجهہ ڏسندو رهيو. هو پنهنجي جاءِ تان چريو بہ ڪونہ. هن سنگهار کي سڃاڻي ورتو هو.“ ۽ هن تي هڪ ئي گهڙيءَ ۾ بہ احساس ڇانئجي ويا، هڪ بدلي وٺڻ جو ۽ هڪ ڏپ جو. انگوري هن جي ٺهڪندڙ رت تي ڄڻ پاٽيءَ وارو ڪم ڪرڻ لڳي ۽ ڏپ هن جي ڪاوڙ ۽ بدلي وٺڻ جي نيت تي غالب پوندو ويو. هن شخص سان مقابلو ڪرڻ موت کي سڏي سنئين دعوت ڏيڻي هئي. هن کي مارڻ لاءِ ڪنهن دغا دولاب کان سواءِ ڪو چارو ئي ڪونہ هو.

”نڪرو ٻاهر..... اوهان کي چيم، رڍ جا پٽ، هڪدم ٻاهر نڪرو....“ سنگهار وري رڙ ڪئي ۽ هڪ ٻئي صندل کي کڻي ٻنهي هٿن ۾ کنيائين، ترخان پاڻ کي ڌڪ کان بچائڻ لاءِ وري هيٺ جهڪي ويا. امير خان بہ اٿي بيهي رهيو ۽ هن فارسيءَ ۾ ترخانن کي چيو تہ اتان هليا وڃن. ترخانن کي ڄڻ سامت جو ساهہ کڻڻ جو موقعو ملي ويو ۽ هو هڪڙو هڪڙو ٿي ٻاهر نڪري ويا.

امير خان ڦڪي مرڪ چپن تي آڻيندي چيو: ”سنگهار خان، اڄ تہ گڏجي انگوري پيئون!“

سنگهار چپ چاپ هن ڏانهن وڏندو رهيو. هن جي ويجهو پهچي، رسيءَ جو هڪڙو چيڙو، جنهن ۾ سرڪساهي ٿهيل هئي، هن ڏانهن اڇلايائين. سرڪساهي هن جي ڳچيءَ ۾ پوندي ئي، ڇڪجي ڏاڍي تي ويئي ۽ سنگهار نوڙيءَ کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ڏني. امير خان ٻوٽ پر ڪري، گوڏن ڀر رڙهڻ لڳو. هن جي خون ۾ بدلي جي باهه وري ڀڙڪڻ لڳي؛ ۽ هو جڻ تہ ڄاڻي واڻي اِها بيعزتي سهندو ويو جيئن اها باهه ايترو ڀڙڪڻ لڳي، جو ڏپ جو ان تي ڪوبہ غلبو نہ ٿي سگهي. ’هي منهنجي پيءُ جو قاتل آهي..... هن منهنجي پيءُ کي ٿياس ۾ اُبتو ٽنگي ماريو هو.... ان جي عيوض اسان سنڌين جو سنڌ سنڌ ڪپي، تازي ڪُتن کي کارايو هو. پر سنگهار بچي ويو هو..... يا خدا، مون کي ايترو صبر ڏي، جيئن آءٌ هي بيعزتيءَ جا لڙڪ ان حد تائين پيئندو رهان، جيسين منهنجي بدلي جي آگ جڻ سراڻ تي چڙهي ڀيڙ ٻڻجي، سنڌين جي ٻچي ٻچي کي ساڙي جلائي ڦلهيار ڪري ڇڏي.....!‘

هن گهٽيل گهگهي نڙيءَ سان چيو: ’سنگهار، مون تہ توکي انگوريءَ جي دعوت ڏني..... ۽ تون......‘

سنگهار هن کي چِڙَپ ڏيندي چيو: ”مون کي انگوري پيئڻي هوندي تہ آءٌ هت اچي حڪمان حڪم پي ويندس- ڏسان ڪهڙو ترخان ٿو مون کي روڪي. پر هينئر آءٌ خاص ڪم سان آيو آهيان.“

امير خان ڪوبہ جواب نہ ڏنو. سنگهار سرڪساهيءَ جي مهڙ کي جهليندي، امير خان کي پنهنجي سامهون اٿاري بيهاريو. هن جي هٿ جي هر جهٽڪي سان امير خان جون اکيون جڻ ٻاهر نڪرنديون ٿي نظر آيون.

”مرزا باقيءَ قنڌار کان وڏيڪ لشڪر ڇو گهرايو آهي؟“ هن امير خان جي اکين ۾ اکيون وجهندي چيو.

”مون کي خبر نہ آهي،“ امير خان گهگهي آواز ۾ چيو.

”هون....، توکي خبر نہ آهي....“ هن سرڪساهيءَ جي ڦندي کي هڪ زوردار جهٽڪو ڏيندي چيو: ”تون ائين ڪونہ ٻڌائيندين..... امير خان تون مون کي سڃاڻين ٿو. آءٌ ڪنهن ترخان کي مارڻ وقت ٻيهر سوچيندو ڪونہ آهيان.“ سنگهار جي آواز ۾ ايترو يقين ۽ پختگي هئي، جو امير خان تي نہ چاهيندي بہ ڏپ وري ڇانئجڻ لڳو. پر هيءُ

ڳجهه ته ترخانن جي موت ۾ زندگيءَ جو ڳجهه هو. ان لاءِ هو هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار هو ۽ هن مِڻ مِڻ ڪندي چيو: ”مون کي ڪا خبر نه آهي. جيڪڏهن مون کي خبر هوندي به ته تون اهو ڪيئن ٿو سوچين ته آءٌ حڪومت جو راز توکي ٻڌائيندس........“

”چڱو نه ٻڌاءِ...... “ سنگهار گهڙيءَ لاءِ ويچار ۾ پئجي ويو. هي راز اهڙو هو جو امير خان کي ساهه کان وڌيڪ پيارو هو. پر اهو راز ڄاڻڻ هن لاءِ به ضروري هو. هو ۽ ڄاڻڻ آخوند نور محمد سان وعدو ڪري نڪتا هئا، ته نه رڳو اهو راز هٿ ڪري ايندا، پر اهو خط به هٿ ڪندا، جيڪو قنڌار موڪليو ويو هو. هن پنهنجي چوڌاري نظر ڊوڙائي. اوچتو هن جي نظر هڪڙي ڳيرو ساقيءَ تي پيئي، جو هڪ ميز هيٺان ڪروندڙو ٿيو اهو سڀ ڪجهه ڏسي رهيو هو ۽ ڊپ کان ڏڪي رهيو هو. هن کي هڪ ترڪيب سجهي آئي ۽ هن رڙ ڪري ان ساقيءَ کي سڏ ڪيو. ساقي ڪنبندو، ڏڪندو، ڪورنشون ڪندو، ٻانهون ٻڌندو اڳيان آيو ته سنگهار کي ڪل اچي ويئي. ساقيءَ هن کي ڪلندو ڏٺو ته هن جو ساهه به ڪجهه سامت ۾ آيو ۽ ڪجهه اهڙيءَ ادا سان مرڪڻ ۽ اکين ئي اکين ۾ ڪي نياپا ڏيڻ لڳو جو ڪو ترخان هجي ها ته هو ان هڪڙيءَ ادا تي سيڪجهه قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ها. هن سنڌي چٽ تي ان جواثر بلڪل اُبتو ٿيو ۽ هو وڏا ٿهڪ ڏيئي کلڻ لڳو. هن جي بيخبريءَ جو فائدو وٺندي، امير خان نوڙيءَ ۾ ٻيئي هٿ وجهي ڇڪ ڏني. نوڙي سنگهار جي هٿ مان نڪري ويئي ۽ امير خان ٽپو ڏيئي دروازي ڏانهن ڀڳو. سنگهار جا ٿهڪ اتي جو اتي بند ٿي ويا ۽ هو ششدر ٿي دروازي ڏانهن ڀڳو پر عين ان وقت ڄاڻڻ ٻالي جي نوڪ سان امير خان کي پوئتي هٽائيندو، کيس سنگهار تائين آڻي پهچايو.

”واه ڄاڻڻ ڀائو واه...... مون ته سمجهيو هو ته سچو ڪم خراب ٿي ويو! پر تون ائين دروازي تان هٽي نه اچين ها ته چڱو الائي ترخان ڪٿا، پنهنجي ڪٽڪ سان ڪيڏيءَ مهل اچي نڪرن ۽ اسين بيخبرا ڦاسي پئون. تون وري وچي دڳ جهلي بيهه!“

سنگهار جو هڪڙو هٿ امير خان جي منهن تي اهڙيءَ طرح وريو جيئن سرڻ ڪنهن ننڍي پکيءَ تي لامارو ڏيندو آهي. امير خان پنج – اٺ

قدم پوئتي ٽڙندو وڃي هڪ موڙي مٿان ڪريو. سندس نڪ ۽ چپن مان رت ٿينديون ڪري وهڻ لڳو. ۽ پوءِ سنگھار ساقيءَ کي فارسيءَ ۾ جيڪي ڪجھ چيو، انهن لفظن تي ساقيءَ کي تہ ڇا، خود امير خان کي بہ اعتبار نہ آيو. امير خان ائين ڇرڪيو ڄڻ ڪنهن نانگ ڏنگي وڌس. ساقي بہ اهو حڪم ٻڌي اچرج ۾ پئو ڪان سنگھار جي اکين ۾ ڏسڻ لڳو. سنگھار ڪٽارو ڪڍي، ساقيءَ جي نڙگھٽ تي رکندي چيو: ”ڇورا، جي چوڻ نہ ڪيو اٿئي تہ هيءُ خنجر تنهنجي نڙگھٽ جي پار هوندو!“ ائين چئي هو وري امير خان ڏانهن وڌي آيو. هن جي ہاٿهن کي پويان مروٽيندي، ڪيس اڳيان وڌائيندي، هن ساقيءَ کي اشارو ڪيو. ساقي ڏڄندو ڪنبندو لڙڪندو اڳيان وڌيو ۽ پنهنجو ننڍڙو خنجر ڪڍي، هن امير خان جي سلوار ڏانهن هٿ وڌايو.

امير خان ڪرڙيءَ وانگر ڦٽڪڻ لڳو. اجا ساقيءَ هن جي سلوار ڏانهن هٿ وڌايو تہ امير خان مٺل آواز ۾ چيو: ”سنگھار خان، واسطو اٿيئي رب جو ان ڪان تہ مون کي ختم ڪري ڇڏ....“

سنگھار وري ساقيءَ کي اشارو ڪيو ۽ ساقيءَ امير خان جي سلوار ڏانهن هٿ وڌايو. امير خان دانهن ڪري چيو: ”بس بس........ٻڌايانوَ ٿوا“ پگھر هن جي نرڙ تان وهي اکين ۾ پوڻ لڳو. هن جو منهن سڪل پن جهڙو اودو اودو ٿي ويو هو.

”مرزا باقيءَ کي مرزا جان بابا ۽ شاهہ قاسم ارغون جي بغاوتن جي ڪڙڪ پئجي ويئي آهي ۽ تنهن ڪان سواءِ شهنشاهہ اڪبر بہ سنڌ تي چڙهاين جون تياريون پيو ڪري، ان ڪري مرزا قنڌار مان ڪُمڪ گھرائي آهي!“

امير خان ڪنڌ هيٺ ڪري گھگھي آواز ۾ چيو.

”ڪير ويو آهي اُها ڪمڪ وٺڻ؟ سنگھار سوال ڪيو.

”امير ڪوڪلتاش ارغون.....“

ڪڏهن نڪتو آهي ڪوڪلتاش؟“

”اڄ صبح جو......!“ امير خان ۾ ڄڻ ساهہ ئي ڪونہ هو.

”هون.....“ ائين چئي سنگھار ساقيءَ کي اشارو ڪيو. ساقي پوئتي هٽي ويو.

سنگھار امير خان کي اڳيان ڪري دروازي ڏانھن وڌيو. جانڻ ڪڙڪو ٻڌي، اندر لنگھي آيو ۽ اکين ئي اکين ۾ سنگھار کي ڪو نياپو ڏنو. سنگھار ڪنارو امير خان جي پٺ تي رکندي دروازي کان ٻاهر نڪري آيو. ٻاهر ويھارو کن ترخان ڀالن ۽ ترارين سان چڙهي هنن جي انتظار ۾ هئا. سنگھار امير خان کي اڳيان ڪندي چيو: ”اوهان مان ڪوبہ اڳتي وڌيو آهي تہ آءُ هي خنجر هن جي پٺ ۾ ترنبي ڏيندس!“

سڀ ترخان خونخوار اکين سان هنن کي ڏسندا رهيا. امير خان مٿي اگھاڙو نڪ ۽ وات مان وهندڙ رت سان، ڪنڌ هيٺ ڪريو اڳتي وڌندو رهيو. سنگھار ۽ جانڻ پنھنجن گھوڙن تائين وڃي آيا. امير خان جون ٻانھون ڇڏي، سنگھار وري سرڪساهيءَ جو ڇيڙو هٿ ۾ جھلي، گھوڙي تي چڙهيو. جڏهن جانڻ بہ سوار ٿيو تڏهن سنگھار چيو: ”امير خان، تون نئي جون نئون عامل مقرر ٿيو آهين، سنڌين تي ظلم ڪرڻ وقت پنھنجي پيءُ جي پڳاڙي ياد رکجانءِ... ظلم ڪنھن کي بہ نہ ڦبندو!“

ائين چئي پنھنجي گھوڙي کي آڙي هنئي ۽ سرڪساهيءَ واري رسيءَ کي ڇڏي ڏنو. هنن جا گھوڙا دڙ جو هڪ واچوڙو پويان ڇڏيندا نظرن کان اوجھل ٿي ويا. امير خان پنھنجي سامھون بيٺل ترخانن تي نفرت ڀري نظر وجھندي، ڇپن ۾ ڀُڻ ڀُڻ ڪئي ۽ ساقي خاني ۾ اندر گھڙي ويو.

**

[7]

شهر ـ لنگهي جڏهن هر پاڙي ۾ اهو پڙهو ڏنو تہ اڄ کان امير خان ٺٽي جو عامل مقرر ٿيو آهي تہ ڪيترن جون دليون دهلجي ويون. هنن کي پڪ ٿي تہ هن جي عامل ٿيڻ سان شهر ۾ اهي ظلم ٿيندا، جي اڳي ڪنهن ٻڌا بہ ڪونہ هوندا. ٻيهرن جو شهر جي جامع مسجد جي بلڪل ٻاهران چوسول تي، ٻڙ جي وڻ ۾ ٻن سنڌين جا ڪل لٽل جسم ٽنگي ڇڏيائون. جنهن تي هنن کي ڏنو سو آت ڏيندو الٽيون ڪندو دل ٿي دل ۾ ترخانن کي گاريون ڏيندو پٽيندو ٿي ويو. امير خان جي عملداريءَ جي هيءَ پهرين سوکڙي هئي سنڌين لاءِ. جڏهن پوءِ ماڻهو سانجهي نماز پڙهڻ لاءِ مسجدن ڏانهن ٿي ويا تہ امير خان کي پنجاهي ڪن سوارن سان آخوند صالح جي مدرسي ڏانهن ويندي ڏٺائون. ماڻهن ۾ نئين هورا کورا جاڳڻ لڳي. جيڪڏهن آخوند صالح جي مدرسي کي هٿ لاتائون تہ شهر ۾ بغاوت ٿيڻ لازمي هئي. سمورن مدرسن جا شاگرد ترخانن ۾ ڪاهي پوندا. پوءِ ڇا ٿيندو سو ڪنهن بہ سوچڻ نٿي چاهيو. ٻيڙا ماڻهو تڪڙا تڪڙا مسجدن ۾ داخل ٿي، وقت کان اڳ نفل پڙهي، دعائون گهرڻ لڳا تہ "الله سائين ٺٽي ۽ سموريءَ سنڌ کي هنن ظالمن جي شر کان پناهہ ۾ رکج!" هندو پنهنجي مندرن ۽ ٽڪاڻن ۾ پنهنجي مورتين اڳيان ٻاڏائڻ لڳا تہ ٺٽي تان آفت ٽري.

امير خان پنهنجي سوارن سان اچي آخوند صالح جي دارالعلوم اڳيان لٿو. هن سان چار پنج قنڌاري مولوي گڏ هئا، جن کي مرزا باقيءَ قنڌار کان سنڌين کي فارسي ۽ صحيح اسلام پڙهائڻ لاءِ گهرايو هو. دروازي اڳيان ننڍيءَ منجيءَ تي هڪ ٻڍو ماڻهو چلم جو نڙ وات ۾

وجهي، جڻ دنيا کان بي خبر پنهنجي ئي خيالن ۾ غرق هو. گهوڙن جي ٽاپ ٽاپ تي بہ هن ڪنڌ ورائي ڪونہ نهاريو. جڏهن امير خان بلڪل سندس پرسان اچي گهوڙو جهليو، تڏهن بہ هو پنهنجي چلم مان گرڙاٽ ڪيندو رهيو. امير خان ٻرِ تي ويو ۽ نيزو ڪڍي، هُن ٻيڏڙي کي چوڪ ڏني تہ ٻيڏڙو ڇرڪ ڀري اٿي بيٺو ۽ ترخانن کي حيرت مان ڏسڻ لڳو.

"بي ادب گڏهہ، توکي اها مجال جو اسان جي اچڻ جو ٻڌي، پنهنجي چلم ۾ لڳو پيو آهين؟" امير خان ڪڙڪو ڪندي چيو.

ٻيڏڙي ڏند ڪيندي، پنهنجي ڪنن ڏانهن اشارو ڪندي چيو: "ڏاڍيان ڳالهاءِ، آءٌ ڪنن کان ٻنهہ ٻوڙو آهيان. ڪير مڙس آهين؟"

ترخان کلڻ لڳا. هنن کي کلندو ڏسي، امير خان جي ڪاوڙ هيڪاري تيز ٿي ويئي ۽ هن واڪو ڪري چيو: "خاموش! آءٌ آهيان، امير خان، ٺٽي جو نئون عامل!"

"هوندين، پر هت ڪهڙو ڪم اٿئي؟" ٻيڏڙي لاپرواهيءَ مان چيو.

امير خان کي پرئي مڙس تي ايڏي ڪاوڙ آئي، جو هن نيزي سان ڪيس زور سان ڌڪو ڏنو، تہ پيرسن ٿيڙ کائيندي وڃي منجيءَ جي پويان ڪِريو. پر هو ڪپڙا ڇنڊيندي وري اٿي بيٺو "ابا، مڙس ٿو مارين! پاڻ وڏن سان ائين هلبو آهي. واهہ جو پڙهين سيکاريو اٿئي!" ٻيڏڙي جڻ رنج ٿيندي چيو.

امير خان هن کي ٻنهہ مارڻ وارو هو پر هڪ قنڌاري مولويءَ ڪيس فارسيءَ ۾ چيو: "هيئنئر ئي سختي ڪبي تہ شاگرد ۽ استاد اسان سان نهي ڪين هلندا. سياست کان ڪم وٺ، سڄو ڪم خراب نہ ڪر!"

ٻيڏڙي جڻ ڪجهہ ٻڌوئي ڪونہ. وري پنهنجيءَ کٽ تي ويهي رهيو ۽ پنهنجي چلم جي نڙ ۾ ڦوڪون ڏيڻ لڳو. امير خان پڇ پڇ ڪندي، ٻيڏڙي کي سزا ڏيڻ جو ارادو ترڪ ڪري ڇڏيو ۽ نرميءَ سان چيائين: "پوڙها، در ڪول، اسان کي آخوند صالح سان ملڻو آهي. هي عالم سڀڳورا قنڌار کان هلي ساڻس ملڻ آيا آهن."

"جي، ڇا چيئي؟ ٿورو ڏاڍيان ڳالهاءِ، مون ڪونہ ٻڌو" هن وري پنهنجي ڪنن ڏانهن اِشارو ڪري پنهنجي ٻوڙاڻ ظاهر ڪئي.

امير خان پنهنجي ڪاوڙ کي روڪيندي، ڏاڍيان پنهنجي ڳالهہ ورجائي چئي.

”پوءِ ائين چئو نہ:“ ائين چئي، پيڙ‌ڙو اٿيو ۽ اچي مولوين کي هٿ ڏنائين ۽ سنڌيءَ ۾ ساڻن خوش خير و عافيت ڪرڻ لڳو. هاڻ تہ امير کي بہ ڪل اچي ويئي ۽ چيائين: .پريا مڙس، هي اجا ڪالھہ قنڌار کان آيا آهن، سي تنهنجي سنڌي ڪيئن سمجهندا!“

”ابا، قنڌار کان آيا آهن، پلي ڪري آيا، جيءُ ڪري آيا!“ ۽ پوءِ آهستي چيائين: ”جڏهن تڏهن ڙي سنڌڙي، توکي قنڌارئون جوکو!“

امير خان رڙ ڪري چيو: ”پوڙها ڇا چيئي؟“

”ابا، چيم تہ دين جا عالم سڳورا آهن. سنڌ جي قسمت، جو قنڌارئون هلي آيا آهن!“

”چڱو هاڻ در کول!“ امير خان وري خفي ٿيندي چيو.

”هي مدرسو آهي علم جو گهر. هن ۾ هٿيار پهري لنگهڻ ڪبيرو گناهہ آهي، ۽ هنن سپاهين جو وري علم سان ڪهڙو واسطو؟ هي دروازو دين جي عالمن سڳورن لاءِ بيشڪ کلندو، پر هنن سپاهين لاءِ هرگز نہ کلندو!“

پوڙهي ۾ الائي ڪٿان جان اچي ويئي. هن جو سينو اڳيان وڌي آيو ۽ سندس اکين ۾ هڪ نئين جوت جاڳي آئي.

امير خان قنڌاري مولوين سان هري هري مشورو ڪرڻ لڳو. هو فقط پنهنجون ڏاڙهيون لوڏيندا رهيا. آخر ڪنهن ڳالھہ تي هو پاڻ ۾ يڪراءِ ٿيا، تڏهن امير خان ڏاڍيان چيو: ”تون دروازو کول، فقط آءٌ هنن عالمن سڳورن سان آخوند صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيندس. سپاهيو، اوهين چاليھہ قدم پوئتي هٽي بيهو ۽ اسان جو انتظار ڪريو!“

سپاهي هڪدم گهوڙا موڙي پوئتي هٽي ويا. امير خان دروازي ڏانهن وڌيو. پيڙ‌ڙي تي جڻ ڪو اثر نہ ٿيو. چيائين ”چُہ چُہ چُہ، هٿيار لاهي هٽ رکو، دروازو پوءِ کلندو!“

امير خان لاچار ٿي ترار مياڻ مان ڪڍي، پوڙهي جي ڪٽ تي رکي ۽ نيزو هيٺ زمين تي رکي ڇڏيائين. پيڙ‌ڙو پاڻ اڳتي وڌي آيو ۽ ڇڪ ڏيئي امير خان جي ڪمربند مان خنجر ڇڪي ورتائين. پوءِ ڏاڍي نئڙت سان قنڌاري مولوي ڏانهن وڌي آيو ۽ هڪ هڪ ڪري مولوين جي ڪمربندن مان خنجر ڪڍي ورتائين. مولوي حيرانيءَ مان هن

پيرسن جي چستيءَ ۽ ڦڙتيءَ کي ڏسندا رهيا. خنجر پاڻ وٽ قابو ڪري، پوڙهو دروازي تائين آيو ۽ دروازي تي هٿ سان ٺڪ ٺڪ ڪيائين. اندران ڪو هلڪو آواز آيو. پيڙهي چيو: ”دين جا عالم سڳورا قنڌار کان پنڌ پيا آهن. هنن جي آجيان لاءِ دروازو کوليو!“

پيڙهي جا لفظ پورا ٿيا ته وڏي دروازي ۾ هڪڙو ننڍڙو درُ کلي پيو. اهو دروازو اهڙو هو جنهن مان هڪ ئي وقت فقط هڪڙو ماڻهو لنگهي ٿي سگهيو ۽ ان کي به هيٺ جهڪڻو ٿي پيو. پيڙهي چيو: ”هي علم جو در آهي. هت جهڪڻ قسمت وارن کي نصيب ٿيندو آهي!“

امير خان دل ئي دل ۾ خار کائيندو مولوين جي پويان اندر داخل ٿيو. اندرئين پاسي ننڍي قد جو هڪ همراهه کين وٺي، آخوند صالح جي حجري ڏانهن هلڻ لڳو. اتي پهچي، هن سيني کي جتيون لاهڻ جو اشارو ڪيو. جتيون لاهي هو اندر داخل ٿيا ته هڪ تڏي تي هڪڙي ڪرڙوڊ ماڻهوءَ کي ويٺل ڏٺائون. جنهن جي ڇهچ ڪاري ڏاڙهيءَ ۾ ڪٿي ڪٿي اڇا وار به ظاهر ٿيڻ لڳا هئا. سندس منهن ۾ عجيب چمڪ ۽ ڏيا هئي. هو ڪنهن ڪتاب پڙهڻ ۾ مشغول هو. هنن کي ايندو ڏسي هو اُٿي بيٺو ۽ سندن آجيان ڪندي، کين ويهڻ لاءِ چيائين. امير خان کي پٽ تي ويهڻ ڏاڍو ڏکيو لڳو. زمين سندس ڏُڏن ۾ چيڀڻ لڳي ۽ هو ذري ذري پاسا بدلائي سڌو ٿي ويهڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو.

قنڌارين مان هڪ مولويءَ پنهنجي اچڻ جو مقصد بيان ڪندي چيو: ”حضور مرزا باقي بيگ جن جي راءِ آهي ته سنڌ ۾ تعليم جو خاطر خواهه بندوبست ڪرڻ لاءِ، ملڪ جي سمورن مدرسن ۾ فارسي ۽ دينيات پڙهائي وڃي، ان ڪري هن قنڌار کان دين جا عالم گهرايا آهن، جن کي درس تدريس جو ڊگهو تجربو آهي. هن دارالعلوم ۾ اسان پنجن ڄڻن کي پڙهائڻ جو حڪم مليو آهي.“

آخوند صالح ڪنهن ڳوڙهي خيال ۾ ٻڏي ويو ۽ پوءِ ڪجهه سوچيندي چيائين: ”گهڻو تڻو سڀ مدرسا ۽ دارالعلوم آهن ئي ديني تعليم لاءِ ۽ اسان جي مدرسن ۾ ڪي شاگرد هونئن ئي فارسي پڙهن پيا.“

”سرڪار چاهي ٿي ته فارسيءَ جي تعليم عام ڪئي وڃي. هر

شاگرد ضرور فارسي پڙهي، علم جي دنيا سان روشناس ٿئي!“ مولوين مان هڪڙي چيو.
”فارسي هتان جي ماڻهن جي ٻولي ڪانهي. انهيءَ ڪري ان کي فقط ڪي ڪي اهڙا شاگرد پڙهڻ گهرندا، جن کي ان جي سکڻ جو شوق هوندو. تنهن کان سواءِ سرڪاري طرح فارسي پڙهائڻ جو ڪهڙو ضرور آهي، جڏهن اسان وٽ فارسي سيکارڻ جا استاد اڳي ئي موجود آهن.“ آخوند صالح نهايت آهستي ۽ ڌيرج سان ڳالهائي رهيو هو.
هڪ مولويءَ کي شايد جوش اچڻ لڳو هو: ”فارسي هتان جي حاڪمن جي زبان آهي، اسلامي حڪومت جي زبان آهي. اسلامي زبان آهي. ايران، افغانستان ۽ هندوستان جي مسلمانن جي واحد سڌريل زبان آهي. قنڌار کان دهليءَ تائين فارسيءَ جو چرچو آهي. فارسي سکڻ سان سنڌي پنهنجي حاڪمن جي قريب ايندا. منجهن اسلام جو درد پيدا ٿيندو. ترخانن ۽ سنڌين جي وچ ۾ هن وقت جيڪي غلط فهميون آهن،سي دور ٿي وينديون.“
آخوند صالح فوراً ڪوبه جواب نه ڏنو. پوءِ چئن ئي مولوين تي هڪ نظر وجهندي، امير خان جي اکين ۾ اکيون اٽڪائيندي، ڪيس گهوريندي چيائين: ”سنڌين جي مٿان سرڪاري طرح سان زور زبردستيءَ سان ڪابه زبان مڙهي ويندي ته هو هرگز هرگز ڪونه پڙهندا. هنن کي پنهنجي زبان سان بيپناهه محبت آهي. هنن جي ٻولي دنيا جي قديم ٻولين مان آهي- فارسيءَ وانگر هزارين سال پراڻي ۽ فارسيءَ جهڙي ئي مائيدار ۽ مٺي ٻولي آهي. اڄ تائين هنن ڪابه ٻاهرين زبان قبول نه ڪئي آهي، برهمڻن کين پنهنجي ڌرم سان سنسڪرت پڙهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هو نه پڙهيا. عربن اسلام آندو پر هو سنڌين تي عربي مڙهي نه سگهيا. تاريخ شاهد آهي ته هنن ڪڏهن به زور زبردستيءَ سان ڌارين زبان قبول نه ڪئي آهي. فارسيءَ کان هنن کي ڪابه نفرت نه آهي؛ فارسيءَ کي هو هڪ سٺي زبان سمجهن ٿا. فارسيءَ جي علم، شاعريءَ ۽ ادب کي هو ڏاڍي چاهه سان پڙهن ٿا. پر جيڪڏهن فارسي هنن تي زوريءَ مڙهي ويئي، ته هنن ۾ ان جي خلاف نفرت پيدا ٿي پوندي!“

”هي سرڪاري حڪم آهي، ان جي تعميل سنڌين کي ڪرڻي پوندي. سرڪاري ڪاروبار لاءِ ضروري آهي تہ سنڌي فارسي سکن، جيئن هو حڪومت جو ساٿ ڏيئي سگهن. جيڪي فارسي سکيا آهن، سي فارسيءَ ۾ شاعري ڪرڻ لڳا آهن. سرڪار طرفان اهڙن ماڻهن کي وظيفا ملي رهيا آهن. هنن تي عام بخششون ڪيون ويون آهن.“ امير خان ڳالهہ کي ختم ڪرڻ لاءِ چيو.

”اهڙن ماڻهن کي ڪوبہ سنڌي عزت جي نگاهہ سان نٿو ڏسي. جيڪي محض سرڪاري خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ فارسيءَ ۾ تڪبندي ڪرڻ لڳا آهن. اوهان کي خود خبر آهي، ۽ آءٌ چڱيءَ پر ڄاڻان ٿو تہ ايراني، مغل ۽ خود اسان جا حاڪم پرپٽ سندن فارسيءَ تي ڪيئن کِلندا ٿا رهن. ان ڪري جيڪڏهن فارسيءَ سان نفرت پيدا ڪرڻ نٿا گهرو، تہ اِن هوڏ تان لهي وڃو!“ اخوند صالح نهايت نرم لهجي ۾ ڳالهائي رهيو هو، مگر سندن اٽل ارادي ۽ اڏول شخصيت مولوين تي رعب طاري ڪري ڇڏيو هو.

”پر سرڪار جي حڪم جي انحرافي ڪرڻ جي مجال ڪنهن کي ٿيندي؟ جيڪو فارسي سکڻ کان انڪار ڪندو، ان جي زبان ڪپي ڇڏي ويندي،“ امير خان ڪاوڙجندي چيو.

”تہ پوءِ سرڪار کي هر سنڌيءَ جي زبان ڪپڻي پوندي: فارسي ٻولڻ کان هو گونگا رهڻ وڌيڪ پسند ڪندا!“ آخوند صالح ساڳئي ڌيرج سان چيو.

”پر اوهين تہ کين صحيح صلاح ڏيندا تہ شاگرد اوهان جو چوڻ ضرور مڃيندا،“ هڪڙي مولويءَ مرعوب ٿيندي چيو.

”اوهان شايد وساري ڇڏيو آهي تہ آءٌ بہ سنڌي آهيان. تنهن کان سواءِ آءٌ ڪڏهن بہ پنهنجي شاگردن کي غلط صلاح نہ ڏيندس،“ آخوند جواب ڏنو.

امير خان اٿي بيهي رهيو. هو ڪجهہ وقت غور سان آخوند صالح ڏانهن نهاريندو رهيو ۽ پوءِ آهستي چيائين: ”آءٌ نٿي جو عامل آهيان، يا نٿي ۾ هر شاگرد فارسي پڙهندو يا سمورا مدرسا بند ڪيا ويندا!“ ائين چئي هو حجري کان ٻاهر نڪري آيو. قنڌاري مولوي بہ چپ چاپ امير خان جي پويان نڪري آيا.

’امير خان جنهن ٻـ مدرسي ۾ ويو اتي اهڙو ئي ڪُتو جواب مليس. هر ملاقات کان پوءِ هن جي ڪاوڙ جو مچ ٻيڻيٽ ٻڄندو ويو. ٻئي ڏينهن صبح جو ساجهر هو وري سؤ کن سپاهي ساڻ ڪري آخوند صالح جي دارالعلوم ڏانهن ويو. قنڌاري مولوي هن سان گڏ هئا. ٻيڙي وري دروازي کولڻ کان انڪار ڪيو. پر امير خان مولوين جي صلاح تي نـ هليو ۽ هن پنهنجو پالو ٻيڙي جي نڙگهٽ ۾ ٽنبي ڇڏيو. سپاهين کي حڪم ڏنائين تـ دروازي کي ڀڃي کولين. سپاهي ڪامون کڻي دروازي کي ڀڃڻ ٻيهي رهيا. پراڻو دروازو اٿن ـ ڏهن ڏکن کان پوءِ چيرجي پيو. دروازي چيرجڻ سان ننڍو در يڪدم چوڙن کان نڪري ويو. سپاهي اگهاڙين ترارين سان مدرسي ۾ گهڙي پيا. امير خان مولوين سان گڏجي پڙهڻ جي ڪوٺين ڏانهن وڌيو. پهرينءَ ئي ڪوٺيءَ ۾ آخوند صالح درس ڏيئي رهيو هو. امير خان جي اشاري تي هڪڙو مولوي اڇي آخوند جي پر ۾ ٻيهي رهيو.

آخوند صالح ڇڻ هن کي ڏٺوئي ڪونـ ۽ هو شاگردن کي چئي رهيو هو: ”اڄ شايد آءٌ اوهان کي آخري درس ڏيئي رهيو آهيان. هي قنڌاري مولوي، اوهان کي ترارين جي زور تي فارسي پڙهائڻ آيا آهن. منهنجي اوهان کي رڳو اها صلاح آهي تـ......“

هن اجا جملو ختم ئي نـ ڪيو تـ امير خان جي اشاري تي ٻـ سپاهي هن کي ڪمري مان گهلي ٻاهر ڪيدي ويا. هيءُ درس ننڍن ڇوڪرن جو هو ۽ ڪنهن جي ٻـ عمر پنڌرهن سورهن ورهين کان مٿي نـ هئي. قنڌاري مولويءَ امير خان ڏانهن ڏٺو ۽ منبر تي چڙهي چيائين، ”طفلانِ من.........“

اڃا هن ايترو چيو تـ ٻـ ڇوڪرا اٿي بيٺا ۽ ٻنهي گڏجي چيو: ”اسين فارسي ڪونـ پڙهنداسون!“

امير خان وري ٻيو اشارو ڏنو ۽ ٻن سپاهين اڳتي وڌي ڇوڪرن کي گهِلي ٻاهر ڪڍيو ۽ گهلڻ وقت ڪين ٽڦڙن سان ڪُٽيندا ويا. ٻارڙا هيسجي ويا. ڪمري ۾ موت جهڙي خاموشي ڇانئجي ويئي. ڇوڪرا هراس ۽ ڊپ کان سپاهين ۽ قنڌاري مولوين کي ڏسندا رهيا. امير خان ڪين سنڌيءَ ۾ چيو: ”ڇوڪرا، هي عالم اوهان کي پڙهائڻ لاءِ قنڌار کان

آيو آهي. جيڪو ڇوڪرو فارسي نہ پڙهندو، ان کي اگهاڙو ڪري، هن نيٺ سان ڪُٽيندس..... ٻڌايو اوهين فارسي پڙهندؤ يا نہ؟“

ٻار اڳيئي هيسيل هئا، ان ڪري ڪنهن بہ جواب نہ ڏنو. امير خان ڪجهہ سوچي قنڌاري مولويءَ کي اتي ئي ڇڏي ٻاهر نڪري آيو. سپاهين کي پنهنجي پويان اچڻ جو اشارو ڪري، هن گهوڙي کي جامع مسجد واري چونڪ ڏانهن موڙيو. سپاهين کي چيائين تہ ڦاهيءَ جو ڦندو تيار ڪن. ڦاهيءَ جو تياس ٿهندو ڏسي، آسپاس کان ماڻهو اتي گڏ ٿيڻ لڳا. امير خان جا سپاهي تياس جي چوڌاري هڪ وڏو گهيرو ٺاهي بيهي رهيا. ڳالهہ شهر ۾ باهہ جيئن ڦهلجندي ويئي تہ ترخان آخوند صالح کي ڦاهيءَ تي ٿا چاڙهين. ماڻهو پنهنجا ڌنڌا ڌاڙيون ڇڏي، اگهاڙين پيرين، مٺي اگهاڙي جامع مسجد ڏانهن ڀڳا.

جڏهن ڦاهي تيار ٿي ويئي، تڏهن امير خان آخوند صالح جي اڳيان اچي بيهي رهيو ۽ چيائين: ”آخوند، توکي مارينديءَ مون کي خوشي ڪانہ ٿي ٿئي. اجا بہ مڙي وڃ. پنهنجي مدرسي ۾ قنڌاري مولوين هٿان فارسي پڙهائڻ جو رضانامو لکي ڏي تہ توکي ڇڏي ڏيندس، نہ تہ....“

آخوند صالح جي منهن تي عجيب نُور ٻهڪي رهيو هو ۽ هن چيو ”تو جهڙا هزارين جاهل مون ڏٺا آهن. جيڪڏهن مون کي ڦاسيءَ تي چاڙهيندين تہ سنڌ فارسي ٻولڻ لڳندي ڇا؟ اوهين هڪڙي سنڌي استاد کي ڦاهيءَ تي چاڙهي ڇڏيو، تڏهن بہ سنڌي مدرسن ۾ فارسي زوريءَ پڙهائي نہ سگهندؤ!“

امير خان هڪ سپاهيءَ کي اشارو ڏنو جنهن وڏي ڦاهيءَ جي سرڪاهي آخوند صالح جي ڳچيءَ ۾ وڌي. ميڙ ۾ چرپر ٿيڻ لڳي، ۽ ماڻهن جي دلين ۾ وَڏَ پوڻ لڳا، پر سپاهين جي ڀالن هنن کي اڳيان وڌڻ نہ ڏنو. امير خان وري تياس واري سپاهيءَ کي اشارو ڏنو. هن هڪ ئي ڌڪ سان ڦاهيءَ وارو تختو آخوند جي پيرن هيٺان ڪڍي ڇڏيو. آخوند جي وات مان ذرو بہ آواز نہ نڪتو. الائي ڪيئن هن جي لڙڪندڙ جسم جي منهن تي اهائي نوراني مُرڪ اجا تائين قائم هئي. امير خان حيرت مان هن کي ڏسندو رهيو. هن سوچيو تہ ڦاهيءَ جي تختي تي هنن سنڌين مرڪڻ ڪٿان سکيو آهي؟

هن وري ڇوڪرن ڏانهن ڏنو ۽ هڪ ڀيرو وري هنن کان پڇيائين:
"اڙي ڇورا ٻڌايو فارسي پڙهندؤ يا نه؟"

ڇوڪرن جواب نه ڏنو. هو ته پنهنجي استاد جي لڙڪندڙ جسم کي ڏسي روئندا رهيا. امير خان وري سپاهين کي اشارو ڪيو. سپاهين ڇوڪرن کي چوکنيو ٻڌي، پهرين هڪ ڇوڪري جي، ۽ پوءِ ٻئي جي ڄڃ پاڙون وڍي ڇڏي، ڇوڪرا ٻڪرن جيان رانياٽ ڪرڻ لڳا. رت سندن واڇن مان وهڻ لڳو. ڪجهه رت نڙيءَ ۾ وڃڻ ڪري، هو اٿوڙجڻ ۽ کنگهڻ لڳا. کنگهي وري ٻاڪارڻ تي لڳا. ميڙ تيل ماڻهن کي جڻ کو نانگ ڏنگي ويو هو ۽ هو پنڊپهڻ تي هن ڪيس کي نه ڏسندڙ اکين سان ڏسندا رهيا.

امير خان ڏهاڪو کن سپاهي اتي ڇڏي، اتان هليو ويو. ۽ شهر ۾ پڙهو ڏياريائين ته جيڪو آخوند پنهنجي مدرسي ۾ فارسي نه پڙهائيندو، ان جو حشر آخوند صالح جهڙو ٿيندو. جيڪو شاگرد فارسي پڙهڻ کان انڪار ڪندو، ان جي زبان ڪپي ويندي، ۽ جيڪو مائٽ فارسي پڙهڻ ڪري ٻارن کي مدرسن مان اٿاريندو، ان جو سمورو مال متاع ضبط ڪيو ويندو.

شام تائين آخوند صالح ۽ ٻنهي شاگردن کي ڏسڻ لاءِ هشام سنڌين جا اچي گڏ ٿيا. هھڙو ڪيس نه ٿيو نه ٿيندو. ماڻهن جي آنڊن ۾ وڍ پوڻ لڳا. هزارين ماڻهو اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳا، ۽ ڪي خاموش هنن ٽن قربان ٿيندڙن کي ڏسندا، اندر ئي اندر ڪڙهندا، ڳوڙها ڳاڙيندا رهيا. ٻيڙا ۽ پيرسن پنهنجن آنڊن کي مهٽيندا مسجدن ۾ وڃي پنهنجي رب سان شڪايتون ڪرڻ لڳا. چونڪ ۾ جيپ وڏيل شاگردن جا منهن سڃندا ويا. سندن ڪنڌ هڪڙي پاسي لٽڪي پيا ۽ مکيون مڙي سندن رت ڀريل واڇن تي گڏ ٿيڻ لڳيون!

**

[8]

نثي جي سينڌ اڃا ستارن سان سينگاريل هئي. ٿڌي ڪير جهڙي چاندوڪي پاچولن سان راند ڪندي، سوڍل جي دل جيئن ٽلڪڻ لڳي هئي. ترخانن جي محلي ۾ سپاهين ۽ چوڪيدارن جي هوڪن کان سواءِ سڄو نثو بي خبريءَ جي ننڊ ستل هو. سوڍل سوچڻ لڳو هي ننڊ پيل مانيٽو نثي جو شهر الائي پنهنجي گهرن اندر ڪهڙن ماتمن ۽ روڄن کي لڪايو ستو پيو آهي. سنڌ جي هن سونهاري شهر جي گهٽين مان اڪيلو لنگهندي هن کي عجيب لڳي رهيو هو. هن ڏاڍي پيار مان ڪميت جي ٻُشڪن تي ٿڦڪي هنئي ۽ ڪميت سراءِ جي اڳيان ڪنڌ نمائي بيهي رهي. سوڍل ڪڙو ڪڙڪايو ڪو جواب نہ مليس تہ وري ڏاڍيان ڪڙو هڻڻ شروع ڪيائين. نيٺ ڊڄندي ڊڄندي ٻڍڙي علوءَ اچي دروازو کوليو. هيڏيءَ رات جو ڪنهن مسافر جو اچڻ هن کي هميشہ ڊيڄاري ڇڏيندو هو. ترخان پنهنجي پڇي ويل ترڪ چوڪرن يا ٻانهن جي ڳولا ۾ اڪثر آڌيءَ ويل اچي سراءِ جو دروازو کوليندا هئا ۽ مسافرن ۽ ڪيس مارڪٽ ڪري هليا ويندا هئا.

”ڪير؟“ ٻڍڙي علوءَ ڊڄندي ڊڄندي سوال ڪيو.

”آءٌ آهيان سوڍل!“ سوڍل مختصر جواب ڏنو.

”سوڍل، تون؟ هن مهل؟ اچ، اچ، ٻاهر ڇو بيٺو آهين؟ تون هل اندر تہ آءٌ گهوڙي ڪڙهہ ۾ ٻڌي تو اچان..... داٽو ڏيانس؟ ٻڍڙي گهوڙيءَ جو لغام هن کان وٺندي پڇيو.

سوڍل سراءِ ۾ اندر اچي، ڏئي جي وٽ کي ٿورو ڇنڊي مٿي ڪنيو ۽ وڇايل هنڌ تي، مٿو ٻنهي هٿن ۾ جهلي ويهي رهيو. رت سندس مغز ۾

ڪنهن درياهه وانگر ڇوليون هڻي رهيو هو. هن جو سمورو بدن ڪنهن عجيب آڳ کان جلي رهيو هو. هن جي اکين اڳيان رکي رکي به ڳاڙها چپ چميءَ جي شڪل ٺاهي اُڀري ٿي آيا ۽ هن جڏهن ان تصور کي هٽائڻ لاءِ پنهنجون اکيون مهٽڻ ٿي شروع ڪيون.

پيڙو علو موٽي آيو. هن کي ائين ڪنهن سوچ ۾ ويٺل ڏٺائين، ته ڏاڍي پاٻوهه مان چيائين: ”ڇو سوڍل، ڪهڙين ڳڻتين ۾ آهين؟“

”ڪجهه به ڪونهي، تون منهنجي لاءِ ڪا ڪوٺڙي کول.“ هن جڏهن سوال کان پاڻ بچائڻ ڪاڻ چيو.

ڪوٺيءَ ۾ وڇايل هنڌ تي، هو جُتي لاهڻ بنا ئي ليٽي پيو. علو به سندس آڏو ويهي، غور سان سندس منهن ۾ نهاريندو رهيو. هو سوڍل کي ورهين کان سڃاڻندو هو. ترخانن خلاف هن جي ڪارنامن کان ڪير واقف ڪونه هو؟ هر ڪنهن بغاوت جي منڍ مهاڙ ۾ سوڍل هوندو هو. ڇاڇي وريام واري واقعي کان پوءِ ته سمورا ماڻهو سوڍل کي پنهنجو سڳو مِٽ سمجهندا هئا ۽ وڏي ڳالهه ته ترخانن ۾ جيترو ڊپ سوڍل جو هوندو هو ايترو ڪنهن جو نه هو.

سوڍل جڏهن به ٺٽي ايندو هو علوءَ جي سراءِ ۾ رهندو هو. علو به هن جي خاص ڪوٺڙي هن لاءِ خالي رکندو هو ڇاڪاڻ ته هن کي مسافرن کي پڌر ۾ سمهارڻو پوي. مسافرن جي خدمت چاڪريءَ لاءِ هن وٽ به ٽي ماڻهو هئا، پر سوڍل لاءِ ماني ٽڪي هو پاڻ کڻي ايندو هو سندس هنڌ پنهنجن هٿن سان وڇائيندو هو. سندس گهوڙي کي داڻو پاڻي پاڻ ڏيندو هو. سوڍل جي باغي هجڻ جي خبر هوندئن ته سڄيءَ سنڌ کي هئي، پر سندس اندر جي اڌمن کان پيڙو علو وڌيڪ واقف هو. هن کي هن جي طبيعت، هن جي مزاج جي چڱيءَ طرح خبر هئي. اڄ به هو سمجهي ويو ته سوڍل ڳالهائڻ نٿو گهري. پر ڪانئس رهيو نه ٿيو ۽ چيائين ”سوڍل، بکيو هوندين، ڪجهه تيار ڪرائي وٺان؟“

”نه ڇاڇا، البت اُڃيو آهيان. اٽئي ڪجهه رکيل؟“ سوڍي آهستي چيو.

”بابل، تنهنجي لاءِ سيڪجهه آهي. ڪالهه اڄي جي ماني ڪلالڻ ڏيئي ويئي آهي، سا تنهنجي مِلڪ آهي!“

گهڙيءَ کان پوءِ هو ماني ۽ وٽي سوڍي اڳيان رکي، چُپڙي ڪري ٻاهر

نڪري ويو. سوڊي وٽي پري سُرڪ پيتي تہ جڻ تہ مچ تي ڇنڊو پئجي ويو. هو الائي ڪيتري دير پيئندو رهيو. جيئن جيئن پيئندو ويو، تيئن تيئن ننڊ هن جي اکين کان ڪوهين دور ڀڄندي ويئي. هو پنهنجي ڪوٺڙيءَ ۾ اچ وڃ ڪندو رهيو. هن جي ذهن ۾ واچوڙا ورندا رهيا، ۽ هو انهن مان جند ڇڏائڻ لاءِ وري ماڻيءَ ڏانهن موٽي تي آيو. ليليءَ جو هر انگ هن جي جسم ۾ ڪنوڻ وانگر ڪنوندو رهيو: هن جا چپ، هن جون اگهاڙيون ٻانهون، هن جو اُرهہ، هن جو ڊُن، هن جي جسم جي جهلڪ، هن جي آواز جي لئي، رکي رکي هن جي ذهن کي ڏينبن وانگر ڏنگيندا رهيا. ۽ هن کي پنهنجي پاڻ تي ڪاوڙ اچي ويئي: ’آءٌ ايترو هيٺ تي ويو آهيان، جو هڪ زال منهنجي جسم، دل ۽ دماغ تي ڇانئجندي ٿي وڃي. آءٌ هڪ ترخان زال جو مقابلو ئي نٿو ڪري سگهان تہ سنڌ ترخانن کان ڪيئن آزاد ٿيندي!‘

اوچتو ’سنڌ‘ جو نالو زبان تي ايندي ئي، هن جي ذهن ۽ جسم جي ڇڪ ۽ ٽٽڪ لهي ويئي. واچوڙا ٻيهي رهيا. هن وري اهو نالو اچاريو ”سنڌ“! ۽ هن کي ائين محسوس ٿيو جڻ تہ هن جي بدن ۾ نئون رت اوتجندو ٿي ويو. هن کي ائين محسوس ٿيو جڻ هن کي امرت جو پيالو ملي ويو. هن هڪ دفعي وري سنڌ جو نالو زبان تي آندو، ۽ هن کي ائين محسوس ٿيڻ لڳو جڻ هن جي اندر ۾ جيڪا بہ ڇڪتاڻ هئي، جيڪا بہ ڪشمڪش هئي، سا ٻيهي رهي هئي. ان نالي جڻ نانگ جي مڻ وانگر هن جي جسم مان زهر ڇڪي ڪڍي ورتو هو ۽ هن ائين ڀانيو تہ ان پارس جي سندس زبان سان ڇُهاءَ جي ڪري، هو سڄو سونو ٿي پيو هو. هن جو هر انگ، هن جو لڱ لڱ سونو ٿي پيو هو ۽ هن کي پڪ ٿي تہ هن جو رت بہ سونو ٿي ويو هو. جيڪڏهن هن جو رت وهيو تہ هر رت ڦڙي مان هڪ نئون سونو سنڌي پيدا ٿيندو. هن جي هر انگ وڍڻ سان سوين انگ پيدا ٿي پوندا، ۽ هن کي سنڌ جي امر هجڻ جو يقين ٿي ويو. پنهنجي امر هجڻ جو يقين اچي ويو ۽ هن جڻ نعرو هڻندي چيو: ”جيئي سنڌ، سدا جيئي سنڌ!“

ان نعري لحظي ۾ هن جا سڀ دک دور ڪري ڇڏيا ۽ هو من ئي من ۾ تجويزون ۽ رٿائون ناهيندو، بستري تي ليٽي پيو. هن سوچيو تہ

سنگهار کي امير خان جي نياپي ڏيڻ جي بهاني پنهنجيءَ رٿ ۾ شامل ڪري، ڪابل هليو ويندو ۽ لشڪر گڏ ڪري ننڍي تي چڙهي ايندو. سنگهار جي گهر جو سوچيندي هن کي سانول ياد اچي ويو. سانول جو معصوم مکڙو ياد ڪندي هو اُٿي بيٺو. چاچي علوءَ کي گهوڙي سنبرائڻ لاءِ سڏ ڪيائين.

جڏهن ٻيڙي علوءَ کيس گهوڙيءَ جي تياريءَ جو ٻڌايو تڏهن الائي چو سوڍل کيس پاڪر پائيندي چيو: "چاچا علو آءُ ڳوٺان تي تو اچان، ڏينهڪ موٽندس. پر ان وچ ۾ ننڍي ۾ سنگهار جو ٻڌين ته ماڻهو موڪلي، کيس منهنجي لاءِ ترسائج!"

ٻيڙو علو سنڌ جي هن جوڌي جوان کي پيار ۽ سڪ مان ڏسندو رهيو ۽ جڏهن سوڍل جي ڪُميت سندس نظرن کان اوجهل ٿي ويئي، تڏهن هن آسمان ڏانهن نهاريندي، پڻ پڻ ڪندي چيو: "ڌڻي منهنجا، اسان بروبر سڄي عمر گناهن ۾ گذاري، پر تون اسان جي گناهن ڏانهن نه ڏس.... ههڙن سوڍن کي سلامت رکج...... مَن سنڌ وري منهن ڪڍي موچاري ٿئي." ۽ پوءِ دل ئي دل ۾ ڪجهه پڙهندي، هڪ ڊگهو شوڪارو پري، سوڍي جي ڪوٺڙيءَ ۾ داخل ٿيو.

سنگهار جي زال پاڳلَ چاڏيءَ مان مکڻ تاريندي هڪ وڏو چاٽو ٺاهي ڪٽي وٽيءَ ۾ رکيو ۽ پاڻ وري نيهر سڌي ڪري، منڌيءَ کي ڦيرائڻ ويهي رهي. ڏڏ ولوڙيندي، خود هن جي دل به ولوڙجندي ٿي ويئي. سنگهار کي اڄ ٽيون ڏينهن وئي ٿيو هو. پاڻ چئي ويو هو ته ڏينهڪ موٽندو ۽ مٿان هي چوٿون سج چڙهي آيو هو. "ڌڻي منهنجا، تون خير سان ورائينس!" هن دل ئي دل ۾ ڪا باس باسيندي چيو. منڌي ڦيرائيندي هن جون آسروند اکيون، هر هر در ڏانهن کڄيو ٿي ويون. هن جي دل کي وسوسا کائڻ لڳا هئا. مڙس سان پڇي ڪانه سگهندي هئي، نه ته هوند کيس شهر ڏانهن ڪڏهن به نه ڇڏي ها، هن ڪڏهن به مڙس سان هوڏ ڪانه ڪئي هئي ۽ هوڏ ڪري ها ته به سنگهار مڃيس ٿوروئي ها. هو پاڻ هوڏ تي چڙهندو هو ته پنهنجي سر جو ئي سانگو نه ڪندو هو ۽ شهر ۾ هن جي هوڏ ته هميشه کو نئون رنگ لائيندي هئي. ٻاگهيءَ جي مڙس علو پنهور کيس گهڻا ئي ڀيرا چيو هو ته "ماسي، چاچو

سنگھار جڏھن ٿو شھر وڃي، تڏھن ٿو ارغونن ۽ ترخانن سان وڙھي.
تون نٿي سمجھائينس؟ ترخان تہ نيٺ بہ ملڪ جا والي آھن، لڏائينسِ
نہ، تہ منھنجو نالو لاھي ڇڏجانءِ!“

پاڳل رڳو ھڪڙو پيرو ڏنو ڊپ ڪري ڪيس چيو ھو: ”آ، سڻين ٿو:
علو پنھور ٿو چئي تہ تون ترخانن سان ٿو ڪؤنسين، ۽ ترخان مرڳو اسان
کي لڏائيندا!“ سنگھار جو جواب ٻڌي ھن جا تہ تاڪ لڳي ويا ھئا:
”ترخان لڏائيندا منھنجي آڱوٺي کي! آءُ ڪو علو پنھور ٿوروئي آھيان،
جو پيءُ کي جھلائي، جاگير پنھنجي نالي لکائي آيو آھي. ھو تہ ترخانن
جو نمڪ ويٺو کائي، سو ھن کي پنھنجي لڏائڻ جو پؤ ٿئي! علو تنھنجي
ماروٽ جو پٽ آھي تہ چا ٿيو سمجھائي ڇڏينس تہ منھنجي گھر
اھڙيون ڪانئرتا جون ڳالھيون نہ ڪري. ھون، ترخان لڏائيندا جو آءُ
سندن ڪڙٽي تي ويٺو آھيان! سنگھار کي لڏائڻ وارو ماءُ پٽ اڃا ڄاڻو
ئي ڪونھي!“

ھوءَ وري نيھر لاھي، مکڻ اُگھڻ لڳي. وٺيءَ تي نظر پيس تہ مکڻ جو
چاڻو غائب ٿي ويو ھو. ھن حيرت مان پنھنجي ڏيرياڻيءَ ڏانھن نھاريو
جا پڌر ۾ سوَڙ سِبي رھي ھئي. ھيڏانھن ھوڏانھن نھاريندي ھن چيو:
”اٽي ٻڙي، ڏٺئي! رَن ٻلي منھنجي اکين اڳيان مکڻ جو چاڻو چٽ ڪري
ويئي!“

ڏيراڻيس منھن مٿي ڪري ھن ڏانھن نھاريو ۽ ڪجھ ڏسي
چيائين: ”ادي ٻلي تہ ڪانھي، البت تنھنجي پنيان ھڪ نور ويٺو
پنھنجا چنبا صاف ڪري پانيان ٿي تہ مکڻ انھيءَ نور کنيو آھي!“

پاڳل حيران ٿي پويان نھاريو ۽ پويان سانوڻ کي ويٺل ڏسي، اڇي
ٺھڪڙن ۾ پيئي. ”گھوري وڃانءِ، اھا چٽ وٺار توکي پاراتو ڏياريندي.
آءُ تہ سچ پچ نور کي پنڻ واري ھيس. اڃي ھل، ھي ھيو چاڻو بہ کائي
چڙھ ڪرا“ ھن وٺي سانوڻ ڏانھن وڌائيندي چيو. سانوڻ سندس ننڍي
ڏير جو اڪيلو پٽ ھو. گھر ۾ ٻار بہ اھو ھڪڙو ئي ھو ۽ پنھنجو اولاد بہ
ڪونہ ھوس، ان ڪري سانوڻ ئي ھن لاءِ سڀ ڪجھ ھو. ماءُ کان
وڌيڪ گھرندي ھيس. سانوڻ سندس لاڏ جي ڪري، تنگ بہ کيس ٿي
ڪندو ھو پر ھوءَ سدائين گھوري پيئي ويندي ھئس. چنچل بہ حد

درجي جو هو، ڪنهن ڪان ڪونه ٻجندو هو. سڄو ڏينهن ڳوٺ جي نينگرن سان ڪنهن نه ڪنهن ڪيچل ۾ لڳو پيو هوندو هو.

”جيجي، چوريءَ جي مکڻ ۾ جيڪو مزو هو سو هن ۾ ڪٿي. پر جيجي تو مکڻ لاهي ڇڏيو اڄ منهنجي مَهي به وسري وِيئي؟“

”صدقي وڃانءِ، هوءَ رکي اٿئي جاري ۾. وٺو پريل اٿئي، جي بڇائي اٿيئي ته پاڻ ٿو ڄاڻين!“ پاڳل ڪلندي چيو. گهڙيءَ لاءِ هن کي سنگهار جي اون وسري ويئي.

سانوڻ نينگ ڏيندو جاري تائين پهتو ۽ مهيءَ جو وٽو ڳٽ ڳٽ ڪري پي ويو. پاڳل ۽ ماڻس کيس پيار مان ڏسنديون رهيون. جڏهن وٽو خالي ڪري هن جاري تي رکيو تڏهن ماڻس سٽيءَ ۾ ڏاڳو پوئيندي چيو: ”ابا، اڄ ڪتاب کان سويري ڪيئن آيو آهين؟“

”اسان آخوند کي ڳالهه ئي اهڙي ٻڌائي، جو سڀني کي موڪل ڏنائون،“ سانوڻ سادگيءَ سان جواب ڏنو.

”ڀلا اسان کي ڪونه ٻڌائيندين ڇا اها ڳالهه؟“ پاڳل منڌيءَ تان اُٿندي چيو. سانوڻ کلي ڏنو. هن کي اڄا تائين آخوند جي ڊپ تي کل پئي آئي. هن سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي ته ڪتاب ۾ نئون قنڌاري مولوي آيو هو. سڀني ڇوڪرن گڏجي ”ترخاني ٽُرا، واٽ تي: جيئن گڏهه هلن گهاٽ تي!“ ڳائي، ترخاني مولويءَ جي آجيان ڪئي هئي: ۽ آخوند قنڌاريءَ جي ڪاوڙ جي ڊپ کان سڀني کي موڪل ڏيئي ڇڏي. سانوڻ اها ڳالهه ڪئي ته پاڳل کي وري سنگهار ياد پيو. تڏهن ڇٻو ته اهي ڳالهيون سچيون هيون ته سڄيءَ سنڌ ۾ ترخانن خلاف سنڌين ۾ وري تاءُ پيدا ٿيڻ لڳو هو ۽ وري ڪا هلچل ٿيڻ واري هئي. هن جو ته هِنيون ئي هڄي ويو. اڳين هلچلن ۾ به هن جا به ڪونڌر پاءَ ۽ هڪڙو پائٽيو قربان ٿي چڪا هئا. اڳين بغاوت ڏاري ته پٽس به ڏکجي پيو هو ۽ مري بچيو هو. ”اي ڏٽي منهنجا، اسان سنڌين ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟ ملڪ اسان جو، جُوءِ اسان جي، پورهيو اسان جو پوءِ به سر ڏيڻ لاءِ سنڌي اڳ ۾! هي ڪهڙو انڌير آهي، منهنجا مالڪ! ترخان ته پرائي مال تي، ٿوپي نراڙ تي، رڳو تراربون تکيون ڪندا وتن!“

”ابا، تو وري بي ڪا ڪيچل ته ڪانه ڪئي آهي؟“ ماڻس به هن جي

ڳالهہ ٻڌي، ڪنهن ڳوڙهي ويچار ۾ پئجي ويئي هئي. هن کي سانوڻ جي کيچلن مان هميشہ ڊپ ٿيندو هو. اڳئين ڀيري بہ هڪڙي ارغون کي ذري گهٽ کوهہ ۾ ٻوڙي ماريو هئائون. هڪڙي ٻوڙي گونگي فقير کي اڳيان ڪري ارغون کي چيائون تہ مسجد واري پانڌي ۾ خزانو پوريل هو جنهن جي 'گونگي فقير کي خبر آهي. ارغون خزاني جو نالو ٻڌي هرڪجي ويو ۽ گونگي کان پڇائون ڪرڻ لڳو. گونگو رڳو هٿ جا اشارا ڏيڻ لڳو. تڏهن سانوڻ ۽ سندس ساٿين کيس چيو تہ هي درويش ڏينهن جو وات سان ڪونہ ڳالهائيندو آهي، پر چوي ٿو تہ جيڪڏهن اکيون ٻڌي اسان سان هلين تہ توکي هلي خزانو ڏيکاريون. ارغون جهٽ راضي ٿي ويو. سانوڻ هڪڙي ڇوڪري جي پٽڪي سان اکيون ٻڌيون ۽ کيس مسجد واري کوهہ وٽ وٺي آيا. کوهہ جي ڪنڌيءَ وٽ پهچي، ڇوڪرا گونگي فقير کي وٺي اتان کسڪي ويا. ارغون بہ خزاني جي لوڀ ۾ جهڙو اڳتي وڌيو تهڙو ڏُو وڃي کوهہ ۾ ڦهڪو ڪيائين. شڪر جو کوهہ ڪاري پاڻيءَ ڪري لٽائي ڇڏيو هئائون، نہ تہ ارغون ٻڏي مري ها. هن کي ڏاڍا ڏک لڳا، پر مٺو ڪونہ رڙين تي ڪن نمازين اچي کيس کوهہ مان ڪڍيو. ارغون ترخان عامل وٽ دانهين ٿي ويو پر سچي ڪنهن نہ ڪئي، ۽ ڳالهہ لئہ مٺي ٿي ويئي.

"نہ امان، اڄ رڳو نامدار خان چرڪس جي ڪبوترن جي وڏي پڃري ۾ بہ ٻليون وجهي ڇڏيون سون!" سنوڻ ڪلندي چيو.

"ابا، اهو ڪهڙو ڪِيُس ڪيوَ: ويچارا آوايا پکيئڙا انهن کي ڇو ٿا ڏکويو!" پاڳل کي ڪبوترن تي رحم اچي ويو. هن اجا ڳالهہ پوري مس ڪئي تہ پري کان گهوڙي جي سنبن جو آواز ويجهو پوندو ويو. پاڳل دل ئي دل ۾ دعا گهرڻ لڳي تہ شل اهو سنگهار هجي. پر هيءَ چال سنگهار جي گهوڙي جي ڪانہ هئي. جڏهن آواز ويجهو ٿيو، تڏهن گهوڙي جي هٽڪار مان پاڳل سهي ڪيو تہ هي سندس ڏير سوڍلَ ڪميت اچي در تي جهلي هئي. سوڍل جو اچڻ هميشہ پاڳل کي ڪو اُڌڪو ڏيئي ڇڏيندو هو. سوڍو ۽ سنگهار پاڻ ۾ ننهندا ٿي ڪين هئا ۽ پاڳل هميشہ سوڍل جو طرف وٺندي هئي. سوڍل جو اچڻ سدائين ڪنهن ايندڙ فتني جو اهڃاڻ هوندو هو. هن جي ڏائي اک زور سان ڦڙڪڻ لڳي، ۽ دل ئي دل ۾ هوءَ وري باسون باسڻ ۽ دعائون گهرڻ لڳي.

سوڍل چاڻ ڪري اندر هليو آيو. سانوڻ جو سوڍل کي ڏٺو تہ ڊوڙي سندس پٺن تي چڙهي ويو ”چاچا..... چاچا!“

سانوڻ کي پنهنجن سمورن چاچن مان سوڍل سان دل هئي: هن جي ڏيا، هن جي هيبت ۽ هن جي ٺاهوڪي شڪل کان سواءِ هن ماڻهن کان سوڍل جي پهلوانيءَ ۽ سورهيائيءَ جون ايتريون تہ ڳالهيون ٻڌيون هيون، جو هن دل ئي دل ۾ کيس پنهنجو سورمو بنائي ڇڏيو هو. سوڍل کي بہ پنهنجي ڀائٽي سان ڏاڍي محبت هئي. هن ۾ کيس شايد پنهنجي ئي طبيعت جي ارڏائي نظر ايندي هئي. اها ئي ٻي ڊپائي، پاڻ تي ڀروسو ۽ سڀ کان وڌيڪ سندس موڪري ڇاتي، ڪشادو نرڙ نيريون ڀوريون اکيون ۽ ڳٺيل جسم کيس ڏاڍو وڻندو هو. هو جڏهن بہ ايندو هو تڏهن گهڻو ٽڻو وقت سانوڻ سان گذاريندو هو. سانوڻ سان گڏجي ڪيٽن ۾، درياهہ جي ڪپ تي يا ٽڪرين تي گهمڻ هليو ويندو هو ۽ هن کي هن سر زمين جي ذري ذري جي ڪهاڻي ٻڌائيندو هو. يونانين کان وٺي ڄام فيروز تائين سنڌ جي سموري تاريخ مان سنڌين جي بهادريءَ، قربانين ۽ بغاوت جا قصا ٻڌائيندو هو. سنڌين جي پاڻ ۾ نااتفاقيءَ، ڏارين جي دغابازين، خونريزين ۽ ڦرلٽ جا واقعا هن کي ٻڌائيندو هو. هو هن کي آزاديءَ ۽ غلاميءَ جو فرق ٻڌائيندو هو. هن کيس ڪيترا ڀيرا اهي ڳالهيون ٻڌايون هيون تہ سومرن کان اڳ جڏهن ڏاريا سنڌ کي هڙپ ڪريو وينا هئا، تڏهن هر ٽئين سال ڏڪر پوندو هو. سومرن ۽ سمن جي راڄ ۾ هڪ ڀيرو بہ سنڌ ڏڪر نہ ڏٺو. وري جڏهن قنڌاري ڪڙڪيا ۽ سنڌ وري غلام ٿي تہ سنڌ ۾ هر ٻئي ٽئين سال ڏڪر پوڻ لڳو. ماڻهن جو رت ست سُڪندو ٿي ويو. سنڌين جيڪي ٿي اُپايو سي پرمار قنڌاري ميڙيندا ٿي ويا. ماڻهو پنهنجي پورهيي جو اَنُ هوندي، پيٽ سان پٽيون ٻڌڻ لڳا هئا. سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ جڏهن بہ سنڌ غلام رهي، تڏهن ماڻهن کي پنهنجي ٻولي ڳالهائڻ تي بہ بندشون سهڻيون ٿي پيون. عرب آيا تہ عربي ڳالهائڻي ٿي پيئي، قنڌاري آيا تہ فارسيءَ جو غلام ٿيڻو پيو! جنهن قوم جي زبان تي تالا لڳايا وڃن، ان قوم لاءِ سر ڏيڻ جو وقت ايندو آهي، ڇاڪاڻ تہ زبان ئي آهي، جا ماڻهوءَ کي ماڻهپو ٿي ڏئي ۽ ڏاريون ماڻهپو اوپرو ماڻهپو ائين آهي، جيئن ڏڙ ريڍو سسي ٻاڪري! سانوڻ کي الائي

چوراهي ڳالهيون ايتريون وڻنديون هيون، جو انهن ڏينهن ۾ هن کان هر ڪيچل وسري ويندي هئي. هن کان مڪتب وسري ويندو هو ۽ پنهنجا سنگتي ساٿي وسري ويندا هئا. ۽ هو اهو ئي چاهيندو هو تہ سوڍل سان گڏ هو سنڌ جي وستين واهڻن جا سير ڪندو رهي!

پر اڄ سوڍل ڪنهن اهڙي اونهي ويچار ۾ هو، جو ڀاڄاڻين سان خوش خيرعافيت ڪرڻ کان پوءِ ڪٽ تي ويهي، هو ڪيتري دير چپ چاپ ڌرتيءَ ۾ نهاريندو رهيو. ڪافي وقت ائين ويهڻ کانپوءِ هن پڇيو. "ڀاڄائي سنگهار ڪٿي آهي؟"

"ادا، اڄ چوٿون سج چڙهيو آهي، پر اڃا نہ وريو آهي- چئي ويو هو تہ ڏينهڪ موٽندس." ڀاڳل پنهنجي شوڪاري کي روڪيندي چيو.

"ويو ڪيڏانهن؟"سوڍل مختصر سوال ڪيو.

"ننگر ٺٽي، ڏاس ڪٽائي ويو هو. چيو هئائين تہ موٽندي بہ ٿي ڪيس ۽ اجرڪون وٺيون آهن."

"هون......!" ان هُونءَ ۾ هن جي دل جي سموري واردات اوتجي آئي هئي، پر ڀاڄايس سهي ڪري نہ سگهي.

سوڍل اٿي بيٺو ۽ ٻاهر وڃڻ لاءِ در ڏانهن وڌيو. ڀاڳل جي هينئين ۾ هُرڪ پئجي ويئي. سوڍل اڄ ڀيريون ڀيرو ٽڪر ڪاٺڻ کان سواءِ وڃڻ لاءِ سنڀريو هو. هن وسوسي کي دور ڪرڻ لاءِ چيو: "ادا، ماني تہ کائين ها!"

"نہ ڀاڄائي، مون کي سنگهار کي نهارڻو آهي، ۽ اڳيان پربت جيڏو پنڌ آهي. چڱو سانوڻ. هيل پنهنجي ڪچهري نہ ٿي، وري آئيندي.... ڏٺيءَ کي پرتؤ!" ۽ هو دروازي کان ٻاهر هليو ويو.

ڀيريءَ کان ئي اُتر لڳڻ شروع ٿيو هو ۽ اوچتو ئي اوچتو آسمان تي نيرا نيرا ڪڪر بہ ڊوڙڻ لڳا هئا. جن جي روءِ جيئن پوءِ تيئن ڪاري ٿيندي ويئي. هوا ۾ بہ تکائي اچي ويئي ۽ منگهن ۾ هوا لڳي، سوساٽ ڪندي ماڻهن جي ڪنن ۾ پڙاڏا پيدا ڪندي ويئي. ماڻهن اجرڪن، لوئين ۽ شالن سان پنهنجا ڪن ڍڪڻ شروع ڪيا. شهر ۾ جيڪي مسافر هئا، سي سويري ئي پنهنجن ڳوٺن ڏانهن ورڻ لاءِ ٽڪڙا ٽڪڙا وهٽ پلاڻڻ لڳا هئا. شهر جا دڪان دڙا بہ سوير بند ٿيڻ لڳا ۽ هٽ تاڙ ٿي ويئي. پر هٽ تاڙ جو سبب سيءُ ڪونہ هو. ماڻهن جي دلين

کي سيئي تپ اچي ورتو هو: نئي جو نڪ، آخوند صالح، جنهن جي نيڪيءَ جو قسم کنيو ويندو هو اج جامع مسجد واري چونڪ ۾ ڦاهيءَ تي لٽڪيل هو. سنڌين جا پراٽا گهاءَ وري چِڪڻ لڳا هئا. ژالون ٻارن کي ٻوٽاڙي، گهرن کي ڪڙا ڏيئي ويهي رهيون ۽ پنهنجي مڙسالن جي صحيح سلامت اچڻ لاءِ ڏٿيءَ در ٻاڏائڻ لڳيون. ڪو سوار تکو تکو ڪٽان لنگهيو ٿي ته سوين اکيون دروازن جي لوگهن مان ان کي ڏسڻ تي لڳيون. هن اُتر واءَ، سيءَ سان گڏ رت جي بوءِ به پاڻ سان آندي هئي. دڪان دڙا بند ڪري ماڻهو پنهنجن گهرن بدران جامع مسجد واري چوسول ڏانهن وڃي رهيا هئا ـ هنن پنهنجي پاءُ، آخوند صالح، جو آخري ديدار ڪرڻ تي گهريو. اهو آخوند صالح جنهن وٽ سڀ جهيڙا نبيرا ٿيندا هئا: ڪنهن لُچ جي سزا کان وٺي مرٽي پرٽي جون ڳالهيون آخوند صالح سان اورنيدا هئا، ۽ هو هر ڪنهن سان ڪلندو چرچا پوڳ ڪندو، جيڪو فيصلو ڪندو هو اهو سيني کي وٽندو هو. لُچ کان لچ ماڻهو به آخوند صالح جي ڏنل سزا کلندي پوڳيندو هو. هاڻ ماڻهو ڪنهن وٽ جهيڙيندا نبيريندا؟ هن جي هوندي شهر ۾ ڏوهه گهٽ ٿيندو هو. هن جي هوندي نياٽيون سياٽيون بنا ڪنهن ڀؤ جي بازارن مان سودو وٺڻ اينديون هيون: هن جي هوندي ماڻهو پنهنجا دڪان دڙا بنا تالي جي ڇڏي نماز پڙهڻ هليا ويندا هئا. هن جو ڏکو ايترو هوندو هو جو ترخانن کي به پنهنجي محلي کان ٻاهر ڪا لچائي ڪندي ڏپ ٿيندو هو. ۽ اهو آخوند صالح اج هزارين سنڌين جي اکين اڳيان ٿياس تي ٽنگيل هو. هو چپ چاپ ٻن معصومن جي وڏيل زبانن کي، سنڌن رتو رت ٿيل وات کي ڏسندا رهيا. هنن جي اندر ۾ مچ دکندو رهيو: ان مچ کي پنيت ٻڻائڻ ۾ اُتر واءُ بيڪار هو پيڙ پڙڪائڻ لاءِ ته ڪنهن ڇوهي جي گهرج هئي، ڪنهن طوفان جي ضرورت هئي.

چاچو علو به هنن کي ڏسي آيو هو ۽ ذري ذري پنهنجي ڏاڙهي وات ۾ وجهي، چڪ هڻي، پنهنجا لڙڪ روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. واپس ويندڙ مسافرن سان ڳالهائڻ بدران سنڌن اکين ۾ ڪجهه ڳوليندو رهيو: متان ڪا جوت، ڪو ٻارڻ، ڪو مچ مچندو هجي. پر هن انهن ۾ به پنهنجي اکين وانگيان رڳو لڙڪ چمڪندا ڏٺا. سنڌن اکيون

وساڻل هيون. سندن منهن تي هيڊ هاريل هئي، ۽ هو چپ چاپ پنهنجا اُٺ. پنهنجا گهوڙا پلاڻي رهيا هئا- واپس وڃڻ لاءِ. پنهنجي ٻچن ٻيڙو ٽيڻ لاءِ. ڪنهن گوشائتيءَ ڪنڊ ۾ منهن لڪائي روئڻ لاءِ!

اوچتو ڪنهن تيز گهوڙي جي ٽاپ ٽاپ ٻڌي، چاچو علو ٻاهر نڪري آيو. هن پريان ئي سوڍل کي سڃاتو. هو حيران ٿي ويو ته سوڍل ايترو ترت ڪيئن موٽيو هو. پر سندس دل جي هڪ ڪنڊ ۾ اميد جو ڏيئو ازخود ٻري پيو. ’اسان جو سوڍل ضرور ان جو ڪو تدارڪ ڪندو!‘ ٻڍڙو علو ڇڻ سندس انتظار ۾ هو ۽ هن ٻوڙنڌي وڃي ڪميت جي لغام ۾ هٿ وڌا. ڪميت ٿڪي، ٻيئي نرا ڪٽي ذري گهٽ ڪيس ماريو هو.

”چاچا، خير ته آهي؟“ سوڍل هن جي منهن جي رنگ ۽ هن جي اتاولائي ڏسي چيو.

”بابل، ڪهڙو خير ٿو پڇين! مدرسن ۾ فارسي پڙهائڻ جي مامري تان، ترخانن آخوند صالح کي ڦاهيءَ چاڙهي ڇڏيو آهي، ۽ ٻن معصومن جي ڄڀ ڪٽي، ڪين جامع مسجد واري چونڪ ۾ لڙڪائي ڇڏيو اٿن!“

سوڍل ائين ٻانيو ڄڻ ڪنهن ڪيس منهن وارو ڇهبڪ وهائي ڪڍيو. هن جا هٿ گهوڙي جي زينن تي ايترو ڇڪجي ويا، جو ڪميت کان به دانهن نڪري ويئي. هن چپ ۾ چڪ هڻندي چيو: ”سنگهار ته شهر ۾ ڪونهي؟“

”ٻڌو هوم ته آخوند نور محمد کيس ڪنهن ضروري ڪم سان موڪليو آهي.“

سوڍل ڄڻ ته هن جو جواب ٻڌوئي ڪونه. رت هن جي هڻن پيرن مان چڙهي هن جي لوڻن ۽ اکين ۾ ڇلڪڻ لڳو. رت جي انهيءَ ڇوهي هن جي اکين ۾ ڪوهيڙا پيدا ڪري وڌا ۽ لڙڪن کان بچڻ لاءِ هن وري گهوڙيءَ جي لغام کي اهڙي سٽ ڏني، جو ڪميت جو ذري گهٽ ڪنڌ ڀڳو هو ۽ هوءَ پنهنجي مالڪ جي اشاري سمجهڻ واري هن تنبيهه تي حيران ٿي ويئي، پر هن جيڪا وڪ کنئي، اهڙي وِک هن ڪڏهن به نه کنئي هئي. گهڙيءَ دير کان پوءِ سوڍل پريان ئي آخوند صالح کي ٽياس تي ٽنگيل ڏٺو. هشام ماڻهن جا سندس چوڌاري مڙيل هئا. فقط هڪڙو پاسو خالي هو جتي سپاهي پنهنجا ڀالا تيار جهليو بيٺا هئا. سوڍل

گهوڙيءَ کي هلڪو اشارو ڏنو ۽ ڪميت هڪڙي سپاهيءَ جي گهوڙي جي پر مان ڪنوڻ وانگر لنگهي ويئي. ان وقت سوڍل جو ڪٽارو گهوڙيسوار جي چيلهه ڪپيندو ويو ۽ هو رڙ ڪري اڳيان جهڪي پيو. سوڍل ساڳي گهڙيءَ هن ڪان پالو ڪسي ورتو هو. ڪميت تيزيءَ ۾ گهٽو اڳيان نڪري آئي هئي، پر وري سوڍل جي اشاري تي پڙڪو ڏيئي واپس وري سپاهين جي وچ مان سرڙاٽ ڪندي نڪتي. سوڍل جو پالو ٻن سپاهين جي ڇاتين کي ڏاريندو ويو. هن آسماني آفت ترخانن جا اوسان خطا ڪري ڇڏيا، ۽ جيسين هو پاڻ سنڀالين، تيسين سوڍل جي ڪميت وري هڪ ڦيرو ڪاريهر وارو ورُ ڪاڏو ۽ هڪ ترخان جي دانهن آسمان ڏارڻ لڳي. باقي ترخان سپاهين، ڳالهه کي نه سمجهي، گهوڙن کي پوئتي هٽائڻ شروع ڪيو ۽ پوئين پير پڇڻ جي واٽ نهارڻ لڳا. سوڍي تي چڙهڻ ڪو جن پوت سوار هو ۽ هن سندن پويان ڪميت کي ڇڏيندي، ٻن ترخانن جي پٺين ۾ واري واري سان پالو تنبي ڏنو ۽ پوءِ ڪميت کي ورائي، اچي آخوند صالح جي لڙڪندڙ لاش اڳيان بيهي رهيو. ماڻهو حيرت ۾ پيوَ ڪان هن موت جي فرشتي جي اچڻ تي سوچي رهيا هئا. سوڍل آخوند صالح جي ڳچيءَ مان رسو ڪپيندي، سندس لاش کي آهستي آهستي پنهنجي گهوڙيءَ تي لاهي، ميڙ ڏانهن منهن ڪندي چيو: ”سنڌيو حيف هجيوَ! اوهان ترخانن ڪان سوٽا هوندي به مات ڪريو تماشو ڏسي رهيا آهيو. اوهان جي دل جي ٽُڪرن جي جپ وڍي ترخانن اوهان کي به گونگو ڪري ڇڏيو آهي، اوهين جيڪڏهن خالي هٿين ترخانن تي وري پئو ها، تڏهن به آخوند صالح هينئر جيئرو هجي ها! هان، هي وٺو آخوند صالح جو لاش، وڃي ڪيس دفن ڪريو ۽ پوءِ رلين ۾ منهن ڏيئي ويهي روا!“

هو لاش ڪٽي ماڻهن جي ميڙ ڏانهن موٽي آيو. ٻن چئن ڄڻن وڌي لاش کي هيٺ لاٿو. سوڍل وري گهوڙي ورائي، ٻنهي ڇوڪرن وٽ آيو. ڇوڪرا ايترو رت ڇڏڻ ڪري ٻنهه زردا ٿي ويا هئا. انهن مان هڪڙي جو جسم سڄو سيٺجي ويو هو. سوڍل سمجهي ويو ته نينگر جهان ڇڏي ويو هو. ٻئي کي به هوش ڪونه هو. سوڍل ٻن ڄڻن کي اشارو ڪري، ڇوڪرا سندن حوالي ڪيا.

اوچتو ماڻهن جي پويان ڇڻ درياهہ جو بند ٽٽي پيو. گهوڙن جي ٽاپين جو هڪ سمنڊ هنن ڏانهن وڌي رهيو هو. رخ مان ئي ماڻهن سمجهيو تہ گهوڙا ان طرف ئي وڌي رهيا هئا. هنن کي پڪ ٿي تہ پڇي ويل سپاهي امير خان کي وٺيو ٿي آيا. پر ائين نہ هو: پريان هنن کن شاگرن کي ڊوڙي ايندو ڏٺو. سوڍل بہ ان ايندڙ مهمان جو انتظار ڪندو رهيو. شاگرد رڙيون ڪندا آيا: "مرزا جان بابا جو لشڪر ٺٽي ۾ ڪاهي پيو آهي، ۽ مرزا باقيءَ جي ڪڍ آهي.... مرزا باقيءَ جو لشڪر چانوٽيون ڇڏي پڇندو ٿو وڃي.... سنڌيو وقت اچي ويو آهي! مرزا باقيءَ جهڙي ظالم مان جند ڇڏائڻ جو وقت اچي ويو....!"

ماڻهو ڇڻ ان اعلان جي انتظار ۾ هئا. ۽ هزارين سنڌين جو هي هجوم طوفان وانگيان ترخانن جي محلن ڏانهن وڌڻ لڳو: ڪنهن ڪا لٺ ڪنئي، ڪنهن بانٺو ڪن پنهنجي ڪمربندن مان ڪتارا ۽ خنجر ڪڍيا تہ ڪي خالي هٿين اڳيان وڌڻ لڳا. ٿوريءَ دير ۾ مرزا جان بابا جو لشڪر بہ اچي ساڻن گڏيو ۽ سنڌين نعرو هنيو: "مرزا جان بابا زنده آباد!" "مرزا باقي ڪتو مرده باد!"

مرزا جان بابا لشڪر جي اڳيان هو: اهي نعرا ٻڌي هن جي همت ٻيڻي ٿي ويئي ۽ هن زور سان چيو: "شاباس بهادرو، مرزا باقيّ بيگ جون ٻوٽيون ٻوٽيون ڪري ٺٽي جي ڪتن کي ڏيو...... الله اڪبر، وڌو ۽ مٿن عقابن وانگر ڦهلجي وڃو......!"

گهوڙن جي هڻڪارن، هٿيارن جي ڇڻڪن، گهوڙن جي سنبن جي آوازن، پويان ايندڙ پيادي لشڪر جي قدمن، ماڻهن جي نعرن ۽ رڙين جو آواز ڇڻ قيامت جو شور برپا ڪري رهيو هو ڇڻ آسمان ٽُڪر ٽڪر ٿي ٺٽي تي ڪِرڻ وارو هو.

سوڍل منجهي بيهي رهيو. هن کي سمجهہ ۾ نہ آيو. سنڌين جي ان بغاوت کي هو بلڪل سمجهي نہ سگهيو. شينهن جي خلاف بگهڙ کي پنهنجي واڙي ۾ آڻڻ جي سنڌي مت هن جي من کي ڪانہ آئڙي ۽ هن جو شرم کان ڪنڌ جهڪي ويو. هن کي پنهنجي هن قوم جي بيوقوفيءَ تي ڪاوڙ بدران لڄ اچڻ لڳي. اهي سنڌي، جن کي ترخانن کي سنڌ مان لوڏي ڪڍڻو هو سي اڄ انهن ئي ترخانن سان ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺا هئا.

الائي ڇو هن پاڻ کي پهريون ڀيرو ويچارو، بيوس ۽ نستو محسوس ڪيو. ۽ ان بيوسيءَ مان ڪميت جي بشڪن ۾ مٽيون وجهنديءَ هن جي دل مان دانهن نڪري ويئي، ”هيءَ جنگ منهنجي جنگ نہ آهي!“ هل هنگامي جو طوفان ۽ هي لشڪر ڇڙ هن جي دل مٿان لنگهي رهيو هو ۽ هو چپ چاپ اڻ ڏسندڙ اکين سان هنن کي ڏسندو رهيو. جڏهن هو اڪيلو رهجي ويو، تڏهن هن کان زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ٽڏو شوڪارو نڪري ويو ۽ هن ڪميت کي علوءَ جي سراءِ ڏانهن موڙي ڇڏيو.

**

## [9]

رات جو پهريون پهر گذريو تہ سنڌ جو سهڻو آسمان بہ ڄڻ ننڍاڪڙو ٿي اکيون ٻوٽڻ لڳو هو. رکي رکي تارن پاڻ کي سجاڳ رکڻ لاءِ ٽمڪڻ ٿي شروع ڪيو. چنڊ بہ تارن کي اوجاڳي جا ويڻ ڏيڻ لڳو هو. ان ٽڏيري ننڍاکري وايومنڊل ۾ گهنگهرن ۽ دف جو اوپرو آواز وراڪا ڏيندو پڙاڏا ڪيندو سنگهار جي ڪن تي پيو. جانڻ بہ اهو آواز ٻڌو هو ۽ ٻنهي ڄڻ تہ هڪڙيءَ ئي دل سان سوچيندي، گهوڙن کي اڙي هنئي. گهوڙن پڙڪو ڪائي رهيل رت ست سنياري وک وڌائي. پريان سڌ پنڌ تي هنن کي مشعلن جي روشني ٽمڪندي نظر آئي. جيئن جيئن ويجهو پوندا ويا، تيئن تنبن جا پاڇولا مشعلن جي سوجهري ۾ مچندا نظر آيا. وڻن جي هڪ جهڳٽي اڳيان اڇي هولهي بيٺا. تنبن جي پرينءَ پر، ڪيترن ماڻهن جي ڪلڻ ۽ ٺهڪ ڏيڻ جا آواز اچي رهيا هئا. جانڻ ۽ سنگهار ڪجهہ وقت گهوڙن کي ائين ٿهلائيندا رهيا. ساڳئي وقت پنهنجي اڳئين قدم تي چپ چاپ سوچيندا رهيا. ڪجهہ سوچيندي جانڻ چيو: ”سنگهار ڀائو ڪوڪلتاش تي منهنجو حق آهي، تنهن جو خيال رکجانءِ!“

سنگهار پهرين تہ جواب نہ ڏنو پر پوءِ هڪ ڊگهو ساهہ کڻندي چيائين: ”جانڻ پنهنجي ذاتي وير کي سنڌ جي جهيڙي کان مٿانهون مٿان سمجهين!“

”سنڌ جو جهيڙو بہ تہ اسان جو ذاتي جهيڙو آهي، ادا!“

”چئين سچ ٿو. پر اسان کي پهرين اهو خط هٿ ڪرڻو آهي، جيڪو ڪوڪلتاش قنڌار ڪڻيو ٿو وڃي. جيڪڏهن ڪوڪلتاش مري پيو تہ، اهو خط ملڻ ڏکيو ٿي پوندو“ سنگهار کيس سمجهائيندي چيو.

جانڻ ڪجھ سوچ ۾ پئجي ويو. چپ چاپ گهوڙن کي ہڏي، آهستي آهستي هنن تنبن ڏانهن وڌڻ شروع ڪيو. هنن صلاح اها بيهاري تہ لڪندي هو ڪوڪلتاش جي تنبوءَ ۾ گهڙڻ جي ڪوشش ڪندا ۽ ڪوڪلتاش کي مارڻ جو ٻپ ڏياري، خط هٿ ڪري اتڪل سان نڪري ايندا. پر تنبن جي ويجھو پهچڻ تي هنن جيڪي ڏٺو تنهن وري اُمالڪ هنن جي دلين ۾ ذاتي وير جو اهڙو زهر ڦهلائي ڇڏيو جنهن ۾ انسان سر جو سانگو وساري ويهندو آهي. اهو ذاتي وير ذاتي نفرت کان بہ وڌيڪ ڇيڇلائيندڙ هو- اهڙو وير جو انسان جي انسان تي ظلم جي ردعمل طور پيدا ٿيندو آهي. هنن ڏٺو تہ هڪ گول دائري ۾ ويهارو کن ترخان ويٺل هئا. هڪڙيءَ مسند تي ڪوڪلتاش ويٺل هو. سندس هٿ ۾ انگوريءَ جو جام هو ۽ سندس گوڏي تي هڪ خوبصورت ساقي ليٽيل هو. جنهن جي ڳلن تي هٿ ڦيري رهيو هو. سندس نظرون دائري جي وچ تي کتل هيون. دائري جي پوري وچ تي تتل ٽانڊا پکڙيل هئا. جن تي بہ سنڌي ٽپ ڏيئي رهيا هئا. بہ ٽي ترخان ڀالن جي چوڪن سان هنن کي ٽانڊن تي نچائي رهيا هئا، ۽ بہ ڳيرو ساقي گهنگهرن ہڏل دف وڄائي رهيا هئا. باقي ويٺل ترخان ٺهڪ ڏيئي کلي رهيا هئا. ڪن جي بغل ۾ ڳيرو ساقي ليٽيل هئا، جي هنن جي کل ۽ ٺهڪن کي وڌائڻ لاءِ هنن کي ڪتڪتائيون ڪري رهيا هئا. انهن ٺهڪن جي شور ۾ سنڌي پاڻ کي ٽانڊن جي سيڪ کان بچائڻ لاءِ ٽپ ڏيندا ٿي ويا، اهو منظر ايترو ڇيڇلائيندڙ هو جو سنگهار پنهنجي چپ کي چڪ هڻي ڦٽي وڌو ۽ خود پنهنجو ئي رت هن جي نڙيءَ ۾ ڪنهن ڄر وانگر هڪ ئي وقت محسوس ٿيو. جانڻ جا هٿ بہ پنهنجي ڀالي ۾ ڪُپي ويا، ۽ پوءِ هڪ ئي وقت بہ ڀالا هوا کي تير وانگر گهائيندا، ڪوڪلتاش جي سيني ۾ کپي ويا. سنگهار جانڻ کي هلڪو اشارو ڪري، پاڻ ٽانڊن جي پر ۾ بيٺل هڪ ترخان ڏانهن ائين لوھ وڌي، جو ذري گهٽ پاڻ بہ ٽانڊن ۾ ڪريو هو. ترخان ٻوٿ پر وجي ٽانڊن ۾ ڪريو ۽ هن جي وات مان نڪرندڙ ڪيڪ ڄڻ ٽانڊن تي سيڪجي نڪتي. اهو سيڪجھ ايترو جلد ٿيو جو ترخانن کي ڪجھ سمجھ ۾ نہ آيو. ڪيترائي تہ نشي ۾ ايترا چور هئا، جو هنن ان کي بہ تماشو سمجهي وڌيڪ ٺهڪ ڏيڻ شروع ڪيا.

سنگهار ڪِريل ترخان کي اتي ئي ڇڏي، ٻئي ترخان ڏانهن رخ رکيو. اهو ترخان ڪجهه پنڀرو بيٺل هو ۽ خطرو محسوس ڪندي جئن پالو پوئتي ورايائين، تيئن سنگهار جو هڪڙو هٿ پالي جي وچ تي ڪپي ويو. ٻئي هٿ جي پٺ ڪهاڙيءَ وانگر هن جي ڪلهي جي ڦڻ هيٺان اهڙو زور سان هنيائين، جو ترخان سور کان ويٺو تي ويو. پالي مان سندس هٿ ڇڏائجي ويو ۽ اتي ئي ڍيري ٿي ڪري پيو. سنگهار جڻ تہ اکيون پوري اهو سڀ ڪجهه ڪندو ٿي ويو. ڪاوڙ کان هن جي اکين اڳيان الائي ڪهڙا ڏنڌ ڇائنجي ويا هئا، جن مان هن کي فقط ترخان ئي ترخان نظر اچي رهيا هئا. جيڪي ترخان نشي ۾ هئا سي پاڻ بچائڻ ڪاڻ، پيچڻ بدران اتي ئي ڪرونڊڙا ٿي ڏرتيءَ ۾ لڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. سنگهار جو پالو ڪنوڻ وانگر سندن نڙگهٽ ڦاڙيندو، سينا چيريندو، هڪ نئين وِڄا سان چمڪندو رهيو. جن ترخانن ۾ اجا ڪجهه هوش هو، تن مان ڪي پيچڻ جي ڪوشش ۾ وڃي تتل ٿانئن ۾ ڪِريا. ترخانن جي رڙين ۽ دانهن سان گڏ، سندن هنج ۾ ليٽيل ساقين جون ڪيڪون آسمان ڏارڻ لڳيون. سنگهار تي جڻ ڪو ڀوت سوار هو ۽ پالي سان گڏ، هن پنهنجي لتن ۽ ٺڦڙن سان ترخانن ۽ ساقين کي ٿانئن ۾ ڏڪڻ شروع ڪيو.

ٿانئن تي نچڻ وارا سنڌي حيرت مان هي خواب جهڙو منظر ڏسندا رهيا. پوءِ پنهنجي واهروءَ کي اڪيلي سر ڏسي، پاڻ بہ ٿانئن کان ٻاهر نڪري، ويهي رهڻ بدران ڪريل ترخانن جا پالا کڻي، پنهنجي دل جون ٻاهيون ڪيڻ ويهي رهيا. هنن کي پنهنجا سڙي اڱر ٽيل پير بہ وسري ويا، پيرن جي ڇالن کان وڏيڪ هو دلين جي ڇالن جي ٻاهہ ڇنڊڻ ويهي رهيا. جنهن ترخان کي هنن ڪنجهندو ڪرڪندو ٿي ڏٺو انهيءَ جي ڪنجهہ ڪرڪ کي هنن هميشہ لاءِ بند ڪري ٿي ڇڏيو.

جڏهن جانڻ ڪوڪلتاش جي تنبوءَ مان هڪ شاهي پيتي کڻي ٻاهر نڪتو تڏهن هن جيڪي ڏٺو سو اعتبار جوڳو نہ هو. مشعلن جي ڦڙڪندڙ روشنيءَ ۾ سنگهار کي هڪ سسيءَ بدران ڏهہ سسيون ٿي نظر آيون. ڏهاڪو کن ترخان اُڦٽ مئا پيا هئا: ڪي ترخان ٿانئن مان نڪرڻ جي ڪوشش ۾ هئا تہ نچڻ وارا همراهہ انهن کي دڳ لائيندا ٿي ويا. بہ ٽي ساقي پنهنجي منهن کي ٻانهن سان ڍڪي سڏڪا ڀري روئي رهيا هئا.

سنگهار جاڻڻ کي ڏسي پريان ئي سوال ڪيو جاڻڻ خط مليو؟"
"هائو هن پيتيءَ ۾ سمورين سوکڙين سان خط به موجود آهي!"
جاڻڻ جواب ڏنو.

سنگهار جي منهن تي ٽٽڪ ڊري تي ويئي ۽ هو وڏي ڪوڪلتاش جي پير ۾ اچي ويهي رهيو. ڪا گهڙي هو ويٺي هڪ ٽِڪ ڪوڪلتاش جي مڙهه کي ڏسندا رهيا. جنهن جي سيني مان رت وهي سڄيءَ سنڌ کي ڳاڙهو ڪري ڇڏيو هو. سنگهار جاڻڻ جي ڪلهي ۾ ٻانهن وجهندي چيو: "ادا، سنڌ جي ويرين مان هڪڙو ته گهٽ ٿيو!"

هنن مڙي هنن ٻن سنڌي همراهن ڏانهن ڏٺو جن کي وري پيرن جي چالن ۽ ڦوڦيندڻن پٽ تي ويهاري ڇڏيو هو ۽ هو ٽڏي ٽڏي مٿي پيرن تي وجهي رهيا هئا. حال احوال ڏيڻ تي هنن ٻڌايو ته هو ٻئي پائر هئا، هيءَ سنڌن ئي ٻني هئي. ۽ ٿوروئي پريان سنڌن اَن جو کرو هو. ترخانن جي ان ڪٽي وڃڻ جي ڊپ کان هو کري تي چونڪي ڏيئي رهيا هئا ته اوچتو هنن ترخانن هتان لنگهندي کين ڏسي ورتو. بس پوءِ ته ري گناهه کين جهلي آيا ۽ رونشي خاطر چيائون ته سنڌي ترخانن جا غلام هئا، ان ڪري هو ٻئي سمورن ترخانن جا پير ڌئارين. انڪار ڪرڻ تي هنن پهرين ته کين لتن ۽ مڪن سان ڌاڊي مار ڪڍي، پوءِ گوشت پچائڻ وارن ٽانڊن تي کين نچائڻ شروع ڪيائون.

جاڻڻ کان رهيو نه ٿيو ۽ چيائين: "پائو جيسين سنڌ غلام هوندي، تيسين سنڌين کي عقوبتون سهڻيون پونديون، شل ڌٽي سنڌين کي ڪا ساڃهه ڏئي!"

سنگهار ترخانن جا ٻه گهوڙا پلاڻي، هنن ٻنهي پائرن کي ڏنا ته چڙهي ڳوٺ پهچن. هلندي وقت کين چيائون: "ادل، جيڪڏهن پنهنجي ڳٺتين ۽ اَن جي اُلڪي کان ڪا واندڪائي ملنوَ ته پنهنجي ڏيهه کي هنن ڌڪارين کان ڇڏائڻ تي به ٿورو سوچجو. پاڻ وٽ چوندا آهن ته ٻه ته ٻارهن! هر ڳوٺڙي جا ماڻهو اهو پهه پچائين ته هنن ڌارين کي تڙي ڪڍجي، ته اهو ڏينهن پري ڪونهي، جو سنڌ هنن کان آجي ٿي پوندي!"

هو ٻئي پائر هڪ نئين ساڃهه پائي، ڪو اونهو ويچار ويچاريندي پنهنجي ڳوٺ ڏانهن هليا. سنگهار ۽ جاڻڻ به ترخانن جا ٻه پلا گهوڙا

پلاٽي، وري ٺٽي ڏانهن رخ رکيو. هنن جون دليون ڄڻ ڪنهن بار ڪان هلڪيون ٿي پيون هيون. سنڌ جي آسمان جي دل بہ ڄڻ هلڪي ٿي پيئي ۽ چنڊ تارن کي اک هڻي، ڪين جاڳائي وڌو ۽ هڪ نئين جوت تارن جي اڇي پٽي ۾ ڦهلجندي ويئي.

ٺٽي ڪان ٿي چار ڪوهہ پري هئا تہ جانوءَ جو گهوڙو ٿابو ڪائي منهن ڀر ويجي ڪريو. جانو پاڻ نہ سنيالي ها تہ پاڻ بہ گهوڙي جي هيٺان اچي وڃي ها. پهر سج جو چڙهي آيو هو ۽ هو الائي ڪيڏي منزل ڪري آيا هئا. گهوڙا پگهر ڪان ڄڻ وهنجي ويا هئا. هنن جي پنهنجي جسم ۾ بہ ٽڪ تنبو ڪوڙيندو ٿي ويو. جانڻ پاڻ سنيالي گهوڙي کي اُٿارڻ جي ڪوشش ڪئي، سنگهار بہ گهوڙي تان لهي پيو. پنهنجي گهوڙي کي پاٻوهہ سان مٿي تي هٿ رکندي چيائين: جانڻ ويچارو گگدام وڃي ڏٽيءَ سان مليو. ان ۾ بہ ڪا چڱائي هوندي. ڪا گهڙي اسين بہ ٽڪ پيچون تہ چڱو!

”جيڪا تنهنجي صلاح!“ جانڻ جو آواز بہ ننڍاڪڙو ٿيڻ لڳو هو.

ٿوهرن جي ڊگهن ٻوٽن جي وچ ۾ ٿورو پٽ صاف ڪري ڪنڌ هيٺان ٻانهن ڏيئي ٻيئي ليٽي پيا. ٽڪ هنن جي بدن مان نچوئجي اکين ۾ اچي ويو ۽ نہ چاهيندي بہ هنن جون اکيون پورجي ويون. هنن اجا ائين پانيو هو تہ سندن اک مس لڳي هئي تہ پريان گهوڙي جي ٽاپڙ ٽاپڙ جي آواز تي چرڪ ڀري اُٿي ويٺا. سج لڙي وڃي درياهہ جي پرينءَ پر ڪنئي هئي. پاڇولا اُبتا ٿي جهڪا ٿيڻ لڳا هئا.

”ڀَرَ، پاڻ کي تہ سنجها ٿي ويئي،“ جانڻ اونَ مان چيو.

سنگهار کي پاڻ تي ڪاوڙ اچي وئي. پيٽيءَ تي نظر پوندي، هن کي آخوند صالح جي هدايت ياد اچي ويئي، جنهن آخوند نور محمد جو نياپو ڏيندي، ڪين چيو هو: ”پائو ان خط تي سڄو دارومدار آهي.جي ترخانن جو اهو خط قنڌار پهچي ويو تہ سمجهہ تہ سنڌ ڪڏهن بہ آزاد نہ ٿيندي. ٻئي طرف جيڪڏهن خط ملي ويو تہ گهڻيون ڳالهيون صاف ٿي پونديون. پانيان ٿو تہ قنڌارين شهنشاهہ اڪبر خلاف ايران جي بادشاهہ ڏانهن لکيو آهي. اهو خط اڪبر تائين پهچايوسين تہ اڪبر ترخانن جو سنڌ

مان ٿڏو پٽائي چڏيندو ۽ سنڌ جي آزاديءَ جي ڪا مڙئي صورت نڪري پوندي ڏٺي سوپارو ڪريوَ: ٽڪ نٽي اچي پيجوا!"

شرمساريءَ کان سنگهار جو ڪنڌ هيٺ ٿي ويو. ٿوهرن کان ٻاهر نڪري پيچري جي منهن تي بيهي رهيو. گهوڙيسوار کي پريان ئي هٿ کڻي بيهڻ جو اشارو ڪيائين. گهوڙيسوار بہ ان ٻڌتر ۾ هو تہ هي الائي ڪير هو؟ بيهي يا نہ بيهي! پر ڪجهہ سوچي هو بيهي رهيو.

"ياڻو ڪير مڙس آهين؟ ايترو تڪڙو ڪيڏانهن سنبت آهي؟" سنگهار پڇيو.

"آءٌ پاڻ سيد آهيان- شيرازي سيدن مان! نٽي محشر متو پيو آهي؟ ڏٺي پيو پناهہ ڏي آءٌ پنهنجي ڳوٺ ٿو وڃان!" سيد سهڪندي چيو.

"ڇو خير تہ آهي؟" نٽي ۾ ڪهڙو محشر متو پيو آهي؟ وري ڪا شورش ٿي آهي ڇا؟" سنگهار اُتِتڻ مان وري پڇيو. جانڻ بہ اچي سندس پر ۾ بيهي رهيو.

"اوهان ڪونہ ٻڌو آهي ڇا تہ ڪالهہ نٽي جي عامل آخوند صالح کي مارائي وڌو آهي. مرزا جان بابا جو لشڪر نٽي ۾ ڪاهي پيو. پر شورش ڪامياب ڪانہ ٿي.. ۽ اڄ مرزا باقي ڇتو ٿي پيو آهي، ۽ جيڪو ٿو سامهون اچيس، تنهن کي هاٿيءَ جي پيرن ۾ ٿو لتاڙي... لشڪر کي ڇوٽ ڇڏي ڏنو اٿس تہ نٽي جي گهرن ۾ گهڙي پون ۽ باغين کي جهلي اچن.....!" سيد ويچارو ڏاڍو ڊنل ڏٺو.

"هان! ڇا چيئہ؟ امير خان آخوند صالح کي مارائي وڌو آهي....." سنگهار جي دل مان دانهن نڪري ويئي، ۽ هن جا هٿ گهوڙي جي بشڪن ۾ پيڙجي ويا.

"هائو فارسي پڙهائڻ تي آخوند صالح راضي نٽي ٿيو... جامع مسجد واري چونڪ ۾ ڪيس ٿياس تي ٽنگي ڇڏيائون.... ادا، ڪميٽن کي.... " مسافر ڪجهہ چوڻ تي هو پر سنگهار سندس ڳالهہ ڪٽيندي چيو: "شاهہ سائين، بخش ڪجانءِ، پر اهو گهوڙو ڇڏڻو پوندءِ. اسان کي نٽي پهچڻو آهي ۽ اسان جو هڪڙو وهٽ مري پيو آهي...."

سنگهار ڇڻ تہ پنهنجي پاڻ سان ڳالهائي رهيو هو. هن کي تہ اها بہ خبر نہ پيئي تہ شاهہ سائين گهوڙي ڇڏڻ کان صاف نابري واري بيٺو. هن

کي اهو بہ ياد نہ رهيو تہ هن شاهہ کي هڪ ٻالڪ جيان چيلهہ کان جهلي ڪٽي هيٺ لاٿو ۽ ٻيءَ گهڙيءَ هو شاهہ جي گهوڙي تي سوار تي، ٻيئي گوڏا گهوڙي جي ڪکين ۾ هڻندو ويو. هن کي تہ پنهنجو ساٿي جاڻ بہ ياد نہ پيو. جاڻ پيٽي ساڻ ڪري هن جي ڪڍ لڳو آيو. هن جي اکين مان تہ لڙڪن بنهہ بس نٿي ڪئي. آخوند صالح کي ڪيئن ماريو هونداڻون.... نٿي جو نڪ، آخوند صالح.... نٿي جي آبرو نٿي جي لڄ......... جاڻ الائي ڇا ڇا سوچيندو رهيو.

درياهہ تي پهچندي، شهر ڏانهن وڃڻ بدران سنگهار ترخانن جي ان محلي ڏانهن رخ رکيو جنهن ۾ ترخانن جون حويليون هيون. مرزا باقيءَ جي حويلي تہ بنهہ درياهہ جي ڪپ تي هئي.

ترخانن جي حويلين تي سخت پهرو هوندو هو پر اڄ تہ جتي ڪٿي سپاهي بيٺل ٿي نظر آيا. پرڀان شهر مان گوڙ گهمسان، نعرن ۽ نوبتن جو هُل پڙاڏو پيدا ڪندو هن جي ڪنن ۾ ايندو رهيو پر ائين ٿي ڀانيو ڄڻ تہ سنگهار جي ڪنن ۾ تاڙيون پئجي ويون هيون. محلي جي منهن تي پهتو تہ پري کان ڍاڪو ڪن ترخانن کي پهرو ڏيندي ڏٺائين. جاڻ بہ ڪيس هڪل ڪئي. سنگهار کي اوچتو وري پنهنجو يار جاڻ ياد اچي ويو. گهڙيءَ لاءِ هو بيهي رهيو ۽ پوءِ ترخانن ڏانهن ڏسندي جاڻ کي چيائين، "جاڻ، آخوند صالح سان انجام تہ ڪونہ پاڙيوسون. هاڻ تون خط کڻي وڃي آخوند نور محمد کي پهچاءِ.... ڏٽيءَ کي پرتين، جيئرا هونداسون تہ جدائيون ڪونهن!"

جاڻ ۾ خود بہ وڌيڪ ٻڌڻ جي طاقت نہ رهي هئي. هن جي اندر ۾ وڍ پوندا ٿي ويا، پر خط آخوند نور محمد کي پهچائڻ ضروري هو. هن سنگهار جي اکين ۾ نهارڻ جي ڪوشش ڪندي چيو: "سنگهار پنهنجو خيال رکجانءِ.... سنڌ کي اڃا تو جهڙن مڙسن جي گهرج آهي.... چڱو موڪلاڻي ڪانهي.... جيئي سنڌ!"

جاڻ گهوڙو موڙي پوئتي موٽي ويو ۽ سنگهار وري گهوڙي کي اَڙي هنئي. محل اڳيان بيٺل ترخان جيسين پنهنجا ڀالا سنڀالين، تنهن کان اڳي سنگهار جو گهوڙو سندن وچان نڪري ويو. جتي ڪٿي پهريدار هن سوار کي حيرت سان ڏسندا رهيا. سامهون هڪ وڏي حويليءَ اڳيان

چوبدار پالن جا ويهارو منڊيئڙا ٻاهيو ويٺا هئا ۽ شاهي دروازي اڳيان وڏيون مشعلون ٻري رهيون هيون. سنگهار سمجهي ويو ته هجي نه هجي، پر اها حويلي باقي بيگ جي هئي. ان حويليءَ ۾ داخل ٿيڻ ناممڪن هو. ان ڪري هو آسپاس جو جائزو وٺندي اها حويلي به ٽپي ويو. ان سان گڏ جيڪي لاڳو حويليون هيون، تن جي ڪنگرن کي ڏسندو هو اڳيان وڌندو رهيو. جڏهن هو حويلين جي هڪ قطار کان اڳتي نڪري آيو تڏهن هو گهوڙو جهلي لهي پيو. ان هنڌ تي اونده ۾ هن ايڪڙ ٻيڪڙ ترخانن کي پهرو ڏيندو ڏٺو. حويلين کان پوءِ گهوڙن جون ڪڙهيون هيون ۽ ان کان پوءِ چانوٽي شروع ٿي ٿِي. مرزا باقيءَ جي حويليءَ ۾ داخل ٿيڻ جو هڪڙو ئي طريقو هو پر واري حويليءَ ۾ داخل ٿي، حويليءَ جي پٺئين پاسي درياهه ۾ ٽپي، اتان مرزا جي حويليءَ ۾ داخل ٿجي. پر واري حويليءَ تي به سخت پهرو هو ۽ الائي پٺيان فصيلن تي پهرو آهي يا نه؟ اها ڳڻ ڳوت ڪندو اونده مان هلندو هو مرزا باقيءَ جي حويليءَ کان اڳيان نڪري، ساڳيءَ قطار جي اڳين حويليءَ ڏانهن هلڻ لڳو. پهريدارن ڏانهن ائين وڌيو ڄڻ ته هو ڪنهن ڪم سانگي هنن ڏانهن اچي رهيو هو.

پهريدارن مان به ڄڻا هڪ سنڌيءَ کي اڳيان وڌندو ڏسي، پاڻ اڳيان وڌي آيا. هڪڙي پهريدار خونخوار اکين سان کيس ڏسندي چيو: "ڪير آهين تون؟ ۽ ترخان اميرن جي محلي ۾ اچڻ جي توکي ڪيئن جرات ٿي؟"

"هيءَ حويلي ڪنهن جي آهي؟" سنگهار ڄڻ هن جي ڳالهه ٻڌي ڪانه.

"ٺٽي جي عامل، امير خان جي،" پهريدار جواب ڏنو.

"ته پوءِ آءٌ صحيح جاءِ تي آيو آهيان." ائين چئي، سنگهار اڳيان وڌڻ لڳو. "کيس چاڻ ڪريو ته سنگهار خان ملڻ آيو آهي ۽ ڪو خاص پيغام آندو اٿس...."

"امير خان حويليءَ ۾ موجود ڪونهي،" پهريدار هن جي ڳالهه ڪاٽيندي چيو.

سنگهار ڄڻ ڪنهن سوچ ۾ پئجي ويو ۽ پوءِ پهريدار کي گهوريندي چيائين: "پوءِ ڪو اهڙو ماڻهو هجي، جنهن کي آءٌ اهو پيغام پهچايان...."

پهريدار به ڪجهه سوچ ۾ پئجي ويا. ”ڪنهن جو پيغام آهي؟“ هڪڙي پهريدار چيو.

”اهو ته اوهان کي ڪونه ٻڌائيندس.... پر آهي مرزا جان بابا بابت....“ سنگهار ڏکو هڻندي چيو.

پهريدارن کان چرڪ نڪري ويو. مرزا جان بابا سنڌين وٽ وڃي لڪو هو سا ڪين خبر به هئي. متان هي ماڻهو اها خبر ڪٿي آيو هجي. پهريدارن هڪٻئي جي منهن ۾ ڏسندا رهيا. پوءِ هڪڙي پهريدار چيو: ”ڪٿي آهي مرزا جان بابا؟“

”نه بابا نه. اوهان کي ڪونه ٻڌائيندس. مون کي پنهنجي سسي پياري آهي. آءُ ڳالهه ڪندس به ته امير خان جي ڪنهن خاص ماڻهوءَ سان.... نه ته نهيو!“ سنگهار سمجهي ويو ته ڏکو صحيح لڳو هو. مرزا جان بابا جي سسيءَ جي قيمت لکين اشرفيون لڳي هوندي. اُن جو ڪو اَتو پتو وٺڻ لاءِ امير خان جا ماڻهو سولا ڳالهه کي ڪونه ڇڏيندا. ڳالهه ڪري هو واپس مڙڻ لاءِ پوئتي مڙيو ته هڪ پهريدار ڪٺي ٻانهن مان ورتس. ”چڱو اچ. مير منشيءَ کي سڏي ٿا پڇون!“

هو کيس وٺي دروازي تائين آيا. جتي چار ٻيا به پهريدار موجود هئا. تن به پڇيو ته ڳالهه ڇا هئي. نيٺ هنن به اها صلاح ڏني ته مير منشيءَ سان صلاح ڪجي. جيڪڏهن نياپو ضروري هجي ته سنڌيءَ کي زوريءَ ترسائجي. سنگهار اهڙو ڏيک ڏنو ڄڻ هنن جي ڪا ڳالهه ڪانه ٿي سمجهائين. هڪڙي پهريدار دروازي تي ٺڪ ٺڪ ڪئي. دروازي مان هڪ ننڍڙي تاڪي کلي پئي ۽ اندرئين پهريدار پڇيو ته ڇا هو. پهريدار کيس سڄي ڳالهه سمجهائي.

”چڱو بيهه ته آءُ کيس سڏائي ٿو وٺان!“ ائين چئي، هن وري تاڪي بند ڪري ڇڏي .

پهريدار مرزا جان بابا بابت چرچا گهڻا ڪرڻ لڳا. سنگهار اهڙيءَ طرح هنن سان گڏ وينو هو ڄڻ هنن جي ڳالهين سمجهڻ جي ڪوشش پئي ڪيائين. هنن کي کلندو ڏسي، پاڻ به کلڻ شروع ڪيائين. ڪجهه دير کان پوءِ تاڪي وري کلي ۽ اندرئين پهريدار چيو. ”مير منشي پيو اچي!“

پهريدارن هڪدم ڳالهيون بند ڪري ڀالا سنڀاليا. سنگهار هنن جي اڳيان ائين بيٺو جڻ پهريدارن کيس اتي بيهڻ لاءِ مجبور ڪيو هو. ٿوريءَ دير کان پوءِ شاهي دروازي ۾ هڪڙي ننڍڙي دروازي کلڻ جو آواز آيو ۽ ان ننڍي در مان ننڍڙي قد جو هڪڙو ماڻهو ٻاهر نڪرڻ لڳو. مشعلن جي روشنيءَ ۾ سنگهار پهرين هن جي ٻچي ڏاڙهيءَ ۾ هڪ ڪاٺي اک ڏٺي. هو اچا دورازي جي تاڪن جي وچ ۾ ئي هو ته سنگهار هرڻ وارو چال ڏيئي دروازي ڏانهن ڏوڪي ويو. مير منشي هڪ ننڍي ٻار وانگر هن جي ٽنگن ۾ وچڙي، وجي ٻوٽ پر ڪريو پر ايتري ۾ سنگهار دروازي جي اندر پهچي چڪو هو ۽ اندريون پهريدار جيسين ڪجهه سوچي، تنهن کان اڳ سنگهار جو ڪٽارو سندس پٽ ۾ ڪپي ويو ساڳئي وقت هن ڏڪو ڏيئي، دروازي جي تاڪي چاڙهي چڏي. ٻاهريان پهريدار دروازي تي آواز ڪندا رهيا. سنگهار مير منشيءَ کي سندس جامي کان چڪي اُٿاريو ۽ کيس اڳيان وڌڻ جو اشارو ڪيائين. مير منشي ڪُرڙيءَ وانگر ڪنبندي، ٽيڏيءَ اک سان هن پربت جهڙي مڙس کي ڏسندو رهيو.

حويليءَ جي ايوان ۾ اڳيان گهوڙن جي ڪڙهه هئي، جنهن ۾ پنج ڇهه ڀلا گهوڙا ٻڌل هئا. انهن کان اڳتي هڪ پٿرائون رستو هو جو اڳيان ديوانخاني، ۽ زناخاني ڏانهن ٿي ويو. مير منشيءَ کي اڳيان ڪندي سنگهار هيڏانهن هوڏانهن ڏسندو اڳيان وڌندو رهيو. جڏهن حويليءَ جي چمن ۾ پهتا، تڏهن خوبصورت پٿر جي مرتبانن ۾ ٻرندڙ مشعلن جي روشنيءَ ۾ هن جيڪو ڏٺو تنهن هن کي خيالن ئي خيالن ۾ اندر جي آڪاڙي ۾ پهچائي ڇڏيو. اچي ڳاڙهي پٿر مان ٺهيل سهڻيون سهڻيون اپسرائون جڻ ته جيئريون جاڳنديون هن جي آجيان ڪري رهيون هيون. انهن خوبصورت مجسمن ۽ ٻتن کي ڏسڻ ۾ هو ڪجهه اهڙو محو ٿيو جو مير منشي وجهه ڏسي، ڳهُٽ هڻندي، ۽ زنانخاني ڏانهن ڀڳو. هن جي ڊوڙڻ جي آواز تي سنگهار جڻ خواب مان جاڳي پيو ۽ هن کي پنهنجي پاڻ تي ڪاوڙ اچي ويئي. مير منشي زنانخاني جي دروازي تي ٺڪ ٺڪ ڪندي تڪڙو تڪڙو فارسيءَ ۾ رڙيون ڪندو ٿي ويو. جڏهن سنگهار به لوهه پائي هن تائين پهتو تڏهن دروازو کلي پيو ۽ به ڪارا

ديوَ جهڙا خواجہ سرا هن ڏانهن وڌيا. ٻنهي جي هٿن ۾ ڊگهن ڦڻن وارا خنجر هئا. گهڙيءَ لاءِ سنگهار بہ هنن جي ٿولهہ ڏسي هيبت ۾ پئجي ويو. هو پاڻ بہ ڪافي ڳري بدن جو هو پر هنن مان هر هڪ هن کان ٻيڻي بدن جو هو. سيءَ جي باوجود پيٽ کان مٿي هنن جو جسم اگهاڙو هو ۽ ڏياٽين ۽ مشعلن جي لڏندڙ سوجهري ۾ هنن جا ڪارا بدن تيل جي ڪري چمڪي رهيا هئا. سندن اکين ۾ بگهڙ جي اکين واري بيرحمي ۽ خونخواري جهلڪي رهي هئي ۽ هڪ پل ۾ هنن کي منهن ڏيڻ جا ڪئين انسنا هن جي اکين اڳيان لنگهي ويا ۽ ڪجهہ سوچيندي هو پوئتي هٽڻ لڳو. خواجہ سرا جڻ ٻي اونا تي هن ڏانهن وڌندا رهيا. هنن کي اهو يقين تي چڪو هو تہ سندن شڪار ٻچي پچڻ جون راهون ڳولڻ لڳو هو ۽ هنن جي اکين اڳيان اهي شڪار لنگهي ويا، جن کي هنن ٻنان ڪنهن هٿيار جي، سڪڻن هٿن سان چيري ڦاڙي ماريو هو. پوئتي هٽندي، سنگهار هڪ وڏي مشعل وٽان لنگهيو تہ جهٽ ڏيئي اها کڻي ورتائين، ۽ ٻي گهڙيءَ مشعل جو ٻنيٽ هڪڙي کدڙي جي منهن ۾ ٽُنبي ڏنائين. سنگهار پنهنجي چمار ۾ اهڙي دل ڏاريندڙ ۽ اينگهندڙ دانهن ڪانہ ٻڌي هئي، جڻ ڪنهن وهٽ کي ٻوٽ ٻڌڻ کان سواءِ ڪاسائيءَ ڪاتي ٽنبي ڏني هجي. اُن رڙ سڄي حويليءَ ۾ ڏيڇاريندڙ پڙاڏا پيدا ڪري وڌا. ديوَ جهڙو خواجہ سرا پنهنجي منهن تي هٿ ڏيئي اتي ئي ويهي رهيو. ٻيو خواجہ سرا پنهنجي ساٿيءَ جو حال ڏسي، مشعل کان ڇرڪڻ لڳو هو ۽ هاڻ سنگهار بدران پاڻ پوئتي هٽڻ لڳو. زنانخاني جي دروازي وٽ پهچندي، دِڪين اڳيان سنگهار مشعل ڏانهس وڌائي. خواجہ سرا کي دڪين جو خيال ئي نہ رهيو ۽ جهڙو پاڻ بچائڻ لاءِ پوئتي هٽيو تہ ٿاٻڙجي وڃي پنيان ڪريو. خنجر سندس هٿ مان ڇڏائجي ويو. سنگهار مشعل جو ٻنيٽ سندس منهن ۾ ٽنبيندي، ڪريل خنجر کڻي ورتو هن جي رڙ ۾، رنب بدران زناني چيٽ جو انگ هو ۽ هو اونڌو ٿي دڪين تي ڦٿڪڻ لڳو.

سنگهار مشعل هٿ ۾ جهلي دروازي ڏانهن وڌيو. دروازو ڀيڪڙيل ڏسي، هن کي شڪ پئجي ويو ۽ بہ پير پوئتي هٽي، وارن کان جهلي، دڪين تي ڪريل خواجہ سرا کي هُن اُٿاري ٻيهاريو ۽ کيس آهستي

فارسيءَ ۾ چيائين: ”جي ڪا حرڪت ڪئي اٿئي، ته خنجر پيٽ ۾ ٿنبي ڇڏيندوسانءِ!“

هن ديوَ الائي ڳالهه سمجهي يا نه، پر هو خاموش انڌن وانگر اڳيان هٿ وڌائي، اڳيان وڌندو رهيو. دروازي جي ويجهو سنگهار خواجه سرا کي زور سان ڌڪو ڏنو. دروازو چرڙاٽ ڪري کلي پيو ۽ جيئن ئي هو ٿابڙجي اڳيان ڪرڻ تي هو ته هڪ ئي وقت ٻه خنجر سندس جسم ۾ کپي ويا. خواجه سرا جي دانهن سندس نڙگهٽ ۾ ئي پورجي ويئي. سنگهار مشعل جي روشنيءَ ۾ ٻن نون خواجه سرائن کي پنهنجي همراهه تي حملو ڪندو ڏٺو. جيسين هو پنهنجي غلطي محسوس ڪن، تنهن کان اڳ سنگهار جو خنجر هڪڙي جي پيٽ ۾ کپي ويو. هو دانهن ڪري پنهنجي ڪِريل ساٿيءَ مٿان جهڪي پيو. ٻئي خواجه سرا جڏهن هن نئين حملي آور ڏانهن ڏٺو، تڏهن هن باهه جو هڪ مچ پنهنجي منهن ڏانهن وڌندو ڏٺو. اهو مچ ويجهو اچڻ تي ايڏو وڏو ٿيندو ويو جو خواجه سرا کي پنهنجي اکين ۾ مرچ پوندا محسوس ٿيا ۽ هن اکين کي اُن مچ کان بچائڻ لاءِ پنهنجا ٻيئي هٿ مٿي کڻڻ جي ڪوشش ڪئي. پر هن جا هٿ اکين تائين پهچن، تنهن کان اڳ هن جي اکين ۾ هميشه لاءِ اونده ڇائنجي ويئي، ۽ هو ٻارن وانگر سڏڪا ڀري اوچنگارون ڏيڻ لڳو.

سنگهار هنن کي اتي ئي ڇڏي، اندر وڌي ويو ۽ ڪيترن ڪمرن مان ٿيندو ترخانن جي گڏ ڪيل دولت تي، دل ئي دل ۾ ڪين گاريون ڏيندي، هو اهڙي ڪمري اڳيان اچي بيهي رهيو جنهن لاءِ هن سوچيو ته اهو ڪمرو تي سگهي ٿو جتان درياهه ۾ لهي سگهجي ٿو. ان ڪمري جي در مان، هڪ ٻڍڙي عورت هٿ ٻڌندي، ڏپ کان ٿڙڪندي ٻاهر نڪتي: ”رحم آقا، رحم!“

ٻڍڙيءَ جي آواز ۾ اهڙي نيزاري هئي، جو سنگهار جي دل ۾ رحم جڻ ڀهريون ڀيرو موتي آيو هو. ٻڍڙيءَ کي مٿي تي هٿ رکندي چيائين: ”امان اسين سنڌي، وس پڄندي، زائفائن تي هٿ نه کڻندا آهيون!“ ائين چئي هن دروازي کي هري هري ڌڪو ڏنو. دروازي کلڻ سان هن جيڪي ڪجهه ڏٺو سو جيڪڏهن هو ڪوشش ڪري ها تڏهن به بيان نه

ڪري سگهي ها. هن جي بلڪل سامهون اندر سيا جي ڪا اپسرا، آرسي سامهون جهلي، پنهنجي ڊگهن وارن کي ڦٽي ڏيئي رهي هئي. سندس ٻانهون ڪلهن تائين اگهاڙيون هيون: سندس اڌ منهن وارن ۾ اچي ويو هو ۽ باقي اڌ منهن ۾ جا سونهن هئي، سا سنگهار جي دل ۾ ڏانوڻ وجهندي ويئي. نيم شفاف ململ جي پهراڻ مان هن جو جسم ائين جهاتيون پائي رهيو هو جڻ هن جي انگ انگ ۾ ڪا هلڪي مشعل ٻري رهي هئي، جنهن جي روشني ململ مان ڇٽي هن جي اکين ۾ ترورا پيدا ڪرڻ لڳي. سندس ڇاتيءَ کي ڏسندي هن کي ائين محسوس ٿيو جڻ سنڌوءَ جي لهرين تي ڪا ٻيڙي هلڪا لوڏا کائيندي، هن کي پنهنجي پناهه ۾ وٺڻ لاءِ سڏي رهي هئي، ۽ جڏهن هن ڳالهايو تڏهن تہ سنگهار پنهنجي پاڻ کان ڊڄي ويو. هن جو آدرش هن جي ذهن جي ڪنهن ڪنڊ ۾ لڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

”سنڌي، تون اچي وئين! مون کي پڪ هئي تہ تون ضرور ايندين: پر ايترو انتظار ڪرائبو آهي!“

هن جي آواز جو جادو، هن جي ڪنن مان ٿيندو دل تائين پهتو ۽ هن کي ائين محسوس ٿيو جڻ ان جي ٻولن ماحول کي لولي ڏيئي سمهارڻ شروع ڪيو هو. هو بہ انهيءَ ننڊ ۾ پنڊ پهڻ ٿيندو ٿي ويو. پوءِ هن وري ان جادوءَ کي ٽٽڪندو ڏٺو ۽ ان پڙ پڙ ۾ ڪجهہ غير يقيني ڪيفيت هئي: ”نہ نہ.... تون تہ اهو ڪونہ آهين.... پر هيءَ دل ڇو توڏانهن مائل ٿيڻ لڳي.... اچ، منهنجي ويجهو اچ.... يا خدا، مون ڪيترو نہ انتظار ڪيو آهي.... هو نہ سهي، تون سهي.... تو ۾ بہ مون کي هوئي نظر اچي رهيو آهي....!“

هوءَ آرسي رکي، اٿي بيٺي. سنگهار هن کي ڏسندو ئي رهيو. هن جي دل ڪنئري ٿيندي، پُرڪڻ لڳي. پر اوچتو ٻاهران ماڻهن جي اچڻ جا تڪڙا تڪڙا قدم ٻڌي، سنگهار پنهنجي ننڊ مان جاڳي پيو. ساڳئي وقت هن جادوءَ بہ چيو: ”پهريدار پيا اچن.... اهو دروازو بند ڪر!“

سنگهار وري حقيقتن جي دنيا ۾ موٽي آيو ۽ هن وڏي دروازي جي تاڪي چاڙهي ڇڏي. دروازي کولڻ لاءِ ماڻهن دروازي کي زور سان ڌڪا ڏيڻ شروع ڪيا. سنگهار هڪڙي نظر هن تي وجهندي، متي نهاريو. اُها

نهار ۽ اُها نگاهه هڪ نياپو هئي، ڄڻ چوندي هجي: ”جاني، جيئرو بچيس تہ موتي ايندس. منهنجو انتظار ڪجانءِ!“

پوءِ آسپاس نهاريندي، هن ڇت ۾ ٽنگيل جهليءَ جي ريشمي رسي کي ڇڪ ڏيئي ٽوڙي وڌو ۽ اُن مان سرڪساهي ٺاهي، هن ٻاهر اچي ڀت جي ڪنگرن مٿان اڇلائي. سرڪساهي هڪڙي ڪنگري ۾ ڦاٿي تہ رسي جي آڏڪ تي هو ڀت تي چڙهي ويو. مٿي چڙهي، هن چوڌاري نظر ڦيرائي. مرزا باقيءَ جي حويلي چڱي پري هئي. وچ تي پهرو بہ سخت هو. هن رسي ڇڪي ڀت جي ٻئي پاسي لڙڪائي، ۽ آهستي آهستي لهندي، درياهه ۾ ٽپي پيو. پاڻيءَ ۾ اندران ئي اندران هو مرزا باقيءَ جي حويليءَ جي فصيل ڏانهن ترڻ لڳو.

حويليءَ جي ٻنهي هيٺان هن بہ چار ٻيڙيون بيٺل ڏٺيون. هڪ چڱيءَ موچاريءَ سينگاريل ٻيڙيءَ جي پر مان، رسي جي هڪ ڏاڪڻ هڪ وڏيءَ دريءَ تائين پئي ويئي. پر اتي بہ پهريدارن جا پاڇولا نظر اچي رهيا هئا. هو پاڻيءَ اندران ٻيڙيون بہ ٽپي ويو ۽ اتان وڃي منهن ڪڍيائين. جتي پهريدار ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ ئي نظر آيو. حويليءَ جي ان ڇيڙي تي پهچڻ کان پوءِ، فصيل تائين چڙهڻ اهڙو مسئلو هو جنهن تي سنگهار اڳا تائين ڪونہ سوچيو هو. فصيل چڱي موچاري اوچي هئي ۽ رسيءَ کان سواءِ ان تي چڙهڻ ممڪن نہ هو. لاچار هو وري بنا ڪنهن آواز جي ٻيڙين وٽ پهتو ۽ هڪڙي ٻيڙيءَ جي پنيان ڪنڌ مٿي ڪنيائين. ان ٻيڙيءَ ۾ هڪڙي ترخان جو مٿيون ڌڙ هن کي نظر اچي رهيو هو. سنگهار سوچيو تہ جي زوريءَ ٻيڙيءَ تي چڙهي، سڙهہ مان نوڙي هٿ ڪبي، تہ ٻين ٻيڙين ۽ فصيلن وارا پهريدار هوشيار ٿي ويندا، ۽ پوءِ حويليءَ ۾ داخل ٿيڻ ناممڪن ٿي پوندو. اهو سوچي هو ٻيڙيءَ کي ڦري آيو. اها ٻيڙي بہ هڪ وڏيءَ ٻيڙيءَ سان ٻنهي سنهي رسيءَ سان ٻڌل هئي. بنا ڪنهن آواز جي، هن ڪٽاري سان رسي ڪپي ڇڏي، ۽ ننڍي ٻيڙيءَ کي هلڪو لوڏو ڏنائين. ٻيڙي لهواري تي هري هري تي لڙهڻ لڳي. هو بہ ٻيڙيءَ جي ڪڙ لڳو آيو. جڏهن ٻيڙي چڱي موچاري اڳتي نڪري، وڪري جي تيزيءَ تي تکي ٿيڻ لڳي، تڏهن ترخان کي هوش آيو. هو اٿي بيٺو ۽ پاڻ کي ٻين ٻيڙين کان ايترو پري، لهواري تي لڙهندو ڏٺائين، تڏهن هن پنهنجن

همراهن کي سڏ ڪرڻ شروع ڪيا. پر تيسين بيڙي ايترو پري نڪري چڪي هئي، جو هن جي سڏ تي ڪنهن به ڌيان نه ڏنو. ترخان سڏن کي بيڪار سمجهي، ونجهه ڪٽي بيڙيءَ کي موڙڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. ونجهه تي نظر پوندي ئي، سنگهار جهٽ ڏيئي ڪٽي منجهس هٿ وڌو ۽ چڪ جو ڏنائين ته ترخان ونجهه سوڌو اچي مٿانئس ڪريو. هن پاڻ بچائيندي، ترخان کي ڳچيءَ کان جهلي، ڪيس هيٺ ٽيلهو ڏنو. گهڙيءَ کان پوءِ ترخان بدران رڳو پاٽيءَ جي بڙ بڙ ٻڌڻ ۾ آئي، ۽ هن ترخان کي ڇڏي ڏنو. بيڙي تيسين اڳيان وڌي ويئي. هو تيزيءَ سان بيڙيءَ ڏانهن وڌيو. بيڙيءَ ۾ هن کي چگي ڊگهي نوڙي هٿ اچي ويئي، هو بيڙيءَ کي ائين ئي ڇڏي حويليءَ جي ڪوٽ جي پٺ ڏانهن ترڻ لڳو.

ڪوٽ جي پٺ تان هلندو هو هڪ ڪُڊ تي لهي پيو. اتان سمورا ڪڏ هڪٻئي سان گڏيل هئا. اونده جو فائدو وٺندي، منگهن جي پويان لڪندي، هو ان ڪڏ تي پهتو جتي هن سمجهيو ته اتان رسي جي ڏاڪڻ بيڙين تائين ٿي پهتي. ان ڪڏ جا سمورا منگهه ڳاڙهي پٿر ۽ ساڳ جي ڪاٺ جا ٺهيل ٿي پانيا، منگهن کي ٽپاسيندو هو هڪ اهڙي وبڪري منگهه وٽ پهتو جنهن جو پڙ مٿي کنيل هو. هن هيٺ نهاريو.ڪمري ۾ هلڪي زرد روشني ڦهليل هئي، منگهه جي ٻنهه هيٺان هڪ ٽپائيءَ تي صراحيون ۽ جام سجايل هئا ۽ ان ميز جي پر ۾ ڇڻ ڪنهن کٽ جي پاسي ۾، هڪ ترار مياڻ ۾ پيل رکي هئي. اهو جائزو وٺي، سنگهار ٽڪ پيچڻ لاءِ منگهه کي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيو هو. آسمان ۾ تارا ٽمڪندا ڇڻ هن کي مٿي اڏامڻ جي دعوت ڏيندا رهيا. پنل ڪپڙن ۽ ڪليل هوا ۾ هن کي سيءَ به ڏکيو لڳڻ لڳو. ٽڪ ۽ سيءَ کان ننڊ هن جي اکين ۾ مورچا هڻڻ لڳي. جيئن تيئن ڪري هو پاڻ کي جاڳائڻ جا جتن ڪرڻ لڳو. هن سمجهيو ته رات اچي آڌي تي هئي، ۽ پهريدارن جا آواز به ڍرا ٿيندا ٿي ويا.

هن منگهه جي ٽلهي رسي کي وٽ ڏيئي مٿي ڦاسائي ڇڏيو جيئن رسي تي زور اچڻ ڪري منگهه جو پڙ نه بند ٿي وڃي، ۽ پوءِ هو آهستي آهستي رسيءَ جي ذريعي هيٺ لهڻ لڳو. هيٺ پهچڻ تي هن جيڪي ڏٺو ان لاءِ هو بلڪل تيار نه هو. اهڙيءَ صورتحال ۾ سنڌ جي هن قاتل تي حملو ڪرڻ به هن کي ڪائرتا نظر آئي. مرزا باقي بيگ هنڌ تي بلڪل

سنئون سڌو ستل هو. سندس جوءِ جي هڪڙي ٽنگ هن جي مٿان ورايل هئي ۽ هوءَ هن کي اهڙيءَ طرح پاڪر ۾ جهليو سُتي پيئي هئي، ڄڻ ننڊ ۾ به هن مٿان پنهنجي پاڻ کي قربان ڪرڻ لاءِ تيار هئي. پلنگ جي پير ۾ هڪڙي سوني ٿالهيءَ تي هڪ ننڍڙي شمع ٽم ٽم ڪندي، هلڪي زرد روشني پکيڙي رهي هئي. هو دل من هٽڻ لڳو. ان نظاري هن کي انسان جي هن ڪمزور پهلوءَ تي سوچڻ تي مجبور ڪري وڌو.

هو اڃا دل من هٽي رهيو هو ته اوچتو ڪنهن هنگامي جو هُل در جي ٻاهران ٻڌائين. هن جهٽ ڏيئي، مرزا باقيءَ جي ترار مياڻ مان ڪڍي ورتي. عين ان وقت دروازو وڏو چيڪاٽ ڪري کلي پيو ۽ هن ٻن ترخانن کي اگهاڙين ترارين سان مرزا باقيءَ جي پلنگ ڏانهن وڌندو ڏٺو. دروازي کلڻ سان شمع ڀڙڪو ڏيئي وسامي ويئي ۽ ڪمري ۾ ٻٽ اوندهه ڇانئجي ويئي. سنگهار ترار سنڀالي پلنگ ڏانهن وڌيو. اڃا وک اڳتي وڌايائين ته سندس هٿ شمع واري ٿالهيءَ کي وڃي لڳو. ٿالهي زور سان پٽ تي ڌڙڻ سان وڏو ٺڙڪاٽ ڪندي، ڪنهن ڪنڊ ۾ هلي ويئي. عين ان وقت هن هڪ زنانيءَ رڙ جو آواز ٻڌو. اهو آواز ٻڌندي ئي هن پلنگ تي وار ڪيو پر سندس ترار خالي هنڌ کي ڪپي ويئي. جيسين هن پاڻ سنڀالي هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي، تيسين ڪو ماڻهو پٺ ۾ لڳل دريءَ جو تاڪ کولي، درياهه واري پاسي ٽپي ويو. هن دريءَ ڏانهن لُوهه وِڌي- ۽ پوءِ هن مانيٽي سنڌوءَ ۾ ڪنهن ماڻهوءَ جي ڪِرڻ جو ڀاٽيانو پڙاڏو ٻڌو. هن دريءَ ۾ منهن وجهي هيٺ نهاريو: هڪ ٻيڙي تڪڙي تڪڙي هن هنڌ ڏانهن وڌڻ لڳي، جتي ماڻهوءَ جي ڪِرڻ جو آواز آيو هو. ان وقت سنگهار کي پنهنجي پويان ڪنهن ماڻهوءَ جي ساهه کڻڻ جو آواز ڪن تي پيو ۽ هو اڇانگ ڏيئي دريءَ کان پري هٽي ويو. اينڌڙ ترخان جو وار دريءَ جي چانئٺ ۾ کپي ويو. سنگهار ٿورو اڳيان وڌي، هن کي پنهنجي پير سان هلڪي ٺوڪر ڏني. ترخان، دريءَ تان ٿاٻڙجي، هوا ۾ هتوراڙيون ڏيندي، وڃي درياهه ۾ ڦهڪو ڪيو.

ڪمري ۾ ماٺ ٿي ويئي. سنگهار کي پڪ ٿي ته گهڙيءَ کان پوءِ مرزا باقيءَ جا واهرو پهريدار يا انهن حملي ڪندڙن ترخانن جا ساٿي ڪمري ۾ ڪاهي پوندا. هو تيزيءَ سان دروازي ڏانهن ڀڳو. دروازي مان اينڌڙ

هلڪي ڳاڙهي روشنيءَ ۾ هن مرزا باقيءَ جي زال کي ٻُوٽ پر ڪريل ڏٺو سندس سِسي ٻيٽي تي سندس ڏڙهيئان اچي ويئي هئي. هاڻ هن کي پڪ ٿي ته دريءَ مان پيچي ويل ماڻهو خود مرزا باقي هو. هن کي پنهنجي بيوقوفيءَ تي ڪاوڙ اچي ويئي. اج سنڌ جو قاتل، آخوند محمد صالح جو خوني، هڪ ڪوڙي جذبي جي ڪري هن جي هٿن مان نڪري ويو.

هن اوندهه ۾ ئي ترخان کي نهارڻ جي ڪوشش ڪئي. پنهنجي پويان ڪڙڪو ٿيڏي، هن پٺيان نهاريو. ترخان اڳيان وڌي مرزا باقيءَ جي زال جي لاش کي سڌو ڪري، سندس ڳچيءَ ۽ ڪنن مان زيور پٽي لاهڻ جي ڪوشش ۾ لڳل هو. هن سوچيو هي لالچي ڪُتا، ڳجهن وانگر لاشن تان به نٿا ٽرن: ۽ پوءِ هڪ ئي ڌڪ سان هن جهڪيل ترخان جي سسي ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏي. گهڙيءَ لاءِ ڪمري ۾ ماٺ ٿي ويئي، پوءِ ترخانن جي هڪ انبوهه جو ان ڪمري ڏانهن وڌڻ جو آواز هن جي ڪن تي پيو ۽ هو وري منگهه هيٺ پهچي مٿي چڙهي ويو.

درياهه ۾ ٽپندي، هو اهو ئي سوچيندو رهيو ته هو اج پنهنجو آدرش ڪن ڪوڙن جذبن ڪري وڃائي ويٺو هو. شرمساريءَ ۽ لڄ کان هن جي اکين ۾ لڙڪ مڙڻ لڳا. جيڪڏهن هو مرزا باقيءَ کي ختم ڪري ڇڏي ها ته دنيا ائين ئي سمجهي ها ته ترخان پاڻ ۾ وڙهي مُئا هئا سنڌين تي اهو الزام ڪونه اچي ها. گهڙيءَ جي غلطيءَ مرزا باقيءَ کي حياتي موٽائي ڏني. امير خان جي حويليءَ جي ديوار تي چڙهندي، الائي ڇو هن کي بار بار اهو خيال اچڻ لڳو ته هاڻ جيئڻ جاڙ آهي. آخوند صالح جي ويرونڻ جو موقعو هٿن مان نڪري ويو. آخوند صالح جو نالو زبان تي ايندي ئي، هن کي ائين محسوس ٿيو. ڄڻ هن جو روح هن کي ملامت ڪرڻ لاءِ هن جي چوڌاري وسڻ لڳو هو: ۽ پوءِ الائي ڇو هن کي سوڍل ياد اچي ويو. شل، سوڍل اهو بدلو مرزا باقيءَ کان وٺي، پر سوڍل به هن جي ناڪاميءَ جو ٻڌي ڇا سوچيندو؟ پر سوڍل ڇو ٻڌي؟ هو ڪنهن اهڙي طرف نڪري ويندو جتي هن جو ڪو به ساٿي سنگتي نه پهچي سگهندو! اهو سوچيندو هو ليليءَ جي ڪمري ۾ ٽپي پيو.

**

# [10]

آخوند نور محمد فجر جي نماز پڙهائي، واندو ٿي جماعتين ڏانهن ڏسڻ لڳو. سندس بلڪل سامهون هڪڙو پيڙهو ترخان ذَور ڪندي، اهڙيءَ طرح جهومي ۽ جهولي رهيو هو، ڄڻ تہ وجد ۾ اچي ويو هو. ڪل اٺ ڏهہ جماعتي وچي بچيا هئا، جيڪي تلاوت ڪرڻ لڳا هئا. گهڻا ٿڌا نماز پڙهي هليا ويا هئا. جيڪي ذَور ڪري رهيا هئا، تن مان گهڻو تڻو سمورا ترخان ئي هئا. آخوند پاڻ بہ تسبيح پڙهندي، سوچڻ لڳو تہ نمازون هي پڙهن، مذهب جو هر ڏڻ هي ڏوم ڏام سان ملهائين، مذهب جي نالي ۾ حڪومت هي ڪن. دين جو نالو ڪٽي زڪواتون ۽ ڏن هي وصول ڪن ۽ ظلم ۽ ڪيس ڪرڻ ۾ بہ سڀ کان خوانخوار جانور هي آهن. هر قسم جي ذلت هنن ۾ آهي، شرابي، زاني، منافق هي آهن، ۽ الله سائين بہ هنن جو ساٿ ڏيندو اچي. ”نعوذ بالله...... استغفرالله!“ هن جي وات مان ڏاڍيان نڪري ويو. ”ڏٽي منهنجا، بخش ڪجان، منهنجي وات مان ڪفر جا ڪلما نڪري ويا!“ ۽ هو وري اتي ئي سجدي ۾ ڪِري پيو ۽ ڪيترو وقت ڏٽيءَ در ٻاڏائيندو رهيو. سجدي مان اُٿي، هن وري ان ترخان ڏانهن ڏٺو جنهن جي ذَور ڪرڻ جو آواز سڄيءَ مسجد ۾ ٻُڌڻ لڳو هو. آهستي آهستي ٿي ماٺهو ذَور ختم ڪري، آخوند کان موڪلائي، اُٿندا ويا. آخر ۾ فقط آخوند ۽ اهو پوڙهو ترخان رهجي ويا.

پوڙهي ترخان مسجد خالي ڏسي قرآن مجيد بند ڪري، رحل سوڌو سامهون جاري تي رکي موٽي آيو. آخوند وٽ پهچندي ئي هن هوريان چيو: ”جيئي سنڌ، سائين!“

آخوند نور محمد کان ڇرڪ نڪري ويو. هو پنهنجن خيالن ۾

محو گذريل ڏينهن جي حالتن تي سوچي رهيو هو جيتوڻيڪ تسبيح سوريندي، سندس وات مان 'الله هُو الله هُو' جو پڙلاءُ نڪرندو رهيو. مرزا جان بابا جي شورش، شاهه قاسم ارغون جو راتاهو مرزا باقيءَ جو پنهنجي محل مان ٽپو ڏيئي ڀڄي وڃڻ، ۽ ترخان لشڪر گڏ ڪري مرزا جان بابا پويان وڃڻ، ۽ نئي ۾ لشڪرين هٿان عام ڪوس جون ڳالهيون وَر وَر ڪري هن جي دل ۾ چير وجهنديون ٿي ويون. سنڌين جو رت پاڻيءَ وانگر وهي رهيو هو. سنڌين جون لڄون وچ شهر ۾ لٽجي رهيون هيون. ڪنهن ايڪڙ ٻيڪڙ محلي ۾، جي سنڌين مقابلو ٿي ڪيو ته انهن گهرن کي باهيون ٿي ڏنائون. مرزا باقي ڄڻ ته چتي ڪتي وانگر چڪ وجهي رهيو هو. رڳو پنهنجي چتي رت تي سنڌين جي رت سان چنبي وجهڻ لاءِ. سنڌي محلن ۾ مست هاٿي هڪلائي ڇڏيا هئائين. ۽ ڪيترا سنڌي، پار ٻچا، وڏا ننڍا، انهن جي پيرن ۾ چيڀاٽجي چچرجي ويا هئا. آخوند نور محمد جي اکين ۾ درياهه اُٿلندو ٿي آيو. "اي منهنجا مولا سائين، هي ڪهڙو انصاف آهي!" هو ورد ڪندي پنهنجي ڌڻيءَ سان شڪايتون ڪندو ٿي ويو. ۽ جڏهن هن "جيئي سنڌ" جو سلام ٻڌو، تڏهن هن کان ڇرڪ نڪري ويو. هن هيڏانهن هوڏانهن نهاريندي، ٻيڙي ترخان ڏانهن ڏٺو. ٻيڙي ترخان جي اکين ۾ نئين چمڪ مرڪي رهي هئي ۽ هو آخوند جي سامهون اچي، سندس پير چمڻ لاءِ هيٺ جهڪي ويو. آخوند حيرت مان ترخان جي حرڪت ڏسندو رهيو ۽ پوءِ سندس ڪنن تي اهو آواز آيو: "آءٌ دادن آهيان، سائين!"

آخوند جي مغز ۾ ڄڻ ڦيري پئجي ويئي، ۽ هن اٿڻ جي ڪوشش ڪندي چيو: "دادن.... تون!" پوءِ هن کي ڀاڪر پائيندي، نرڙ تي چمي ڏيندي چيائين: "چريا، هي ڪهڙو ويس ڪيو اٿئي. مون ته ذري گهٽ، تو سوڌو هنن ترخان جماعتين کي پاراتو ٿي ڏنو!"

"سائين هن ويس کان سواءِ سلامت پهچڻ به ته مشڪل هو" دادن پنهنجي مٿي تان ڪُلو لاهيندي. چيو. پوءِ هٿ وجهي هترادو اچي ڏاڙهي به لاهي پوتائين.

"چئبو ته اهي خبرون چئني پاسي ڦهلجي ويون آهن." آخوند تسبيح پنهنجي صدريءَ جي کيسي ۾ وجهندي چيو.

”ها سائين، مون کي اها خبر سيوهڻ ۾ پئي تہ مرزا جان بابا جي شورش ناڪام ٿي ويئي، ۽ ترخانن نئي ۽ ٻين شهرن ۾ سنڌين کان ويٺ وٺڻ شروع ڪيو آهي. مرزا باقي سمجهي ٿو تہ مرزا جان بابا رڳو سنڌين، خاص طرح سميجن، انڙن ۽ جاڙيجن جي چرچ تي بغاوت ڪئي آهي.“

”مون کان هن پيري وڏي چُڪ ٿي ويئي. اڳئين وانگر سنڌين جا جٿا، شهرن ۾ سنڌي پاڙن جي بچاءَ لاءِ گڏ ڪونہ ڪرايم. مون کي الائي ڇو پڪ ٿي ويئي هئي تہ خود ترخان لشڪري مرزا باقيءَ جي ظلمن خلاف اُٿي کڙا ٿيندا. پر ائين نہ ٿيو. مدرسن جي شاگرن کان جيڪي پُڇُو سو ڪيائون. پر آخوند صالح کان پوءِ شاگردن جي بہ دل ٽٽي پئي آهي!“ آخوند نور محمد کان ٿڌو شوڪارو نڪري ويو.

”آخوند صالح کان پوءِ؟.... ڇو سائين، خير تہ آهي؟ آخوند صالح کي ڇا ٿيو؟“ دادن کي ڪوسوسو ويڙهي ويو.

”ظالمن آخوند صالح کي ان ڏينهن ئي ڦاهيءَ چاڙهي ڇڏيو جنهن ڏينهن مرزا جان بابا جو لشڪر نئي ۾ داخل ٿي رهيو هو.“

”مرزا باقيءَ قنڌار کان ڪي مولوي گهرايا آهن تہ مدرسن ۾ زوريءَ فارسي پڙهائين. آخوند صالح کين پنهنجي دارالعلوم ۾ فارسي پڙهائڻ جي اجازت نئي ڏني..... الا، هاڻ اهڙو ماڻهو ڪٿان آڻينداسون..... ٻڌا! دادن، تون هاڻ سڀ ڪم ڪاريون ڦٽا ڪري، وڃ نئي، ۽ وڃي آخوند صالح وارو دارالعلوم سنڀال، آءُ چٺي لکي ٿو ڏيانءِ....“ آخوند دادن جي اکين ۾ نهاريندي چيو.

”پر سائين، دهليءَ وارو ڪم اڌ ۾ پيو آهي.... هي خط ملتان مان نواب سعيد اوهان لاءِ ڏنو آهي،“ دادن صدريءَ اندران خط ڪڍندي چيو.

”منهنجي نظر هاڻ ويئي..... تون ئي پڙهي ٻڌاءِ“ آخوند حڪم ڪيو.

دادن خط پڙهڻ لڳو ۽ آخوند اکيون بند ڪري ٻڌندو ويو. نواب سعيد لکيو هو تہ شهنشاهہ اڪبر سڌو سنئون سنڌ جي معاملن ۾ دخل ڪونہ ڏيندو، البت هو شهنشاهہ اڪبر کي مرزا باقيءَ جي ظلمن کان آگاهہ ضرور ڪندو. جيڪڏهن قنڌاربابت مرزا باقيءَ جون ايران سان ڳالهيون ثبوت سان اڪبر اڳيان پيش ڪجن تہ ڪم ٿهي پوندو. شهنشاهہ شايد ايندڙ بهار ۾ لاهور اچي، اتي هو قدم بوسي

حاصل ڪري سنڌ بابت سندس ذڪر چوريندو. آخر ۾ هن مليل تحفن جو شڪريو ادا ڪيو هو.

”هون..... چئبو اسان جون سوکڙيون پاڪڙيون هاڻ نواب سعيد تي اثر ڪونہ ٿيون ڪن...... پلا ملتان ۾ عام ماڻهن جو ڇا خيال آهي؟“ آخوند ڪجھہ سوچيندي چيو.

”ملتان وارا ظاهر آهي تہ ترخانن جي حڪومت کان دهليءَ جي بانهپ کي وڌيڪ پسند ٿا ڪن. مغل شهنشاهت سان هن وقت جهيڙڻ بلڪل ڪونہ گهرندا. البت جيڪڏهن سنڌ ۾ ڪا تحريڪ شروع ٿي تہ هو هميشہ وانگر پنهنجي وطن جي ماڻهن کي مدد ڏيڻ کان ڪونہ لهرائيندا: سومرا، لانگاهہ ۽ ٻيا راڄ تہ پنهنجا ماڻهو بہ ڏيڻ لاءِ تيار آهن....“ دادن جواب ڏنو.

”سنڌ ۾ تحريڪ.... سنڌ ۾ تحريڪ! جڏهن بہ سنڌ ۾ ڪا تحريڪ ٿي هلي تہ سنڌين جو جيئڻ مشڪل ٿيو پوي. هنن کي نڊڪو ڏسي، ترخان سندن ٻچن کي گهاڻن ۾ پيڙايو ڇڏين. رهي مغلن کان سڏو سنئون مدد گهرڻ، سو سنڌين ۾ ڪيترا اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي هڪڙي غلاميءَ مان نڪري ٻيءَ غلاميءَ ۾ وڃڻ نٿا گهرن. هو اهو ٿا چون تہ ترخان تہ سنڌ اندر محدود آهن. جيڪڏهن سنڌين ۾ ڪا منظم پڪي پختي بغاوت، نٿي کان ملتان تائين، پڙڪي اُٿي تہ ترخانن کي ٿُڏي ڪيڻ ايترو ڏکيو نہ آهي، جيترو ان وقت ٿيندو جڏهن مغل لشڪر ترخانن کي ڪڍي، ڇانوڻي هڻي سنڌ ۾ ئي ويهي رهندو.... هڪ طرح سان هنن جو چوڻ بہ صحيح آهي: مغل شهنشاهہ سان وڙهڻ سنڌين کان زور آهي!“

”پر سائين، ترخان تہ خوني آهن، ظالم آهن. مغل وري بہ متاهين طرح حاڪم رهندا، هي روز روز جي رتوڇاڻ تہ بند ٿي پوندي، سنڌين کي ڪا گهڙي سامت جو ساهہ کڻڻ جو تہ وجھہ ملندو....“ دادن چڻ خفا ٿيندي چيو.

”پر مغل هڪڙو پيرو ڄمي ويا تہ کين ٿڏڻ ناممڪن ٿي پوندو. ترخان تہ پاڻ ۾ وڙهڻ ۾ پورا آهن، کين ڏڪي ڪيڻ ايترو ڏکيو ڪونهي. هونئن بہ هو ايترا مضبوط نہ آهن. جڏهن بہ ڪو حاڪم ظلم

ڪرڻ تي سندرو ٻڌي بيهندو آهي، تہ اها سندس ڪمزوريءَ جي نشاني آهي: بلڪ ائين سمجھہ تہ هن جو موت ويجھو اچي پھتو آهي. هو ائين ٿو سمجھي تہ ظلم ڪرڻ سان هو ماڻھن کي هيسائي سگھندو. پر اصل ۾ اهو ظلم ئي عام ماڻھن کي هڪٻئي جي وڌيڪ ويجھو آڻي، آخري ڏڪ لاءِ تيار ڪندو آهي. رڳو سنڌين ۾ ٿوري تنظيم بہ پيدا ٿي پوي، تہ ڪا پنھنجي فوج ناهي وجھن، تہ هنن ظالمن کي قنڌار جي واٽ ڏيکارڻ ڏکيو نہ آهي.“ آخوند دل ئي دل ۾ انسنا ناهيندي چيو.

”جيسين تنظيم جو اوسيئڙو ڪنداسون، تيسين ترخان بہ تہ قنڌار کان مڪڙن وانگر لهندا ٿا اچن. ايران سان اندروني طرح تہ سنڌن بہ ڪانہ ٿي پوي، سنڌ ۾ سٽيو ٽڪر ڏسي، قافلن جا قافلا ٿا روز اچن!“ دادن ڏند پيڙيندي چيو.

”مون کي خبر آهي. قنڌار ۽ ايران بابت نواب سعيد واري ڳالهہ بہ سچي آهي. مغل قنڌار هٿ ڪرڻ جا بهانا پيا ڳولين. مغلن تائين رڳو اها خبر پهچي تہ مرزا باقي، شاهہ عباس سان کهڙا پيو انسنا ڪري، تہ مغل هڪڙو ڏينهن بہ ترخانن کي رهڻ ڪونہ ڏين.... پر بيهہ، هي خط پاڻھين سنگهار امير ڪوڪلتاش کان هٿ ڪري موڪليو آهي، مون کي تہ ياد ئي ڪونہ پيو. آخوند صالح پنھنجي ڪنھن ماڻھوءَ کان ان خط جي باري ۾ ٻڌو هو.!“

آخوند نور محمد اُٿي، قرآن رکڻ واري جاري مان قرآن هيٺ منبر تي رکندي، جاري جي پوئين ڪاٺ جي تختي کي هڪڙي پاسي سيريو تہ اُن ۾ هڪ ٻيو جارو نظر اچڻ لڳو. هٿ وجھي آخوند ان مان هڪ فرمان ڪڍي، دادن کي ڏنو ۽ چيائين: ”پڙهہ، متان ڪا ڪم جي ڳالهہ هجي.“

دادن فرمان کولي پڙهڻ لڳو. خط قنڌار جي حاڪم ڏانهن مرزا باقيءَ جو لکيل هو. ان ۾ حاڪم جي سوڪڙين سان، ايران جي بادشاهہ لاءِ بہ سوکڙين جو ذڪر هو ۽ منجهس مغلن، خاص طرح اڪبر لاءِ، نفرت جو دل کولي اظهار ڪيل هو.

آخوند خط ٻڌي، هڪدم اُٿندي چيو: ”دادن، هي خط ضرور اڪبر تائين پهچڻ گهرجي. تون اڄ ئي دهليءَ روانو ٿي وڃ. ڪنھن طرح دربار

تائين پهچي، شهنشاهه ڪي سنڌين جي اطاعت جو يقين ڏيار. ترخانن تي اڪبري لشڪر ڪڙڪيو ته پوءِ سنڌ جي آزاديءَ جو ڪو بلو ٿي پوندو!“

دادن ڪو جواب نه ڏنو. هو سنڌ جي آئيندي جي خيالن ۾ محو ٿي ويو. ايترو وقت سنڌ کان ٻاهر رهيو هو. جو هن کي اهو اندازو ٿي ڪونه هو ته سنڌ ۾ ڪهڙو محشر متل هو. هو محض ترخانن کي ڪيڻ لاءِ ۽ سنڌ کي هڪ نئون دور، سانت، سانهن ستيءَ ۽ امن جي دور ڏيڻ لاءِ، مغلن جي مدد وٺڻ لاءِ تيار هو. سالن جا سال ملتان، لاهور، دهليءَ ۽ آگري ۾ رهي مغلن کي ترخانن جي ظلمن بابت ٻڌائيندو رهيو هو. مغل پنهنجي ڪامرانيءَ جي نشي ۾ چور، فقط همدرديءَ طور هن کي ٻه- چار اکر همت افزائيءَ لاءِ چوندا رهندا هئا. دادن کي خار ته ڏاڍا ايندا هئا، پر وقت جو خيال ڪري، هو تيئن وڌيڪ سندن خوشامدون ڪندو هو. درٻارين کي نت نوان تحفا ۽ نيون نيون سوکڙيون پيش ڪندو هو. آخوند نور محمد جا شاگرد هن لاءِ ڪتان ڪتان جا عجائب آڻي گڏ ڪندا هئا. هن کي الائي ڇو اڪبر ۾ اميد هئي ته هو سنڌ لاءِ ضرور ڪجهه ڪندو. اڪبري درٻار تائين پهچڻ لاءِ هن طرح طرح جا نسخا آزمايا هئا. سوکڙين پاڪڙين کان وٺي سنڌ جي عملداريءَ جون لالچون آڇڻ جي باوجود، هو اڪبري تخت تائين نه پهچي سگهيو. ان راهه ۾ هن کي جيڪي تجربا ڏسڻا ۽ سهڻا پيا، تن کي ياد ڪري اڄ به هن جا وار ڪانڊارجي ٿي ويا. خاص طرح هڪ واقعو اهڙو هو جنهن هن جي زندگيءَ کي هڪ نئين موڙ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ان جي ياد ايندي ئي، هن جي دل الائي ڇو زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي. وري آگري وڃڻ جو ٻڌي، هن جو ذهن سيڪجهه وساري ويٺو ۽ بيخيالو ٿي، هن آخوند نور محمد کان موڪل ورتي. رستي تي هن کي وري اهو واقعو سر بستو ياد اچڻ لڳو.

هو نئون نئون آگري ويو هو ۽ هڪ سنڌي سوداگر جي ويس ۾، هن اڪبري درٻار تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. هن ڪيترائي ڪيس، اجرڪون، لونگيون ۽ پٽ پٽيهر اُن راهه ۾ نثار ڪري ڇڏيا، پر ڪتان به ڪو اميد جو ترورو نظر نه آيس؛ ۽ هو دل شڪستو ٿي واپس ملتان وڃڻ جو سوچڻ لڳو. آگري جي آخري سير

ڪرڻ ۽ گهوڙن جي بندوبست ڪرڻ لاءِ هو پنهنجي سراءِ کان ٻاهر نڪتو. آگري جي نين عمارتن ۽ محلاتن کي اچرج مان ڏسندو، پنهنجي ئي خيالن ۾، هڪ چمن ۾ گهڙي آيو هو. ڪا گهڙي ٿڪ ڀڃڻ لاءِ، سنگمرمر جي هڪ فوهاري جي ڊِڪيءَ تي ويهي رهيو. پنهنجي سفر ۽ هن مهم جي ناڪاميءَ تي سوچيندي، پنهنجي خيالن جي وهڪري کي جڻ ڇهي ڏسڻ لاءِ فوهاري جي پاڻيءَ ۾ هٿ سان لهرون پيدا ڪرڻ لڳو. اوچتو هن پنهنجي پٺيان، تڪڙن تڪڙن قدمن جو آواز ٻڌو ۽ پريان ڪنهن جي ڊوڙڻ جو آواز بہ هن جي ڪن تي پيو. فوهاري جي پٺيان سروَ جي وڻن جي هڪ گهاٽي قطار پويان، ڪنهن جي تڪڙي تڪڙي ساهہ کڻڻ جو آواز اچڻ لڳو ۽ پوءِ ڊوڙي ايندڙ قدم اتي اچي روڪجي ويا.

”هاڻ ٻڌاءِ، تون ڪٿي لڪندينءَ؟“ ڪنهن مرد کلندي فارسيءَ ۾ چيو.

”هيبت خان، توکي رب جو واسطو آهي، منهنجي پچر ڇڏ!“ ڪنهن زناني آواز ليلائيندي چيو.

”اڄ مس مس تہ اڪيلو ملڻ جو موقعو مليو آهي، سو ڪيئن وڃڻ ڏيو. بس، هڪ چمي عنايت ڪر ۽ آءٌ ڪتي وانگر پڇ لوڏيندو هليو ويندس،“ مرداني آواز کلندي چيو.

”خدا جي واسطي، شرم ڪر! ڪا ڪنيز يا ڪو خواجہ سرا اچي ويو تہ اسان ٻنهي جي سسين جو خير ڪونهي!“ زال ليلائيندي چيو.

مون سڀ بندوبست ڪري ڇڏيو آهي. هت هن وقت ڪوبہ ماڻهو ڪونہ ايندو. ڏس زيبا، آءٌ تنهنجي محبت ۾ ڪباب وانگر پيو پچان ۽ توکي خيال ئي ڪونهي. ۽ تنهن کان سواءِ هن نوروز تي اسان جي مڱڻي جو بہ اعلان ٿي ويندو!“ مردانو آواز اڳيان وڌندو رهيو. ان جي وڌڻ تي سروَ جي هڪ وڻ ۾ سرڙاٽ ٿيو ۽ زناني آواز ۾ هلڪي ڪِيڪ ان سروَ ۾ اٽڪي پيئي.

”تہ پوءِ ايترو بي صبر ڇو ٿيو آهين. حضور خان دوران کان اڳوات ئي ڇو نٿو سڱ گهرين؟“

”لاهور واري واقعي کان پوءِ آءٌ خان دوران ۽ خود شهنشاهہ جي نظرن ۾ اچي ويو آهيان، سو جي هن وقت سڱ گهربم تہ جواب ملندم.

پر حضور بادشاهہ بيگم وعدو ڪيو آهي تہ هن نوروز تي شهنشاهہ کي راضي ڪري، مڱڻو ڪرائي ڇڏيندي.....“

”تہ پوءِ نوروز تائين ترس...... آءٌ پڇي ڪانہ تي وڃان. هاڻ وڃ، ڏٺيءَ جي واسطي وڃ، جيڪڏهن ڪنهن ڏسي ورتو تہ منهنجي بہ جان ويندي تہ تنهنجي بہ......“

”پڌ زيبا، هاڻ مون کي انتظار نٿو ٿئي. مون سمورو انتظار ڪري ڇڏيو آهي. ٻاهر منهنجا خادم بہ گهوڙا جهليو بيٺا آهن. تون مون سان گڏجي هل تہ هميشہ لاءِ خان دوران ۽ شهنشاهہ کان محفوظ. ڪنهن اهڙي پرڳڻي ۾ هليا هلون جتي شهنشاهہ يا خان دوران جي ماڻهن جو پاڇولو بہ ڪونہ پهچي سگهندو. اچ، جان من.......“

”هيبت خان، ڏس، منهنجي ويجهو ايندين تہ آءٌ وٺي رڙيون ڪنديس! ڏس.... پري ٿي.... ائي آلا!“

هن جي ڪِيڪ ٻڌي، مرداني آواز ٺهڪ ڏيئي چيو: ”جيتريون ڪيڪون ڪرڻيون هجنئي، سي ڪر...... محل ۾ هن وقت ڪير ئي ڪونهي، جي آهن بہ تہ منهنجا ماڻهو! اچ تہ.“

زناني ڪِيڪ وري سروَ جا وڻ ٽپي، دادن جي ڪنن ۾ پهتي. هاڻ هن کان بہ رهيو نہ ٿيو. هو سمجهي ويو تہ غلطيءَ کان ڪنهن محل جي چمن ۾ گهڙي آيو هو ۽ پاڻ کي ظاهر ڪرڻ موت کي سڏڻ هو پر هن عورت جي ڪيڪن هن کي پاڻ ظاهر ڪرڻ تي مجبور ڪري وڌو. هو ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ سروَ جي وڻن وچان لنگهي اُتي پهتو جتان اُهي آواز اچي رهيا هئا. هڪ جامڙد مغل، هڪ نهايت حسين نازنين جي ٻانهن پڪڙي ڳل ڀريان ورائي، کيس چمي ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. دادن کي ڏسي، هن کان ڇرڪ نڪري ويو ۽ هن ڇوڪريءَ کي ڇڏيندي، ترار ڇڪي ڪڍي.

”تون ڪير آهين مردود؟ ڀانيان ٿو تہ توکي ڪُتيءَ هتي آندو آهي......“ هيبت خان غضبناڪ آواز ۾ رڙ ڪري چيو.

”مسافر آهيان. رڙيون ٻڌيم تہ هليو آيس.“ دادن مختصر جواب ڏنو.

”هتان هڪدم هليو وڃ، نہ تہ........“

”آءٌ پاڻيهي هليو ويندس. پهرين تون هن کي وڃڻ ڏي تہ آءٌ بہ هليو ويندس.“ دادن فارسي اهڙيءَ طرح ڳالهائي رهيو هو جڻ مادري زبان هُيس.

”هاڻ سمجهيم زيبا، تہ تون ڇو مون کان لهرائيندي آهين! تو پنهنجي لاءِ اڳي ئي ڇگهہ چونڊي رکيو آهي، ۽ سو بہ هڪ ڏاريون.....“

ڪاوڙ کان هيبت خان سڄو ڏڪڻ لڳو هو. هن ترار اُڀي ڪندي چيو: آءٌ تنهنجي هن يار کي هميشہ لاءِ دوزخ جو منهن نہ ڏيکاريان تہ منهنجو نالو هيبت خان نہ آهي!“ ائين چئي هن دادن تي وار ڪيو.

دادن ڦڙتيءَ سان هڪ پاسي هٽي ويو. هيبت خان لڳاتار هن تي وار ڪندو ويو ۽ دادن وار خبرداريءَ سان بچائيندو پوئتي هٽندو ويو. سروَ جي وڻن مان ٽپندو، هو ڦوهاري تائين هٽي آيو. هيبت خان پنهنجا وار خالي ويندا ڏسي، چڙ ڇتو ٿي پيو ۽ اڳي کان اگرو ٽپ ڏيئي وار ڪرڻ لڳو. ڇوڪري ڊپ کان پيلي ٿي ويئي، ۽ دل ئي دل ۾ ڪنبندي، مسافر جي جان وڃڻ جو منظر ڏسندي رهي. هيبت خان خود اڪبر جي شهزور دوستن مان هو. هيئي گڏجي نپنا هئا. هن جي نيزي بازيءَ ۽ تلوار جي وار جي هاڪ سموري ملڪ ۾ ڦهليل هئي. هوءَ اهو ئي سوچيندي رهي تہ هن جي ڪري، هڪ غريب مسافر جي جان قربان ٿي رهي هئي.

دادن پاڻ بچائيندي، ڦوهاري جي دِڪي جي آڏو وڃي بيهي رهيو. هيبت خان هن کي دِڪي ۾ قاتل ڏسي هڪ ڀرپور وار ڪيو. دادن وري بہ ڦڙتيءَ سان هٽي ويو. هيبت خان جي ترار ڪڙڪاٽ ڪندي، سنگمرمر جي دڪيءَ ۾ وڃي ڪُتي ۽ دڪيءَ جا ڇوڏا ڇورو ڀنجي آسپاس اُڏامڻ لڳا. ان مهل دادن پنهنجي تنگ اڳتي وڌائي، هيبت خان جي پير کي هلڪي اڙي هنئي. هيبت خان جون هيئي ٽنگون مٿي ڪجي ويون، ۽ هو دِڪي تان اُٿلي وڃي ڦوهاري جي پاڻيءَ ۾ ٻوٽ ڀر ڪريو. ترار سندس هٿ مان ڇڏائجي ويئي. دادن جهٽ ڏيئي ترار کڻي ورتي.

هيبت خان پاڻيءَ ۾ ڪرڻ سان گهبرائجي ويو ۽ هاڻ مسافر جي هٿ ۾ ترار ڏسي هيڪاري اوسان خطان ٿي ويس ۽ هو تڪڙو تڪڙو اٿي، ٽمندڙ ڪپڙن سان، حوض جي ٻئي پاسي نڪري وڃي ڀڳو. هن کي ائين ڀڄندو ڏسي، ڇوڪريءَ کي بہ ڪل اچي ويئي ۽ هوءَ وڌي دادن ڏانهن آئي.

دادن ڪنڌ هيٺ ڪري ترار کي غور سان ڏسندو رهيو. سون چانديءَ سان مڙهيل منئي سان خوبصورت ترار هن جي هٿن ۾ عجيب

ڏکڻي وجهي ڇڏي ڪاش، سنڌين وٽ هھڙيون تراريون هجن، تہ ترخان ڪڏهوڪا تنگون ڪلهي تي رکي قنڌار وڃي ساھہ پٽين ها. ڇوڪريءَ جو پاڇو پنهنجي پيرن تي پوندو ڏسي، هو جڻ ڪنهن خواب مان جاڳي پيو. هن ترار ٻنهي هٿن سان هن کي پيش ڪندي چيو: "اجازت هجي تہ هيءَ خوبصورت ترار آءٌ اوهان کي پيش ڪريان. منهنجي هيءَ ڪنهن ڪم جي ڪانهي!"

نازنين غور سان هن کي ڏسندي رهي. هن جي اکين ۾ تہ ڪي اٿاھہ گهرايون هيون ۽ هن مرد جي منهن تي ڪنهن عجيب دک جي ڇاپا هئي، جنهن هن جي منهن کي هڪ نئون حسن، نئين مردانگي بخشي ڇڏي هئي. زيبا ڪئين حسين ۽ ڳڀرو مغل ڏٺا هئا، پر جيڪا يلائي هن منهن ۾ هئي، سا هن ڪڏهن نہ ڏٺي هئي. الائي ڇو هن جي دل چاهيو تہ پنهنجي خوبصورت هٿن سان ان منهن تي ڳراٽڙي پائي، ان دک جي ڇايا کي هٽائي ڇڏي پر اهي خيال پاڻ تائين رکندي هن چيو: "تراريون مڙسن کي سونهن، ۽ هيءَ ترار تہ هيڪاري توکي وڌيڪ سونهندي، مسافر!"

"ترار پاڻ وٽ رکي، سڄي مغل لشڪر کي پاڻ تي پر ڪرڻ ڪونہ ٿو چاهيان. آءٌ سيلاني ماڻهو آهيان. مون کي ترار سان ڪهڙو ڪم. چڱو آئون هلان ٿو" هن وچڻ لاءِ وِڪ کڻندي چيو.

ڇوڪريءَ هن کي ويندو ڏسي، ڪٽي ٻانهن کان جهليس. "مسافر، تو مون تي ايڏو احسان ڪيو آهي: ٻڌاءِ تہ آءٌ توکي ان جو ڪهڙو انعام ڏيان...."

دادن هن ڏانهن نهاريو. مغل حُسن ۾ هندي آميزش جو هيءُ شاهڪار پاڻ ئي هڪ وڏو انعام هو. ڪنديون اکيون، گلاب جي پنکڙين جهڙا سنها چپ ۽ هيءَ اٽلون ڪائيندڙ ڇاتي! پر عورت جو تصور بہ هن جي خيالن کان ڪوهين ڏور هو. هن کلي چيو: "احسان انعام لاءِ ڪيو وڃي تہ اهو احسان ڪيئن ٿيو؟ تنهن کان سواءِ مون اوهان تي ڪوبہ احسان نہ ڪيو آهي. پاڻ ڏوهاري آءٌ آهيان، جو هڪ عام باغ سمجهي، آءٌ اوهان جي محل جي چمن ۾ گهڙي پيو آهيان!"

"نہ نہ، تنهنجو ڪهڙو ڏوھہ؟ دروازي تي پهريدار بہ تہ ڪونہ هو. اج

شهزادي جي سالگرهہ جي جشن ۾ سڀ ڪنيزون ۽ پهريدار بہ ويا آهن...“ مون کي اتي هيبت خان سان ملڻ جو ڀپ هو ان ڪري نہ ويس. مون کي اتي نہ ڏسي، هت هليو آيو.“

دادن ڪجهہ سوچيندي چيو: ”جيڪڏهن پڇڻ برو نہ لڳي تہ ٻڌائي ڪري اهو ٻڌايو تہ اوهين ڪير آهيو ۽ هي محل ڪنهن جو آهي؟“

”آءٌ زيبا خانم آهيان. حضور خان دوران نواب مجاهد خان جي دين جي ڌيءُ. هي محل، حضور جن مون کي ۽ منهنجي ماءُ کي بخشي ڇڏيو آهي...“

دادن ڪجهہ سوچ ۾ پئجي ويو. خان دوران مجاهد خان جي ڌيءُ۔ اهو مجاهد خان، جو اڪبر جي ساڄي ٻانهن چيو وڃي ٿو جنهن جي ڳالهہ ٽارڻ خود شهنشاهہ کي ڏکي لڳندي آهي.

”اجنبي، تون ڇا پيو سوچين؟“ زيبا جي آواز ۾ ميٺاج اوتجي آيو.

”توهان مون کي انعام جي آڇ ڪئي آهي، مون کي انعام اڪرام جي خواهش ڪانهي، پر توهين مون تي بہ هڪ احسان ڪري سگهو ٿيون!“

زيبا خوشيءَ کان ٽڙي پئي، ۽ هن دل ئي دل ۾ چيو: ”اجنبي، الائي ڇو تون مون کي ڏاڍو وڻي ويو آهين. تون جيڪڏهن چاهين تہ منهنجي جان بہ حاضر آهي؟“ پر هن ڏاڍيان چيو: ”جيڪي چوندين، سو ٿيندو.....“

”حضور خان دوران سان هڪ ملاقات!“

”بس؟“ هن حيرت مان چيو ۽ پوءِ ڪجهہ سوچيندي چيائين: ”پر ڇا جي لاءِ؟“

”ائين ئي... مون ٻڌو آهي هن جي سيني اندر هڪ انسان جي دل ٿي ڌڙڪي، جنهن ۾ ظالمن لاءِ نفرت جا خزانا آهن. اهڙي انسان سان ملڻ خوش نصيبي آهي!“ هن پنهنجي اصل مقصد کي زال ذات کان لڪائڻ ئي مصلحت سمجهي.

”پر تون آهين ڪير.......؟ ڪپڙن ۽ پٽڪي مان تون ڪنهن دور ديس جو ماڻهو ٿو لڳين. مسافر، مون تي ڀروسو ڪر تہ آءٌ بہ توتي ڀروسو ڪري سگهان!“ هن دادن جي اکين ۾ نهاريندي چيو. انهن اکين ۾ هاڻ ڪنئين ڳالهيون پاسا ورائي رهيون هيون.

”مون تي ڀروسو ڪرڻ مان مطلب.....؟“ هن پڇيو.

”حضور خان دوران جا ڪيترائي دشمن آهن....“ پوءِ هن آهستي چيو.

”شاهي درٻارن ۾ حسد ڪان ڪوبہ ماڻهو بچيل نہ آهي. آءٌ نٿي چاهيان تہ بنا پڇا ڳاڇا جي، ۽ اڳواٽ معلومات جي آءٌ حضور جن سان ڳالهہ چوريان. تون مون کي پنهنجي متعلق ٻڌاءِ“ زيبا هن کي لڳاتار جاچيندي، دل من هٿندي چيو.

دادن بہ ڪنهن اونهي خيال ۾ سمائجي ويو. خيال جي سونهن هن جي لفظن ۾ اوتجي آئي: ”آءٌ ان ديس کان آيو آهيان، جتي هڪ سونو درياهہ ٿو وهي، جنهن جا کيت سون اُپائين ٿا. جتي جا ماڻهو پاڻ ۾ پيار ۽ قرب ونڊڻ کان سواءِ جانورن- ڍڳين، مينهن، گهوڙن ۽ اُٺن کي پالئين ٿا، چاڪاڻ تہ پيار ۽ محبت کان سواءِ هنن کي ٻئي ڪنهن جذبي جي خبر ئي ڪانهي. اهي محنتي، سباجها ماڻهو هينئر قندار کان آيل ترخانن ۽ ارغونن جي غلاميءَ ۾، محبت کان وانجها ٿيندا وڃن، نفرت سکندا وڃن، هنن ڪڏهن بہ اهو نہ سوچيو هو تہ انسان ٻئي انسان تي ظلم بہ ڪري سگهي ٿو. پر ارغونن ۽ ترخانن هنن اڳيان ڪجهہ اهڙا مثال قائم ڪيا آهن، جيڪي آئيندي هلي شايد هنن کي بہ آزمائڻا پون. آءٌ چاهيان ٿو تہ ان کان اڳ آءٌ مغل سلطنت جي ضمير کي جهنجهوڙي جاڳايان، ۽ کين ان تي آماده ڪريان تہ هو منهنجي ديس جي ماڻهن کي، غلاميءَ جو ڳٽ ڳچيءَ مان لاهي ڦٽو ڪرڻ ۾ مدد ڪن.....“

هو جذبات جي انهيءَ ڌارا ۾ ائين وهڻ لڳو ڄڻ هن جي اڳيان هڪ زائفان بدران سموري انسانذات موجود هئي، جنهن کان هو سنڌ لاءِ مدد گهرڻ آيو هو. سنڌ جو نالو سنڌ جا کيت ۽ سنڌ جا وڻ ٽڻ ياد ڪري، هن جي اکين ۾ هڪ نئين جوت جاڳي اُٿي هئي، ۽ ان جوت مان اڻ لکا لڙڪ ليئا پائڻ تي هئا.

زيبا هن رُخ لاءِ بلڪل تيار نہ هئي. آجنبيءَ جو آواز هن تي ڪامڻ ڪندو هن کي پنڊ پهڻ بڻائيندو ويو ۽ هوءَ اها دعا گهرندي رهي تہ خدا ڪري هو پنهنجي ڪهاڻي ائين بيان ڪندو رهي ۽ هوءَ هن کي ائين ڏسندي ٻڌندي رهي ۽ ائين رات پڄجي وڃي، پوءِ هوءَ هن ٿڪل دکي مسافر کي سجايل سيج تي ويهاري، پاڻ سندس پيرانديءَ کان ويهي، کيس پنهنجي ڪنهن درد جون حڪايتون ٻڌائڻ لڳي، هوءَ

حڪايتون ٻڌائيندي رهي ۽ هو اهي حڪايتون ٻڌندو رهي ۽ ائين سموري زندگي گذري وڃي، پر درد جي حڪايت بند ٿي ويئي، ۽ هن ڏٺو ته اجنبيءَ جي اکين ۾ ڏک جا پاڇولا وڏيڪ گهرا ٿي ويا هئا.

”ڪٿي آهي محبتي ماڻهن جو اهو ديس؟“ هن مرڪندي پڇيو.

”دور، آسمانن جي هن پار...... ۽ اُن جو نالو آهي سنڌ!“ دادن به مُرڪ جو جواب مرڪ سان ڏنو.

”۽ ان ديس جا ماڻهو تون چئين ٿو ته محبت کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه ڄاڻن؟ مون اتان جو هڪڙو ئي ماڻهو ڏٺو آهي، ان کي الائي محبت جي ڪيتري خبر آهي....“ هن جي چپن تي هڪ شوخ ۽ چنچل مرڪ ڦهلجي ويئي.

”ظلم خلاف وڙهندي، هن کي به سڀ ڪجهه وسري ويو آهي....“ دادن جواب ڏنو.

زيبا هن اجنبيءَ جي منهن تي ڏک جا پاڇولا وري ڏسڻ نٿي گهريا. ان ڪري هن شوخي چڙي چيو: ”آءٌ اڄ رات ئي حضور سان ڳالهه ڇيڙينديس. تون سڀاڻي صبح جو مون کي وري هٿ ملج..... چوبدار توکي ڪونه روڪيندا!“

دادن هن ڏانهن نهاريو. زيبا جي اکين ۾ هڪ نئين گهرائي اچي ويئي هئي، ۽ دادن کي اهي اکيون ڏاڍيون پياريون لڳيون. هن جي دل ۾ اها آرزو جاڳڻ لڳي ته هو انهن اکين کي هٿ لائي، ڇُهي ڏسي، انهن گهرائين کي محسوس ڪري سگهي.

اوچتو پريان ٺن- ٺن ماڻهن جي ڊوڙڻ جو آواز ٻڌي، ٻنهي ڪنڌ ورائي نهاريو. هيبت خان پنهنجن ٽن ماڻهن سان هنن ڏانهن وڌندو ٿي آيو. زيبا خانم گهبرائجي ويئي ۽ هن تڪڙ مان دادن جي ٻانهن ۾ هٿ وجهندي چيو: ”آءٌ هنن کي روڪڻ جي ڪوشش ٿي ڪريان. تون ڪنهن طرح کسڪي وڃڻ جي ڪوشش ڪر!“ هوءَ سچي ٿڙڪي رهي هئي، ۽ هن جو آواز ڳرو ٿي ويو هو.

الائي ڇو دادن هن کي ڪلهن ۾ ٻانهن وجهندي چيو: ”خانم، منهنجي ڳڻتي نه ڪر. تون منهنجي اڳيان هجين ته مون کي هيبت خان جي سموري لشڪر جي به پرواهه ڪانهي.“

”پر تون وڙهي ڪيئن سگهندين؟ هي اول درجي جا ظالم آهن!“ هن اچا جملو پورو مس ڪيو تہ هيبت خان جي رڙ ڪن تي پيس: ”گرفتار ڪريو هن ڪميٽي کي!“

هيبت خان پاڻ ٿورو پريرو بيهي رهيو ۽ هن جا همراهہ تراريون ڪڍي، هن ڏانهن وڌيا. دادن جهٽ ٿوڪ ڪندي چيو: ”هيبت خان، مڙس مڙس جو مٽ آهي. تون مقابلو ڪرين ها تہ ڪا ڳالهہ بہ هئي. هي ياڙي جا خچر ڇو وٺي آيو آهين؟“

زيبا کي ٿورو پوئتي هٽائي دادن اڳيان وڌي آيو ۽ ٻنهي هٿن سان ترار هن همراهن کي اهڙي طرح آڇي، جهڙو هو گرفتاريءَ لاءِ پاڻ کي پيش ڪري رهيو هو. زيبا حيرت ۾ ڊپ کان هن کي ڏسندي رهي. ٽيئي مغل، هن کي پيش پوندو ڏسي، هيبت خان ڏانهن ڏسڻ لڳا. هيبت خان وري بہ واڪو ڪري چيو: ”هن کي چوکنيو ٻڌي، پاڻ سان وٺي هلو. هن کي سزا اسين پاڻ ڏينداسون!“

ٽنهي مغلن تراريون مياڻين ۾ وجهي ڇڏيون ۽ هن کي ٻانهن کان وٺڻ لاءِ اڳتي وڌيا. هڪڙي، هڪڙيءَ ٻانهن ڏانهن هٿ وڌايو ٻئي ٻيءَ ٻانهن ڏانهن. عين ان گهڙيءَ، هن ترار مان هٿ ڪڍي ڇڏيا ۽ هٿ اُڀا ڪري، مغلن ڏانهن وڌايا. ٻنهي مغلن جون ڳچيون هن جي هٿن ۾ اچي ويون، ۽ هن ڪلهن کي جهٽڪو ڏيئي، ٻنهي هٿن کي هڪٻئي جي ويجهو آڻي ڇڏيو. ٻنهيّ مغلن جا مٿا ايترو زور سان ٽڪرايا، جو ٻنهي جي اکين ۾ ڏينڌ ڇانئجي ويو. ٻنهي جي يڪي دانهن باغ جي وڻن ۾ پڙاڏا وجهي ڇڏيا. مغل بي سُڌ ٿي، اتي ئي ڪِري پيا. ٽيون مغل سمجهي نہ سگهيو تہ اهو ڇا ٿيو. هو ڪجهہ سوچي ٽنهن کان اڳ دادن ٻيئي هٿ کڻي ڪمربند ۾ وڌس ۽ ڪنهن ٻڪريءَ جي ڦر وانگر کڻي مٿي ڪنيائين. مغل هن جي مٿان ڇڙيون هڻڻ لڳو. دادن هن کي هٿن ۾ ئي لاٽونءَ وارو ڦيرو ڏيئي، کڻي هيبت خان ڏانهن اُڇلايو. هيبت خان گهٽوئي پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر مغل مٿس ڇپ وانگر اچي ڪِريو. هيبت خان بہ ٽاهڙجي پٽن پر وڃي ڦهڪو ڪيو. مغل بہ ڳرو مڙس هو تنهن جي زور سان مٿان اچي ڪِرڻ سان هيبت خان جي ڪياڙيءَ ۾ ايڏو زوردار ڌڪ لڳو جو هن جي اکين ۾ ڳاڙها پيلا ترورا ڇانئجي ويا.دادن نئڙي ترار کڻي ورتي ۽ آهستگيءَ سان

وڏي، هنن تائين آيو. ترار جي چهنب هيبت خان جي نڙيءَ تي رکندي چيو: ” هيبت خان، مون کي ڪنهن انسان جي خون وهائڻ کان سخت چڙ آهي. پر جي وري ڪا ٻاراڻي حرڪت ڪئي اٿئي، ته هيءَ ترار تنهنجي نڙگهٽ جي پار هوندي... اُٿو نڪرو هتان....... آءٌ وري اوهان جي ٻچڙي شڪل هت نه ڏسان!“ دادن ائين ڳالهائي رهيو هو ڄڻ اجا تائين هن کي ڪاوڙ نه آئي هئي.

زيبا اچرج مان اهو سڀ ڪجهه ڏسندي رهي. هن کي پنهنجي اکين تي اعتبار نه پئي آيو. جنهن نموني هن مغل کي مٿي ڪنيو هو ان مان ائين ٿي پانيو ڄڻ هن لاءِ اها ته ڪا ٻاراڻي ڳالهه هئي. هن مغل دربار جي اڪثر پهلوانن ۽ ويڙهاڪ جوڌن کي ڏٺو هو پر ايتري اطمينان سان وڙهندو هن ڪنهن کي به ڪونه ڏٺو هو. جڏهن دادن وٽس موٽي آيو تڏهن هن جي اکين ۾ هن لاءِ هڪ نئون پيار پرجي آيو. هن جي دل چاهيو ته هوءَ انهن مضبوط ٻانهن ۾ سمائجي وڃي، پر حياءَ هن کي روڪي وڌو: خبر نه آهي اجنبي ڇا سمجهي!

”جيڪڏهن تنهنجي ديس جا سڀ ماڻهو تو جهڙا آهن ته پوءِ ته مغل شهنشاهت به ان کي غلام نٿي بنائي سگهي، اي عجيب مسافر!“ هن چوڻ چاهيو پر چئي نه سگهي؛ ۽ هن جي اکين ۾ ڪجهه ڳوليندي رهي، دادن ڪنهن عورت جي اکين ۾ نهارڻ سکيو ئي ڪونه هو. الائي ڇو هن کي پنهنجو وجود هلڪو ٿي، تحليل ٿيندو محسوس ٿيو. هن ڪلي چيو: ”خدا جي واسطي، پنهنجي انهن اکين کي جهل، نه ته آءٌ بي سڌ ٿي ڪري پوندس!“

زيبا به ڪلي ڏنو. هيبت خان کي جيئدان مليو ته تڪڙو تڪڙو ٻاهر نڪري ويو. زيبا هن سان گڏجي دروازي تائين آئي ۽ چيائين: ”اجنبي، آءٌ صبح جو ناشتي تي تنهنجو انتظار ڪنديس، منهنجي ڪنيز توکي پاڻهي وٺي ايندي. صبح جو آءٌ توکي حضور خان دوران سان ملاقات جو پڻ ٻڌائيندس........“

”جو حڪم........“ دادن چيو.

”پنهنجو خيال رکجان...... هيبت خان ڏاڍو ڏنگو ماڻهو آهي.“ زيبا ويندي ويندي ڄڻ ڪيس ياد ڏياريندي چيو.

دادن ڪافي اڳتي نڪري اچڻ کان پوءِ، وري پوئتي نهاريو.

هوءَ اجا تائين دروازي تي بيٺي هئي. هن کي نهاريندو ڏسي زيبا جو هٿ مٿي کڄي ويو. الائي ڇو دادن کي پنهنجو هٿ بہ مٿي کڄندو محسوس ٿيو ۽ جواب ۾ هٿ لوڏيندي، هن وري پنهنجي واٽ ورتي، هو الائي ڪيترو وقت بي مقصد ۽ اجايو هيڏانهن هوڏانهن گهمندو رلندو رهيو. هن کي پنهنجي من ۾ هڪ عجيب بي آرامي محسوس ٿي رهي هئي. هن کي ڪڏهن بہ اهڙو احساس پيدا نہ ٿيو هو ۽ هو سوچڻ لڳو ڇا قصن ڪهاڻين وانگر اهً بہ نازنين کي پنهنجي دل ڏيئي ويٺو آهيان؟ پر هن لاءِ تہ پيار ۽ پريت جو سوال ئي ڪونہ ٿي پيدا ٿيو. هن کي محبت ڪرڻ لاءِ نہ فرصت هئي، نہ دل! جيسين سنڌ آزاد نہ ٿي هئي، تيسين هن جو تن من دل دماغ ٻئي ڪنهن پاسي لڙڻ لاءِ تيار ئي نہ هئا!

سراءِ ۾ پهچي هن ماني گهرائي کاڌي. سراءِ جو مالڪ هن کي اجا اتي ئي ڏسي حيران ٿي ويو. هو صبح لاڪون غائب هو ۽ هن چيو هو تہ هو اڄ سنڌ موٽي ويندو. ماني کائي، هو پنهنجي ڪوٺڙيءَ ڏانهن موٽي آيو. الائي ڇو هن کي ڪو خيال آيو ۽ هن بستري تي وهاڻو رکي، مٿان اجرڪ وجهي ڇڏي. پاڻ ڏيئو وسائي، سڄو ڪيس ۾ ويڙهجي، هڪ ڪنڊ ۾ پلٿي ماري ويهي رهيو. هن جي دل ۾ رکي رکي زيبا، پنهنجي سمورين رعناين سان لهي ٿي آئي ۽ هن ائين ٿي ڀانيو ڄڻ ڪا پراڻي وسريل ڳالهہ هن کي ياد اچڻ لڳي هئي، اهو احساس ايترو نئون ۽ دل لڀائيندڙ هو جو هن ان کي وسارڻ بہ نٿي گهريو. هن اکيون بند ڪري، پنهنجي سموري جسم ۾ ان احساس کي ٻوڙائڻ ٿي گهريو.

ڪجھ وقت زيبا جي خيالن سان دل وندرائيندي، هن در پنيان آهٽ ٻڌي. هو اٿي ويهي رهيو. ايترو وقت اوندهہ ۾ ويهڻ ڪري هن جون اکيون اوندهہ جون عادي ٿي ويون هيون. هن ڏٺو تہ هڪ شخص هوريان هوريان پير پير ۾ پائي وڌندو آيو. اوچتو ان شخص پنهنجو هٿ مٿي ڪنيو. هڪ سنهي آبدار خنجر جو ڦر اوندهہ ۾ گهڙيءَ لاءِ چمڪيو ۽ هنڌ تي رکيل وهاڻي ۾ کُپي ويو. عين ان گهڙيءَ پهن تي هلندي، دادن کيس هڪڙي هٿ سان ڪٽي ڳچيءَ کان جهليو ۽ ٻيو هٿ ڪٽي سندس وات تي ڏنائين. ان اوچتي حملي تي هن ماڻهوءَ جا اوسان خطا ٿي ويا.

خنجر کي اتي ئي ڇڏي، هن پنهنجو وات ڇڏائڻ لاءِ ٻيئي هٿ دادن جي ٻانهن ۾ وجهي زور لائڻ شروع ڪيا. پر جيئن پوءِ تيئن دادن جو ڳچيءَ وارو هٿ وڏيڪ پيڙجندو ويو ۽ هن ماٺهوءَ جون بچاءُ جون ڪوششون هري هري ٿي ڍريون ٿينديون ويون. جڏهن دادن سندس جسم پنهنجي هٿن ۾ لڙڪندو محسوس ڪيو، تڏهن ان کي پنهنجي بستري تي ليٽائي ڇڏيائين. بستري هيٺان رسو ڪڍي، کيس چوکنبو ٻڌي، سندس وات تي ڪپڙو ٻڌي هن کي هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ ڇڏي ڏنائين ۽ پاڻ هنڌ ٺاهي بالم تي سمهي رهيو.

پرهه جو سوير ئي هن جي اک کلي. هن پنهنجي ڪوٺڙيءَ تي نظر وجهندي، پنهنجي قيديءَ کي ڏٺو. قيدي جاڳي رهيو هو ۽ حيرت ۽ ڊپ مان هن طرف ڏسڻ لڳو. هن کي جڻ اها پڪ هئي، تہ اُتڻ شرط دادن کيس هميشہ لاءِ پورو ڪري ڇڏيندو. دادن اوباسيون ڏيندي اُٿيو خنجر کڻي پنهنجي قيديءَ ڏانهن وڌيو. قيديءَ جي بدن ۾ ٿڙڪڻي اچي ويئي، ۽ بند ٿيل وات مان گهگهي آواز سان هن کي خدا ۽ رسول جا واسطا وجهڻ لڳو. دادن مرڪندو، هن جي ويجهو پهتو ۽ نوڙي ڪپيندي، کيس آزاد ڪندي چيائين: ”مون اجا ڪنهن مغل جي جان وٺڻ تي ڪونہ سوچيو آهي. ان ڪري توکي جيئدان ٿو ڏيان. هيبت خان کي منهنجا سلام ڏج، پر وري جي مون توکي ڪڏهن پنهنجي سامهون ڏٺو تہ ڪونہ بخشيندو سانءِ! هاڻ تر هتان، متان منهنجو ارادو نہ بدلجي وڃي!“

قيدي حيرت مان هن کي گهوريندو رهيو ۽ ڪا گهڙي پنهنجيءَ جاءِ تان چريو بہ ڪونہ. دادن کلي چيو: ”توکي پنهنجي بچڻ جي اجا پڪ ڪانهي. پر ميان، تر منهنجي منهن تان، ڇا ياد ڪندين تہ ڪنهن سنڌي سوڍي سان ڪم پيو هوا!“

قيدي اچرج مان هن ڏانهن ڏسندو پوئتي هٽندو لوهہ پائي دروازي مان نڪري ويو.

سج چڙهيو تہ دادن بہ تيار ٿي، سراءِ جي مالڪ کان گهوڙو هٿ ڪري، زيبا جي محلات ڏانهن روانو ٿيو. محل جي دروازي تي هڪ پهريدار اچي سندس گهوڙي جي واڳ جهلي. گهوڙي تان لهي، هو ٻئي پهريدار سان گڏ اندر داخل ٿيو. ڪجهہ پنڌ اڳيان هلڻ کان پوءِ، پهريدار

ادب سان ڪيس اڳتي هلڻ جو اشارو ڪري، پاڻ اتي ئي بيهي رهيو. واٽ ويندي ٻنهي طرفن کان تازو ڪٽريل گلن جي خوشبوءِ تي سوچيندي، هو محل جي ڏيڍيءَ تائين پهتو. هڪ ٻانهي اُتي اڳي ئي موجود هئي، تنهن تقريباً سجدو ڪندي چيو: ”خانم، اوهان جي منتظر آهي!“

ٻانهيءَ سان گڏجي هو محل اندر داخل ٿيو. محل جي رنگ روپ هن جي اکين کي کيرو ڪري ڇڏيو. ٿوري ٿوري پنڌ تي، اڇي، ڳاڙهي ۽ قرمزي پٿر جا تخت، دِڪا ۽ چبوترا ٺهيل هئا. جن جي مٿان بيحد سهڻا بُت ۽ مجسما ٺهيل هئا. هر بت ڪونہ ڪو ساز وڄائي، گيت سنگيت جي دنيا ۾ مگن هو. انهن بتن کي ڏسندو، فن ۽ هنر جي هن سندر ميلاپ تي واهہ واهہ ڪندو، اندر داخل ٿيو. اندرئين حصي کي ڏسي، هن کي مغلن جي دولت جي افسانن تي يقين اچي ويو. جنهن ڪمري ۾ هن پير رکيو ان جي چائنٽ کان ئي هڪ ٿلهو قالين پٿريل هو جنهن تي هلڻ سان هن جي جتي اندر هلي ٿي ويئي. ڇت ۾ ٽنگيل فانوسن ۾ ڳاڙها، ساوا، پيلا، بلوري مٽيا موتي لڙڪي جهر مر جهرمر لايو بيٺا هئا. ڪمري جي پوري وچ تي هڪ گول ميز رکيل هئي، جنهن تي طرح طرح جا ميوا سجايل هئا. ناريلن کان وٺي انگورن تائين، ميون جي مختلف رنگن ڇڻ فانوسن جي مٽين کي بہ شهہ ڏيئي ڇڏي هئي. اها ميز ئي ايڏي وڏي هئي، جو ويهہ پنجويهہ ماڻهو بيهي کائي ٿي سگهيا. ان ميز جي پٺيان هڪ اوچي دڪي تي هڪ نهايت سهڻو غاليچو وڇايل هو ۽ چئني طرف ريشمي جهالرن سان طول وهاڻا رکيل هئا. سامهون ديوار تي شينهن جي سِسي ڪُتل هئي ۽ ان جي ٻنهي پاسن کان سونن روپن ڳنن سان تراريون، ڪاترون، خنجر ۽ ڪِرپان ٽنگيل هئا. دادن انهن کي ڏسڻ ۾ محو هو تہ ٻانهيءَ کيس ويهڻ جو اشارو ڪندي چيو: ”اوهين ويهو تہ آءٌ خانم کي ڄاڻ ڪري ٿي اچان.“ ائين چئي هوءَ ان ڪمري مان ڪُلندڙ هڪ ننڍي دروازي مان اندر هلي ويئي.

دادن هڪ ڪنڊ کان ان دڪي تي ويهي رهيو. دڪو ڪنهن پٿر يا ڪاٺ بدران شايد سچو ئي مخمل مان ٺهيل ٿي ڏٺو. مغلن جي هن شان، آرام ۽ عيش جي دنيا ۾ هو اهڙو گم ٿي ويو، جو هن کي زيبا جي اچڻ جي بہ خبر نہ پيئي. زيبا هن کي ائين خيالن ۾ گم، ڪا گهڙي

ڏسندي رهي. هن پرديسي مسافر جي ڪاڏي متي ڪٽي، سندس اکين ۾ نهاريندي، منجهن پنهنجي لاءِ ڪا جاءِ ڳولڻ لاءِ هن جي دل ماندي ٿيڻ لڳي. ڪيترو نه معصوم هو هي انسان! هن سوچيو. مغلن جي دنيا ۾ هن جو وجود ائين هو جڻ هزار گناهن جي هجوم ۾ هڪ پاڪيزگي، هزار پاپن ۾ هڪ پيچ! هن جي دل چاهيو ته هوءَ هن کي ائين خيالن ۾ محو پنهنجي ئي من ۾ جهاتيون پائيندو ڏسندي رهي، ائين هن کي پنهنجي سامهون پنهنجي ڏکي دنيا کي بدلائڻ جا آستا ناهيندي ڏسندي رهي، ائين ئي ڏينهن گذري وڃن. ائين ئي جُڳن جا جُڳ لنگهي وڃن! هوءَ اِن آس کي گهڻو وقت لڪائي نه سگهي ۽ هن کان هڪ ٿڌو ساهه نڪري ويو. دادن جڻ ننڊ مان جاڳي پيو ۽ هن ڏانهن ڏسي فقط ايترو چئي سگهيو: اوهه...... تون!"

اڄ زيبا جي اکين ۾ ڪالهوڪو ڊپ ۽ پڻ نه هو. ان جي بدران هڪ اهڙي ڪيفيت هئي، جا اُجايل جي اکين ۾ پاڻي ڏسڻ سان پيدا ٿيندي آهي، ڪٽي پاڻيءَ بدران رج ئي چو نه هجي، جنهن ۾ اُڄ جي احساس سان گڏ اُڄ اجهائڻ جي آس به شامل هوندي آهي. انهن ننڊاکڙين اکڙين جي اها ڪيفيت ڏسي زيبا جي اکين ۾ هڪ نئون رنگ اچي ويو ۽ ان رنگ هن جي پنبڻين جي ڇانوَ ۾ سندس ڳلن تي ڪئين نوان سج اُڀاري ڇڏيا ۽ هوءَ ٻيو ڪجهه نه ڏسي، پنهنجي هڪڙي آڱر وات ۾ وجهي، مرڪ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي.

"اڙي اوهين اُٿي ڇو ويٺا آهيو؟" زيبا مرڪ تي ضابطو نه رکي سگهي. دادن وري ويهي رهيو. زيبا کي وري ڪا ڳالهه ياد اچي ويئي ۽ هن پڇيو: "رات ته خير سان گذري، نه؟" دادن جي چپن تي به مرڪ ڪيڏڻ لڳي ۽ هن چيو: "هيبت خان پنهنجي هڪ پنداري ٽڳ کي موڪليو هو پر ٽڳ به ڪو وڏو اوجاڳيل هو. منهنجي ڪوٺڙيءَ جي ڪنڊ ۾ سڄي رات سمهي ننڊون ڪري، صبح جو ڪورنش ڪري روانو ٿي ويو!"

"اوهان کي ڪل سُجهي آهي: مون کي اون کان حرام جو سڄي رات ننڊ آئي هجي." زيبا جي اکين ۾ اون اوتجي آئي."

"آءٌ اوهان جي اون جا ٿورا ڪيئن لاهي سگهندس؟" هن مرڪي چيو.
ڪجهه گهڙين کان پوءِ وري چيائين: "ڀلا منهنجي لاءِ ڇا حڪم آهي؟"

زيبا جي اکين ۾ شڪايت پرجي آئي، جڻ چوندي هجي: ”پرديسي، مون سمجهيو تہ تنهنجن خيالن تي آءٌ قبضو ڪري چڪي آهيان. پر تنهنجي من ۾ تہ اجا تائين تنهنجو ديس پيو وسي!“ پر ڏاڍيان چيائين: ”مون حضور جن سان ڳالهہ چوري هئي. هنن اوهان کي ظل الاهيءَ جي حضور ۾ پيش ڪرڻ جو وعدو ڪيو آهي. هن وقت بہ شاهي قلعي ۾ اوهان جي انتظار ۾ آهن.“

”سچ؟.... او، آءٌ اوهان جا احسان ڪيئن لاهي سگهندس!“ دادن کي ان ڳالهہ جو يقين ئي نٿي آيو. هن جي ذهن تي سنڌ. سنڌ جي سڀاجهي ڌرتي ۽ سندس سڀاجهڙن ديس واسين تي تُرخانن جا اڪيچار ظلم تري آيا. زيبا هن جي اکين ۾ وري دک جي پاڇولن کي ڏسي منجهي پيئي ۽ هن رڳو اُن مونجهہ لاهڻ لاءِ چيو: ”اوهين دکي نہ ٿيو. اوهان کي دکي ڏسي، مون کي الائي ڇا ٿو ٿئي!“ چوڻ کي تہ هوءَ چئي ويئي، پر سندس منهن حياءَ ۽ حجاب کان ڳاڙهو ٿي ويو. دادن پنهنجي دک جي هن نئين پائيوار کي ڏسندي، سوچڻ لڳو تہ هن اجا تہ رڳو منهنجي دک جون ريکائون ڏٺيون آهن. جيڪي ڪجهہ منهنجي دل دماغ تي ۽ ٻين سنڌين جي من تي وهي واپري رهيو آهي، ان کي ڏسي تہ هن جو الائي ڪهڙو حال ٿئي ها. هن اُتندي چيو: ”آءٌ سندس خدمت ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ تيار آهيان!“

”ترسو تہ سهين. نيرن....“ زيبا ڪجهہ چوڻ گهريو. پر دادن هڪدم کيس روڪيندي چيو: ”اوهين ناراض نہ ٿجو پر جيسين.....“ هن ڳالهہ روڪي وڌي. هن زيبا کي ڏکوئڻ نٿي چاهيو. هن جو قسم کنيل هو تہ جيسين سنڌ آزاد نہ ٿيندي، تيسين ڪنهن بہ ڌارئين جي ماني نہ کائيندو. زيبا بہ سمجهي ويئي ۽ هن کي پشيمانيءَ کان بچائڻ لاءِ چيائين: ”حضور جا بہ سپاهي اوهان کي شاهي قلعي وٺي هلندا.... پر مون سان هڪڙو وعدو ڪري وڃو....“ هوءَ وري ماٺ ٿي ويئي. موزون لفظن جي تلاش بہ ڪڏهن ڪڏهن نهايت درد انگيز ٿي پوندي آهي. ان تلاش هن جي اکين ۾ هڪ تانگهہ، هڪ پياس پيدا ڪري وڌي.

”جيڪو حڪم.....!“

”نہ نہ، حڪم ڪونهي...... هڪڙي منٿ آهي، جي ميڃو. اوهان

جو ڪم ٿئي تہ هتان پيرو ڪري وڃجو!“ هن اهو جملو اهڙو تکڙو چيو جو هن جي ساهہ جي مونجهہ دادن جي دل کي ڇهي ويئي. دادن چاهيو تہ هو ڪيس پنهنجي ٻانهن ۾ جهلي ڪيس يقين ڏياري تہ هن جي پنهنجي دل بہ ڪيس تنهنجي ڏسڻ کان سواءِ رهي نہ سگهندي، پر زيبا هن کي ڪجهہ چوڻ جو موقعو ئي نہ ڏنو. پنهنجيءَ دل جي واچوڙن کي لڪائڻ لاءِ هوءَ تکڙي اندر هلي ويئي ۽ دادن اچرج مان دروازي جي لڏندڙ پڙدي کي ڏسندو رهجي ويو.

هن کي چڻ زيبا جي وڃڻ جو اعتبار ئي نہ پئي آيو. ايتري ۾ ساڳي ٻانهي اندر لنگهي آئي ۽ چيائين: ”سپاهي اوهان جي انتظار ۾ آهن.“

ٻانهيءَ سان گڏجي هو ٻاهر هليو آيو. ٻہ سپاهي گهوڙن تي سوار هن جي انتظار ۾ بيٺا هئا. هن جو گهوڙو بہ سپاهين سان هو. هو وڏي گهوڙي تائين آيو ۽ گهوڙي تي چڙهي سپاهين سان گڏجي روانو ٿيو. ڇڳيءَ دير کان پوءِ دادن محسوس ڪيو تہ هو شهر جي حدن تي اچي پهتا هئا. هو ڪجهہ سوچ ۾ پئجي ويو ۽ هن جي ڇهين حس هن کي چتاءُ ڏيڻ لڳي هئي. زيبا تہ چيو هو تہ خان دوران هن جو انتظار شاهي قلعي ۾ ڪري رهيو هو. هن وقت هو شهر کان ٻاهر ڇا ڪري رهيو هوندو. آخر هن کان رهيو نہ ٿيو ۽ هن سپاهيءَ کان پڇيو: ”اجا ڪيترو پري هلڻو آهي؟“

سپاهيءَ جي چپن تي مُرڪ اچي ويئي، ۽ کلندي چيائين: ”بس چاڻ پهتاسون“.

دادن جو شڪ پختو ٿيندو ويو ۽ اوچتو گهوڙي جو لغام ڇڪي هو بيهي رهيو. هن کي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ پئي آئي: زيبا هن سان دوکو ڇو ڪيو هوندو؟ هن ۾ سندس کهڙي رمز ٿي سگهي ٿي، اڃا هو انهن ئي خيالن ۾ هو تہ هن جي آسپاس کان سپاهي نمودار ٿيڻ لڳا. وڻن جي جهڳٽن مان، ڪاهين مان. گهڙيءَ ۾ سڄو سپاهين ۾ گهيرجي ويو. هن جا راهبر سپاهي بہ گهوڙا جهلي بيهي رهيا. سپاهين جو گهيرو هن تي سوڙهو ٿيندو ويو. هن آسپاس جو جائزو وٺندي پنهنجي گهوڙي کي زور سان اڙي هڻئين ۽ هڪ پاسي ڀڳو. ڪيس ان پاسي ڀڄندو ڏسي ڳچل سپاهي هن جي پٺيان ڀڳا. سامهون بہ ٽي مغل هن جي رستي روڪڻ لاءِ

پالا ڪيڏي اڳتي وڌيا. جڏهن هو هن جي ويجها پهتا، تڏهن ڦرتيءَ سان هڪڙو پير رڪيب مان ڪڍي، هو گهوڙي جي ٻئي پاسي جهڪي ويو. تقريباً گهوڙي جي هڪ پاسي رڪيب ۾ لٽڪندي، هو تير وانگر هنن جي وچان نڪري ويو. جيئن ئي هنن جي پالن جي زد کان فاصلي تي پهتو، وري ٽپ ڏيئي گهوڙي تي سڌو ٿي ويهي رهيو ۽ رڪيب گهوڙي جي ڪکين ۾ هٽندو سڌو ئي سڌو هلندو رهيو. پويان سپاهين جو سمورو ٽولو به هوا سان ڳالهيون ڪندو هن جي پٺيان لڳو آيو. هن کي بچڻ جي ڪا راهه نظر نه آئي. ٽيهارو کن سپاهي وري هن جي پٺيان گهيرو تنگ ڪرڻ لڳا هئا. هن جي ذهن ۾ موت جي خيال بدران پنهنجي پاڻ تي ڪاوڙ غلبو ڪندي ٿي ويئي: هڪ حسين عورت جي فريب ۾ اچي هو پنهنجو آدرش وساري ويٺو هو ۽ پويان سنڌ ۾ هن وقت الائي ڇا ٿي رهيو هوندو. سپاهي جيئن پوءِ تيئن ڪيس ويجها پوندا ويا. هن وري رڪيب گهوڙي جي پيٽ ۾ هڻي ڪڍيا ۽ گهوڙو باهه جي جهيءَ وانگر پڙڪو ڪائي وري اڳيان نڪري ويو. هن کي ڪا تجويز سمجهه ۾ نه پئي آئي: جيڪڏهن مقابلو ڪيائين ته سپاهي ڪيس ڳيا ڳيا ڪري ڇڏيندا، جيڪڏهن پيش ڪٽي پئي، تڏهن به شايد سپاهين کي اهو ئي حڪم هو ته هو جيئرو نه رهي. پنهنجي سامهون هن کي ڪي گهر نظر اچڻ لڳا. گهرن اڳيان کليل ميدان ۾ به چار ماڻهو ڪا لانڊي اڏڻ لاءِ بانس جا ڏگها لڙها کوڙي رهيا هئا. گهوڙن جا آواز ٻڌي اهي ماڻهو به ڪم ڇڏي اُتي بيهي رهيا. دادن جي نظر پٽ تي پيل تڏن تونئرين ۽ بانس جي لڙهن تي پئي. انهن جي اڳيان به لڙها زمين ۾ کتل هئا. دادن ويجهو پهچي هڪڙي لڙهي ۾ هٿ کپائي سٽ ڏني. ڪچي تازي مٽي مان لڙهو ڇڻ ڪنهن وڻ وانگر پاڙون پٽجي آيو. دادن گهوڙي جي رفتار گهٽائي، کيس لانڊيءَ کان ڦيرائي سپاهين ڏانهن رخ رکيو. لڙهي کي پنهنجيءَ چيلهه ۽ ڪرائي جي ڪُپ ۾ جهليندي هن پهريون وار ڪيو. لڙهو ڪافي ڳرو، ڏگهو ۽ مضبوط هو. پهرئين ئي وار سان هڪڙو مغل ابتو ٿي گهوڙي تان ڪريو ۽ پويان ايندڙ گهوڙن جي سنبن ۾ چچرجي ويو. گهوڙا ان اوچتيءَ آفت تي ٿهڻ لڳا. هن جي وار ڪرڻ تي پوئتي هٽندڙ گهوڙو اڳيان وڌندڙ گهوڙن سان ٿي ٽڪريو ته گهوڙا اڳيان

نرا ڪٽي پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ۾ پنهنجي سوارن کي ڪيرائڻ لڳا. سپاهين ۾ ڏمچر مچي ويو. دادن قري گهري، ايتري تيزيءَ سان ۽ ايترو پري کان وار ڪري رهيو هو جو جن سپاهين وٽ ڀالا هئا، اهي به ڪيس پهچي نه پئي سگهيا. پنجن- ائن وارن کان پوءِ دادن ڏٺو ته سپاهين جو تعداد ايترو گهٽ هوه جو هو وري ڪيس چوڌاري ورائيندا ٿي ويا. هن ڇا ڪيو جو لڙهو مضبوط جهلي، گولائيءَ ۾ ڦرڻ لڳو. سپاهي جڻ هن نئين هٿيار جي ڀؤ کان وسامجي ويا. لڙهي جو ڏڪ جيتوڻيڪ ايترو موتمار ڪونه هو، تڏهن به هر سپاهي ان کان بچڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. ڇاڪاڻ ته ان جي چپيٽ ۾ اچڻ ڪري، گهوڙن جي سنبن ۾ چچر جي مرڻ جو خطرو هو.

گهوڙن جي هڻڪارن، سپاهين جي رڙين ۽ هل هنگامي تي ڪيترا ماڻهو پهچندا ٿي آيا ۽ هو هن اڪيلي مڙس کي ايترن سارن مغلن سان منهن ڏيندو ڏسي دل ۾ واهه واهه ڪندا رهيا. پر وري به سپاهين جي گهڻائيءَ ۽ گهوڙي جي چڪر کائي ڪري پوڻ جي ڊپ دادن کي سوچڻ تي مجبور ڪري وڌو. هن جي ٻانهن به ڏکي لڙهي جي چڪ ۽ دٻاءَ کان ساٽي ٿيندي ٿي وئي. جڏهن هن گهيري کي وري سوڙهو ٿيندي ڏٺو، تڏهن هن وري گهوڙي کي اڙي هٽي گهرن ڏانهن موڙيو. هن جي لڙهي جي ڊپ کان اڳيان سپاهي پاٽيهي هٽي ويا ۽ تکو تکو گهوڙي کي اڙيون هڻندو گهرن ڏانهن رخ ڪيائين. سپاهي به سندس ڪڍ لڳا آيا. جڏهن هو پهرئين گهر جي ويجهو پهتو، تڏهن لڙهو سڌو ڪري، زمين ۾ کپائڻ وانگيان هيٺ زور ڏيندي، هن لغام مان هٿ ڪڍي ڇڏيو ۽ رڪابن مان پير ڪڍي ڇڏيا. لڙهي جو هڪڙو ڇيڙو جڻ زمين ۾ انگاس وانگر اُپو کپي ويو ۽ اُن جي ٺي ڇيڙي تي ٻنهي هٿن جي زور سان دادن چنبڙيل هو. گهوڙو هن جي ٽنگن وچان نڪري ويو. سپاهي اچرج ۽ حيرانيءَ ۾ هن بازوليءَ ۽ بازيگريءَ کي ڏسندي رهجي ويا. اک ڇنڀ ۾ دادن لڙهي جي ڇيڙي تان هڪ گهر جي ڪُڏ تي ٽپو ڏنو. لڙهو ايندڙ سپاهين جي وچ ۾ ڪِري پيو ۽ دادن هڪ ڪُڏ ٽپي، ڇتيون ٽپندو سپاهين جي اکين اڳيان اوجهل ٿي ويو.

هڪڙي ڪُڏ تي ساهه پٽيندي، هن پنهنجي چوڌاري نهاريو.

سپاهين ۾ ماڻهن جو هل هنگامو تيئن جهڪو ٿيندو ويو. ڪُڏن جي سڏيءَ قطار تي هلندو، هو آخري ڪُڏ تي پهچي بيهي رهيو. ساڄي پاسي گهٽيءَ ۾ هن کي هڪڙي مسجد جا منارا نظر آيا. هو انهيءَ گهٽيءَ ۾ لهي، مسجد ڏانهن وڌي آيو. مسجد ۾ پهچي وضوءَ واري حوض مان پاڻي پي، هٿ منهن ڌوئي، مسجد جي صفحي ۾ هڪ ٽُڪ تي ويهي رهيو. هو ايترو ٿڪجي پيو هو، جو هن جو سنڌ سنڌ چڙهي پيو هو- خاص ڪري هن جي ٻانهن ڪيري ڪيري تي ويئي هئي. اڳين نماز پڙهي، هو وري مسجد کان ٻاهر نڪتو ۽ پڇا ڪندو هو هڪڙي مسافرخاني ۾ پهتو. ماني گهرائي کائي، هن سراءِ جي مالڪ سان گهوڙي هٿ ڪرڻ لاءِ ڳالهه ٻولهه شروع ڪئي. ڳالهين مان ڪيس اها به خبر پيئي ته سپاهي اجا واپس ڪونه ويا هئا ۽ ڳوٺ جي عامل وٽ وڃي لٿا هئا. هو سراءِ جي مالڪ کي گهوڙي لاءِ ڏوڪڙ ڏيئي، وري مسجد ۾ موٽي آيو. ڏينهن جو واپس وڃڻ خطري کان خالي نه هو، ان ڪري هو رات جو انتظار ڪندو رهيو.

سانجهي نماز پڙهي هو وري شهر روانو ٿي ويو ۽ شهر ۾ ان وقت داخل ٿيو جڏهن مسجدن مان سمهڻيءَ نماز جون ٻانگون اچي رهيون هيون. نئين نئين رات ۾ گهوڙي جي لوليءَ جهڙي چال هن جي ٿڪ کي وري چوري وڌو ۽ ننڊ هن جي اکين ۾ خيما کوڙڻ لڳي هئي. دادن سراءِ ڏانهن وڃڻ بدران زيبا جي محل ڏانهن رخ رکيو. محل جي دروازي تي پهريدار هن کي زنده سلامت ڏسي، هن کي حيرت مان تڪڻ لڳا. هڪڙي پهريدار وڌي اچي سندس گهوڙي جي واڳ جهلي ۽ چيائين: ”خدا جو شڪر آهي، جو اوهين زنده سلامت آهيو!“

”ڇو؟ ڇا ٿيو؟“ دادن وڏيڪ حالتن ڄاڻڻ لاءِ اڻڄاڻ ٿي پڇيو.

”حضور خان دوران جن شهر جي چئني طرفن اوهان جي ڳولا ۾ ماڻهو موڪليا آهن. ڪين جڏهن کان سازش جي خبر پيئي آهي، سندن سامهون جيڪو ٿو وڃي، اهو پنهنجو سر جو خير گهرندو ٿو واپس وري!“ پهريدار پاڻ به ڪافي ڊنل ٿي ڏنو.

”اوه...... پر ڪين ڪنهن ٻڌايو؟“ هن اڳ وننڌي چيو.

”ٻه سپاهي، جيڪي اوهان کي وٺڻ لاءِ موڪليا هئائون، تن کي هيبت خان جي ماڻهن سخت ڦٿي وڌو هو پر مئا ڪونه. هو هنن کي مئل

سمجهي هڪڙي ڪاهيءَ ۾ اُڇلائي ويا ۽ پنهنجا ٻيا ماڻهو الڳ ٻيهاري ڇڏيائون، جيڪي اوهان ڪي وٺي ويا. ڪنهن ماڻهوءَ انهن زخمي سپاهين کي ڏسي ورتو: ڪين اتان ڪڍائي حضور جن اڳيان پيش ڪيائون. هنن سربستي ڳالهه ڪري ٻڌائي. وڌيڪ اوهان کي خود خبر آهي...!“

”هون........!“ دادن اُها ’هون‘ اهڙيءَ طرح ڪئي، ڄڻ ڪيس ڪا ڳالهه ياد اچي ويئي. هن کي زيبا تي شڪ ڪرڻ لاءِ پنهنجي پاڻ تي ڪاوڙ ۽ شرمساري ٿيڻ لڳي، ۽ اهو سوچي هو هيڪاري ششدر ٿيڻ لڳو ته زيبا جو پريشانيءَ کان ڪهڙو حال هوندو.

سپاهين سان گڏجي هو ڏيڍيءَ تائين آيو. چاڻ ڪرڻ تي جڏهن ٻانهي در تي آئي ۽ دادن کي ڏٺائين، تڏهن ڪانئس حيرت ۽ خوشيءَ کان ڪِڪ نڪري ويئي ۽ هوءَ ڪيس وٺي اندر آئي. ساڳئي ڪمري ۾ ڪيس ويهاري هوءَ اندر هلي ويئي. هن ڪمري ۾ پهچندي ئي هن جي جسم جو سمورو ٿڪ نچوڙجي سندس اکين ۾ پرجي آيو. سندن جسم نرم ريشمي مخمل ۽ طول وهاڻن جي گداز کي ڳوليندو ڍرڪندو ويو ۽ گهڙيءَ کان پوءِ هو گهري ننڊ پئجي ويو.

زيبا جڏهن ڪمري ۾ پهتي، تڏهن ائين ٿي پانيو ڄڻ هوءَ پنهنجن ڪپڙن مان بيزار هئي، يا ڪپڙا منجهانئس بيزار هئا. جنهن اُڇل ۽ بيساختگيءَ سان هوءَ دادن ڏانهن وڌي، ان مان ائين ٿي پانيو ڄڻ ورهين جي وڇوڙي کان پوءِ هن پنهنجو ڪانڌ ڳولي لڌو هو. هن تقريباً ٻيئي ٻانهون مٿي ڪڍنديءَ هن جي آجيان لاءِ قدم اڳتي وڌايو...... پر پوءِ جڏهن هن پنهنجي مسافر کي گهريءَ ننڊ پيل ڏٺو، تڏهن هن جون ٻانهون وري هيٺ موٽي آيون. هن جي منهن تي مُرڪ سان گڏ، هن اجنبيءَ لاءِ اَٿاهه پيار ۽ همدرديءَ جو رنگ اچي ويو. ڪيڏو نه ٿڪل هو هن جو مسافر! هن جي دل چاهيو ته هن جي ڪنڌ هيٺان وهاڻو ڪيڏي، ڪيس پنهنجي گوڏي تي سمهاري، پنهنجن پنبڻين جي ڇانوَ ۾ ان وقت تائين ڪيس ڏسندي رهي، جيسين هوءَ به هن جي ننڊ جو حصو نه بنجي وڃي. پر هوءَ ائين نه ڪري سگهي. هوءَ محض هن کي گهوريندي، ڏسندي رهي. ڪيترو نه سڪون هو هن جي منهن تي. زيبا کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ هو ننڊ ئي ننڊ ۾ مُرڪي رهيو هو. هن جي دل ۾ اها آس ڪر موڙي اُٿي ته شل اها مرڪ هن جي لاءِ هجي! ان مرڪ کي

دادن جي عجيب حالت هئي. هو اهو سوچڻ لڳو ته اهي لفظ درحقيقت هن ٻڌا هئا، يا زيبا جي اکين جي ڪيفيت ۽ سندس خاموشي لفظ بنجي هن جي دل ۾ ٻُرڻ لڳا هئا، ۽ گهڙيءَ کان پوءِ هن زيبا کي پنهنجي ياڪر ۾ سڏڪا ڀريندو ڏٺو. هن جي ڀهراڻ جو آڳ، هن جي لڙڪن سان پسندو رهيو ۽ هن جي ڇپن جي سدا بهار سڳنڌ، هن جي ڇپن تان ٽپي، هن جي روح ۾ سمائجندي ويئي. ان سڳنڌ کي دائميت بخشڻ لاءِ هن هڪ ڊگهو ساهه کنيو ۽ زيبا جو روئندڙ ساهه هن جي ساهه سان ملي هڪ نئون ساهه بنجي ويو. هو الائي ڪيتري دير، دنيا کان بي خبر، ائين بت بڻيا هڪٻئي جي وجود ۾ گم ٿيندا ويا. اوچتو هنن پنهنجي پويان ڪنهن جي کنگهڪار ٻڌي. هنن جا گم ٿيل، تحليل ٿيندڙ وجود، وري جيئرا جاڳندا جسم بنجي ويا، جن کي ڪنهن اوپري ساهه ڇرڪائي وڌو. دادن پنهنجي سامهون ويڪري پيشانيءَ ۽ سنهين مڇن سان هڪ قداور مغل کي بيٺل ڏٺو جنهن جي منهن ۾ ايڏي حشمت هئي، جا ماڻهن ۾ گهٽ نظر ايندي آهي. هن جي منهن تي اهڙي ڪيفيت هئي، جنهن مان اهو اندازو لڳائڻ مشڪل هو ته ان ڪيفيت ۾ پيار هو ڪاوڙ هئي يا رڳو ٽوڪ هئي. هن کي ڏسي، دادن زيبا کان ٿورو پرڀرو هٽي بيهي رهيو.

”پرديسي، مون تنهنجي دليريءَ جون ڳالهيون ٻڌيون آهن، پر اڄ ته پنهنجي اکين سان ڏسي به ورتم!“

دادن فيصلو نه ڪري سگهيو ته اهي لفظ هن سچيءَ دل سان ٿي چيا يا ٽوڪ طور چيا هئائين. هو ڪوبه جواب ڏيئي نه سگهيو. زيبا به هيسجي ڪنڌ هيٺ ڪري بيهي رهي، هوءَ بار بار اندر ويندڙ دروازي ڏانهن نهارڻ لڳي، جڻ موقعي ملڻ تي لُوهه پائي اوڏانهن ڀڄي وڃڻ جي انتظار ۾ هئي.

”تو کي خبر آهي ته هڪ مغل شهزاديءَ سان ائين کُلي طرح سان پريت ونڊڻ جي ڪهڙي سزا آهي؟“

دادن وري به فيصلو ڪري نه سگهيو ته ان جملي ۾ دڙڪو هو يا پنهنجائپ جو اظهار. پر هن پيري هن چئي ڏنو: ”آءٌ هر سزا لاءِ تيار آهيان، حضور!“

”هر سزا لاءِ!“ مغل ٿورو سختيءَ سان چيو.

”جي ها.... هر سزا لاءِ!“ دادن جي لفظن ۾ سچائي نہ هوندي بہ خود سپردگي ضرور هئي. هن خان دوران مجاهد خان جي لفظن جي سختيءَ کي محسوس ڪندي چيو.

”تہ پوءِ ان سزا لاءِ تيار ٿيءُ!“ مغل سردار جي لفظن ۾ دڙڪو تہ ضرور هو پر ڪاوڙ نہ هئي.

”بندو حڪم جي انتظار ۾ آهي!“ دادن بہ هاڻ بيپرواهيءَ مان چيو.

”تنهنجي سزا اها آهي تہ زيبا سان تنهنجو نڪاح هڪدم ٿيڻ گهرجي!“

زيبا اهي لفظ ٻڌي حياءَ کان سڄي ڳاڙهي ٿي ويئي ۽ لُوهہ پائي دروازي ڏانهن ڀڳي، ۽ اندر هلي ويئي. دادن اهي لفظ ٻڌي وائڙو ٿي ويو. هن جي اندر ۾ عجيب جنگ ڇڙي پيئي ۽ هن هٻڪندي چيو: ”مگر.....“

مجاهد خان اڳيان وڌي آيو ۽ سندس ڪلهي تي هٿ رکندي چيائين، ”سنڌي جوان، آءٌ تنهنجي بهادريءَ ۽ دليريءَ کان ايترو متاثر ٿيو آهيان، جو آءٌ پنهنجي نياڻي توکي نڪاح ۾ ڏيئي پنهنجي خوش بختي ٿو سمجهان.“

دادن جي ذهن ۾ جنگ جو گهمسان وڌي ويو. هن جي اڳيان اهڙو بہ واٽو هو جتي پهچي هو ڪو فيصلو نٿي ڪري سگهيو. هن کي اهو خواب ياد اچي ويو جڏهن سنڌ هن جي جيجل ماءُ جو روپ وٺي، جهولي جهلي ڪانئس سندس حياتيءَ جي بيک گهري هئي. ٻئي طرف زيبا جو تصور هو ۽ زيبا سان گذاريل گهڙين هن کي آئيندي جو خوبصورت تصور آڇيو هو. اوچتو ئي اوچتو ذهن جي هڪ ڪنڊ مان، آخوند نور محمد جو چهرو باهہ جي مچ وانگر پڙڪي آيو ۽ سندس ڪنن ۾ سندس آواز ٻرڻ لڳو: ”تو قسم کنيو آهي دادن، تہ جيسين سنڌ آزاد نہ ٿي آهي، تيسين تون شادي نہ ڪندين!“ ۽ دادن جڻ لفظن جي جَرَ کان تڙپندي چيو: ”نہ سائين نہ اوهان جي وڏي مهرباني، پر اهو ناممڪن آهي!“

مجاهد خان جو منهن تامڻي هڻي ويو. هن جو هڪڙو پيرون مٿيرو ٿي، ڦڙڪڻ لڳو ۽ هن پاڻ تي جبر ڪندي چيو: ”ڇا مطلب؟“

”مون کي غلط نہ سمجهو حضور! زيبا منهنجي زندگيءَ جو

حصو بنجي چڪي آهي؛ ڪيس حاصل ڪرڻ ۾ آءٌ پنهنجا وڏا ڀاڳ سمجهندس، پر....."

"پر ڇا....؟"

"پر مون قسم کنيو آهي تہ جيسين منهنجو وطن آزاد نہ ٿيو آهي، تيسين آءٌ شادي نہ ڪندس......"

مجاهد خان جي منهن جو رنگ بدلجي ويو. هن جي نظرن ۾ دادن لاءِ ڀهريون ڀيرو پيار ۽ عزت گڏجي هڪ نئين ڪيفيت بنجي جهلڪڻ لڳي. هن وڏي سندس ڪلهن ۾ ٻانهن وجهندي چيو: "آفرين آهي توکي، نوجوان- صد آفرين! تنهنجي ان وطن دوستيءَ تي، تنهنجي ان جذبي تي.... پر جيڪڏهن ان وقت لاءِ ترسياسون تہ شايد زيبا کي سڄي عمر ڪنواري رهڻو پوندو....." مجاهد خان کي ان خيال تي ئي ڪِل اچي ويئي.

دادن ڀهرين تہ ڪو جواب نہ ڏنو پر گهڙيءَ ڪانپوءِ هن جي اکين ۾ هڪ نئين جوت، نئين چمڪ اچي ويئي، ۽ هن جون اکيون هيرن وانگر جرڪڻ لڳيون، ۽ هن جڻ پاڻ سان ڳالهائيندي چيو: "ائين نہ چئو حضور! سنڌين جي غيرت جاڳي پئي آهي، سنڌين جي رت ۾ سنڌو اُٿلي پيو آهي ۽ هاڻ اهو وقت پري نہ آهي، جڏهن سنڌ غلاميءَ جي نيڙن کي ڪک پن وانگر لوڙهي ڇڏيندي، جيڪڏهن مغل اسان جي مدد نہ ڪندا، تڏهن بہ......"

"پر بہ اسين..... يا ظل اِلاهي سنڌين جي مدد ڇو ڪن؟ ۽ هرويرو ترخانن جي سرحدن سان ڇيڙ ڇاڙ ڪرڻ بہ تہ عقلمندي نہ آهي. تنهن ڪان سواءِ ترخان خود بہ ظل الاهيءَ جي اطاعت ڪرڻ لاءِ تيار آهن."- مجاهد خان دادن کي ويهڻ جو اشارو ڪري پاڻ بہ ويهي رهيو.

"سنڌين جو ظل الاهيءَ تي خاص حق آهي. همايون جڏهن بي يارو مددگار سنڌ پهتو تڏهن سنڌين ئي کيس جيءَ ۾ جايون ڏنيون. ارغونن ۽ ترخانن تہ کيس گهڙيءَ لاءِ بہ سک سمهڻ نہ ڏنو. سندس رت جا پياسا ارغون ڏينهن رات هن جي خون جا منصوبا گهڙيندا رهيا. سنڌين کيس هر طرح جي مدد ڪئي، سندس مهمانيون جهليون، کيس پيڙيون ڏنائون. اَن ڏنائون، گاهہ ڏنائون- ۽ پنهنجون جانيون پيش ڪيون. ان ڪان پوءِ هڪ وڏو حق اڪبر تي سنڌ جي مٽيءَ جو آهي. اڪبر سنڌ ۾

پيدا ٿيو هڪ طرح سان سنڌ. اڪبر جو وطن آهي. بادشاهت ۽ سلطاني دوراندیشین جي ڪري جيڪڏهن هو سنڌ کي اهو مان نہ ڏئي تہ اها ٻي ڳالھہ آهي، پر جنهن واءَ سندس ڪنن ۾ پڙلاءُ وڌو سو سنڌ جو واءُ هو. جنهن دائيءَ کيس ڇٽايو سا سنڌ جي هڪ سباجهڙي جيجل هئي، جنهن مولويءَ سندس ڪن ۾ پهرين بانگ ڏني، سو بہ سنڌي هو. جنهن سر زمين شهنشاهہ هند کي ڏکئي وقت ۾ پناهہ ڏني، اڄهو ڏنو آسرو ڏنو جڏهن ارغون ۽ ترخان سندس خون سان هولي کيڏڻ لاءِ آتا هئا- ڇا ان سر زمين جو اڪبر تي ڪو حق نہ آهي؟“

مجاهد خان هڪ عجيب حيرت مان هن جا لفظ ٻڌندو رهيو. ۽ جڏهن هن دادن جي اکين ۾ ٻرندڙ جوت جي پويان، لڙڪن جو هڪ اٿاهہ سمنڊ لهرون هڻندو ڏٺو، تڏهن هن متڪبر مغل سردار جي دل بہ لڙهي ويئي. هن کيس ڪلهي تي هٿ سان زور ڏيندي چيو: ”ڪاش، تنهنجا اهي لفظ شهنشاهہ ٻڌي ها! مون کي پڪ آهي تہ هڪدم ترخانن خلاف لشڪر چاڙهي موڪلي ها. آءٌ اهو مقدمو انهن لفظن ۾ تہ پيش ڪونہ ڪري سگهندس، پر آءٌ توکي هڪ يقين ڏيارڻ گهران ٿو تہ شهنشاهہ مون کي اڳي ئي اهڙو فرمان عطا ڪيو آهي، ۽ اڄ کان هڪڙي مهيني اندر سنڌ ۾ ارغونن ۽ ترخانن بدران سنڌين جو پنهنجو راڄ هوندو. وقت نهايت موزون آهي، سنڌي باغين جي مدد سان سنڌ کي نجات ڏيارڻ ڏکيو نہ ٿيندو. جڏهن مون اهو ڪم سرانجام ڏنو، تڏهن آزاديءَ جي پرواني سان گڏ هڪ ٻي بہ سوغات توکي اُتي ئي پيش ڪندس. پر هڪ ڳالھہ ياد رک: جيڪڏهن منهنجي زيبا کي توکان ڪا شڪايت پيدا ٿي تہ..... منهنجو نالو بہ مجاهد خان آهي!“

دادن جي تتل دل تي ڄڻ چندبو پئجي ويو.... ۽ هو شڪر گذار نظرن سان مجاهد خان جي منهن ۾ نهاريندو رهيو. تصور ئي تصور ۾ آزاد سنڌ هن جي ذهن تي اُڀري آئي.... پر الائي ڇو اهو تصور ڪجهہ مڪمل نہ هو ڄڻ ڪا ڳالھہ ٽيٽي اڻ ٽيٽي رهجي ويئي، ڄڻ تصوير ۾ رنگ پرڻ جي باوجود، تصوير مڪمل نہ ٿي سگهي! شايد سنڌ جي غلاميءَ کي هاڻ ايترو وقت ٿي ويو هو جو اُن جي آزاديءَ جي تصوير ذهن تي اُڀرڻ کان ڪيٻائي رهي هجي! شايد ائين ئي هوندو- هن سوچيو. شڪ ۽ گُمان جي ان ترورڀ

کي هڪ ڪنڌ ۾ دٻائيندي، هو بہ مرڪڻ لڳو ۽ چيائين: ”زيبا تہ مون کي ساهہ کان پياري آهي، سائين شل اهو ڏينهن جلد اچي، آءٌ بہ اوهان وانگر هڪ آزاد مرد وانگر پنهنجي مردانگيءَ جو نعرو هڻي سگهان!“ الائي ڇو نہ چاهيندي بہ هن جي لفظن ۾ ٽوڪ پرجي آئي.

مجاهد خان کي اها ٽوڪ محسوس ٿي ڪانہ ٿي ۽ هن چيو: ”اهو وقت آيو رهيو. تون سنڌ وڃي پنهنجي باغين کي خوشخبري ڏي تہ مجاهد خان واچوڙي وانگر سنڌين جا بند خلاص ڪرڻ لاءِ اڏامندو ٿو اچي..... پر وري متان هيبت خان جي ورَ چڙهي وڃين. ٻڌو اٿم تہ هن تنهنجي لاءِ ٽڳن جا ٽولا ڇڙواڳ ڇڏي ڏنا آهن. منهنجا ماڻهو توکي اڳيرو ڇڏي ايندا. تون ڪڏهن اُسهندين؟“

”اڄ ئي. اوهان جي وڏي مهرباني، پر مون کي اوهان جي سپاهين جي ضرورت ڪانهي. هيبت خان جي ماڻهن سان آءٌ پاڻهي پڄندس!“ دادن هن کي يقين ڏياريو.

”چڱو خدا حافظ ٿيندءِ!“ ائين چئي مجاهد خان ٻاهر هليو ويو.

دادن بہ وڃڻ لاءِ دروازي ڏانهن وڌيو تہ زيبا وري اندران هلي آئي. هن جي اکين جي اُڃ جڻ سِراڻ تي چڙهي آئي هئي. هن ڪن لائي سڀ ڳالهيون ٻيهي ٻڌيون هيون ۽ هوءَ دادن جي منهن ۾ نهاري اکيون جهڪائي ٻيهي رهي. دادن کي بہ هي وڇوڙو ڪاٺڻ لڳو، جو ٻين سمورن وڇوڙن کان نرالو هو. هن جي دل چيو تہ هو چئي ڏئي: ”زيبا، منهنجي جان، وطن جي سڏ مون کي مجبور ڪري وڌو آهي، نہ تہ منهنجي دل کي هت ٻيڙيون پئجي ويون آهن!“ هن ڪجهہ چوڻ لاءِ چپ چورڻ گهريا تہ زيبا آڱر ڪڍي چپن تي رکيس.

”مون کي سڀ خبر آهي. ڏٺي ساڻي ٿيندو... پر مون کي وسارجانءِ نہ!“ ائين چئي تہ ويئي، پر پوءِ اچي سُڏڪن ۾ پيئي. دادن ڪٽي پاڪر وڌس، ۽ پوءِ ڪي مدتون، ڪي صديون هن کي آٿت ڏيندو، پرپائيندو، پرچائيندو رهيو. ۽ پوءِ جڏهن هن موڪلايو تڏهن زيبا جي لڙڪن ۾ مرڪ جهرمر لائي ڏني هئي.

**

[11]

ليليءَ سنگھار کان سنڌ وسارائي ڇڏي. ليليءَ جي ياڪر ۾ سنگھار کي پنهنجي وجود جي ئي سڌ نہ رهندي هئي. جڏهن سُرهئي ميربحر کيس ڪينجهر جي ڪپ تي تماچيءَ واري ماڙي کولي ڏني، تڏهن هو پنهنجي پراڻي يار سنگهارَ کي سڃاڻي نہ سگهيو. هن جي اکين ۾ جو ڪجهہ هو سو هن پنهنجي سنگتيءَ، جبل جي جهانگيءَ جي اکين ۾ ڪڏهن بہ ڏنو هو. هن ائين ڀانيو ڄڻ تہ سنگهار ڪا ڳالهہ ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هجي...... ۽ سنگهار سُرهئي جي اکين جي آڏيءَ پڇا کان تنگ اچي، ماڙيءَ کان ٻاهر اچڻ ئي ڇڏي ڏنو. هن کان هر ڳالهہ وسرندي ٿي ويئي، ياڳل، جنهن لاءِ هن جو روح آتو هوندو هو اها بہ هن جي من جي ڪنهن ڪنڊ ۾ پنڊ پهڻ بنجي ويئي هئي. هو جڏهن ليليءَ کي ڪٺي هتي پهتو هو، تڏهن هن کي فقط ايترو ياد هو تہ مرزا باقي هن جي هٺن مان نڪري ويو هو ۽ هو آخوند صالح ۽ نٿي جو بدلو وٺي نہ سگهيو هو. ان هار، اُن شڪست هن جي من کي سَرنهن جا داڻا ڪري ڇڏيو هو: ان هار، ان شڪست هن کي پاڻ- ڏڪارڻ جي ڪُن ۾ ٻوڙڻ شروع ڪيو جنهن کان پاڻ بچائڻ لاءِ هن ليليءَ جي جسم جي رنگينين ۾ هٿوراڙيون هڻڻ شروع ٿي ڪيون. ڪُن جيئن پوءِ تيئن اونهو ٿيندو ٿي ويو ۽ پوءِ اندلٺ جا ست ئي رنگ ڄڻ هن جي اکين کي کيرو ڪري، هن کي اٿاهہ اوندهہ ۾ گهليندا لوڙهيندا ٿي ويا.

ليلي بہ ڄڻ هن ۾ ڪجهہ ڳوليندي ٿي رهي: هن جي اکين ۾، هن جي ٻانهن ۾، هن جي منهن جي هيٺانهينءَ مٿانهينءَ ۾، هن جي ڇاتيءَ جي وارن ۾ــ الائي ڇو هن کان هڪ هلڪي اڻ لکي آهہ نڪري ويندي

هئي. ڪجهہ بہ نہ پائيندي بہ. هن ان ڳولا، ان تجسس کي ڇڏڻ نٿي گهريو. هوءَ وري وري هن جي اکين ۾ نهارڻ لڳندي هئي. من اهو سڀ ڪجهہ ڪيس ملي وڃي، جنهن جي هن کي ڳولا هئي. اهو سڀ ڪجهہ نہ ملندي بہ. هن اهو ڪجهہ وڃائڻ نٿي گهريو جيڪو هن کي حاصل هو. ان ڪري هوءَ گهڙيءَ لاءِ بہ سنگهار کي پاڻ کان جدا ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئي. الائي ڇو هن کي اهو خيال ستائيندو هو تہ جيڪڏهن سنگهار ماڙيءَ مان نڪتو تہ وري موٽي نہ ايندو. هوءَ هزار بهانا بنائي، هن کي ٻاهر نڪرڻ کان روڪيندي هئي. سُرهيو جڏهن اچي سڏ ڪندو هو، تڏهن هن جي هِنئين ۾ هڪ پئجي ويندو هو ۽ هوءَ ڪو نہ ڪو انگل ڪري سنگهار کي روڪي ڇڏيندي هئي. هن کي اهو خيال بار بار ايندو هو تہ سُرهئي سان ملڻ سان هن کي وري نہ سنڌ ياد اچي وڃي، هن کي وري نہ مرزا باقي ياد اچي وڃي، وري نہ آخوند صالح ياد اچي وڃي ۽ اهي ڳالهيون هن جي ذهن تان ميسارڻ لاءِ هن ڇا ڇا نہ جتن ڪيا هئا!

هن کي هڪ ٻيو بہ اُدڪو ستائيندو هو سو امير خان جي جاسوسن جو. آسپاس ترخانن جون نِنڊيون نِنڊيون چانوٽيون هيون. خود ڪينجهر تي ميربحرن ۽ مهاڻن کان محصول اڳاڙڻ لاءِ روزانو ترخانن جو هڪ جٿو ايندو هو. هنن جي گهوڙن جي سنبن جو آواز ٻڌندي ئي، هن جي دل دهلجي ڏڙڪڻ لڳندي هئي. ست راتيون ۽ ست ڏينهن تہ هن اکين ئي ۾ ڪاٽي ڇڏيا هئا. ان جي ابتڙ سنگهار جيئن پوءِ تيئن هڪ عجيب ڳهر ۾ ڳهرجندو ٿي ويو ۽ هوءَ هن جي ننڊاکڙين اکين ۾ ڪنهن عجيب پيڙا جا پاڇولا ڏسندي رهندي هئي. هوءَ چاهيندي هئي تہ پنهنجي نرم نرم آڱرين سان هن جي منهن تي ٽَڏڙا ڪڍي، اها پيڙا لاهي ڇڏي. هن جي اکين تي آڱريون ڏريندي، هوءَ سوچيندي هئي تہ هنن اکين ۽ هُنن اکين ۾ ڪيترو نہ فرق هو: هِنن اکين ۾ پيڙا سان گڏ ٿڪ جو احساس آهي، هُنن اکين ۾ پيڙا سان گڏ نٽرتا جي باهہ هئي. الائي ڇو تڏهن بہ هوءَ ان نٽرتا جي باهہ کي ڇهي ڏسڻ جي آرزو روڪي نہ سگهندي هئي. هن پنهنجي آڱرين جي ڇهنبڙين ۾ ان نٽرتا جي باهہ جو سيڪ محسوس ڪرڻ ٿي گهريو پر نٽرتا بدران هِنن اکين مان هن جي آڱرين ۾ هڪ اهڙي جلن جي پاونا

ٿيندي هئي، جنهن ۾ سياري جو ساڻ هوندو هو ۽ پوءِ هن کي پنهنجي وطن جون برف پوش چوٽيون ياد اچي ويندييون هيون. هن جو سڄو بدن ڪانڊارجي ويندو هو ۽ هوءَ ڏڪندي ڏڪندي، ان نئين سيءَ لاهڻ لاءِ، سنگهار جي ڀاڪر ۾، ڪنهن هيسيل ٻار وانگر ڪرونڊڙي ٿي سمهي رهندي هئي!

صبح جي پهر، ڪينجهر جي ڇاتيءَ تان لڏندا لمندا، جڏهن واهوندا ورندا هئا، تڏهن ليليءَ کي ڪنهن جي اچڻ جو گمان ٿيندو هو ۽ هوءَ هر آهٽ ۽ هر کُڙڪي تي سنگهار کي اجا ئي زور سان چنبڙي پوندي هئي. هنن کي اُتي اٺ ڏينهن ٿي ويا هئا ۽ هري هري تي ليليءَ جي دل مان امير خان جي اچڻ جو ڀؤ لهندو ٿي ويو ۽ هوءَ اهو سوچي رهي هئي تہ اڄ جڏهن سُرهيو کين ڪينجهر جي سير جي دعوت ڏيڻ ايندو، تڏهن هوءَ انگل ڪري سنگهار کي هلڻ لاءِ زور ڀريندي ۽ ڪينجهر جي پيٽ تي هندوري جا لوڏا کائيندي، هوءَ پنهنجي وارن کي آزاد ڇڏي ڏيندي، پر ان ڏينهن سُرهئي جي آواز بدران گهوڙن جي هٽڪارن ۽ سنبن جي پڙاڏن هن جي اندر ۾ آنڌ مانڌ لائي ڏني. پهرين تہ هن ننڊ پيل سنگهار جي ڀاڪر ۾ سمائجي، انهن آوازن کان نٽائي سمهي رهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر جڏهن اهي آواز بنهہ ويجها پوندا ويا، تڏهن هن سنگهار کي جاڳائڻ ئي مناسب سمجهيو. سنگهار الوٽ ننڊ ۾ هو جنهن مان هن جاڳڻ نٿي گهريو. جڏهن ليلي هن کي جاڳائڻ لڳي، تڏهن هن عادت موجب ليليءَ کي ڇڪي ويجهو آڻڻ لاءِ ٻانهن کي سيرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ليليءَ سندس ڪن ۾ ڀُڻ ڀُڻ ڪندي چيو: ”خان، ٻانيان ٿي تہ ٻاهر امير خان اچي پهتو آهي!“

هو ڇرڪ ڀري اٿي ويٺو. عين ان وقت ماڙيءَ جي در تي ڪڙڪو ٿيو. الائي ڇو سنگهار جي ننڊاکڙين اکين ۾ اهڙي چمڪ اچي ويئي، جنهن مان ليليءَ ائين ڀانيو ڄڻ هن کي سڀ ڪجهہ وري ياد اچي ويو هو ۽ هو پنهنجي پاڻ تي مرڪي رهيو هو. در تي ٻيو ڀيرو ڪڙڪو ٿيو ۽ سنگهار آرس ڀڃي اٿي ويٺو. ڪنڌ ۾ رکيل ڀالو کڻندي، هن ليليءَ جي ڪاڏيءَ کي هٿ سان مٿي کڻندي، سندس اکين ۾ گهوريندي چيو: ”جيئرو هوندس تہ امير خان تہ ڇا، سمورن ارغونن ۽ ترخانن جي لاشن کي لتاڙي وري تو کي

ڪٽي هليو ويندس. پر جي مري ويس تہ مُئن تي ميار نہ ڪج!“ ليلي هن جا لفظ ٻڌي، هن کي چنبڙي پيئي ۽ سڏڪا ڀري روئڻ لڳي.

سنگهار ڀالو سنڀالي دروازي تائين آيو. گهوڙن جي هڻڪارن مان ئي سمجهي ويو تہ امير خان، هيل وڏو لشڪر سانباهي آيو آهي. هن چوطرف نهاري اندازو لڳايو تہ ترخانن کي دروازي ڀڄڻ کان سواءِ ٻي ڪا واهہ ڪا نہ هئي. ماڙيءَ جون ڀتيون ايتريون اوچيون هيون، جو ڪو ترخان ان تي چڙهڻ جي همت ڪا نہ ڪندو. ڀنيان تہ ڪينجهر هئي، سو اتان بہ ڪنهن ترخان کي همت ڪا نہ ٿيندي. هن لاءِ بہ هڪڙي راهہ کليل هئي تہ هو ماڙيءَ جي ڪڏ تي چڙهي، ڀنئين پاسي ڪينجهر ۾ ٽپو ڏئي ۽ جي بخت ساٿ ڏنس تہ ميربحرن مان ڪو ساٿي هن کي واهر ڪندو. پر اهو خيال ايندي ئي هن سوچيو تہ ليلي ڇا سوچيندي تہ ڪيس امير خان جي حوالي ڪري، پاڻ پنهنجي ڪل بچائي ڀڄي ويو. اهو خيال اچڻ سان ئي ڀڄڻ جي راهن تي سوچڻ ئي ڇڏي ڏنائين. هن کي امير خان جي خيالن جي بہ ڄاڻ سُڌ هئي ۽ هن کي پڪ تي تہ جيڪڏهن هو امير خان سان ليليءَ جي عيوض پنهنجي جان جو سودو ڪري تہ امير خان خوشيءَ سان اِهو سودو قبول ڪندو. پر اهو خيال بہ هن لاءِ ايترو ڪُڙو ۽ ڪجسو هو جو ان تي سوچڻ بہ نٿي گهريائين. فقط هڪڙو ئي طريقو هو تہ ترخانن سان وڙهندي، ڪو گهوڙو هٿ اچي وڃي ۽ هو ترخانن جي نرغي مان نڪري وڃي.

دروازي جي پر ۾ بيهي هو دروازي ٽٽڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. دروازو ڪافي مضبوط هو. ترخانن هڪ بنڊ ڪٽي دروازي تي ٺهڪائڻ شروع ڪيو. پنجن ائن ڌڪن کان پوءِ دروازي جو هڪڙو تاڪ ٽي ٽڪر ٿي ويو ۽ پوءِ هڪ ڌڪ سان سمورو دروازو چوڙن کان نڪري ويو. جڏهن دروازو ڪريو تڏهن دروازي سان گڏ پنج ڇهہ ترخان بنڊ سوڌا اچي ٻُوٽ پر ڪريا. هنن جي پويان ترخان اگهاڙين ترارين سان اندر ڏوڪيندا آيا. سنگهار جو ڀالو هڪڙي ترخان جو پيٽ چيري، وٽ ڪائي ٻئي ترخان جي ران ۾ چڙهي پيو. ٻئي ڄڻا رڙ ڪري اُتي ئي ڪِري پيا. سنگهار جو ڀالو هنن جي جسم ۾ ئي رهجي ويو. هن جهٽ ڏيئي ڪرنڊڙ ترخان جي هٿ مان ترار ڦري ورتي ۽ ايندڙ ترخانن سان

وڙهندي ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. ترخانن جو هڪ سيلاب اندر ڏوڪيندو ٿي آيو. جڻ هنن کي ڪنهن وڏي لشڪر سان مقابلو ڪرڻو هو. هن سيلاب کي روڪڻ سنگهار لاءِ ناممڪن هو. هو فقط اها ڪوشش ڪرڻ لڳو ته سوڙهي ڏيڍيءَ مان نڪري کليل ميدان ۾ پهچي وڃي.

سنگهار جي ترار ترخانن تي ائين ٿي ڪڙڪي، جڻ ترار ۾ ساهه پئجي ويو هو. ترخان ڪِرندا، نت نئين ڪوشش سان اندر اچڻ جا جتن ڪرڻ لڳا. سنگهار دروازي جي هڪ پاسي کان ايندڙ ترخانن ڏانهن اهڙي لُوهه وڌي، جو هڪ ترخان ڪلهي وٽان ڪپجي پورا ٻه اڌ ٿي ويو. ٻيا ترخان سراپجي هن جي اڳيان هٽي ويا ۽ سنگهار ميدان ۾ نڪري آيو. پر ميدان ۾ پهچي هن محسوس ڪيو ته اها ئي هن جي غلطي هئي. سامهون گهوڙيسوارن جو هڪ جٿو گهيرو ناهي، ڀالا اُڀا ڪري هن ڏانهن وڌڻ لڳو هو. جيسين هو سوچي، تنهن کان اڳ هڪ ٿلهي نوڙ جي سرڪساهي هن جي مٿان ڪِري ۽ ڪلهن جي ڏورن وٽ پهچي، هن کي پنجوڙ وانگر جڪڙي ويئي. ڇڪ اچڻ تي هو پاڻ سنڀالي نه سگهيو. ترار هن جي هٿ مان ڇڏائجي ويئي ۽ هو پٽ تي ڪِري پيو. نوڙ هن کي نوڙيل مٿان، اهڙو قابو ڪري ڇڏيو جو ڇڪ اچڻ تي نوڙيون کان هيٺ هن جون ٻانهون ڪيريون ٽيڻ لڳيون. هن پاڻ سنڀالي اٿڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سرڪساهيءَ واري ترخان پريان ئي نوڙ کي ڇڪ ڏني ۽ هو وري پاسي ڀر ڪِري پيو. ترخانن کي هاڻ تماشو ٿي آيو ۽ هو هڪ وڏو گهيرو ناهي بيهي رهيا. نوڙ واري ترخان وري پنهنجي هٿ کي جهٽڪو ڏنو. سنگهار جون ٽنگون ريتيءَ تان ٿڙي اڳتي گهلجي ويون، ۽ هو اونڌو ٿي ڪِري پيو. ترخانن ۾ ٽهڪڙو مچي ويو. نوڙ واري ترخان کي جڻ رونشو سُجهي آيو ۽ امير خان ڏانهن نهاريندو، آهستي آهستي نوڙ کي ڇڪڻ لڳو. سنگهار جا گوڏا، ٻانهون، ڇاتي ۽ منهن گهلجڻ سان ريتيلن پٿرن سان گسندا، گهڪندا رهڙجڻ ۽ ڇلجڻ لڳا. هن کي پڪ ٿي ويئي ته امير خان هن کي ائين گهلائي، يا گهوڙي جي پُڇ سان ٻڌي مارائڻ ٿو گهري. ترخان وري گهوڙي کي پوئتي هٽائيندي، ٿوري ڇڪ ڏني. سنگهار کي ائين محسوس ٿيو جڻ هن جي ڇاتيءَ جا وار ڪنهن ڇڪ ڏيئي پٽي

”جان اسين اڃي وڻا آهيون!“

ليليءَ کو بہ جواب نہ ڏنو. هوءَ لڳاتار هن کي گهوريندي رهي. لڙڪن جي ڏنڌ مان هاڻ نفرت جو ڇوهو اٿي ليڪا پائڻ لڳو هو.

”جان، اسين هن سنڌيءَ کي اهڙي سزا ڏينداسون، جو زمانو اسان جي انتقام کان ڪنبڻ لڳندو..... جان، اسان جو آغوش تنهنجي لاءِ بيقرار آهي....!“

ليليءَ جي اکين جو ڏنڌ صاف ٿيڻ لڳو ۽ هيءَ گهڙيءَ هن پنهنجي ڪمربند مان سنهو خنجر ڇڪي ڪڍيو ۽ امير خان تي اُلر ڪري آئي. سندس لفظ باهہ جا اُلا بنجي امير خان کي ساڙڻ لڳا! ”بزدل، نامرد، خوني..... منهنجي ويجهو آيو آهين تہ هي خنجر تنهنجي سيني جي پار هوندو..... آءٌ تو جهڙن سوين ترخان سردارن تي هڪ سنڌي پورهيت کي ترجيح ڏيان ٿي، جنهن ۾ سچائي آهي، سڪ آهي ۽ دليري آهي...تون تہ ڪتو آهين.... ڪتو....!“

هن الائي ڇا ڇا چوڻ ٿي گهريو پر اوچتو امير خان سندس خنجر واري ٻانهن ۾ ڪٺي هٿ وڌو ۽ سندس ٻانهن موڙي پويان ورائي ڇڏي. سور کان ليليءَ کان ڪيڪ نڪري ويئي ۽ خنجر سندس هٿ مان ڪري پيو. امير خان جي تن بدن ۾ باهہ لڳي ويئي هئي ۽ هن ڏند ڪرٽيندي چيو: ”ليلي، اسين تنهنجي حسن جي خيال کان تو کي ايذائڻ نٿا چاهيون. تون هڪ پيرو هڪ سنڌيءَ اڳيان اسان جي بيعزتي ڪري چڪي آهين، پر هن سنڌيءَ کي اسين تنهنجي اکين اڳيان اهڙي سزا ڏينداسون، جو وري تو کي ڪنهن سنڌيءَ جي نالي وٺڻ جي جرئت نہ ٿيندي.. تنهنجي هن جوانيءَ ۽ هن حسن جو قسم، اسين اهو ئي خنجر تنهنجي سيني جي پار پهچائي ڇڏيون ها، جيڪڏهن اسان کي اهي ڏينهن ياد نہ اچن ها، جڏهن اسان تنهنجي حسن کي ڏسي پنهنجو هوش حواس وڃائي ويٺا هئاسون! ياد ڪر ليلي، اهو ڏينهن، جڏهن تو غلامن جي قطار ۾ ٻاڏائيندي اکين سان اسان کي اهڙو نياپو ڏنو جنهن کي اسين نظر انداز نہ ڪري سگهياسون، ۽ ياد ڪر اهي ڏينهن جڏهن اسان تنهنجي هر خواهش جو احترام ڪيو.. تنهنجي ياءُ کي خريد ڪري، آزاد ڪري، ترڪستان

واپس موڪليو. تنهنجي پيرسن پيءُ کي ڦنڌار جي قيدخاني مان آزادي وٺائي ڏني..... ۽ اڄ تون..... ليلي.... تون.....!“

امير خان کي بہ الائي ڇا ٿيو: هن جو گلو ڀرجي آيو ۽ هن جي اکين ۾ لڙڪ اچڻ لاءِ آتا ٿيڻ لڳا. هن کي اهي ڏينهن ياد اچي ويا، جڏهن امير خان، بهادر سردار هوندي بہ جنگ جهيڙي، ظلم ۽ غارتگريءَ کان نفرت ڪندو هو ۽ هن سموري زندگي ليليءَ ۽ ادراڪيءَ جي محبت ۾ گذارڻ جو پڪو پهہ ڪيو. جڏهن سنڌين جون بغاوتن زور وٺنديون ويون ۽ سنڌين خلاف ڪارروائيون ڪندي، هو جڏهن ٿڪجي پوندو هو تڏهن ليليءَ جي هنج ۾ هن کي دنيا جون سموريون برايون، لڙائيون ۽ جنگيون وسري ويندڀون هيون. هو کِلي ليليءَ کي چوندو هو تہ هونئن تہ جهاد الله سائين طرفان فرض آهي، پر حق تي مسلمان جهاد في سبيل الله ۾ پنهنجي جان ڏيڻ لاءِ تيار ٿين ٿا، جو هنن کي جنت ۾ ليليءَ کان بہ سهڻيون حورون ۽ انگوريءَ کان بهتر شراب ملڻ جي پڪ هئي. ليلي شوخيءَ مان چوندي هئي: ”ڇا مون کان بہ ڪا حور وڌيڪ سهڻي ٿي سگهي ٿي؟“ ۽ هوءَ رُسي ويهي رهندي هئي، امير خان هن کي پرچائڻ لاءِ هزار جتن ڪندو هو. ان وقت ۽ هن وقت جي وچ ۾ رت جا درياهہ، هن جي سمورن نازڪ ۽ لطيف احساسن کي لوڙهي ويا هئا. سنڌين جو ميرانجهڙو ڳاڙهو رت، جنهن جي رنگ تي سنڌوءَ جي پرئين ڪناري تي ٻڏندڙ سج مان ڦٽندڙ شفق جو گمان ٿيندو هو هاڻ هن جي خوابن تي سوار ٿي چڪو هو. پر انهن خوابن ۾ هن کي پنهنجو رت بہ گڏجندو مسجندو وهندو نظر ايندو هو..... ۽خوابن جي ان ڏنڌ ۾ بہ اڏول هستيون هن کي بار بار نظر اينديون هيون- سنگهار هن جي پيءُ جو قاتل، ۽ سوڍو هن جي محبت جو قاتل! انهن ٻن شخصن جي خواب ۾ اچڻ سان هن کي ٿياس تي ٽنگيل پنهنجي پيءُ جو لاش نظر ايندو هو ۽ سليمان جون ڏپ ۽ بي اعتباري کان ڦاٽل اکيون هن کي گهورڻ لڳنديون هيون، ۽ هو ان اوٿاري مان، پگهر ۾ شم ٿي ڇرڪ ڀري اُٿي ويهندو هو.

اهي خيال ايندي ئي، هن ليليءَ جي ٻانهن کي ڇڏي ڏنو ۽ کيس ٻاهر هلڻ جو اشارو ڪيو. امير خان جي اکين ۾ جيڪي ڇاياڻون

هيون. ليليءَ انهن ۾ نهارڻ جي ڪوشش ڪندي، ڪنڌ نِوڙائي، هن جي اڳيان هلندي دروازي کان ٻاهر هلي آئي. ماڙيءَ جي آڳنڌ ۾ زخمن کان چورُ سنگهار چوڪنيو ٻڌل هو. ڏهاڪو کن ترخان، ترارين ۽ ڀالن سان مٿس پهرو ڏئي رهيا هئا. سنگهار جا ڪپڙا سندس ئي رت ۾ رڱجي، بدن سان چنبڙي پيا هئا. سندس ساڄي ڪُلهي ۾ لڳل ڀالي جي ڦاٽ مان رت اجا تائين سيڙهون ڪري وهي رهيو هو. سندس شبيهہ ايتري چرڪائيندڙ هئي، جو ليلي هن کي ڏسندي هڪ هنڌ ڄمي ويئي ۽ پوءِ اتي ئي مولهوتو ٿي ڪري پئي.

امير خان ڪيس پنهنجي ٻانهن ۾ ڪٽي ورتو ۽ هڪ ترخان کي پاڻي آڻڻ لاءِ چيائين. هڪ ٻئي ماڻهوءَ کي هُن هڪ ٿلهي سيخ تپائي آڻڻ لاءِ چيو. جڏهن ليليءَ کي هوش آيو تڏهن هن پاڻ کي هڪ موڙي تي ويٺل ڏٺو. امير خان جي ٻانهن سندس ڪلهن آڏو هئي ۽ سوين ترخانن جون اکيون حيرت مان هن جي حُسن جا ڍُڪ پيري رهيون هيون. امير خان جڻ تہ هن جي حسن کي عام ٻڌائي، هڪ عجيب اطمينان محسوس ڪري رهيو هو. سامهون سنگهار چوڪنيو ٻڌل هو. سندس اکين ۾ ڪا مرڪ موتي آئي هئي. رت جي ڳاڙهاڻ ۾، هن جي اکين جي لال لال مرڪ ليليءَ جي اندر ۾ وڍ وجهڻ لڳي. هن جي دل اُن مرڪ کي پي وڃڻ لاءِ اڇلون ڏيڻ لڳي؛ هن جي جسم ۾ اهڙي ٽڙڪٽي اچي ويئي، جو ان کي امير خان جو ٻاڪر بہ روڪي نہ سگهيو. پوءِ هن جيڪي ڏٺو ان تي هن کي اعتبار نٿي آيو. هڪ ترخان ٿلهي تتل سيخ کي ڪاٺ جي ڳن کان جهليندي، سنگهار جي سامهون اچي بيهي رهيو. امير خان ليليءَ کي ٻاڪر ۾ سوڙهو ڪندي چيو: "سنگهار، تو منهنجي پيءُ کي ٿياس تي ٽنگايو هو ۽ مون ان وقت ئي تو کان بدلي وٺڻ جو قسم کنيو هو. مون سوڍي جي بغاوت جي خيال کان، ان جي پوٺواريءَ ۾ ٻئي دير مدار ڪئي، ۽ هاڻ آءٌ تو کي ٿياس تي اُبتو ٽنگائي سگهان ٿو، تو کي گهوڙن جي پڇن ۾ ٻڌائي، چيرائي مارائي سگهان ٿو. هاٿيءَ جي پيرن ۾ لتاڙائي مارائي سگهان ٿو. ائين بہ ڪري ٿو سگهان تہ تنهنجو سنڌ سنڌ، انگ انگ ڪري ڪپيان ۽ ڪتن جي حوالي ڪريان. پر تنهنجو ڏوهہ انهن سزائن کان بہ وڏيڪ سنگين آهي: تو اسان کان ليليءَ کي جدا ڪيو. ان جي

سزا تو کي اهڙي ملڻ گهرجي، جو موت اُن اڳيان ڪائي سزا نہ هجي. چئو تون پنهنجي لاءِ ڪهڙي سزا مقرر ڪرين؟

سنگهار ڪو بہ جواب نہ ڏنو. هو هڪ ٽِڪ ليليءَ ۾ نهاريندو رهيو. هاڻ هن جي اکين جي اهڙي ڪيفيت هئي، جو ليلي هن سان نظر ملائڻ کان ڪيٻائڻ لڳي. انهن اکين کان پاڻ بچائڻ لاءِ، پنهنجا ٻيئي هٿ منهن آڏو ڏيئي ڇڏيا. پوءِ هن سنگهار جو جواب ٻڌو.

”امير خان، پٺهين کي ٿياس تي مون ڪو نہ ٽنگيو هو، سندس ظلمن پاڻ کيس ٽنگايو هو. سنڌين تي ظلم ڪرڻ واري هر ظالم جو اِج نہ سَياڻي، اهو حشر ضرور ٿيڻو آهي. سنڌ ۾ رڳو آءٌ سنگهار ڪو نہ آهيان: سوين هزارين سوڊا ۽ سنگهار آهن، جي ظالمن کي ٿياس تي ٽنگيندا رهندا! رهي ليلي، سو تو هن کي لُٽ جو مال سمجهيو آهي؛ منهنجي لاءِ تہ هوءَ فقط هڪ وينگس آهي، جنهن جي اکين ۾ الماس آهن، جنهن جي چپن ۾ ماکيءَ جهڙو مڏ آهي. جنهن جي بدن ۾ هرڻن وانگر اُڇل آهي، جنهن جي هنئين ۾ اهڙي هُورا کورا آهي، جنهن کي فقط منهنجي دل ٿي سمجهي. تون ڇا سمجهندين؟ ۽ سزا، سا تون پنهنجي دل کان پڇ تہ هڪ بزدل، گيدي ۽ ڪانئر، هڪ سورهيہ سرويچ کي ڪهڙي سزا ڏيڻ چاهيندو!“

”بس ڪر بدزبان.........اوهان سنڌين کي اهڙو سبق سيکاريندس جو وري صدين تائين اوهان سنڌين کي زبان کولڻ جي جرئت نہ ٿيندي!“ ائين چئي هن پنهنجي ماڻهوءَ کي اشارو ڏنو. ترخان هڪ پل بہ نہ سوچيو ۽ هن سيخ سنگهار جي اکين ۾، سرمي جي ڪانيءَ وانگر ڦيرائي، هٽائي ڇڏي. وايو منڊل ۾ سڙندڙ ڪل جي بوءِ ڦهلجي ويئي. سنگهار جي وات مان آواز بہ نہ نڪتو. هن جي اکين جي جاءِ تي بہ ڪارا گهرا ٽمندڙ چُنگهہ بنجي ويا. ليليءَ جي نڙيءَ مان اهڙي ڪِيڪ نڪتي، جو ٻين ترخانن سان گڏ امير خان بہ ڏڪي ويو. ليلي هن جي ياڪر مان جهرڪيءَ وانگر پڙڪو ڪائي اڏامي نڪتي، ۽ سنگهار جي پوئتي لڙيل سِر ۾ ياڪر وجهي اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي.

**

# [12]

سوڍل ڄڻ تہ پنهنجي سموري سرت وڃائي ويٺو. راتين جون راتيون، ڏينهن جا ڏينهن پنهنجي ڪوٺڙيءَ کان ٻاهر نہ نڪتو. هڪ ئي هنڌ ويٺو رهيو ۽ سامهون پيل اڇي جي ماٽيءَ ۾ نهاريندو رهيو. هن جي اکين کي پاڻ ڇنيڻ وسري ويو هو. سوجهرو بدلجي اوندهہ ٿي، اوندهہ بدلجي سوجهرو آيو. پر هو اتي ئي ويٺو رهيو. ٻيڙڙو علو هن جي اها حالت ڏسي ڳڻتين ۾ پئجي ويو. هن کيس وندرائڻ لاءِ گهڻيون ئي ڳالهيون ڪيون، پر سوڍل اک بہ نہ ڇنيي، ڄڻ هو دنيا ۾ اڪيلو هو. هرڪو جو ڪو مٿ نہ هو، ڪو ساٿي نہ هو، ڪو سنگتي نہ هو. هن کي ڄڻ اهو بہ وسري ويو تہ هو ڪير هو، ڪٿي هو ۽ ڇو هو. هت ڇو آيو هو ۽ هي سڀ ڪجهہ ڇا هو. علو هن کي سڀ خبرون ٻڌائيندو رهيو: مرزا جان بابا جي لشڪر ڪو ٻوٿو ڪو نہ ٻاريو. مڪليءَ تي هن جي لشڪر ۽ مرزا باقيءَ جي لشڪر جي اڃا تائين خونريز جنگ پئي هلي: مرزا باقي پاڻ لشڪر جي مهنداري ڪري رهيو هو. هن سمورن ترخانن کي وڏن وڏن انعامن جون لالچون ڏيئي پنهنجي پاسي ڪري ورتو هو. مرزا جان بابا جي سِسي آڻڻ واري کي پنهنجي ڌيءَ نڪاح ۾ ڏيڻ جو ڍنڍورو ڏياريو اٿائين: حد تہ اها آهي جو ڍنڍوري ۾ اهو بہ چيو اٿس تہ جو سنڌي يا ترخان مرزا جان بابا جو سر آڻيندو، اُن کي ڌيءَ سان گڏ بکر جي عملداري بہ ڏيندو. هوڏانهن شهر ۾ شورش کي ٻنجي ڏيڻ لاءِ امير خان ڳجهہ وانگر لامارا ڏيئي رهيو آهي. هزارين سنڌين کي رڳو شڪ ۾ مارائي ڇڏيو اٿن: اهو گهر خالي نہ آهي، جنهن ۾ ترخان گهڙي مارڪٽ نہ ڪري ويا هجن، ويندي سيدن تان بہ نہ ٽريا: سيد علي شيرازيءَ جي پاڙي ۾ رت جا تلاءَ

لڳا پيا آهن: سيني کان وڌيڪ شورش ٺٽي جي شاگردن ڪئي هئي، سو سوين مدرسن کي باهيون ڏياري پٽ ڪري ڇڏيو اٿن: سوين شاگردن کي هاٿين جي پيرن هيٺان لتاڙي ماريو اٿن: آخوندن، قاضين، ملن ۽ مولوين جون ڏاڙهيون پٽائي، سندن زبانون وڍائي، کين اگهاڙو ڪري سندن لاش درياهہ ۾ لوڙهي ڇڏيا اٿن: جنهن گهر ۾ باغين جو شڪ ٿو پوين، ان گهر جي زالن جي سٿڻن ۾ ٻليون وجهائي، کين گهٽين ۾ ٿا گهِلارائين. انهن ڦهرن ۾ ڪيسن جو ٻڌي بہ سوڍل جي اکين ۾ جهپڪو نہ آيو. هو هڪ ٽِڪ وٺيءَ ۾ پيل اڃي دارونءَ ۾ گهوريندو رهيو.... هن کي اُن سان ڪهڙو واسطو؟ اهي سنڌي هن جا ڇا ٿين؟ هي ٺٽو هن جو ڇا ٿئي؟ هيءَ سنڌ ڪير آهي؟

ڏينهن گذري ويا، پر سوڍل جي حالت ۾ ڪو فرق نہ آيو: سندس نرڙ تي سيءَ هوندي بہ پگهر جا ڦڙا موتين وانگر چمڪندا رهيا. پر هڪ ڏينهن چاچو علو ڊڄندو هن جي ڪوٺڙيءَ ۾ داخل ٿيو. هلڪي کنگهڪار ڪيائين، پر سوڍل پنهنجي دنيا ۾ گم هو. ٻيڙو علو تڏهن بہ نہ مڙيو ۽ چيائين: ”سوڍل، شاهہ قاسم ارغون، مرزا باقيءَ تي راتاهو ڏنو آهي. مرزا باقي محل جي دريءَ مان ٽپو ڏيئي ڀڄي ويو آهي!“

ان خبر جو سوڍل تي خيرڪو اثر ٿيو. علوءَ وري چيو: ”ان وقت سنگهار بہ مرزا باقيءَ جي محل ۾ گهڙي پيو هو. اونده ۾ هو مرزا باقيءَ تي وار نہ ڪري سگهيو ۽ مرزا باقي دريءَ مان درياهہ ۾ ٽپو ڏيئي نہ ڀڄي ها تہ......“

سوڍل ڇرڪ ننڊ مان جاڳي پيو. ”سنگهار...... سنگهار؟ ڪٿي آهي سنگهار؟“

چاچو علو چپ ٿي ويو. هو سوڍل جي اکين کان ڊڄي ويو. هن جي پورين اکين ۾ رت اوچتو مڙي آيو هو ۽ انهن ۾ جيڪو مچ مچڻ لڳو هو، سو ڏاڍو ڀوائتو هو.

”مون تو کان سوال ڪيو، چاچا علو! ڪٿي آهي سنگهار؟“

”امير خان جي ليليءَ کي ڪٽي ويو آهي ۽ امير خان ڪڍ ويو اٿس.....“

سوڍل تي ڇرڪ ڇت ڪري پيئي. هن جو هٿ ٽامي جي وٽيءَ تي

سوگھو ٿي ويو ۽ هن جو سمورو بدن سيٽجي ٽڪجي ويو. ٽامي جي وٺي ٽڙڪاٽ ڪري پڇي پيئي. ٽامي جو هڪ ٽڪرو هن جي هٿ جي ترئيءَ ۾ چڙهي پيو. اچي دارونءَ سان گڏجي هن جي هٿ مان وهندڙ رت هن جي سٽڻ کي ڳاڙهو ڪرڻ لڳو. چاچو علو ڊڄندي اڳيان وڌيو ۽ چيائين: ”سوڍل، تنهنجو هٿ ڦٽجي پيو آهي!“

سوڍل اوچتو اٿي بيهي رهيو. هن جي انگ انگ کي ڪي اڃاتيون ڄرون ساڙڻ لڳيون. هن جي بدن ۾ هلڪي ٿڙڪٽي پئجي ويئي، ۽ هن ڏند پيڙيندي چيو: ”منهنجي گهوڙي سنبراءِ!“

”شهر جا ڪجهه جوان مڙس تو سان ملڻ آيا آهن، سوڍل! هو چون ٿا تہ تون جيڪڏهن سندن مهنداري ڪرين تہ هو سنڌ تان سر گهورڻ آيا آهن!“

سوڍي ڇڻ ورچندي چيو: ”چاچا، مون چيو تہ گهوڙي سنبراءِ!“

ٻيڙو علو دل ئي دل ۾ سوڍل سان خفا ٿيندي، ٻاهر نڪتو. هن جي پويان سوڍل بہ ٻاهر هليو آيو. ٻاهر ويهارو مڙس ڇڻ هن جي اوسيئڙي ۽ انتظار ۾ بيٺا هئا. سيني گڏجي چيو: ”جيئي سنڌ!“

اهو آواز ايترو ڳورو هو، ايترو معصوم هو، ايترو ڇيڇلائيندڙ هو جو سوڍل جي اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا، ۽ لڙڪن جي اُن ڏنڌ مان، جوانن کي ڏسندي هن پڻ پڻ ڪندي چيو: ”جيئي سنڌ...... جيئي سنڌ!“

”سوڍا، اسين تو سان آهيون. سنڌ تو سان آهي، سنڌ تنهنجي اوسيئڙي ۾ آهي!“ هنن مان هڪڙي جوان چيو جو ڪنهن دارالعلوم جو شاگرد ٿي ڏٺو.

”سنڌ....! سنڌ؟ سنڌ!“ سوڍل تقريباً روئندي چيو. ”ڪٿي آهي سنڌ؟ هيءَ ڇچريل چيريل، وڍيل ڪپيل سنڌ، جنهن تي ڳجهون لامارا ڏيئي رهيون آهن۔ اها آهي سنڌ؟ اها آهي دودي جي سنڌ؟ اها آهي تماچيءَ جي سنڌ؟ اها آهي دولهہ دريا خان جي سنڌ؟..... هو ڏسو! سنڌ جو لاش سڙي رهيو آهي، هو ڏسو ٺٽو جلي رهيو آهي!“

هو الائي ڇا ڇا چوندو رهيو. هن جي ذهن ۾ سنڌ وري ڪَرَ موڙيا هئا. پر ان سان گڏ بہ ڳاڙها چپ، بہ اگهاڙيون ٻانهون ۽ چوليون هٽندڙ اُرهہ بہ ڪَر موڙي جاڳي پيا هئا.

”مون کي بخش ڪجو يارو. آءٌ سنڌ لاءِ نہ. آءٌ پنھنجي جنگ وڙھڻ نِڪتو آھيان. آءٌ ڪوڪلو آھيان. مون کي ڇڏي ڏيو. آءٌ پنھنجي اندر جو جھيڙو نبيرڻ پيو وڃان. اوھين مون کي پنھنجي حال تي ڇڏي ڏيو!“ سوڍل جڏھن پاڻ کي اندران ئي اندر وڍيندو ٿي ويو ۽ اکر سندس وات مان جڻ ڦٽجي زخمي ٿي ٿي نڪتا.

”اسين بہ توسان آھيون، سوڍا!“

ھن ڪو بہ جواب نہ ڏنو. گھڙيءَ لاءِ ھنن جوانن کي گھوريندو رھيو. اوچتو الائي ڪيئن ھن کي پنھنجو پاٽيو سانول ياد اچي ويو ۽ ھن جڻ زوريءَ مرڪندي چيو: ”جيڪا اوھان جي مرضي. منھنجو ڪو ٽڪاڻو ڪونھي، منھنجو ڪو ماڳ ڪونھي، مون سان گڏجي، جي اوھين بہ پٽڪڻ ٿا گھرو تہ پيا بسم الله!“

پيڙو علو سوڍل جي گھوڙيءَ سان گڏ ھڪ ٻيو گھوڙو بہ ڪاھيندو آيو. سوڍل کيس ڏسي چيو: ”چاچا، ھي ٻيو گھوڙو ڪنھن جي لاءِ آندو اٿئي؟“

”پنھنجي لاءِ ! آءٌ ماني ٽِڪي ڪري ڄاڻان، فارسي ڳالھائي ڄاڻان. من آءٌ بہ ڪنھن ڪم اچي وڃان!“

”ٻ ھيءَ سراءِ؟“ ھڪ جوانڙي چيو.

”سنڌ سامت جو ساھ ڪنيو تہ سرائون گھٽيون. گھٽو ئي سنڌ جو ليمڪ ڪاڏو اٿم. من ھي پوڙھو ھڏ بہ ڪم اچي وڃي!“

سوڍي سوار ٽيڻ ڪان اڳ پيڇڻ ٿي گھريو تہ سنگھار ڪھڙي پاسي ويو پر ان جي بدران ھن سوال ڪيو: ”امير خان ڪھڙي طرف ويو؟“

”ڪينجھر ڏانھن!“ ھڪڙي ھمراھ جواب ڏنو.

سوڍو وڏي پنھنجي ڪميت تائين آيو ۽ سندس منھن ۽ ڪن تي ھٿ ڦيرائڻ لڳو. گھوڙيءَ پنھنجي مالڪ کي ڪي ڏينھن ڪو نہ ڏٺو ھو. سا منھن متي ڪٽي، سندس منھن سان منھن ملائڻ لڳي. سوڍي چيو: ”چري، آءٌ مئو ٿورو ئي آھيان!“ ڪميت خوشيءَ کان پنھنجي ڪل ڦڙڪائڻ لڳي، جڻ ھن وري سوڍل جي سوار ٿيڻ جي آس تي ظاھر ڪئي. سوڍي لانگ ورائي تہ سيني ھمراھن پنھنجن گھوڙن کي ڪميت جي پٺيان ڇڏي ڏنو.

سانجهيءَ جو سج هنن کي ساموئيءَ جي هُڙين ۾ لٿو. گهوڙن جي سهڪ جو هانبارو لڳل هو. مٽيءَ ۾ ڏڏڙ کان هنن جا منهن پورا ٿي ويا هئا. سج جا آخري ڪرڻا، هُڙيءَ جي واٽ تان ڪڙيءِ پکين کي پنهنجا آکيرا ياد ڏياري رهياهئا. علوءَ گهوڙو اڳتي وڌائيندي چيو: ”سوڍل گهوڙا ٿڪجي پيا آهن، وڏيڪ هلياسون تہ وهٽ مري پوندا. رات اتي ئي ڏاہو ڪجي تہ ڪيئن؟“

سوڍل جا خيال هن جي ڪميت کان بہ تيز سنگهار، ليليءَ ۾ امير خان کان بہ اڳتي نڪري ويا هئا. علوءَ جو آواز ٻڌي هن رڳو ايترو چيو: ”جيڪا سنگت جي صلاح!“

علو چڱ تہ هُڙيءَ جي وڻ وڻ کان واقف هو: هن کي اهاخبر هئي تہ اچو پٽ ڪٿي آهي، پاٽي ڪٿي آهي يا شڪار ڪٿي آهي. هو همراهن کي وٺي اچي هڪ تلاءَ وٽ بيٺو. سڀ اتي ئي لهي پيا. گهوڙن کي ٽورو پنڌ ڪرائي، کين پاٽيءَ تي ڇڏي ڏناٺون. علو ٽن چئن ساٿين سان هُڙيءَ اندر هليو ويو ۽ ٿوري وقت کان پوءِ ٻن همراهن جي ڪلهن تي هڪ وڏو ڦاڙهو هو. هڪڙي ٻئي ساٿيءَ جي ڀاڪر ۾ هڪ ننڍڙو هرڻ هو. همراه باهہ ٻاري هرڻن کي پچائڻ ويهي رهيا. چئن همراهن کي هنن آسپاس جي نظرداري ڪرڻ لاءِ موڪليو_ باقي ساٿي ٽولين ٽاهي اوپاريون لهواريون ڪرڻ ويهي رهيا.

سوڍو هنن کان الڳ، هڪڙيءَ ڊِبَ تي ويهي ڪجهہ سوچيندو رهيو. هن جي من ۾ جيڪو انڌڪار متل هو ان کي لڪائڻ جي ڪوشش ۾، پنهنجي ڪٽاري سان زمين تي آڏا ابتا ليڪا ڪيڙڻ لڳو. ليڪا هن کي نظر ٿي آيا، پر هن کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ انهن ليڪن مان ليليءَ جو سمورو بدن جاڳي هن ڏانهن جهڪڻ لڳو هو. اهو خيال ئي هن کي پريشان ڪرڻ لاءِ ڪافي هوءِ هو وري اٿي بيهي رهيو. ڪٽارو ڪمربند ۾ هٽي. پير سان ليڪا ڊاهڻ لڳو. مچ جي سوجهري ۾ هن جا ساٿي هن جي حرڪتن کي ڏسي اچرج ڪائيندا رهيا. سوڍي بابت هنن جيڪي ٻڌو هو هي سوڍو ان کان بلڪل مختلف هو. سڀ کان وڏيڪ ڳڻتي علوءَ کي هئي. هن چڻ دل ئي دل ۾ چيو: ”آٺ راتيون ڪو نہ ستو آهي_ ڏٺي منهنجا تون خير ڪجانس!“

پڪل هرڻ جي هڪڙي ران ڪٽي جڏهن علو سوڍل وٽ آيو تڏهن سوڍو وري پنهنجي دنيا ۾ موٽي آيو ۽ هن شڪر گذاريءَ سان علوءَ ڏانهن ڏٺو. علو سندس منهن تي سرهائي ڏسي پاڻ بہ مرڪڻ لڳو. سوڍو اڃا ڪائڻ ۾ ئي هو تہ هڪڙو همراهہ ٻڪندو هن تائين پهتو ۽ سهڪندي چيائين: ”سوڍل، ڍاڪو ڪن ترخان هڪ ڏولي ڪٽايو ٺتي پيا وڃن!“ سوڍل، گوشت جو ٽڪر علوءَ جي هٿ ۾ ڏيندي اٿي بيٺو.

”ڪير آهي ڏوليءَ ۾؟ پڇيئي؟“

”امير خان جي ٻانهي آهي-ليلي ٿا چونس!“ همراه سهڪندي جواب ڏنو.

سوڍل کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ هُڙي لاٽونءَ وانگر ڦرڻ لڳي هئي. هن جا ساٿي، مچ تي پچندڙ ڦاڙهو سامهون ٽوبرن مان داڻو چرندڙ گهوڙا بہ هڙيءَ سان گڏ ڦرڻ لڳا هئا. هو پنهنجو هٿ متي تي آڻي، پنهنجي هڪڙي ڳل کي مهٽڻ لڳو ۽ پوءِ هو تيزيءَ سان هڪڙو پالو ڪٽندي پنهنجي ڪميت تائين پهتو. هن جا ساٿي بہ اٿي بيهي رهيا ۽ پنهنجن گهوڙن ڏانهن وڌيا. سوڍي هنن ڏانهن نهارڻ بنا چيو: ”مون اوهان کي چيو هو تہ منهنجي پنهنجي جنگ آهي. پلائي ڪري اوهين اتي ئي ترسو!“

هن جي لفظن ۾ ڪو دڙڪو ڪو نہ هو پر هن جي آواز ۾ اهڙي ڪيفيت هئي، جو همراه اتي ئي ڄمي ويا. سوڍل ڪميت تي سنج بہ نہ وڌا، توبرو سندس ڪنن مان ڪڍي، هيٺ ڇڏيندي، آهستي چيائين: ”هل مِٺي!“

ڪميت بہ ڄڻ پنهنجي مالڪ جي ڪيفيت کي سمجهي ويئي هئي. بنا لغام جي پنهنجي سوڍل جي ٺلهي اشاري تي، هن هڙيءَ کي چيرڻ شروع ڪيو. هن جي چال ۾ عجيب لوڏ اچي ويئي، ڄڻ هن کي اهو احساس هو تہ سوڍل بنا سنجن جي چڙهيو آهي، متان ڏکيو ٿئي. پر ان لوڏ جي باوجود هن جي رفتار ۾ فرق نہ آيو. ڪميت اڃا هُڙيءَ کان منهن ڪڍيو تہ پريان ئي ٻرندڙ مشعلون نظر آيس. اوندهہ مان اڇڻ ڪري، مشعلن جي ٽڪيءَ روشنيءَ ۾ ترخانن جا لڏندڙ خاڪا هو ڇڳيءَ طرح ڏسي ٿي سگهيو. پالو سڌو ڪندي، ترخانن جي وچ ۾

چٽل تير وانگر اچي ٽُٽو. پهرئين ئي وار سان ٻه ترخان دل ڏاريندڙ رڙيون ڪندا گهوڙن کان هيٺ اچي ڊٺا. گهوڙن ٻه هن اوچتي مصيبت کان ٿهڻ شروع ڪيو ۽ نرا ڪٽي پنهنجن ئي سوارن کي لتاڙيندا هڪ پاسي نڪري ويا. سوڍل جو ڀالو ائين ڪڙڪي رهيو هو. جڻ ڀالي ۾ عقاب جو روح سمائجي ويو هو ۽ هو ڳولي ڳولي ترخانن جا سينا پرڻ ڪندو ٿي ويو. ڪميت جي هڻڪار ترخانن جي دلين ۾ ڌڪاءُ وجهي ڇڏيو. هڪڙي ترخان جي ترار جي ڇهنب سوڍي جي ڳل کي ٻنهه اک هينان ڇهڪ ڏيئي ويئي. اتان وهندڙ رت هن جي مڇن مان ٽيندو هن جي چپن تي ڳڙڻ لڳو. پنهنجي ئي رت جو سواد محسوس ڪري سوڍي مان جڻ ڏهه سوڍا ٿي پيا. هن ڪمربند مان ڪٽارو ڪڍي ٻنهي هٿن سان وار ڪرڻ شروع ڪيو. ڀالو هڪ ترخان جي نِڙيءَ کي چيهون چيهون ڪندي, ڪاڌيءَ جي پار هليو ويو. سوڍي چڪ سان ڀالو ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي ته ترخان لڙڪي گهوڙي تان ڪِري ڀالو پاڻ سان گهليندو ويو. هن ترخان جي ڪِرڻ سان باقي بچيل ترخانن گهوڙن کي اڙيون هٽي ڪٽي هڪ پاسي منهن ڪيو. ائين ٿي ڀانيو جڻ هنن ڪو جن ڀوت ڏٺو هو ۽ لڳاتار گهوڙن کي اڙيون هڻندا ٿي ويا. گهڙي ڪن ۾ هو غائب ٿي ويا.

سوڍو ٽپ ڏيئي گهوڙي تان لهي پيو. سامهون ڏوليءَ جا ڪُهار ڏولي اتي ئي ڇڏي پنهنجي جان بچائڻ لاءِ اونده ۾ ڪنهن پاسي نڪري ويا هئا. سوڍل پٽ تي ڪِريل مشعلن مان هڪڙي ڪڻندي ٽِڪل قدمن سان ڏوليءَ تائين آيو ۽ پردو هٽائي ڇڏيائين.

ليلي هڪڙيءَ ٻانهن جي سهاري تي ليٽيل هئي. هڪڙي هٿ جي ترِيءَ تي سندس مٿو جهليل هو. هن جا ڇڙواڳ وار ڪلهن تان وري هن جي ڇاتيءَ تي پکڙي ويا هئا. مشعلن جي پڙڪندڙ روشنيءَ ۾ سوڍل هن ڏانهن نهاريو. سوڍل کي ڏسي ليليءَ جي منهن جي ڪيفيت ئي بدلجي ويئي. هن جي چپن تي هڪ عجيب مرڪ ڇانئجي ويئي. هن جي اکين ۾ هڪ نئين شوخي پرجي آئي. سوڍل هن جي اگهاڙين ٻانهن ڏانهن نهاريندي ائين محسوس ڪيو جڻ هن جي ڏورن جو ماس ڪنهن عجيب اڇل کان ٿڙڪڻ لڳو هو ۽ پوءِ هن جي نظر هن جي اڌ اگهاڙي

اُرهہ جي محراب تي پيئي. هن جي نظر اتي ٽِڪي نہ سگهي ۽ اتان لهندي هن جي ڏُن تي جهلجي پيئي: ڏُن جي هيٺان، پاسي تي، اڇي ڳن سان هڪ خوبصورت خنجر هيرن سان جڙيل مياڻ ۾ ڪُتل هو. سوڊل مشعل ڏوليءَ جي تختي آڏو بيهاري ڇڏي.

ليلي گهڙي ڪن هن کي ڏسندي رهي. مرڪ سندس چپن تان سڄي منهن تي ڦهلجي ويئي، ۽ جڏهن ان مرڪ جي جوت هن جي اکين ۾ پهتي، تڏهن سڏي ٿي ويهي رهي. سندس ڇاتي زور سان هيٺ مٿي ٿيڻ لڳي، ۽ سوڊل کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ زمين هن جي پيرن هيٺان ڏهڻ لڳي هئي. ليليءَ هن جي اکين ۾ نهاريندي چيو: ”جان من، مون کي پڪ هئي تہ تون مون کي ڳولي لهندين!..... پر ايتري دير ڪبي آهي! اڄ.... اوري آءُ تہ آءُ توکان سنڌ وسارائي ڇڏيان!“

سوڊل هٿ وڌائي، سندس نرڙ جي وچ تي ڏسٽي آڳر رکي ڇڏي. نرڙ تان سندس وار هٽائيندي، آڱر سان ڄڻ رستو نهاريندي، هن جو هٿ لهندو ويو. هن جي آڱر هن جي نڪ تان لهي. هن جي چپن تائين پهتي تہ ليليءَ چپن کي سوڙهو ڪندي هن جي آڱر کي چمي ڏني، پر آڱر هيٺ لهندي ويئي. هن جي ڪاڏيءَ جي خال تان گسڪندي، هن جي خوبصورت ڳچيءَ تان مڙي، هن جي اُرهہ جي محراب ۾ اٽڪي پيئي. پر جلد ئي اتان ٿڙي هن جي چولي مٿان هلندي، هن جي ڏُن تان ڦرندي، خنجر جي ڳن تي اچي بيهي رهي، ۽ هن ليليءَ جي اکين ۾ نهاريندي خنجر مياڻ مان ڪڍي ورتو.

ليلي اميد ڀرين اکين سان هن کي ڏسندي رهي. هن جي ٻانهن ۾ اڇل ايندي ويئي ۽ هن وحشي گهوڙي کي پنهنجي سيني ۾ جاءِ ڏيڻ لاءِ، هوءَ ٻانهون کولي گوڏن ڀر اٿڻ لڳي. سوڊي اوچتو پنهنجي هٿ کي هلڪو اشارو ڏنو ۽ خنجر جو ڦر ڳن تائين هن جي اُرهہ جي محراب ۾ داخل ٿي ويو. ليليءَ هڪ ڳيت ڏيئي هڏڪي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي. هن پنهنجي منهن تي مرڪ قائم رکڻ لاءِ چئن ئي ننهن جو زور لائي، ٻيئي هٿ ڪٽي هن جي پهراڻ ۾ وڌا ۽ پنهنجو منهن هن جي ڇاتيءَ جي وارن ۾ لڪائڻ جي ڪوشش ڪندي، هوءَ ڀرڪندي هن جي قدمن ۾ ڪري پيئي.

سوڊل کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ گهمندڙ چڪر ڪائيندڙ دنيا بيهي رهي هئي. هن جي ذهن ۾ متل سمورا طوفان ۽ واچوڙا بيهي رهيا هئا. هن جي اندر جو مچ اُجهامڻ لڳو هو۔ فقط هن جي دل جي جاءِ تي هڪ وڏو گهرو خال بنجندو ٿي ويو ۽ الائي ڇو هن جي اکين ۾ لڙڪ پرجڻ لڳا هئا. هن پنهنجي پويان ڪنهن جي زور سان ساهه کڻڻ جو آواز ٻڌي پويان نهاريو. ڪميت سندس پٺيان ڪنڌ جهڪايو بيٺي هئي. هن جا ايندڙ لڙڪ واپس موٽي ويا ۽ هن پيار مان ڪميت جي ٻُشڪن تي هٿ ڦيريندي پڙ پڙ ڪئي: "آءٌ مني ته هلون. منهنجي جنگ پوري ٿي: هاڻ اچ ته سنڌ جي جنگ ڇيڙيون!"

مانيٽي، مهر پرئي، سنڌوءَ ۾ جڏهن اُٿل ايندي آهي، تڏهن ائين پاڻئبو آهي ته هن ۾ نوح جي ٻيڙي به ڪا نه بچندي. واهڻ وستيون، ڪيٿ ڪرا، نديون نارا، هيناهيون مٿاهيون پاڻيءَ جي اَڇ ۾ ڊڪبيون. سنڌوءَ جي هنج ۾ گم ٿي ويندئون ۽ پريان ائين پاڻئبو آهي ڄڻ اُپ ۽ ڌرتي پاڻ ۾ ملي، هڪ ساگر جي صورت ۾ وهڻ لڳا آهن. اُپ پاڻ بچائڻ لاءِ پوئتي هٽندو رهندو آهي ۽ ڌرتي پنهنجي پاڻ ۾ سمائجندي، پاڻ بچائيندي، نيون حدون، نوان ڪنارا، نوان ساحل ڳوليندي رهندي آهي- ۽ هر طرف پاڻيءَ جون ڳالهيون ڳٽبيون آهن، هاهوڪار مچندي آهي. ماڻهو ته ماڻهو پکي پکڻ ۽ جيت جناور ٻاڏائيندڙ اکين سان ڪو نئون اجهو ڪا نئين پناهه ڳولڻ لڳندا آهن.

چون ٿا ته اهڙين مندن ۾، جڏهن سنڌي سيلاني، غوراب پري، مڪڙا سنيالي، سڙهه سنوان ڪندا هئا، تڏهن سندن ونين جي اکن وجهڻ، جَر ڏيا ٻارڻ کان پوءِ به سيلاني نه ورندا هئا. تڏهن اهي پاڻ وهيٽيون چريون سُر سامونڊيءَ جا آلاپ ورلاپ ڪنديون گهر موٽي ايندئون هيون ۽ ساگر جي سيني ۾، هنن جي موٽڻ تي، اهڙي اُٿل ايندي هئي، پاڻيءَ جي اَڇ ئي اَڇ آڪاس ۾ اهڙا رنگ پرڻ لڳندي هئي، جو ماڻهو چوندا هئا ته جيڪڏهن ساگر جي هيءَ اَڇ به جي اچل ڪائي وجهي ته......؟!

پر، هيل ونين جي ورلاپن بدران هڪ نئون راڳ، نئون سنگيت

ساگر جي ويرن مان ٿيندو، سنڌوءَ جي لهرن ۾ پڙاڏا پيدا ڪندو، ماڻهن جي سينن ۾ ٻرڻ لڳو هو. ماڻهوءَ ماڻهوءَ جي وات ۾ اها ئي وائي هئي: تو ٻڌو مون ٻڌو هِن ٻڌو هُن ٻڌو آخر ۾ ترخانن ٻڌو تہ سوڀو ڪاهيندو ٿو اچي. جتان جتان اهو آلاپ اٿيو ٿي، اتان ترخان اڱواٽ ٽپڙ ٻڌي نٽي ڀڄڻ لڳا.

سوڀو هڪ سمنڊ هو جنهن ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان، وڳر واهڻ مان، شهرن وسين مان، ساگر ڦٽي، تير ڏارائن جي روپ ۾ سمائجندا ٿي ويا. ڦڙي ڦڙي تلاءُ، تلاءُ تلاءُ ندي، ندي ندي ساگر ۽ ساگر ساگر سمنڊ بنجي ڇوليون هڻڻ، اُپ ۾ راهون پيدا ڪرڻ لڳو. ماڻهن ۾ عجيب غريب ڳالهيون، آکاڻيون ۽ قصا ڪهاڻيون پکڙجي ويون: پوڙهيون پکيون ۽ وڏڙا جڏهن مچ جي چوڌاري ويهي اوپاريون لهواريون ڪندا هئا، تڏهن روز نت نئين ڪهاڻي جنم وٺندي هئي. هڪ ڪهاڻي خاص طرح هر هنڌ ڪنهن پرم ۽ وسوسي وانگر، ديوَ مالا بنجي ٻُرڻ لڳي هئي تہ سوڀل اصل ۾ دولهہ دريا خان آهي، جنهن الله سائينءَ کان، جنت ۾ گهمندي، هي وچن ورتو تہ منهنجي جيجل سنڌڙيءَ کي ويري ورائي ويا آهن، مون کي ٿوري مهلت ڏيئي، وري ڌرتيءَ تي جيئدان ڏيو. الله سائين چيس تہ اسين تو کي جيئدان ڏيئي، سنڌ ان شرط تي موڪليندا سون تہ جنت تان هٿ کڻندين ۽ دوزخ قبوليندين. دولهہ دريا خان اهو شرط بہ منظور ڪيو ۽ الله سائينءَ جا شڪرانا ميڙيندي چيائين تہ سنڌڙيءَ تي سر ڏيڻ جو هڪڙو بيو موقعو ملي تہ مون کي هڪڙو ڇا، هزار جهنم بہ قبول آهن!

سوڀو ۽ سندس ساٿي جتان ٿي لنگهيا، اتي ڄڻ تہ منڊل لڳي ٿي ويا. ڳوٺاڻا هنن جي آجيان لاءِ اکيون وڇهيو ويٺا هوندا هئا. ڦندرون ڪُسنديون هيون، دنبا ۽ ٻڪر پڇندا هئا، دهل دمام وڄندا هئا، ڏونڪن تي نچون ٿينديون هيون، ماڻهو ڇيريون ٻڌي مورا ڳائيندا، جهمر وجهندا، هنن جي مرحبا ڪندا هئا ۽ سڄو وايو منڊل "جيئي سنڌ" جي پڙاڏن سان گونجڻ لڳندو هو. اهي پڙاڏا ٻڌي آسپاس جي ڳوٺن مان ترخان پنهنجا گهوڙا پلاڻڻ لڳندا هئا.

پر سوڀو ۽ سندس ساٿي تہ ڪي عجيب انسان هئا: سچا ٻت

پيوت، چاپئيون ڏاڙهيون لٽ ۾ اچيون، ڪپڙن تي رت جا ڇنڊا ڇڻ هولي کيڏي آيا هئا. اکين ۾ مچ ڇڻ هر گهڙيءَ ڪنهن ڳولا، ڪنهن تلاش ۾ هئا. ماڻهن سان اهڙي قرب سان ملندا هئا، ڄڻ ورهين جا وچڙيل هئا. سوڍي کي ڏسڻ لاءِ ماڻهو ائين ڳاهٽ ٿيندا هئا، ڄڻ تہ هنن نہ ڏٺو تہ سندن قيام ٿي ڪا نہ ٿيندي. سنڌي سپاجهڙا ابوجهن جيان، هن جي ڪا نشاني هٿ ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ وڙهڻ تي لڳا. جي هن جا ساٿي نہ سنڀالين، تہ ماڻهو هن جي ڪپڙن کي ڦاڙي، ليڙون ڪٽي ورهڻ لاءِ پاڻ ۾ وڙهڻ جهڙڻ تي لڳا. جتان جتان ٿي لنگهيو انهن هنڌن تان ٻيو ڪجهہ نٿي ملين تہ ماڻهن مٽيءَ جون ننڍڙيون هڙون ٻڌڻ تي شروع ڪيون، ۽ سوڍو هنن سپاجهڙن جون اهي ابوجهائيون ڏسي الائي ڇو ڪنڌ جهڪائي پنهنجي سنڌ جي ان ڌرتيءَ کي گهُورڻ لڳندو هو جا ماڻهن کي ايتري پياري هئي.

جنهن جنهن ڳوٺ ۾ سوڍل پنهنجي سينا سان داخل ٿي ٿيو اتي وڏڙا گهرائي، سندن پنچائت چونڊائي، ڳوٺ جي ڪرڙ وڏ ماڻهن ۽ جوانن کي حفاظت لاءِ هٿيار پنوهار ڏيئي، اڳتي وڌندو هو. هر ڳوٺ مان ڪيترائي جوان مڙس هن سان شامل ٿيندا هئا. سوڍي جي سينا چوماسي جي درياهہ وانگر ويران وير وڌندي ويئي. سوڍل کي ڄڻ تہ اکين ۾ ننڊ ٿي ڪا نہ هئي: جتي بہ رات پوندي هين، اِتي چونڪي ڏيندڙ جوان اڪثر هن کي پنهنجي منهن ستل همراهن جي قطارن مان لنگهندو سندن منهن ۾ گهوريندو چئن پاسن پاڻ پهرو ڏيندي ڏسندا هئا. هن جي ساٿين هن کي آرام ۽ سک ڏيڻ لاءِ هزار جتن ڪيا. پر سوڍل ڄڻ سک سمهڻ سکيو ئي نہ هو.

سوڍل جي زندگي شفق جي ڳاڙهي ڪکر واري زندگي بنجي ويئي، جنهن ۾ روشنيءَ ۽ اجالي کان سواءِ رت جون ڌارائون شامل هيون. هن جي اکين ۾ نيون ڏياتيون ٻرڻ لڳنديون هيون، جن جي جوت هن جي چوڌاري ڄڻ نور جو هڪ ڪکر پيدا ڪري وڌو هو. انهن ڏياتين جي ڄَر ۾ نهارڻ سان ئي ڏسندڙ کي پنواڻي پئجي ويندي هئي. هو هميشه کان وڌيڪ، اڳي کان اڳرو چپ ۽ سانتيڪو ٿي پيو هو. پر ان سانت ۾ هڪ نئين لهر هئي، جيئن ڪنهن سمنڊ ۾ اُٿندڙ آنڌي ۽

طوفان کان اڳ ماٺ ۾ سانت جي لهر اُڀري ايندي آهي. هن سان ڳالهائڻ جي ڪنهن کي همت نه ٿيندي هئي. فقط چاچو علو ڪنهن طرح هن کي ڳالهائڻ تي مجبور ڪري سگهندو هو. پر هيءَ اُٿل به اهڙي هئي، جو سوڍو ته ڇا، ٻيا جوان به ڳالهائيندا گهٽ هئا، هر وقت ايندڙ لڙائين جي انتظار ۾ سندن دليون ڌڙڪنديون رهنديون هيون.

سنڌ جي ڳوٺن جي جوانن جو من به ايترو وڏي ويو جو هو پنهنجي منهن سُنهن ترخانن کي دڙڪا ۾ ڌمڪيون ڏيڻ لڳا ته هو به سوڍل جا ماڻهو هئا ۾ جيڪڏهن هو پنهنجي ظلمن ۾ ڏاڍاين کان باز نه آيا ته هو سوڍل وٽ دانهين ٿي ويندا. ڪيترن ئي راڄن اڳواٽ مهمانين جهلڻ لاءِ ماڻهو تي موڪليا. پر سوڍي جو هڪڙو ئي جواب هوندو هو ته ”ادا، جي منهنجي مهماني جهلڻي اٿوَ ته ڪو جٿو جوانن جو ناهي اچي اسان سان شامل ٿيو!“ اِيئن سوڍل جا ساٿي مينهوڳيءَ جي درياهه وانگر وڌندا ڦهلجندا ٿي ويا. ٿوري وقت ۾ ڪهاڙين، لوڙهين ۾ ڀالن جي بدران هنن وٽ ترخانن کان ڦريل تراريون، ڀالا ۾ ٻرڇيون اچي ويون. هنن جي تنظيم ۾ خاص ڳالهه اها هئي، جو منجهن ڪو به فرق نه هو. هڪ ئي طرح جو ڪاڏو سڀ کائيندا هئا، هڪ ئي طرح سان جيجل ڌرتيءَ کي وڇاڻو بنائي سمهندا هئا. چونڪي ۾ پهرو ڏيڻ جو وارو به سڀني تي ايندو هو. انهن ۾ سوڍل به شامل هوندو هو. فقط هڪڙو فرق هو، سو اهو ته جنگ جهيڙي وقت سوڍل جي هر ڳالهه ڄڻ لوهه تي ليڪو هئي. ڪنهن کي هن جي ڳالهه اورانگهڻ جي همت نه ٿيندي هئي. ترخانن جي ننڍين ننڍين چانوڻين تي راتاها ڏيڻ هنن جو معمول ٿي ويو. هنن جي طاقت اڃا ايتري نه هئي، جو سڌو سنئون ترخانن جي لشڪرن سان وڙهن. ان ڪري سوڍل اڪثر پنهنجن همراهن جي چونڊ جٿي سان ننڍين ننڍين چانوڻين تي اهڙيءَ طرح راتاها ڏيندو هو جو ترخانن کي اها خبر نه پئجي سگهندي هئي ته حملو ڪنهن، ڪهڙي وقت ۾ ڪٿان ڪيو.

هڪڙي اماس رات جو هو پنهنجن ويهارو کن ساٿين سان پنهنجي باقي لشڪر کان گهڻو اڳتي نڪري آيو. واپس ورڻ تي هئا ته پريان ڪين مشعلن جي روشني ليئاڪا پائيندي نظر آئي. سوڍل جون

اکيون اونده ڪي چيريندڙيون روشنيءَ جي اُن نقطي ڏانهن ڏسنديون رهيون. ائين ٿي پيو ڄڻ ان نقطي جا ترورا هن ڪي پاڻ ڏانهن ڇڪيندا ٿي ويا ۽ اهي ترورا هنن جا هلڻ تي جيئن پوءِ تيئن ڏانهن ويجها پوندا ٿي ويا. جڏهن هو بنهه ويجها پهتا، تڏهن سوڍل، پنهنجن ماڻهن کي گهوڙن تان لهڻ جو اشارو ڏنو. گهوڙن کي اتي ئي وڻن ۾ ٻڌي، هو پيرين پيادا روشنيءَ ڏانهن وڌيا. بنهه ويجهو پهچڻ تي هنن ڏٺو ته اٽڪل پنجاهي کن تنبو کُتل هئا. ٻن تنبن اڳيان مشعلون ٻري رهيون هيون. ڪجهه پهريدار واري واري سان تنبن جي چوڌاري گول چڪر هڻي پهرو ڏيئي رهيا هئا.

سوڍل، پنهنجن ماڻهن کي هڪ هيٺانهين هنڌ تي ويهڻ جو اشارو ڪري، پاڻ تنبن جي اوٽ مان ٿيندو، مشعلن وارن تنبن جي ويجهو پهتو. هڪڙي تنبوءَ جي ٻاهران چار پهريدار بيخبرا پاڻ ۾ ٽٽ شٽ هڻي رهيا هئا. اتي روشني ايتري تيز هئي، جو اونده مان نڪرڻ جوکم جو ڪم هو، پر سوڍل اونده جي اوٽ مان نڪري، پنهنجي ڪٽار هٿ ۾ جهلي، آهستي آهستي تنبوءَ جي پٺيان نڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيو. عين ان گهڙيءَ هڪڙو پهريدار پنهنجي چونڪيءَ جو چڪر ڪاٽي، هن جي سامهون لنگهڻ وارو هو. هنن جي وچ ۾ فقط چند قدمن جو فاصلو هو. سوڍل هڪدم تنبوءَ جي اوٽ ۾ ساهه روڪي بيهي رهيو. هن کي پڪ هئي ته اتان لنگهندي پهريدار جي نظر هن تي ضرور پوندي، پر هو اُن لاءِ اڳيئي تيار هو. جڏهن پهريدار بنهه هن سان منهان منهن ٿيڻ وارو هو ته هن چيتي وارو چال ڏيئي، هڪڙو هٿ هن جي وات تي ڏيئي ڇڏيو ۽ سندس ٻيو هٿ هن جي چيلهه کي هڪ چيڙي کان ٻئي چيڙي تائين چيري ويو. ترخان جي دانهن هن جي هٿ ۾ ئي ڇچرجي مري ويئي. جڏهن سوڍل کي پڪ ٿي ته ترخان جي رڳن مان به آواز مري ويو، تڏهن ڪيس گهلي هڪ تنبوءَ جي پويان اهڙيءَ طرح ڏگهاري سمهاري ڇڏيو، جو پريان رڳو سندس پير نظر اچن. هو پاڻ به اتي ئي اونده ۾ بيهي، ٻئي پهريدار جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. ڪجهه گهڙين کان پوءِ ٻيو پهريدار ڄڻ ڪجهه ڳوليندو، تنبوءَ جي اونداهن پاچن ۾ نهاريندو، هن ڏانهن وڌڻ لڳو. سوڍل سمجهي ويو ته هو پنهنجي ساٿيءَ

کي ڳولي رهيو هو. هن کي پنهنجي چڪر ۾ ان پهريدار جي نه موٽڻ تي حيرت هئي. جڏهن اتي پهچي، هن کي سندس پير نظر آيا ۽ پاڇولي ۾ ائين ئي نظر آيو ڄڻ اوندهه جو فائدو وٺي، موقعو ڏسي هو ڄاڻي واڻي سمهي رهيو هو. تڏهن پهريدار جي منهن تي مرڪ سان گڏ ڪا شرارت سُجهي آئي ۽ هن فارسيءَ ۾ گار ڏيندي چيو: "ننڊون ڪر، حرامخور..... بيهه ته....." جيئن ئي هن کي ٽنگن مان جهلي ٻاهر ڇڪڻ تي هو ته هڪ لوهي چنبو سندس ڳچيءَ ۾ ڦاسي ويو. هن جي اکين ۾ مشعلن جي روشني ۽ اوندهه واري واري سان نچڻ ٽپڻ ۽ غائب ٿيڻ لڳي. هن رڙ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ ڪنهن سندس ڄڀ کي پاڙؤن پٽي ڇڏيو هو. هن ڳچيءَ جي سور کان روئڻ ٻاڏائڻ جي ڪوشس ڪئي، پر هن ائين ڀانيو ڄڻ ته هن جون اکيون پنهنجي جاءِ تان ٻاهر نڪري رهيون هيون. هن ڪوشش ڪئي ته ڪنهن طرح سان پنهنجي جان ڇڏائي، پر هن کي پنهنجون ٽنگون ڌرتيءَ کان مٿي لڙڪنديون محسوس ٿيون. گهڙيءَ کان پوءِ پهريون ڀيرو هن کي اهو احساس جاڳيو ته موت بنهه هن جي دل تائين اچي پهتو هو ۽ هو هڪ سڪل ٻنڊ جيان پنهنجي ساٿيءَ مٿان ڪري پيو.

سوڍل هنن کي اتي ئي ڇڏي، وري پنهنجي جاءِ تي موٽي آيو. هن کي پڪ نه هئي ته اڃا ڪو ٻيو پهريدار چڪر تي ايندو يا نه. ڪجهه وقت انتظار ڪري هو هڪڙي تنبوءَ جي پٺيان پهچي، پنهنجي ڪٽاري سان ان جي ٿلهي ڪپڙي کي چهڪ ڏيڻ شروع ڪيا. اندر گهڙڻ جيترو لوگهو ڪري، هو تنبوءَ ۾ ٽپي پيو. ٻاهر ٻرندڙ مشعلن مان ڇڻي ايندڙ روشنيءَ ۾ هن جيڪي ڪجهه ڏٺو تنهن هن جي دل ۾ چڪ وجهي ڇڏيو: رسن سان چؤڪنيو ٻڌل سنگهار هن ڏانهن نه ڏسندڙ اکين سان نهاري رهيو هو. اکين جي جاءِ تي ٻه وڏا ڇُگهه هئا، جن مان رت گاڏڙ پيلو پاڻي وهي، سندس ڏاڙهيءَ ۾ سُڪي ويو هو. سندس سمورو جسم ڦٽن ۽ چيرن سان ڇچريو پيو هو. ايترو زخمي ۽ نابين هجڻ جي هوندي، ترخانن هن کي اهڙو سوگهو ٻڌي ڇڏيو هو جو ائين ٿي ڀانيو ته ترخانن کي اڃا ٻه هن کان ڊپ ٿي ٿيو. گهڙيءَ لاءِ سوڍل جو من سُن ٿي ويو. هن جي پنهنجي اکين ۾ مرچ پوڻ لڳا. هن جي سڄي بدن ۾ سُيون چڀڻ لڳيون. محض ان احساس کان بچڻ لاءِ،

هو ڪٽارو هٿ ۾ جهلي، دروازي ڏانهن وڌيو. ٻاهر نڪرڻ سان ڄڻ هن کي جن پڪڙي ورتو. ڳالهين ڪندڙ پهريدارن کي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي ته هو ڪير هو ۽ ان تنبوءَ مان ڪيئن نڪتو. پهرئين ترخان کي ٻانهه جو هڪ تيز اُلو پنهنجي ٻنهي ڪلهن جي پوري وچ ۾ ڪپندو محسوس ٿيو ۽ هن ايڏي رنڀ ڪئي، جو سندس ساٿين جون دليون ڪنبي ويون. هن جي ڪِرڻ وقت، سوڍل سٽ ڏيئي هن جو ڀالو کسي ورتو ۽ سامهون بيٺل ترخان جي پيٽ ۾ تنبي ڏنو. اُن ڀالي کي اتي ئي ڇڏي، هن پاسي ۾ بيٺل ٽئين ترخان کي ڪمربند ۾ هٿ وجهي ڪٽي مٿي کنيو ۽ ڪيس اهڙي اُڇل ڏنائين، جو هو جنڊ جي ڳري پُڙ وانگر مٿي ڀر جيئن ڪريو تيئن وري چُريو به ڪو نه. اهو سڀ ڪجهه ايترو جلد ٿيو جو چوٿين پهريدار کي يقين نه پئي آيو ته اها سڀ ڪجهه حقيقت هئي يا هو خواب ڏسي رهيو هو. جيسين هو ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار ٿئي، تيسين سوڍل جو هٿ زوزات ڪندو هن جي منهن تي وري ويو. ترخان تي ڄڻ وِڄ ڪري پيئي. هو ابتو ٿي ٽاهڙجي پويان ڪري پيو ۽ پوءِ سندس ئي ڀالو سوڍل هن جي پيٽ ۾ تنبي ڏنو. ڀالي کي وٽ ڏيئي ڇڪي ٻاهر ڪڍيائين ته ڀر واري تنبوءَ وارا پهريدار ڀالا سِڌا ڪري هن تي اُلر ڪري آيا. هن اتان ئي ڀالي کي اُڇل ڏني. هڪڙو پهريدر پاڻ بچائڻ لاءِ جيئن هيٺ جهڪيو تيئن ڀالو سندس پيٽ بدران سندس ڳچيءَ جي رڳن کي چيري ويو ۽ هو اتي ئي ڍير ٿي ويو. ٻئي پهريدار جيئن سوڍي تي حملو ڪيو تيئن سوڍل جا ٻئي هٿ سندس ڀالي ۾ کپي ويا. ڀالي کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي، هن پنهنجو گوڏو ايترو زور سان ترخان جي پيٽ ۾ هنيو جو ترخان پاڻ کي هوا ۾ ڪڄندو محسوس ڪيو. جيسين هو وري سڌو ٿئي، تيسين ڄڻ ڪو جبل هن جي مٿان ڪري پيو ۽ سوڍل جي آخري ڌڪ تي هن جو مٽڪو ٺڪاءُ ڏيئي ڀڄي پيو.

سوڍل پنهنجي آسپاس جو جائزو وٺندي محسوس ڪيو ته ترخانن جي رڙين تي تنبن ۾ چُرپر ٿيڻ لڳي هئي. ماڻهن جي اُٿڻ، هڪٻئي کي هڪلن ڏيڻ ۽ هٿيارن کڻڻ جا آواز ڦهلجڻ لڳا. سوڍل وري تنبوءَ ۾ گهڙي ويو ۽ سنگهار کي ڪنهن ڀريءَ وانگر ڪلهي تي کڻي، هو تڪڙو ٻاهر نڪري آيو. تنبن جي پٺيان اچي، اوندهه مان هلندو

اچي پنهنجن ساٿين وٽ پهتو. هن پنهنجن کن ساٿين کي هري هري کو حڪم ڏنو. چار ڄڻا اڳتي وڌي تنبن ڏانهن وڃڻ لڳا، ۽ پاڻ باقي همراهن سان موٽي اچي گهوڙن تائين رسيا.

سوڍل سنگهار جا رسا ڪپيندي، ڪيس پنهنجي ڪميت تي ويهاريو ۽ همراهن کي سوار ٿيڻ جو اشارو ڪري، پاڻ اڳيان وڌي ويو. گهڙيءَ کان پوءِ سمورن تنبن مان باهه جا شعلا نڪرڻ لڳا ۽ همراهن جي ڏسندي ڏسندي سمورن تنبن کي باهه وڪوڙي ويئي. باهه جي روشنيءَ ۾ هنن وري سوڍل کي پنهنجن ساٿين سان موٽندي ڏٺو. سندس ساٿي گهوڙن تي چڙهيا ته سوڍل به ڪميت تي، سنگهار جي پويان چڙهي ويٺو. گهوڙيءَ کي مالڪ جي اشاري ملڻ تي ڄڻ نئين جان اچي ويئي ۽ هوءَ اهڙيءَ طرح هلڻ لڳي، ڄڻ زمين بدران پاڻيءَ تي ترندي ٿي ويئي.

پنهنجي منزل تي پهچي، هن آهستي ڪري سنگهار کي لاٿو. همراه چوڌاري گهيرو ٺاهي، هن زخمي نابين کي ڏسڻ بيهي رهيا. سوڍل چاچي علوءَ کي اشارو ڏنو ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ علو ڪوسي پاڻيءَ سان سنگهار جا ڦٽ ڌوئڻ ويهي رهيو. اوچتو سنگهار بنهه هوريان چيو: ”ڪو ڳالهائي ڇو نٿو! ابا، ڪو سنڌي به ڄاڻي ٿو اوهان مان...!

هن اهي لفظ ايتري درد مان چيا، جو سيني جي دل کي جهوٻو اچي ويو. سنگهار وري چيو: ”ڪير مڙس آهيو؟“

سوڍل نرميءَ سان چيو: ”ادا، آءٌ آهيان سوڍل!“

گهڙيءَ لاءِ هڪ ڳوري ڳوري ماٺ ڇانئجي ويئي. پوءِ سنگهار جي منهن تي مرڪ مڙي آئي: ”آءٌ به چوان ته امير خان جي لشڪر ۾ گهڙي پوڻ وارو ته رڳو سوڍو ئي ٿي سگهي ٿو، پر سوڍا، هاڻ آءٌ تنهنجي ڪهڙي ڪم جو....!“

سوڍو منهن هيٺ ڪري، پنهنجن خيالن ۾ محو هو. سچ ته اڪين سان سنگهار سڀ مڙسن جو مٿ هو ۽ هاڻ..... هن جو معذور نابين پاءُ! هن کي پنهنجي پاڄائيءَ پاڳل جو سهاڳ ياد اچي ويو ۽ هو ڪجهه سوچيندو اتان اُٿي ويو.

سوڍو ڪو به ڪم سنگت جي صلاح کان سواءِ ڪو نه ڪندو هو.

جيڪڏهن ڪيس صلاح نہ وٽندي هئي، تہ چپ چاپ ويٺو هوندو هو. هن جي منهن تي ڪجهہ اهڙو رنگ اچي ويندو هو جو همراه پنهنجي راءِ تي ٻيهر سوچڻ لڳندا هئا ۽ ٿيندو اُهو ئي هو جيڪو سوڍو چاهيندو هو. هن جي سنگت ۽ پنچائت انهن همراهن جي هئي، جيڪي پنهنجا جتا ٺاهي، ارغونن ۽ ترخانن سان پنهنجي سِر چوٽون کائي، اچي سوڍي سان شامل ٿيا هئا. اهي همراهہ بہ پنهنجن ساٿين سان صلاحون ڪري، پوءِ اچي سوڍي سان حالي احوالي ٿيندا هئا. نتيجو اهو ٿيندو هو جو جيڪو بہ ڪم هو ڪندا هئا، ان ۾ سمورن ماڻهن جي هڪ ئي راءِ هوندي هئي. جڏهن سوڍي جي سينا ۾ ڏهاڪو هزار ماڻهو گڏ ٿيا، تڏهن ننڍن جوانن ۾ ڪجهہ بي آرامي پيدا ٿيڻ لڳي. هنن پنهنجا اڳواڻ موڪلي سنگت ڪوٺائي تہ هاڻ گهڻو ئي لشڪر گڏ ٿيو آهي، چو نہ ٺٽي تي چڙهي، مرزا باقيءَ تي سڌي سنئين هلان ڪجي، ۽ يڪو فيصلو ڪجي: يا تہ سنڌ آجي ٿئي يا سڀ سِر ڏيئي سرها ٿين. سوڍي جي منهن تي جيڪو رنگ آيو تنهن مان ڪنهن کي بہ اها سڌ پئجي نہ سگهي تہ هو بہ ان راءِ جو هو يا نہ. جيسين ڪو فيصلو ٿئي، تيسين هڪڙيءَ ڪنڊ مان آواز آيو. جنهن م سوڍي وارو تاءُ تہ ڪو نہ هو پر جنهن ۾ پروسي جا اُهڙائي اُهڃاڻ هئا. اهو آواز سنگهار جو هو. جنهن چيو تہ "پائو ٺٽي واري چانوٽيءَ ۾ ستر هزار ترخان لشڪري آهن. درياهہ جي اورينءَ پر چاليهارو هزار ترخان چانوٽي هنيو ويٺا آهن. تنهن کان سواءِ ٺٽي کان ڇهہ ڪوهہ پري مرزا باقيءَ جي جان نثارن جو دستو آهي، جيڪي سمورا گهوڙي سوار ۽ زره پوش آهن. ٺٽي شهر اندر ئي امير خان جي هٿ هيٺ پندرهن هزار ارغون ۽ ترخان فوجي شهر کي هيسائڻ لاءِ خيما کوڙيو ويٺا آهن. سو اُبهرو ٿيڻ مان تہ ڪو فائدو ڪو نہ ورندو. پاڻ سنڌي گهڻو ئي سرويچ سهي، پر ويريءَ جي وِتَ جي سار نہ ڪرڻ دانائي نہ آهي. تنهن کان سواءِ مرزا جاني بيگ سيوهڻ ۾ ويٺو آهي. بکر جو ڪوٽ بہ ترخانن سان ڏٺيو پيو آهي. قنڌار وارو رستو کُليو پيو آهي. ائين نہ ٿئي، جو اڳين هلچلن وانگر هيءَ اُٿل بہ اڻ ڏٺي ويريءَ هٿان پوري ٿي وڃي!"

ماٺ لڳي ويئي. سيني کي اها ڳالهہ دل سان لڳي آئي. هنن مان ڪيترن تہ اُهي چانوٽيون ڏٺيون بہ ڪو نہ هيون. لشڪر جا اهي انگ

ٻڌي، ڪيترن جي منهن تي نااُميديءَ جو رنگ اوتجي ويو. سنگهار سوڍي ۽ ٻين سوين همراهن، جن انهن چانوٽين تي راتاها ڏنا هئا، تن کي خبر هئي ته مقابلو ڪنهن سان هو.

”پلا پوءِ؟“ هڪڙي جوان، جنهن کي ڪنن ۾ ڳڱهيون واليون پيل هيون ۽ سندس منهن ۾ عجيب مٽيا هئي، اتاولو ٿيندي چيو.

”اَدل، جي مون کان ٿا پڇو ته آءٌ ته ان مت جو آهيان ته اول پنهنجي ٻه ڪا هڪ هڪاٽي چانوٽي ڪجي. ڪو سپرو ڪوٽ هٿ ڪري، اتي ويهي تياريون ڪجن. ماڻهو هٿيار پنهوار گهوڙا، وهٽ ۽ ٻيو سامان سڙو گڏ ڪجي. اتانهون سيوهڻ تي چڙهجي ته جيئن اتر وارن پائرن جي ساٿ سان قنڌار ملتان ۽ ٻين گهڻن مان ترخانن کي پهچندڙ واهر کي روڪي سگهجي. پوءِ وارو ڪجي بکر جي ڪوٽ تي. سيوهڻ ۽ بکر ڪِريا ته ٺٽي ۾ به ٽاڪوڙو پئجي ويندو. پوءِ مڙسن واري ملهه ڪجي ٺٽي ۾! ادل، سنڌ کي ويرين ۽ ڏارين کان آجو ڪرڻ هڪ ٻن ڏينهن جي ڳالهه نه آهي. هن لاءِ ته سموري حياتي، حياتيءَ جا سمورا ڏينهن، سمورن ڏينهن جو پَهرُ پَهرُ، ۽ پهرَ پهرَ جي هڪ هڪ گهڙي گهورڻي پوندي!“

واهه واهه ٿي ويئي، ڪُوڪريا پئجي ويا. اُتي جو اتي صلاح بيٺي ته ٽَرَ لاءِ ڪي ماڻهو ڇڏي، باقي لشڪر موهن ڪوٽ تي چڙهي. موهن ڪوٽ کي چانوٽي بڻائي، سيوهڻ تي راتاها ڏجن. سوڍي جي منهن تي سرهائي ڏسي، جوانن جا منهن به ٻهه ٻهه ڀڙڪڻ لڳا. سر ترين تي هجن ته مرڪ به ڀڙڪڻ لڳندي آهي. ڪلندي، ڪڏندي سر ڏيڻ ته ڪو سنڌين کان سکي. پيٽ بکئي، انگ اگهاڙي هوندي به ساٽيهه جي نالي تان قربان ٿيڻ به ڪو سنڌين کان سکي. ائين ٿي پانيو ته پتنگن پاڻ پچائڻ جو پهه ڪندي، پاڻ وساري ڇڏيو هو.

موهن ڪوٽ تي لشڪر چا چڙهيو ارغونن ترخانن پانيو ته مٿن وِڄُ ڪري پيئي. هنن مان وڏيءَ عمر جي ڪيترن ترخانن سنڌين جون اڳيون بغاوتون ڏٺيون هيون، راتاهن واريون راتيون به ياد هئن، پر هيئن ڏينهن ڏٺي جو لشڪر چڙهي اچڻ ته دريا خان کان پوءِ هنن نه ڏٺو نه ٻڌو هو. ۽ هي سنڌي ته ڪي عجيب مخلوق هئا، جن وٽ پالن ۽ ترارين بدران ونگ واريون موڪريون ڪهاڙيون هيون. جن وٽ تراريون ۽ پالا هئا، تن اڳيان ڍالون به

نتي ڍاريون. هو وڙهيا ائين ٿي ڄڻ هيءَ سندن آخري جنگ هئي، ڪنهن به هار جيت بدران هنن لاءِ رڳو شايد هڪڙو ئي آدرش هو ته ڪوٽ جي دروازي تائين اڳ ڪير ٿو پهچي. ڪي ترخان ته هنن کي ڏسي ٿڪ ڏيئي ڪلڻ لڳا هئا. هي مُٺ جيترا سنڌي قنڌاري ڪاتڪن سان ڪيئن وڙهڻ آيا هئا. هنن جو ڪل لشڪر سندن گهوڙي سوارن کان به گهٽ هو جن کان ٽيڻا چئوڻا پيادل لشڪري پالن، ترارين ۽ خنجرن سان الڳ هئا. هنن سنڌين کي سڌيون صفون ٺاهڻ به نتي آيون. وڙهڻ لاءِ اڳتي ائين پئي وڌيا، ڄڻ ته ڪنهن مرونءَ جي شڪار تي، رونشي خاطر نڪري پيا هئا. پر.... پر گهڙيءَ کان پوءِ ڪلنڌڙ ترخانن کي اهو ڏسي حيراني وٺي ويئي ته سنڌي سندن لشڪر کي اهڙا سوڙها پوندا ٿي ويا، جو ترخان پوئتي هٽڻ ۽ ڪوٽ جي دروازن ڏانهن نهارڻ لڳا هئا. هي ته سنڌي نه يقيناً ڪا جنات هئي، جا بازن وانگر اُڏامندي، حملا ڪندي ٿي آئي. هنن جو ته ڪو اڳواڻ، ڪو سردار، ڪو مهندار ئي ڪو نه هو. ڪلهو ڪلهي سان لائي هو ائين ٿي وڙهيا، ڄڻ سڄي فوج هڪڙو ئي ماڻهو هو جو پنهنجي سر تان سانگو لاهي وڙهڻ لڳو هو. هنن مان ڪي ته ائين ٿي وڙهيا، جو هنن کي ڏسندي ئي ڏپ وٺي ٿي ويو. هنن مان هڪڙو ماڻهو ته ٻنهي هٿن سان وڙهي رهيو هو. هن جي گهوڙي ترخانن جي وچ ۾ ڪنوڻ وانگر وراڪا ڏيئي رهي هئي. هن جو پالو هڪ ئي وقت ٻن ٻن ترخانن مان پار لنگهي ٿي ويو. هن جي آسپاس مان ترخان ائين پوئتي هٽڻ ٿي لڳا، ڄڻ ڪنهن ڄِن ڀوت تي نظر پيئي هين. هنن جي ائين ٿهڻ ۽ هٽڻ سان، سندن پويان وڙهندڙ ترخانن جا گهوڙا به ٿهي، هٽندي پنهنجن ئي پيادن تي چڙهڻ لڳا هئا.

ڏينهن به چڙهندو ٿي آيو ۽ سنڌي به سج جي فوج سان گڏ چڙهندا ٿي آيا. ڏرتي تپڻ لڳي، هٿيار تپڻ لڳا، گهوڙا تپڻ لڳا ۽ رت به تپڻ لڳو. رت جي اِن اُٿت کان سنڌين جو من وڌي ويو هو ۽ پوءِ هنن هڪ يڪو نعرو هنيو: ”جيئي سنڌ!“ ان نعري آسمان چيري وڌو، ڪوٽ جا ڪنگرا ڏبي ويا، ۽ ترخانن جون دليون دهلجي ويون. ترخان ڄڻ ان نعري جي انتظار ۾ هئا، ۽ هو وڙهڻ ڇڏي ڪوٽ جي دروازن ڏانهن ڀڳا، پر سنڌين سندن پٺ نه ڇڏي ۽ جنگ ڪوٽ اندر نئين سر مچڻ لڳي، پر هاڻ ڄڻ ته جنگ ۾ اهو جوش نه رهيو هو. ترخان لاباري جي سنگن وانگر ڪِرندا ٿي ويا. گهوڙا سوارن کان سواءِ پيادن کي چيريندا هيڏانهن هوڏانهن ڀڄڻ

لڳا، ۽ پوءِ ترخانن جي هڪڙي ٽولي وري دروازي کان ٻاهر پڇڻ شروع ڪيو تہ جڻ سيني ترخانن کي پهريون پيرو پنهنجو ساهہ ۽ پنهنجي جان ياد آئي ۽ هو بہ ان ٽولي جي پويان پڇڻ لڳا. انسانن جو هڪ درياهہُ لهندڙ وير وانگر پوئتي لهڻ لڳو هو پر سنڌين سندن پٺ نہ ڇڏي، جيستائين کين ملندا ويا، تيسين کين ڪيرائيندا ويا.

جڏهن سوڍل ۽ سندس لشڪر ڪوٽ جا مورچا ٽپي، شهر ۾ داخل ٿيا تہ موهن ڪوٽ جي ماڻهن جي عجيب حالت هئي. هنن ڏونڪن تي ڇيج وجهي، هنن سورهيہ سرويچن جي آجيان ڪئي. درين مان، ماڙين مان، ڪُڏن تان، چانئٺن تان، ٻُنيي ٻنيي تان سون ورنيون ڦلن مٺيون اڇليندڙيون، پنهنجي ڀائرن جي آجيان ڪنديون ٿي ويون. اڄ تہ ڪنهن کي ڊار سولي ڪرڻ ۽ اکڙي ڪيڻ جو بہ خيال نہ رهيو هو: ڀائرن کان ڪهڙو حجاب. ٻڍڙيون هٿ کڻي، ڳرانڙيون پائي کين دعائون ڪري رهيون هيون، جڻ هنن جا پنهنجا وڇڙيل ٻچڙا صدين کان پوءِ اچي کين مليا هئا. الا، هي ڪهڙو سمو هو جنهن ۾ خوشيءَ کان ڇيڇون پئجي رهيون هيون، جهمريون لڳي رهيون هيون، دهلن، ڏونڪن ۽ شرنائين تي هو جمالي جي تنوار هئي، پر اکين مان لڙڪن جي بادل بس نٿي ڪئي! هر شخص ساڳئي وقت کِلي بہ رهيو هو تہ روئي بہ رهيو هو! سوڍل پنهنجي ڪميت جولغام ڇڏي ڏنو هو. رت جي ڇنڊن سان هن جا ڪپڙا ائين ڀنل هئا، جڻ هو ڪنهن رت جي ساگر مان ٽٻي هڻي آيو هو. هو جتان ٿي لنگهيو اتي ماڻهو هن کي ڇهڻ، هن سان هٿ ملائڻ، هن سان ڳالهائڻ لاءِ ڳاهٽ ٿيڻ ٿي لڳا، ۽ ڪميت، ڪجهہ سوچي، بيهي ٿي رهي. هنڌ هنڌ تي هن کي هارن، ڳانن ۽ رکڙين سان جهنجهي ٿي ڇڏيائون. سوڍل جي منهن تي تہ اڄ اهڙي سرهائي هئي، جا اڳي ڪڏهن بہ نہ آئي هئي. پر هن جي منهن ۾ هڪ نئين ڏيا، نئين جوت ٻهڪڻ لڳي هئي. پر هن جي دل ۾ هڪ نئون طوفان بہ متل هو. الا، شل هي منهنجي ڏيهہ جا ماڻهوڙا، ائين ٻهڪندا، مهڪندا، ڇهڪندا رهن - اها آس، اها اميد هن جي دل مان اُڌمو ڪائي ٻاهر نڪتي، ۽ بہ لڙڪ هن جي پلڪن ۾ موتي ٻڻجڻ لاءِ تڙپڻ لڳا!

**

# [13]

دادن جڏهن اهي خبرون ٻڌايون تہ مجاهد خان مينهن واءُ ڪري سنڌ تي چڙهندو اچي، تڏهن هن جي دل ۾ بہ جذبا جاڳي اٿيا. جن جو بظاهر هڪبئي ۾ ڪو بہ لاڳاپو ڪو نہ هو. هڪ جذبو تہ هن جي لونءَ لونءَ ۾ ائين سمائجي ويو جيئن پتر اڇلائڻ سان ڪنهن مانڻي پاڻيءَ ۾ جاڳندڙ لهرون چئني ڪنارن تائين ڦهلجي وينديون آهن. ۽ زيبا کي وري ڏسڻ جو اُمنگ هن جي جسم جي چئن ئي ڪنارن ۾ ڪرَ موڙي جاڳي پيو. پيو جذبو جذبو نہ پر هڪ آرزو هڪ خواب جي تعبير جيان هو ۽ هن تصور ئي تصور ۾ سنڌ مان ترخانن کي هار کائي ڀڄندار ڏانهن موٽندو ڏٺو ۽ ان جي نتيجي ۾ آزاد سنڌ وري هڪ پيرو دنيا جي نقشي تي اُڀرندي نظر آيس. پر الائي ڇو اهو پويون تصور ايترو ڏنڏلو ڇو هو. هن کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ ان تصور تي ڪو ڪارو پاڇولو پوندو ٿي ويو. ان پاڇولي کي سڃاڻندي بہ هن ان کي سڃاڻڻ نٿي گهريو. ڇا مغل ترخانن جي وات مان هي سٽيو گراهہ ڪڍي، ان کي وري سنڌين جي حوالي ڪندا؟ هيءَ سوني سر زمين، جنهن سڪندر جهڙي شهنشاهہ کي ائين چوڻ تي مجبور ڪيو تہ 'ڪاش! سنڌ يونان جو حصو هجي ها تہ يونانين کي هيءَ دنيا سان جنگيون ئي جوٽڻيون نہ پون ها؟' سا سر زمين اڪبر سنڌين کي موٽائي ڏيندو؟ اهي سوال اهڙا هئا، جن تي هن سوچڻ نٿي گهريو پر رکي رکي اهو سوال هن جي ذهن جي تهخانن مان پڙڪو ڏيئي ٻاهر نڪري ٿي آيو. هن ڪوشش ڪئي تہ زيبا جو تصور ان ڪاري پاڇولي تي ڇانئجي وڃي ۽ ان جي جوت، اُن اونداهي ڏنڌ کي لڪائي ڇڏي، پر هر پيري پاڇولي جي اوندهہ ان جوت کي ڪائيندي ٿي وئي.

جڏهن کان هو واپس موٽيو هو، ترخانن جا جاسوس هن جي ڪڍ هئا ۽ هن کي هر وقت ترخانن جي پوشاڪ ۾ رهڻو ٿي پيو. هن جي دل پنهنجي اباڻي گهر ڏسڻ لاءِ آتي هئي، پر آخوند نور محمد جي حڪم تي هو ٺٽي هليو آيو هو. اڪبر تائين مرزا باقيءَ واري خط پهچائڻ لاءِ هن کي لاهور ڏانهن روانو ٿيڻو هو پر ٺٽي جي مدرسن جي تنظيم لاءِ هو ڪجهه ڏينهن ٺٽي ۾ ئي رهي پيو هو. ترخانن جا ظلم ڏسي، هن جو رت ٽهڪڻ تي لڳو ۽ الائي ڪيئن ترخانن کان بدلي وٺڻ جي آرزوءَ کي هو دل ئي دل ۾ رکندو ٿي ويو. ٺٽي ۾ هن جو رهڻ ڦرندڙ سياست جي ڪري به ضروري ٿي پيو هو. ملتان، لاهور، آگري کان هن جا ساٿي هن کي خبرون چارون پيا پهچائيندا هئا.

هن جڏهن سوڍي ۽ سنگهار جون ڳالهيون خود ترخانن جي واتان ٻڌيون، تڏهن هن کي پنهنجي دل ڦنڊجندي، وڏي ٿيندي محسوس ٿيندي هئي. سوڍي کان ته هو ايترو هيسيل هو جو هن ڪڏهن به ساڻس اکيون ملائي نه ڳالهايو هو. سوڍي جي اکين ۾ نهارڻ سولو به نه هو. سوڍي کي هن جو ملتان وڃي مدرسن ۾ رهڻ ۽ ڪتابن تي وقت خراب ڪرڻ به نٿي وڻيو. ايتري قدر جو هڪ ڀن ڏينهن لاءِ ايندو هو ته اول ته ڳالهائيندو ئي نه هو پر جي منهان منهن ڳالهائڻو ٿي پيس ته چٽي ڏيندو هوس ته 'دادن، پاڻ پورهيت ماڻهو جي ائين مدرسن ۾ ختابن ۾ لڳاسون، ته ڪو وقت ايندو جو اسان کي سنڌ ئي وسريويندي. اها ڪوڙي سياست ڇڏ. وطن ۾ ويهي ڪجهه نه ڪجهه وطن لاءِ به سوچ. وطن ڌارين کان آجو ٿئي، پوءِ اهي مڪتب، اهي مدرسا به پڇي ڪو نه ٿا وڃن!' ان جي برعڪس سنگهار دادن جي دل وٽان هو. هو پاڻ به آزاد طبيعت جو هو جيئن وڻندو هوس، تيئن ڪندو هو. جڏهن جبل هليو ويو هو، تڏهن به رڳو دادن مٿس ڪو اعتراض ڪو نه ڪيو هو. سنگهار به دادن سان ائين ملندو هو جڻ پاڻ ۾ سڳا ڀائر نه، پر ڪي پڳ مٽ يار هئا. ڪڏهن ڪڏهن رازداريءَ سان چوندو هوس ته 'ميان ڇڏ انهن ڪتابن ڪڙن کي؛ هل ته هلي ڪي ڌاڙا هڻون، ترخانن کي ڦريون، گهڻو ئي مال متاع گڏ ڪيو اٿن!' ۽ پوءِ وري پاڻ ئي چوندو هو "نه نه ميان، مون ته اِهو ٻوڳ ٿي ڪيو. متان انهن ڳالهين ۾ پيو آهين. ڀل پيو

پڙهه ۽ علم پراءِ. اسين تہ ڇٽ جا ڇٽ رهجي وياسين. اسان جو ڪو ياءُ تہ پڙهيل ڳڙهيل سڏجي!“ سنگهار ۽ پاڳل جي واقعي تي بہ دادن هن سان ساٿ ڏنو هو ۽ ان تي سوچيندي ئي هن کان ٿهڪ نڪري ويندو هو. هن کي ائين محسوس ٿيندو هو ڄڻ سوڍو ڪنهن شيشي ۾ بند جن هو. جنهن کي ڇيڙڻ ۾ ڇيهو ئي ڇيهو هو ۽ سنگهار ڪليل هوائن جو ڪو آزاد پکيئڙو هو جو هر قسم جي ٻنڌڻن کان پري پڄندو هو.

پر جڏهن سوڍي جي سينا جون ڳالهيون هن تائين پهتيون، تڏهن دادن کي ڄڻ پنهنجي سموري حياتي اجائي ۽ وڃايل محسوس ٿي. هن کي ائين ٿي لڳو ڄڻ هو اهڙي دلي جو ڍڪڻ هو، جنهن مان هاڻ ماٺهن پاڻي پيئڻ ئي ڇڏي ڏنو هو. هن کي پنهنجي حال تي شرمساري ٿيڻ لڳي، ۽ هو پڇتاءَ جي ان پاڻ وهيٽي ويڙ کان بچڻ لاءِ آخوند نور محمد کان ٻن ڏينهن جي موڪل وٺي گهر هليو آيو.

هڪ ترخان کي گهر ۾ گهڙندو ڏسي، پاڳل جو تہ ساهہ ئي مُٺ ۾ اچي ويو پر هن پنهنجي ڏيرياڻيءَ ڏانهن ٽيڏيءَ اک سان ڏسندي، اهڙي ڏيکائي ڏني، ڄڻ تہ هن اجنبيءَ کي ڏٺو ئي ڪو نہ هو. هو در ٻيڪڙي اچا ٻنيو اُڪريو ئي ڪو نہ، تہ پنهنجي پويان ڪجهہ ڪڙڪو محسوس ڪيائين ۽ هن جيڪي ڪجهہ ڏٺو تنهن هن جي من کي ڳائون مائون ڪري ڇڏيو. هن جي نندي ڀاڄائي ڪتارو هٿ ۾ جهلي اهڙيءَ طرح بيٺل هئي، جو هن جي وک کڻڻ تي، هوءَ اهو ڪتارو سندس پٺ ۾ ٽنبي ڏئي ها. سنڌ جون نياڻيون سياڻيون ايترو ستايل هيون، جو ست ٻل نہ هوندي بہ هنن جي هٿن ۾ ڪتارا ۽ خنجر اچي ويا هئا! پاڻ بچائڻ جو احساس ڪمزور کان ڪمزور جيتامڙي کي بہ ڏک اُلارڻ تي مجبور ڪريو وجهي!

”ڀاڄائي، آءٌ آهيان دادن!“ هن جو آواز ڪنهن نامعلوم دک ۾ پرجي ويو هو. نندي ڀاڄايس ويچاري هڪي ٻڪي ٿي ويئي. پاڳل کان بہ ڇرڪ نڪري ويو ۽ هٻڪندي کيس کيڪاري چيائين: ”جيئين، منهنجو تہ مئو ساهہ ئي سُڪي ويو هو!“

”سانوڻ ڪٿي آهي؟ گهر ۾ ٻپهر ڪا نہ ٿي ڏسجي. ادو سنگهار ڪٿي؟ ڪنهن بہ جواب نہ ڏنو... ڀاڄائيءَ جي منهن ۾ نهاريندي،

مايوسيءَ جي ڳوڙهن جي اَجهاڳ سمنڊ ۾ ڪجهه ڳوليندي، هن ڪان رهيو نہ ٿيو ۽ چيائين: ”ادي، خير تہ آهي...؟ ڇا ٿيو ادي ڪي؟“

پاڳل ڪو بہ جواب نہ ڏنو. گهڙيءَ ڪان پوءِ ننڍي پاڇايس چيو: ”ادي ڪي وئي مهينا ٿي ويا آهن. اسين در ۾ اڪيون وجهيو ويٺيون آهيون تہ اِجهو ٿو ادو اچي....“

پاڳل منهن تي گندي ڏيئي، اچي سُڏڪن ۾ پيئي. دادن ڪي بہ ڪنهن اڃاتي خيال ڪان وڍ پوڻ لڳا.

”پر بہ ٿيو ڇا؟“ هن جي انهن لفظن ۾ دلداري بہ هئي ۽ اٿاهہ درد بہ.

”ڀڏو اٿئون تہ ترخانن جهلي وڌو اٿس....!“

دادن مُنجهي پيو. هن نٽي ۾ تہ اهڙي ڪا ڳالهہ ڪا نہ ٻڌي اها ڳالهہ سا ٻڌي هئائين تہ مرزا باقيءَ جي حويليءَ ۾ گهڙي پيو هو ۽ مرزا باقي، جان بچائي پڇي نڪتو هو. اتان سنگهار کي ڳوٺ ڏانهن سوار ٿيندو ڏٺو هئائون. آخوند نور محمد بہ هن جي جهلجڻ جي ڳالهہ ڪا نہ ڪئي هئي.

”...... ۽ بابو ڪٿي؟“ دادن اهو سوال ڪندي بہ سنگهار بابت سوچيندو رهيو.

”چڱو ڀلو آهي..... ويو هوندو مسيت ۾، يا ڏيي سوناري جي هٽ تي.... ادي جي پچا ڳاڇا لاءِ ڏيي جي هٽ تي ويهي، اوسي پاسي جي ماڻهن ڪان پيو خبرون وٺندو آهي.... يا سانوڻ کي ساڻ ڪري، مال جي خبر چار وٺڻ نڪري ويندو آهي!“

دادن چڻ ٽڪجي، هڪ منجيءَ تي ويهي رهيو. پنهنجي اُن مومل پاچائيءَ جي منهن ۾ ڏک جون ريکائون ڏسندو، پنهنجي هيٺئين چپ کي ڏندن سان ڪرٽيندو رهيو. ڪئين انومان هن جي دل ۾ اُٿندا، گهٽجندا، وڌندا رهيا. هن وري پنهنجي پاچائيءَ ڏانهن نهاريو، جنهن جي اکين مان لڙڪن بنهہ بس نٽي ڪئي. ائين ٿي محسوس ٿيو چڻ تہ اکيون هن جي پنهنجي وس نہ هيون ۽ نہ لڙڪن تي هن جو ڪو وس ٿي هليو. هن وري بہ ڪيس ڏڍ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي.

”ادي، ائين روئڻ سان تہ ادو موٽي ڪو نہ ايندو. ادو سؤ مڙسن جو مٽ آهي. هن کي جهلڻ ترخانن جي وس ڪان ٻاهر آهي. تون ڏيرج ڪر....“ هن کي پنهنجا لفظ کوکلا ۽ بي معنيٰ محسوس ٿيڻ لڳا.

”ادا، ندوريءَ دل کي ڇا ڪريان..... ماڳهئون ڳالهه وسري ئي نٿي..... جنهن ڏينهن ويو هو ان ڏينهن کان ئي ڪئين وسوسا دل کي ويڙهي ويا آهن. اڳين هلچلن پيري ته مون کي خيال به ڪو نه ٿيو پر هينئر الائي ڇو دل کي پرم ورائي ويو آهي..... مون کيس منع به ڪئي، پر ڪين مڙيو... هاڻ بہ...." هوءَ وري به اڇي سڏڪن ۾ پيئي.

دادن کي هنن جي پيار ۽ محبت جي خبر هئي. سنگهار کي ڪجهه ٿيندو هو ته پاڳل جڻ ڇري ٿي پوندي هئي. سنگهار جي ڪري هن پنهنجا مائٽ ئي تياڳي ڇڏيا هئا. هو اڃا سنگهار ۽ پاڳل واري واقعي تي سوچ ۾ هو ته پٽس به اندر لنگهي آيو. پيءُ پٽ ڪا گهڙي هڪ ٻئي کي ڏسندا رهيا. پير مرد جي منهن تي هڪ ترخان کي پنهنجي گهر ۾ ڏسي اچرج ۽ ڪاوڙ اچي ويئي هئي..... پر اهي اکيون ته ڪنهن ترخان جون ٿي نٿي سگهيون، ۽ پيءُ گهڙيءَ هن پنهنجي دادن کي سڃاڻي ورتو. ۽ پير مرد جي دل هن کي ڀاڪر پائڻ لاءِ ڄڻ ڪنهن گل وانگر ڪلڻ لڳي. پر هن جي وات مان نڪري ويو: ”ابا، منهنجي اولاد پنهنجي سِسي بچائڻ لاءِ ڪڏهن کان ويرين جي ويس جو ٻهروپ ڪرڻ شروع ڪيو آهي؟" هن پوڙهي جي اڏول دل ڇا ڇا نہ سَنو هو.

”بابا، سِسي بچائڻ لاءِ نہ، ڪنهن خاص مقصد لاءِ هيءُ ويس ڌاريو اٿم....." دادن پنهنجي شرمساريءَ کي لڪائڻ لاءِ چيو.

پوڙهي پيءُ کي پنهنجي هن پٽ کي ڀاڪر ۾ جهليندي، ڄڻ پنهنجي اُها وَهي ياد اچي ويئي، ۽ هن کيس ڀاڪر ۾ ڀيڙيندي چيو: ”اهڙو ڪم ئي گهوريو جيڪو پنهنجي ڏاڏاڻي ڀِرِ ڇڏائي، ابا!"

هو ڪيترو وقت اوپاريون لهواريون ڪندا رهيا. هن کي پٽس ٻڌايو ته ترخانن به ٿي پيرا ڳوٺ کي ساڙڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر ڳوٺ جا ماڻهو پنهنجو بچاءُ ڪندا پئي آيا. هاڻ ته زائفائون به هٿيار ڪٽي، ترخانن سان منهن ڏيڻ لاءِ تيار ٿيڻ لڳيون هيون. هو اڃا انهن ئي ڳالهين ۾ هئا ته ڌنو به گاهه جي پري کٽي اندر لنگهي آيو. هو به هڪ ترخان کي پنهنجي گهر ۾ ويٺل ڏسي ۽ پيءُ سان ڳالهيون ڪندو ڏسي اچرج ۾ پئجي ويو.

دادنْ وڏي اچي ڀاڪر پاتس. دادن جو آواز ٻڌي، ڌني جي منهن تي

مرڪ موٽي آئي. دادن پنهنجي هن ياءُ کي ڪڏهن به سمجهي نه سگهيو هو جنهن کي دنيا سان ڪو واسطو نه هو. جيڪو رستي هلندي پنهنجي پاڻ سان ڳالهائيندو هو. جيڪو ڏورن، ڍڳن، رڍن ٻڪرين سان اڻين ڳالهائيندو هو. جڻ هو هڪٻئي جي ٻولي سمجهندا هئا. جنهن کي رت ڏسڻ سان اکين ۾ پاڻي پرجي ايندو هو. جيڪو جڏهن چَنگ وڄائيندو هو تڏهن اڻين پانئبو هو ته پکي پکڻ، جيت جناور هن جي چنگ ٻڌڻ لاءِ اچي ڳاهٽ ٿيا هئا. ڪا ڳئون يا مينهن نه مِڙندي هئي، ته هو پنهنجو چنگ ڪڍي وڄائيندو هو ۽ پٽس ڪير جون چونٽريون پريندو ويندو هو!

ڏني ڪيس ياڪر پائيندي، چُمي ڏيندي چيو: "دادن، وساري ڇڏيو اٿئي!" دادن ڪو به جواب نه ڏنو فقط هن جي ياڪر ۾ هن جي دل ۾ وڄندڙ چنگ جي پيار پري تنوار محسوس ڪندو رهيو. پر پوءِ هن اهڙي ڳالهه ڪئي، جنهن دادن کي ڇرڪائي وڌو: "دادن، سوڍي کي تون وڃي سمجهاءِ، هرويرو ماٺهوئڙا نه ڪُهائي وڃهي!"

دادن ماٺ ۾ اچي ويو. ڏني جي انهن لفظن نه رڳو هن کي ڇرڪائي وڌو پر هن کي ڪجهه سوچڻ تي مجبور ڪري وڌو. هن سندس منهن ۾ نهاريندي چيو:" ڏنا، تو کي ڪيئن خبر پيئي ته سوڍي جي ماٺهن کي ڪُسڻ جو خطرو آهي؟"

"ڪنهن پکيءَ تي ڳالهه ڪئي ته مغل بکر مٿي، اچي سيوهڻ رسيا آهن...." ڏني اٻوجهائيءَ مان چيو "..... ۽ سوڍو موهن ڪوٽ تان سيوهڻ تي چڙهڻ جون پيو ڪري!"

"موهن ڪوٽ؟"

"سوڍو موهن ڪوٽ ۾ لٿو پيو آهي...."

هاڻ ته دادن جي اچرج جي حد ئي نه رهي. هن هميشه پنهنجي هن ياءُ کي اٻوجهه ۽ گهٽو ٺٽو مورک سمجهيو هو جنهن کي دنيا سان ڪو واسطو ڪو نه هو پر جنهن ڳالهه ڏانهن هن اشارو ڪيو ان مان ته اڻين تي پانيو جڻ ته سنڌ ۾ ٿيندڙ هر اُٿل پٿل ۽ جنگ جهيڙي جي ڪيس خبر هئي. هن آخري ڪوشش ڪندي چيو: "پر ادل، مغل سوڍي سان ڇو وڙهندا؟ هو ته مرزا باقيءَ کي سيڪت ڏيڻ آيا آهن!"

ڏني جي اکين ۾ ڪروڌ پرجي آيو. دادن هن جي اکين جي ان نئين رنگ کي ڏسي حيرت ۾ پئجي ويو: هي اهو ڏنو هو جنهن لاءِ ڪاوڙ ۽ ڪروڌ اوپري ۽ اڻنگي ڪُريت هئي. هو تہ پيار ۽ پريت جو ڪانکي هو. ٻين جي ڪاوڙ تي هن جو پنهنجي مَنَ دکي ٿيندو هو. پر اڄ هن جي اکين ۾ اهڙا اهڃاڻ هئا، جن ۾ ازلي دک کان سواءِ ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جا واچوڙا پئي وسيا. ۽ پوءِ جڏهن نہ چاهيندي بہ چئي ڏنو: "مغل سوڍي يا سنڌين جا مِٺ ڪونهن: مرزا باقيءَ جا مائٽ آهن. دادن!"

"مرزا باقيءَ جا مائٽ؟ سو ڪيئن؟"

"مغل، ارغون ۽ ترخان هونئن بہ سوٽ ماسات آهن. جڏهن مرزا باقيءَ کي سنڌين جا پادر سُجهي آيا، تڏهن هن پنهنجي ڌيءَ اڪبر کي موڪلي ڏني. اها مائي جڏهن اڪبر جي حرم ۾ داخل ٿي تہ آگري ۾ چوٻولو پئجي ويو چي: خونيءَ جي ڌيءَ خونڻ آئي آهي. پر جڏهن اڪبر، سندس ڪاڏيءَ کي مٿي ڪٽي سندس اکين ۾ گهور پائي نهاريو تڏهن هن پنهنجو منهن لڄ کان ٻنهي هٿن سان ڍڪي ڇڏيو ان مهل اڪبر کي سنڌين جي خون بدران فقط انهن هٿن جي مينديءَ جو رنگ نظر آيو. ۽ جاهہ و جلال جو بادشاه ڪمزور آواز ۾ وڦلڻ لڳو: "مجاهد خان، اسين چاهيون ٿا تہ سنڌ جي فتني کي ٻنجو ڏنو وڃي تہ جيئن مرزا باقي آئيندي اسان جي اطاعت جا فرض وڏيڪ خوبيءَ سان بجا آڻي سگهي!"

هي يقيناً ڏني جا لفظ نہ هئا. سياست ۽ ملڪ گيريءَ جا اهي پيچيدا مسئلا، هو ائين بيان ڪري رهيو هو جڻ پاڻ اڪبري دربار ۾ حاضر هجي ۽ اهو سڀ ڪجهہ سندس اکين اڳيان ٿي رهيو هو.

هن وڏي ڏني جي ٻنهي ڪلهن تي هٿ رکندي چيو: "ادل، تو تہ منهنجا ڇيهہ ڇني وڌا آهن. مون کي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ آءٌ تو کي ڇا چوان. پر رڳو ايترو ٻڌائينم، تہ تو اهي خبرون ڪٿان ٻڌيون. ان سڄي ڳالهہ تي سنڌ جي آزاديءَ جو دارومدار آهي!" ڳالهہ ڪندي مهل دادن جي دل ڪنهن عجيب اڌڪي کان ڌڪي رهي هئي.

ڏنو ڪا گهڙي ٺپيءَ ۾ پئجي ويو پر پوءِ هن جي منهن ۾ سرهائي اچي ويئي ۽ هن دادن جي اکين ۾ نهاريندي چيو: "بابل، اسين برو برو فقير ماڻهو آهيون، پر ٻنهہ اهڙا فنا في الله بہ ڪو نہ آهيون، جو گهر ٻرندي اکين تي هٿ

رکي ويٺا هجون. اسان فقيرن جي آستانن تي به مچ پيا ٻرن. جوڳيئڙا، سنياسي ۽ بابو بيکاري هند سنڌ گهمندا وتن. محل سرائن جي چائنٺ کان حرم جي ٻنين تائين رسائي اٿن. اسان جي ته ننڊ به عبادت آهي، دادن! ۽ عبادت ۾ ڏيهه جو ڏکڙو شامل نه هجي ته اها عبادت ڪهڙي؟ اسان جا جوڳيئڙا ۽ ڪنن ۾ واليون وجهندڙ ڪاپڙي هينئر به سنڌ ۾ ڦهليا پيا آهن، ۽ جيڪي پڇين ٿو سو پيا ڪن!"

لفظ جذباتي بنجي، دادن جي ڪنن ۾ شيهو اوتيندا ٿي ويا. هن کي پنهنجي سڄي حياتي وئرٿ ۽ اجائي ويل پاسڻ لڳي. ڪوڙي سياست جا ڪوڙا اڊمبر ۽ ڪوڙا ٻهروپ ڪندي، هن پنهنجي جوانيءَ جو ڳچ حصو ڳاري ڇڏيو هو ۽ هاڻ، جڏهن سياست جو ناٽڪ پورو ٿيڻ تي هو، تڏهن هو پنهنجي ئي گهر ۾، اوپري ڊارئين ٻهروپ ۾ انسئن ۽ اٽتڻ جي تاجي پيٽي ۾ وچڙندو ڦاسندو ٿي ويو. شرم ۽ پڇتاءَ کان هن جي ڇاتيءَ ۾ ڪو چوهو ڇُلي آيو. ۽ هن ڏني کي وري ياڪر پائيندي، سڏڪندي چيو: "ڏنا، تو اڄ مون کي اهڙي ڏونڌاڙ ڏني آهي، جو مَنَ جو مٽڪو ٽٽندو ٿو پانيان. هاڻ موڪلاڻي ڪانهي. جيئرا هونداسين ته گڏباسين، نه ته ڏٽيءَ کي پرتؤ!"

ڏنو ڪو وقت هن کي ياڪر ۾ جهليو بيٺو رهيو جڻ دل ئي دل ۾ هن کي ڪو نياپو ڪو سنيهو ڏيڻ تي گهريائين پوءِ پڻ پڻ ڪندي چيائين: .سنگهار سوڍي ساڻ آهي. جي اوڏانهين ٿو وڃين ته ڪيس موڪلي ڏج. ٻڌو اٿم ته پاڻ هلڻ جهڙو ڪونهي مون اديءَ کي ٻڌائڻ مناسب ڪو نه سمجهيو!"

دادن جڏهن پاڃائين کان موڪلايو، تڏهن الائي ڇو پاڳل کان هاءِ! نڪري ويئي. هن اپسوڙ ڪرڻ نٽي گهريو پر اهو سوچيندي هن جي دل ۾ چڪ پئجي ويو ته هي الائي ڪهڙو واءُ وريو هو جو هڪ ئي گهر جا ٽي ڪونڌر مڙس، پور پيچڻ بنا ڪنهن سٽاڻي سانگ سنبري نڪتا هئا. هن پنهنجا لڙڪ روڪيندي، گهٽيل آواز ۾ چيو: "ابا، ڏٽي ويرين کان رکنديءِ!"

ائين چئي اچي اوچنگارن ۾ پئي. لڙڪ سندس اکين مان وهي، سندس چولي جي آڳي ۾ سمائجڻ لڳا. دادن کان پنهنجي هن پاڃائيءَ

جو ڏک ڏنو نٿي ٿيو. هوسوچڻ لڳو: الائي ڪيترين ونيون وريتيون پنهنجي اڻموٽ ڪونڌرن جي موٽ جي آس لڳائي. پنهنجي اکين جا ساگر سُڪائيندين ٿي ويون. ان ڏک جي تہ ڪا ڪنڌي ئي ڪا نہ هئي. ان کي ٻنڌ ڏيڻ ڪيتري نہ ڏکي ڳالهہ هئي. پر هن دلاسو ڏيڻ لاءِ چيو: ”ادي، ادو سلامت آهي. منهنجو تو سان وچن آهي تہ آءٌ کيس تو وٽ موڪلي ڏيندس.!“

پوڙ نون لڙڪن ۾ نهارڻ جو تاب نہ جهلي، هو پيءُ کان موڪلائي، تڪڙو تڪڙو ٻاهر نڪري آيو. ڏنو بہ پويان لڳو آيس. در کان ٻاهر نڪري، دادن کي گهوڙي تي چڙهڻ کان اڳ چيائين: ”دادن، انهن ڪپڙن مٿان، هيءَ منهنجي ڪفني پائي ڇڏ. ۽ ٽُرو لاهي هي منهنجو پٽڪو ٻڌي ڇڏ. جنهن پاسي تون اُسهيو آهين، اتان ترخاني ويس ۾ لنگهڻ جوکائتو آهي!“

ڏنو ڪفني کيس ڏيندي، ڪو وقت بيهي، هن کي ويندو ڏسندو رهيو ۽ پوڙ گهر ڏانهن موٽندي، پڻ پڻ ڪندي چيائين: ”دادن، تون تہ موٽي ايندين، پر شل سنڌ بہ موٽائي اچين!“

ڪاري رات، ڪارو پنڌ ۽ ڪارا جبل جهاڳيندي، دادن جي من تي ڪارن ڪڪرن جو طوفان متل هو. جتان جتان ٿي هو لنگهيو اتي ترخانن ۽ سوڍي جي جنگين جون ڳالهيون ٿي ٻڌائين. جوانن جا جٿا، جتان ڪٿان پئي پنڌ پيا. ڪي اُٺن تي، ڪي گهوڙن تي، ڪي ڏِڳي گاڏين ۾، تہ ڪي پيرين پنڌ نڪري پيا هئا. هي اهڙو عجيب منظر هو جنهن دادن جي من جي واچوڙن کي تيز ڪري ٿي ڇڏيو. هنن مان ڪن وٽ ترارون، ڀالا ۽ گُرز هئا. گهڻن وٽ ڪهاڙيون هيون. پر ڪن وٽ تہ ٺلها ٻانهن، لوڙهيون ۽ سونٽا هئا. اهڙن هيٺن هٿيارن جي باوجود هنن جي منهن تي اهڙي جوت ٿي جرڪي، جنهن دادن جي دل ڏوڏي ٿي ڇڏي ڪڙمين، پورهيتن، ڪمين ڪاسبين جو هي چڙواڳ ۽ چڙوچڙ لشڪر مغلن جي شاندار منظم فوج سان وڙهڻ نڪتو هو. هي سڀ ڪجهہ ڇا هو؟ هي جوانڙا، هي ڪرڙوڊ، هي ٻيڙا ڪنهن سان وڙهڻ نڪتا هئا؟ مجاهد خان سان؟ ان مجاهد خان سان، جنهن جي فوجي

تربيت ۾ تنظيم سموري هندستان ۾ مشهور هئي، جنهن راجپوتن ۾ راٺوڙن سان جنگيون جوٽيون هيون. جنهن جو هڪڙو لشڪري جيڪڏهن پنهنجي صف ٽوڙي ٻاهر نڪرندو هو ته ان کي دُرا هڻائي مارائي ڇڏيندو هو. جنهن جي گهوڙيسواريءَ تي سڀ امير ريس ڪندا هئا! ڏٺي منهنجا، منهنجي هنن ماروئڙن کي پنهنجي امان ۾ رکج!

۽ هي ماڻهو هن وقت ڪهڙيءَ سوچ ۾ هئا؟ دادن جي دل ۾ آيو ته هو هر سنڌيءَ جي من ۾ گهڙي، اهو سڄو منظر ڏسڻ جي ڪوشش ڪري ته انهن دلين ۾ ڇا هو؟ هن جي دل خود ئي هن کي جواب ڏيڻ لڳي ته هن وقت هنن سنڌين جي دل ۾ ويريءَ جي سڃاڻ بدران رڳو اها ڄاڻ آهي ته سنڌ دُکي آهي، سنڌ غلام آهي، ۽ سنڌ کي هِنن يا هُنن ويرين کان آجو ڪرڻو آهي. اهي سوچون سوچيندي، هڪ ڳوٺ پرسان لنگهندي، هن ماڻهن جو هڪ وڏو ميڙ گڏ ٿيل ڏٺو. ميڙ جي وچ ۾ دونهين جا ڪڪر وَرَ کائي مٿي چڙهندا ٿي ويا. هو به وڏي اچي ميڙ جي ويجهو ٿيو. هن جيڪي ڏٺو تنهن هن کي هڪ ڀيرو وري سنڌ ۾ ترخانن جي موجودگيءَ ۾ ظلم جو احساس ياد ڏياري ڇڏيو. ويهارو کن ترخان ڀالن سان سنڌين جي ميڙ کي اڳيان وڌڻ کان روڪيو بيٺا هئا. وچ ۾ هڪ وڏو مچ ڏڳي رهيو هو ۽ مچ جي اڳيان چار پنج ترخان هڪ قداور جوان کي چوڪنيو ٻڌيو بيٺا هئا. هڪڙيءَ زائفان جون ٻانهون پويان ٻڌل هيون ۽ به ننڍڙا معصومڙا ٻار ٻن ترخانن جي هٿن ۾ ڦٿڪي رهيا هئا. انهن جي پر ۾ هڪڙو ترخان مولوي، پنهنجي ڏاڙهيءَ تي هٿ گهمائيندي، ڪجهه پُڻ پُڻ ڪري رهيو هو ۽ ٻئي هٿ سان هڪ ڊگهي تسبيح سوري رهيو هو. دادن به گهوڙي تان لهي پيو. گهوڙو هڪڙي وڻ سان ٻڌي، ميڙ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ڪلها هڻڻ لڳو. ميڙ جا ماڻهو ڊگهي ڪفني پاتل هن جوڳي فقير کي، ائين ڪلها هڻندي، گهٽون هڻندي ڏسندا رهيا، پر ڪنهن به هن ڏانهن ڪو خاص ڌيان نه ڏنو.

اوچتو مولويءَ پنهنجو هٿ مٿي ڪنيو. ميڙ ۾ جيڪا چڻ پڻ هئي، سا هڪدم بند ٿي ويئي، ڄڻ ماڻهن پنهنجو ساهه روڪي ورتو هو. مولويءَ پهرين ته هڪڙي آيت سڄوري پڙهي، ۽ پوءِ وڏي آواز ۾ چيائين: "مومنو مسلمانو دين وارو! قرآن ۾ حڪم آيو آهي ته زانيءَ جي سزا موت آهي.

زانيءَ کي سنگسار ڪرڻ عين ثواب آهي. اسان جي هن ديني حڪومت ۾ بہ زانيءَ کي اها ئي سزا ملندي، جيڪا شريعت مقرر ڪئي آهي. هن خبيث سنڌي..... منهنجو مطلب آهي تہ هيءُ شخص جيڪو پاڻ کي مسلمان ٿو سڏائي، دين جي رستي کان هٽي، پاڻ کي جهنمي ثابت ڪري چڪو آهي. سيني مومنن جي اها دلي خواهش ٿيندي آهي تہ جهنمين کي دوزخ جي باهہ جو نظارو ڏيکارجي تہ جيئن ٻين سنڌين..... منهنجو مطلب آهي تہ ٻين مومنن لاءِ عبرت جو باعث بنجي. چنانچہ، منهنجو مطلب آهي تہ تنهنڪري، حضور امير المؤمنين جي خليفي ۽ سنڌ جي حاڪم، ظلِ الاهي حضرت مرزا محمد باقي بيگ خان ترخان جي فرمان شاهيءَ موجب، هنن ٻن زانين کي، ۽ هنن ٻنهي ولدالزنا، منهنجو مطلب آهي تہ حرامي ڦرن کي سنگسار ڪيو ويندو ۽ پوءِ هنن کي هن باهہ جي مچ ۾ اڇلايو ويندو!"

مولويءَ پنهنجي جُبي جي اندران هڪ فرمان ڪڍي، ماڻهن کي ڏيکاريندي، فرمان کي ڏاڍيان پڙهڻ شروع ڪيو. فرمان فارسيءَ ۾ هو، تنهنڪري ماڻهن کي رڳو نالا سمجهہ ۾ ٿي آيا. پر دادن جيئن جيئن فرمان جا لفظ ٻڌندو ويو، تيئن تيئن هن جون منيون پيڙجنديون ويون. رت هن جي لوڻن ۾ چوليون هڻڻ لڳو. فرمان ۾ چيو ويو هو تہ هن ڳوٺ جي تماچيءَ ولد دودي چني، هڪ ترخان اميرزاديءَ کي ڀڄائي پاڻ وٽ سُريت ڪري ويهاريو هو ۽ بنا نڪاح جي، هنن بہ ٻار بہ پيدا ڪيا هئا. هنن جي گرفتاري عمل ۾ اچڻ کان پوءِ ڳوٺ جي عامل لاءِ اهو حڪم هو تہ هو مولويءَ جي فتوي تي عمل ڪري، هنن کي سزا ڏيارڻ جو بندوبست ڪري.

دادن جي وات مان ذري گهٽ ڏاڍيان اُهي لفظ نڪرڻ وارا هئا: "مار، چئبو تہ هي جهڳڙو آهي ئي ترخان اميرزاديءَ جو! ترخانن جي تہ شريعت بہ پنهنجي تہ اِسلام بہ پنهنجو!" ۽ پوءِ هن اُن ترخان اميرزاديءَ ڏانهن نهاريو جا سنڌي وڳي ۾، هڪ نماڻي ڳوٺاڻي پئي لڳي. سندس اکين ۾ ڊپ جو درياهہ لهرون هڻي رهيو هو پر ڪنهن ڪنهن وقت پيار جو هڪ اٿاهہ ساگر، هن جي اکين مان وهي، تماچيءَ ۽ پنهنجي معصومڙن کي جڻ پاڻ ۾ سمائيندو ٿي ويو. هن جون نگاهون مچ بدران

تماچيءَ ۾ ڪتل هيون. ۽ ڪيڏيءَ ڪيڏيءَ مهل پنهنجي بادلن پرين اکين سان پنهنجي معصوم مڙن ڏانهن تي ڏنائين. بہ پراڻا لڙڪ هن جي چپن جي ٻنهي پاسي سُڪي ويا هئا. ۽ انهن لڙڪن هن جي چپن تي هڪ اهڙي مُرڪ آڻي ڇڏي هئي، جنهن هن جي موڪري منهن ۾ ڊپ کي لڪائي ڇڏيو هو.

ماڻهن ۾ وري پڙ پڙ ۽ بي آرامي ڦهلجي ويئي هئي. مولويءَ وري بہ ماڻهن کي ماٺ ڪرائڻ لاءِ هٿ مٿي ڪنيو: پوءِ وڏي واڪ چيائين: "اوهان مان ڪهڙو مومن آهي، جو سڀ کان اول هن کي سنگسار ڪرڻ لاءِ پهريون پهڻ اڇليندو؟ دين جي خيال کان اها وڏي عبادت آهي، ۽ ان جو اجر ٻنهي جهانن جي سرخروئي آهي!"

ميڙ ۾ ماٺ ٿي ويئي. ڄڻ اوچتو سڀ جا سڀ مري ويا هئا. ڄڻ سيني جي وائي هلي ويئي هئي، ڄڻ سڀ گونگا ٿي ويا هئا. هنن ۾ تہ چرپر بہ بند ٿي ويئي، ڄڻ تہ هو پنڊپهڻ ٿي ويا هئا. هنن جي منهن تي ڪي ڇاياڻون هيون، جن ۾ ترخانن جي پالن ۽ ترارين جا پاڇولا ٽڙڪي رهيا هئا. پر اوچتو ڪو ميڙ کي چيريندو اڳتي وڌڻ لڳو. ماڻهن ڏٺو تہ اهو گيڙوءَ رتي ڪفنيءَ ۾ ڪو جوڳي فقير هو. ڪن ماڻهن هن کي اڳي ئي خاص نظرن سان پئي جاچيو ۽ پوءِ هن جي مولويءَ ڏانهن وڌڻ تي ماڻهن جي گونگي زبان ۾ وائي موٽي آئي ۽ ان ڇڻ پڻ مان جوڳيءَ جي ڪنن تي اهو آواز پهتو: "هيءُ وري ڪميٽو ڪير؟"

پر دادن وڌندو رهيو.... هن جو رخ مولويءَ ڏانهن هو. مولويءَ جي منهن تي خوشيءَ جا اهڃاڻ مِڙي آيا، ڄڻ هن کي اُميد ئي ڪا نہ هئي تہ ڪو سنڌي پهڻ اڇلائڻ لاءِ تيار ٿيندو. مولوي هن مومن کي ڀاڪر پائي ملڻ لاءِ بہ وکون اڳيان وڌي آيو. جڏهن کيس ڀاڪر پاتائين، تڏهن اوچتو ڪنهن تکي شيءِ جي چهنب پنهنجي پيٽ ۾ چڀندي محسوس ٿيس ۽ ان کان بہ تکي چهنبدار فارسي ٻڌڻ ۾ آيس: "ملان، هڪدم سپاهين کي حڪم ڪر تہ هنن کي ڇڏي ڏين، نہ تہ هي خنجر تنهنجن آنڊن گُجين جي، پار هوندو!"

مولويءَ جي منهن تي هيڊ هارجي ويئي ۽ هو سڄو ڏڪڻ لڳو. ڪناري جي چهنب جيئن پوءِ تيئن هن جي چمڙيءَ ۾ اندر گهڙندي ٿي

ويئي ۽ هن کي پڪ ٿي ته رت وهي، هن جي ڏُنَ ۾ گڏ ٿيڻ لڳو هو. رت جي آلاڻ هن جي ڏڪٽيءَ کي هيڪاري وڌائي ڇڏيو ۽ هو ڪرڙيءَ وانگر ڦٿڪڻ لڳو.

"آءٌ وڏيڪ ڪو نه ترسندس..... آءٌ ڏهن تائين انگ ڳڻيندس.... هڪ، ٻه..." دادن هري هري چيو.

مولوي هيڪندڙ آواز ۾، هڪڙي ترخان کي رڙ ڪري چيو: "هنن کي آزاد ڪريو..... هن کي وڃڻ ڏيو..."

ترخانن جڻ ته اهي لفظ ٻڌائي ڪو نه. هو حيرت مان مولويءَ جي منهن ۾ ڏسندا رهيا. "ٽي..... چار.....!" اُن آواز سان ئي مولويءَ محسوس ڪيو ته خنجر سندس پيٽ ۾ آڱر جي ٻن ڏوڏن جيترو اندر هليو ويو. هن دانهن ڪندي چيو: "خدا جي واسطي جهٽ ڪريو.... هنن کي آزاد ڪريو نه ته..... نه ته.....!"

"پنج، ڇهه.....!" ۽ ڪٽارو ٿورو وڏيڪ اندر هليو ويو.

"....آه.... نه ته آءٌ امير کي چئي، اوهان کي مارائيندس.... جهٽ ڪريو!"

ترخانن اهي لفظ ٻڌي، تماچيءَ، سندس زال ۽ ٻارن جا رسا کولڻ شروع ڪيا. ميڙ ۾ وري ماٺ ٿي ويئي، ۽ سوين اکيون هڪ ٽڪ جوڳيءَ جي ڀاڪر ۾ مُلي کي ٿڙڪندو ڏسنديون رهيون. جڏهن هنن جا بند لٿا، تڏهن جوڳيءَ ڏاڍيان سنڌيءَ ۾ چيو: "تماچي، هن ميڙ جي پٺيان، ڪاٻي پاسي، نم ۾ منهنجو سُرخو ٻڌل آهي. ان تي چڙهي لهارڪي وسينءَ هليا وڃو. وچ ۾ ساهي به نه پٽجو. اتي مدرسي ۾ منهنجا همراهه ملندوَ تن کي چئج ته دادن سلام ڏنا آهن..... تڪڙو وڃ ته جيئن رات نه پويئي....... شل ٻچڙن سان خوش هوندين!"

تماچي ۽ سندس زال هن جوڳيءَ ڏانهن ڪجهه اهڙين نظرن سان ڏٺو جن ۾ بي اعتباريءَ سان گڏ پنهنجائپ ۽ شڪر گذاريءَ جو ساگر چوليون هڻي رهيو هو. اها پنهنجائپ هڪ نئين پنهنجائپ هئي، جنهن جو ڪو نالو هو جنهن جا ڪي اهڃاڻ هئا: انهن اهڃاڻن کي سڃاڻندا، سوچيندا، هو ميڙ مان نڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيا. ميڙ ۾ جڻ ڪنهن گهاري پورڻ سان لوڳهو پئجي ويو ۽ ميڙ جا ڪي ماڻهو "مبارڪون هجنئي ادا،

لک لک مبارڪون!" چوندا هنن کي ڳراٽيون پائيندا، ڀاڪرن ۾ اڳتي وڌائيندا، کين گهوڙي تائين رسائي آيا.

ميڙ وري ڄمي ويو ۽ ماڻهن اچا بہ مولويءَ کي ساڳيءَ طرح سان ٽٽڪندو ڏٺو. جوڳيءَ وري فارسيءَ ۾ چيو: "هاڻ هنن ترخانن سپاهين کي چؤ تہ موتي پنهنجي ڇانوڻيءَ تي وڃن....."

ترخان سپاهي بہ هاڻ ڳالهہ کي سمجهي ويا هئا ۽ هنن مان ٿي ڄڻا، ڀالا سڌا ڪري، جوڳيءَ جي پويان اچي بيهي رهيا. جوڳيءَ ڇڻ کين ڏٺو ئي ڪونہ ۽ ڏاڍيان فارسيءَ ۾ ئي چيائين: "اوهان مان هڪڙي بہ وِک اڳتي کنئي آهي تہ آءُ خنجر مُلان جي پيٽ ۾ تنبي ڏيندس!"

ترخان ڄمي ويا، اتي ئي ڄمي ويا. هو منجهي پيا تہ ڇا ڪن. مولويءَ جو مارجڻ معنيٰ هنن جو پنهنجو موت هو. هي مولوي انهن مولوين مان هو جن کي قنڌار مان خاص طرح سنڌين کي دين سيکارڻ ۽ فارسي پڙهائڻ لاءِ گهرايو ويو هو. هن کي ڪجهہ ٿيو تہ مرزا باقي سندن جڙ-ٻچو رُلائي ڇڏيندو. هڪ ترخان همت ڪري چيو: "سنڌي، تو کي ڪتيءَ کنيو آهي شايد! مولوي صاحب کي ڇڏ نہ تہ......"

هن اچا جملو پورو ئي نہ ڪيو تہ مولويءَ جي وات مان دانهن نڪري ويئي، ۽ هن رنئيندي چيو: "خبيث، پنهجي زبان کي لغام ڏي، ۽ سنڌي جيئن چوي تيئن ڪريو!"

ترخان ڪنڌ هيٺ ڪري بيهي رهيا. جوڳيءَ جي منهن تي مرڪ اچي ويئي ۽ هن اشاري سان هڪ ٻن جامڙد جوانن کي ميڙ مان سڏي چيو: "ڀائو هنن ترخانن کان ڀالا ۽ ترارون وٺي هٽ ڪريو...."

بہ جوان ترخانن کان ڀالا ۽ ترارون گڏ ڪندا ويا. جنهن ترخان هٿيار ڏيڻ کان ڪجهہ لهرايو ٿي تہ هنن جوڳيءَ ڏانهن ٿي ڏٺو. جوڳيءَ سان سندن نظر ملندي ئي مولويءَ کان ڪيڪ نڪري ٿي ويئي ۽ ترخان کي هٿيار پيش ڪرڻا ٿي پيا. جڏهن هٿيار سمورا گڏ ٿي ويا، تڏهن جوڳيءَ وري گهوڙن جي گهُر ڪئي. ترخان گهوڙن تان لهي پيا. جوڳيءَ جي اشاري تي، بہ جوان ٽي گهوڙا ڪاهي اچي جوڳيءَ جي ويجها پهتا. جوڳيءَ جوانن کي گهوڙن تي سوار ٿيڻ جو اشارو ڪري، مولويءَ کي ڇڏي ڏنو. ميڙ جي ماڻهن ڏٺو تہ جوڳيءَ جي ڪٽاري جي

ڇهنب ڳاڙهي رت سان چمڪي رهي هئي. هٿيار جوانن ۾ ورهائي، پاڻ بہ هڪڙو ڀالو ڪٽي، جوڳي گهوڙي تي چڙهي وينو ۽ فارسيءَ ۾ ترخانن ۽ مولويءَ کي وڃڻ لاءِ حڪم ڏنائين.

مولوي ۽ ترخانن جي سهاري سان، ڪنڌ هيٺ ڪري، ٻين ترخانن سان گڏجي ميڙ مان نڪري ويو. جوڳيءَ ميڙ تي هڪڙي نظر وجهندي چيو: "پائرو اوهان هيٺرن جي هوندي، ترخان ائين ڪونڌر کهندا وتن ۽ اوهين رڳو تماشو ڏسندا رهو يا گونگا لڙڪ ڳاڙيندا رهو. سو وقت هاڻ ويو. سموري سنڌ ڪَرَ موڙي جاڳي پيئي آهي. جيجل سنڌ جو سڏ اوهان کي بہ آهي. جن کي ساهہ کان لڇ پياري آهي، سي ٽڙي پکڙي وڃو ۽ سنڌ جي انهن سپوتن سان وڃي ساٿ ڏيو جيڪي هن سر زمين کي ترخانن کان پاڪ ڪرڻ لاءِ سر سان ڪفن ٻڌيو وتن. اهو نياپو اهو سنيهو ياد رکجو. ڪجهہ سوچيو متان گهڙي ٽري وڃي!"

ائين چئي هن گهوڙو ميڙ جي هڪ طرف موڙيو ۽ ويندي وقت وڏي واڪ چيائين: "جيئي سنڌ!"

ميڙ مان ماڻهن ڪن هري، ڪن ڏاڍي چيو:"سدا جيئي سنڌ!"

لڙڪن جي گهري ڌنڌ مان هو هن جوڳيءَ کي ويندي ڏسندا رهيا!

هيل تہ سنڌوءَ ۾ ڪا ڳاڙهي رت۔ ريتي اُٿل آئي هئي. جيئن جيئن ڏينهن لنگهندا ويا، سنڌوءَ جو پاڻي وڌيڪ ڳاڙهو رت ورنو ٿيندو ٿي ويو. ڪنهن کي اها سڌ نہ هئي تہ پاڻيءَ جو اهو ورن ڪيئن ٿيو. جوڳي فقيرن تہ اهو ٿي چيو تہ جتان جتان سوڍل ٿي لنگهيو اتان پاڻيءَ جي روءِ ڳاڙهي رت ورني ٿيندي ٿي ويئي. فقيرن جي ڳالهہ ڪنهن سمجهي تہ ڪنهن نہ سمجهي، پر دادن جيئن جيئن ڪنهن ڳوٺ، ڪنهن واهڻ، ڪنهن وسيئن مان ٿي لنگهيو تڏهن انهن واهڻ وسين جي ماڻهن تي سرهائي موٽندي ٿي ڏٺائين. جڏهن موهن ڪوٽ پهتو تہ دهلن دمامن تي ماڻهو جهمريون هڻي رهيا هئا. لاڏا ۽ جمالا ڳائي رهيا هئا. هن اتي ٻڌو تہ سيوهڻ جو ڪوٽ ڪِري پيو هو ۽ سوڍي جو لشڪر سيوهڻ ۾ ڪاهي پيو هو. مرزا جاني بيگ جان بچائي ڀڄي نڪتو هو.

چپائون تي تہ نئي مان نئون لشڪر آٽي وري سيوهڻ تي چڙهندو. دادن جي دل ۾ ڪئين آسون اميدون وڏنديون وڻ ٽيندبون ويون. هيلوڪي اٿل آزاديءَ جي اٿل هئي..... پر مغل....؟ هن اهو خيال بہ پنهنجي ذهن ۾ آڻڻ نہ ٿي گهريو تہ مغل ڪو سنڌ جي آزاديءَ آڏو ايندا.

سيوهڻ ڪان ڪوهين پري هو تہ هن کي سيوهڻ جي ڪوٽ جي ڪنگرن تي ڦڙڪندڙ سنڌ جا ست رنگا، اندلٽ جي رنگن جا جهنڊا نظر آيا. هن کي الائي ڪهڙو خيال آيو ۽ هو گهوڙي تان لهي سجدي ۾ ڪِري پيو. "الله سائين، ان اندلٽ کي وري نہ چيڙجان"! منهنجا مولا، سنڌين جي آسن اميدن جي انهن ستن رنگن تي پنهنجي رحمت ڪج!" هو جڏهن سجدي مان اٿيو تڏهن هن جي اکين ۾ لڙڪن سان گڏ اندلٽ جا ست ئي رنگ مڙي آيا، پر جڏهن هو گهوڙي ڏانهن وڌيو تہ پنهنجي چوڌاري ويهارو کن مغل سپاهي بيٺل ڏٺائين. هو اٿيو تہ بہ مغل يالا سڏا ڪري هن ڏانهن وڌي آيا.

"تون ڪير؟ "هڪڙي فارسيءَ ۾ چيو.

"مسافر!" دادن مختصر جواب ڏنو.

"هن پاسي ڪيڏانهن سنبت آهي؟" مغل وري پڇيو.

"سيوهڻ" دادن وري بہ مختصر جواب ڏنو.

"سيوهڻ ڪيئن داخل ٿيندين؟" مغل جي آواز ۾ ٿوري سختي اچي وئي.

"چو؟ سيوهڻ ۾ داخل ٿيڻ تي منع پيل آهي ڇا؟" دادن حيرانيءَ مان پڇيو.

مغل هڪٻئي جي منهن ۾ ڏسڻ لڳا. هو غور سان دادن جي منهن ۾ گهورڻ لڳا. هڪڙي مغل جي نظر هن جي گيڙوءَ رتي ڪفنيءَ تي هئي. هو ٿورو اڳيان وڌي آيو ۽ بيخبريءَ ۾ هن ڪفنيءَ کي هڪ پاسي کان زور سان ڇڪ ڏني. ڪفنيءَ جو هڪ وڏو ٽڪر مغل جي هٿ ۾ اچي ويو. ان جي هيٺان دادن کي پيل ترخاني پهراڻ ۽ ڪمربند ۾ لٽڪيل خنجر نظر اچڻ لڳو.

"هون... تون سنڌي آهين يا ترخان؟" مغل مرڪندي پڇيو.

"ترخان!" دادن ڪجهہ سوچيندي چيو.

”پوءِ هي ٻهروپ ڇو؟“ مغل هن جي منهن ۾ نهاريندي چيو.
”سنڌين کان بچڻ لاءِ“ دادن وري به مختصر جواب ڏنو.
”پوءِ سيوهڻ ڪيئن ٿي وئين؟“ مغل سوال ڪيو.

دادن منجهي پيو. جيڪڏهن ٿو چوي ته سنڌين خلاف جاسوسي ڪرڻ ٿو ويچان ته ان جي خبرچار پڇندا. جيڪڏهن سيوهڻ تي سوڍل جي قبضي کان اڻڄاڻائي ٿو ظاهر ڪري ته ترخان هجڻ جي حيثيت ۾ مرزا جاني بيگ جي شڪست کان بيخبريءَ تي اعتبار ڪو نه ڪندا. ڪُجهه سوچيندي هن اٿلو سوال ڪيو: ”پر اوهين ڪير آهيو؟ ۽ هيئن رستي روڪ ڪرڻ جو اوهان کي ڪهڙو اختيار آهي؟“

مغل کلڻ لڳا. هنن کي جڻ ته هن جي ان سوال تي کل اچڻ لڳي هئي. ٻيءَ گهڙيءَ هڪڙي مغل جي اشاري تي به ٻيا مغل اڳيان وڌي آيا، هن کي قابو جهلي بيهي رهيا. ان مغل وڌي، هن جي جامي ۽ صدريءَ جي تلاشي وٺڻ شروع ڪئي. هن جي صدريءَ جي اندر کين مرزا باقيءَ جو قنڌار لکيل خط ملي ويو. مغل جڏهن ان کي پڙهڻ شروع ڪيو ته سندس منهن تي حيرت جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا. هن بي اعتباريءَ ۽ ڪاوڙ مان دادن کي گهوريندي چيو:”سچ ٻڌاءِ، ته تون ڪير آهين؟ ۽ هي خط ڪيڏانهن ٿو کڻي وڃين؟"

دادن ڪو جواب نه ڏنو. ان خط جي اهميت جو کيس خيال ئي نه رهيو هو. اوچتو هن جڻ خوشامد جي انداز ۾ چيو: " هي خط آءٌ حضور خان اعظم مجاهد خان جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ وڃي رهيو هوس ته جيئن انعام حاصل ٿئي!"

"پر تو کي هي خط ڪٿان مليو؟" مغل جي بي اعتباري جيئن پوءِ تيئن وڌندي وئي.

"اهو آءٌ فقط خان اعظم کي ٻڌائيندس!"دادن هن جي بي اعتباريءَ جو فائدو وٺندي چيو. "چڱو توکي خان اعظم جي حضور ۾ پيش ڪيو ويندو. پر خبردار جي پڇي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي اٿئي ته پاڻ تو ڄاڻين!"

احتياطاً مغلن هن جا هٿ ڪٺي پويان ٻڌا. کيس ائين گهوڙي تي چاڙهي، هو اڳتي وڌيا. ٿورو ئي اڳتي وڌڻ سان مغلن جي بي پناهه لشڪر تي هن جي نظر پئي. سيوهڻ جي قلعي جي هڪ طرف ميلن ۾

ڪوهن ۾ اهو لشڪر ڦهليل هو. جيئن وڌندا ويا تيئن لشڪر جا آواز هن جي ڪنن تائين ايندا ويا. جڏهن ويجهو پهتا ته ان لشڪر کي ڏسي دادن جو هِنيون ٺئي هڃي ويو. هن لشڪر کي منهن ڏيڻ ناممڪن هو. ٽيهه هزار سوار ۽ لک کن پيادل جو هي مغل لشڪر سنڌ ته ڇا، سموري هندستان کي ڏهڪائڻ لاءِ ڪافي هو.

جڏهن هو مختلف تنبن وٽان ٿيندي، مجاهد خان جي شاهي شاماني اڳيان پهتا، تڏهن دادن کي پهريون ڀيرو زيبا ياد اچي ويئي. زيبا جو ان وقت ياد اچڻ به هن کي ڏاڍو ڏکيو لڳو جڏهن سنڌ جي اندلٽي جهنڊي هيٺان هي منحوس ڪڪر مغل لشڪر جي صورت ۾ پنهنجي اکين آڏو ڏسي رهيو هو. پر جڏهن هو مجاهد خان اڳيان حاضر ڪيو ويو، تڏهن مجاهد خان جو منهن رنگ ڇڏي ويو.

"تون!؟" مجاهد خان چڻ هن کي ڪنهن به صورت ۾ ڏسڻ نٿي گهريو.

"آءٌ حضور جن جي خدمت ۾ پاڻ حاضر ٿيڻ وارو هوس ته اوهان جا هي همراه نماز پڙهندي، مون کي جهلي آيا آهن!" دادن مجاهد جي اکين کي پاڻ ڏانهن موٽائڻ لاءِ ڪيس ٽوڪ هڻندي چيو.

مجاهد خان پنهنجن ماڻهن کي اشارو ڪيو ۽ تنبو خالي ٿي ويو. مجاهد خان تنبوءَ ۾ عجيب پريشانيءَ جي عالم ۾ اچ وڃ ڪرڻ لڳو. ڪو وقت هو ائين اچ وڃ ڪندو رهيو. پوءِ هڪ هنڌ بيهي رهيو- ۽ دادن ڏانهن نهاريندي، ڪيس ديوان تي ويهڻ جو اشارو ڪيائين. دادن سندس منهن ۾ نهاريندو هن جي بيچينيءَ کي پڙهندو رهيو. مجاهد خان ڪيس وري ويهڻ جو اشارو ڪيو، تڏهن دادن کلي چيو: "حضور جن جيسين بندي جا بند خلاص ڪرڻ جو حڪم نه فرمائين، تيسين بندو آرام سان ڪيئن ويهي سگهندو!"

انهن لفظن جي ٻُتي معنيٰ مجاهد خان کي هيڪاري بي آرام ڪري وڌو. هن پاڻ وڌي، پنهنجي خنجر سان، سندس ٻانهون کوليندي، پڻ پڻ ڪندي چيو: "سنڌي، اسان کي شرمسار ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪر! خدا جو قسم، ظلِ الاهيءَ جي حڪم عدوليءَ جو خيال نه هجي ها ته آءٌ ڪڏهن به هن مهم تي نه اچان ها!"

دادن ڪو به جواب نه ڏنو. مغل جو وعدو ڪني پاڻيءَ جي ٻوءِ مثل

"حڪم جي هڪدم پيروي ٿيندي، حضور!" محمود خان ائين چئي ٽڪڙو ٻاهر هليو ويو.

مجاهد خان وري وڏي دادن تائين آيو. ڪنهن نئين اميد ڪان دادن جي اکين ۾ سرهائي موٽي آئي. پر مجاهد خان جي اکين ۾ اچا تائين اُٽڙ هئي، جنهن کي لڪائڻ لاءِ هن رومال ڪڍي پنهنجو منهن اگهڻ تي شروع ڪيو. پوءِ ٻيئي هٿ دادن جي ڪلهن تي رکي هن چيو: "اسين سنڌين جي بهادريءَ جا متعرف آهيون. مرزا جاني بيگ جي ايڏي ساري لشڪر کي شڪست ڏيڻ تي اسين حيران آهيون. پر جيڪڏهن سنڌين اسان جو مقابلو ڪيو تہ اسين لاچار ڪين سيڪت ڏيڻ تي مجبور ٿينداسين!"

"پر حضور، سنڌين جو مغلن سان تہ ڪو بہ جهيڙو جهڳڙو ڪونهي. هو مقابلو ڪرڻ ڇو چاهيندا؟ هنن جي جنگ تہ ترخانن سان آهي!" دادن نهٺائيءَ مان جواب ڏنو.

"خير، پر هي سنڌي لشڪر جو سپهہ سالار سوڍو خان ڪير آهي. اسان سندس همت ۽ مردانگيءَ جون ڏاڍيون ڳالهيون ٻڌيون آهن. ڇا اهو سچ آهي تہ هو هڪ عام لوهار آهي؟" دادن محسوس ڪيو تہ مجاهد خان جي پوئين لفظن ۾ طنز ۽ ٺوڪ جو اهڙو نشتر هو جيڪو سڌو سنئون هن کي چڙ ڏيارڻ لاءِ هو. هو سوچڻ لڳو تہ ڇا هو هن کي ٻڌائي تہ سوڍو ڪير هو. سوڍي جو تصور ڪندي ئي هن جي اکين ۾ عجيب اُمنگ ڀرجي آيو ۽ هن ڇڻ ٻاراٽي اتساهہ سان چيو: "سنڌ جي لشڪر ۾ وڙهندڙ هر سپاهي سوڍو آهي، حضور! ۽ انهن سپاهين ۾ برابر ڪي امير، نواب ۽ درٻاري ڪونهن. انهن ۾ گهڻو ڪري ڪمي، ڪاسبي ۽ پورهيت ماڻهو آهن، جيڪي پنهنجي وطن تان سر گهورڻ ۾، پنهنجيءَ لڄ ۽ آبروءَ لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهہ قربان ڪرڻ لاءِ سر سان ڪفن ٻڌي نڪتا آهن. جيسين سنڌ آزاد نہ ٿي آهي، تيسين هو سک نہ سمهندا!"

"پوءِ جي ڪين اسان سان مقابلو ڪرڻو پيو تہ ....." مجاهد خان هاڻ خوش طبعي ڪرڻ لڳو هو.

"خدا اهو ڏينهن نہ آڻي، حضور! پر جيڪڏهن هنن تي جنگ

هو جا بوءِ هنن جي دماغ ۾ چڙهي گهر ڪري ويئي هئي. پر مجاهد خان ته سپاهي هو. سپاهيءَ جو وعدو ته لوهه تي ليڪو هوندو آهي. پر اڪبر جي حڪم عدوليءَ جو بهانو ان ليڪي کي به ڍاهي ويو. هن آخري ڪوشش ڪرڻ لاءِ چيو: " پر حضور، اوهين ظلِ الاهيءَ جي سلطنت جا به ته خير خواه آهيو. جو شخص قنڌار جي معاملي ۾ ايران سان معاهدا ڪندو وتي، صفوين جي اشاري تي مغل سلطنت سان هٿ چراند ڪرڻ لڳو آهي، ان کي سزا ملڻ بدران ظلِ الاهي هن کي انعام اڪرام سان ٿو نوازي- اها ڳالهه مون کي سمجهه ۾ نٿي اچي!"

"تو وٽ ڪهڙو ثبوت آهي ته مرزا باقي صفوين جي اشاري تي ٿو هلي؟" مجاهد خان جي اچ وڃ اوچتو روڪجي ويئي.

"جن سپاهين مون کي گرفتار ڪري آندو هو انهن منهنجي جامي تلاش ڪري، هڪ اهڙو دستاويز پاڻ وٽ رکيو آهي، جو اُن حقيقت کي ثابت ڪري سگهي ٿو." دادن اوندهه ۾ تير اُڇلائڻ واري انداز ۾ چيو.

مجاهد خان جي حڪم تي اهو خط پيش ڪيو ويو. مجاهد خان جيئن جيئن اهو خط پڙهندو ويو، سندس منهن ڳاڙهو ٿيندو ويو. اوچتو هن تاڙي وڄائي، وري سپاهين کي گهرائي ورتو.

"محمود خان کي حڪم ڪيو وڃي ته هڪدم مون وٽ هليو اچي!" مجاهد خان اهو حڪم ڏيندي، ديوان تي ويهي رهيو. سوچ ۽ فڪر جا آثار هن جي منهن تي ڪاوڙ ۾ بدلجندا ويا ۽ جڏهن محمود خان ڪورنش ڪري، مجاهد خان ڏانهن نهاريو ته هن جي دل به ڪنهن اڻاتي ڊپ کان ڌڪڻ لڳي هئي.

"محمود خان، اسين چاهيون ٿا ته هي خط اسان جي پنهنجي خط سان گڏ ظلِ الاهيءَ کي پيش ڪري، ان جو جواب فورا آندو وڃي. ظلِ الاهي لاهور ۾ منزل انداز آهي، اسين چاهيون ٿا ته آگري رواني ٿيڻ کان اڳ هو هن خط جو ملاحظو ڪن!"

"جو حڪم، خان اعظم." محمود خان ڌڪندي چيو.

"هن سنڌيءَ کي اسان جي شاميانې ۾، اسان جي مهمان طور رکيو وڃي!"

مڙهي ويئي تہ مغل بہ ياد ڪندا تہ ساٽيهہ تان سر ڏيڻ وارا سنڌي بهادريءَ ۽ جان نثاريءَ ۾ مغلن کان ڪنهن بہ طرح گهٽ نہ آهن!" دادن وري بہ نهٺائيءَ مان چيو.

"ترخانن جي ٻي ڳالهہ آهي ۽ مغلن جي لشڪر سان سامهون ٿيڻ ٻي ڳالهہ آهي. اسين جي چاهيون تہ سيوهڻ هڪڙي ڏينهن ۾ فتح ڪري سگهون ٿا. اسان جو لشڪر ٽڪل آهي، ان ڪري اسين نٿا چاهيون تہ هڪدم ڪين وڙهڻ تي مجبور ڪريون. پر جيڪڏهن سنڌي اسان جي اطاعت جو اعلان ڪن ۽ سيوهڻ جو قلعو اسان جي حوالي ڪن تہ اسين ظلِ الاهيءَ اڳيان سنڌن مقدمو ڀيهر پيش ڪرڻ لاءِ تيار آهيون!"

مجاهد خان جي انهيءَ ڦڙتيءَ دادن جي دل ۾ ڦهريون پيرو مغلن لاءِ نفرت جي چڻنگ دکائي ڇڏي. ڏاريان نيٺ ڏاريان. هنن مان ڪا اميد رکڻ عبث آهي. هو ڪو ترش جواب ڏيڻ وارو هو پر اوڏيءَ محل محمود خان مير منشي مڪارم خان سان اندر لنگهي آيو ۽ دادن چپ ٿي ويو.

"ڇڱو تون هاڻ آرام ڪر. اسين صبح جو وري توکي سڏائيندا سون ۽ ان مسئلي تي گفتگو ڪنداسين!" مجاهد خان سنڌس ڪلهي تي هلڪو زور ڏيندي چيو.

دادن پنهنجي تنبوءَ ڏانهن ويندي، سڄي واٽ مغل لشڪر سان سوڊي جي مقابلي تي سوچيندو رهيو. جڏهن ساڻس گڏ هلندڙ سپاهي، هڪ تنبوءَ اڳيان بيهي رهيو تڏهن دادن بہ پنهنجن خوابن مان جاڳي پيو. انهيءَ تنبوءَ اڳيان بيٺل پهريدارن کي سپاهي دادن متعلق هدايتون ڏيئي واپس هليو ويو. دادن جي دکي من ۾ هزارين انومان ۽ وسوسا محشر مچائڻ لڳا هئا. اڪبر ڪهڙو جواب موڪليندو؟ مغل لشڪر ۾ ڪهڙا سردار مرزا باقيءَ جي پاسي هئا؟ خود مجاهد خان ڪٿي سنڌ جي خلاف نہ هجي، پر سنڌس صلاحڪارن جا ڪهڙا خيال هئا؟ اهي سموريون خبرون وٺڻ لاءِ هن وٽ ڪو بہ ذريعو ڪو نہ هو. هو ڪنڌ هيٺ ڪري، تنبوءَ ۾ داخل ٿيو تہ پنهنجي سامهون جيڪي ڏٺائين، تنهن هن جي ذهن جي واچوڙن کي اتي ئي بيهاري ڇڏيو. زيبا پنهنجي اکين ۾ اٿاهہ پيار آٽي، هن جي آجيان لاءِ بيٺل هئي. سنڌس چپن تي

اهڙي مرڪ هئي، جنهن هن کان اهو وساري ڇڏيو ته هاڻ مغل به سنڌ جا اوڏا ئي دشمن هئا، جيترا ترخان.

"زيبا، تون؟" دادن جي لفظن ۾ پنهنجائپ بدران اچرج هو.

"اوهان کا خبر نه ورتي ته مون کي ئي اچڻو پيو!" زيبا جي اکين ۾ پيار ڇلڪڻ لڳو ۽ هن نه چاهيندي به پنهنجا بيئي هٿ کڻي دادن جي هٿن ۾ ڏنا. دادن جي اکين ۾ نهاريندي هن کي وري اهي دک جون ڇايائون نظر آيون، جن کي هوءَ صدين کان سڃاڻيندي هئي. هن جو دکي مسافر اڃا تائين اوترو ئي دکي هو. هن جي پنهنجي دل کي به جهوبو اچي ويو ۽ هن هٻڪندي چيو: "هاڻ ته حضور جن پنهنجو واعدو پورو ڪيو، پوءِ اوهين ايترو دکي ڇو آهيو؟"

زيبا، خان اعظم فقط ايترو وعدو پورو ڪيو ته هو سنڌ تي مغل لشڪر چاڙهي آيو آهي، پر ظالمن خلاف نه، مظلومن خلاف....."

" هو ڪيترو وقت زيبا کي سنڌ بابت مغل سياست جون ڳالهيون ٻڌائيندو رهيو. سوڊي جون ڳالهيون ڪندي، دادن جي اکين ۾ جا جوت جاڳي آئي، ان هن کي ايڏي معصوميت ڏيئي ڇڏي، جو اهو معصوم دادن هن جي روح کي روئاڙي ويٺو.

"نه نه، ائين هرگز نه ٿيندو! آءٌ حضور جن کي ائين ڪرڻ نه ڏينديس!" هوءَ ڇڻ پنهنجي پاڻ سان ڳالهائڻ لڳي هئي. جڏهن ٻانهي کيس ٻڌائڻ آئي ته مجاهد خان کيس سڏايو هو، تڏهن ويندي وقت هن دادن کي اهڙين نظرن سان ڏٺو جن ۾ پيار سان گڏ هڪ اهڙي عزم جا اهڃاڻ هئا، جو دادن کي به پنهنجا انومان ۽ وسوسا گهڙيءَ لاءِ وسري ويا ۽ هو ڳهرجنڊڙ اکين سان ان نئين زيبا جو تصور ڪندي پنهنجي هنڌ تي ليٽي پيو.

زيبا جي موجودگيءَ، زيبا جي پيار ۽ زيبا جي همدرديءَ دادن جي مايوسيءَ کي پاڻ وڏائي ڇڏيو هو. اهو احساس زيبا کي به هو. جيتوڻيڪ هن جي آدرش ۽ زيبا جي پيار ۾ ڪو جهيڙو نه هو پر انهن ۾ ايترو فاصلو هو جنهن کي طي ڪرڻ ناممڪن ٿي نظر آيو.... پوءِ جڏهن اڪبر جو جواب پهتو ۽ زيبا کيس ٻڌايو ته اڪبر اهو حڪم ڏنو هو ته باوجود خان اعظم جي خط جي، مرزا باقيءَ خلاف سنڌين جي شورش کي ختم ڪيو

وچي، تڏهن تہ دادن پهريون ڀيرو زيبا کي اهڙين نظرن سان ڏٺو جن ۾ اٿاهہ درد جو درياهہ هنن جي پيار کي لوڙهيندو ٿي ويو. زيبا هن جي اکين جو اهو منظر ڏسڻ نہ گهريو ۽ هوءَ هٿ منهن تي رکي، تکي تکي تنبوءَ کان ٻاهر هلي وئي.

ان ئي ڏينهن مجاهد خان هن کي سڏايو هو ۽ ڪانئس نظرون بچائيندي چيائين، "سنڌي اسين نهايت شرمسار آهيون. ظلِ الاهيءَ اسان جي درخواست رد ڪري ڇڏي آهي، ۽ اسان کي مجبوراً سيوهڻ تي حملو ڪرڻو پوندو!"

دادن ڪو بہ جواب نہ ڏنو. هن جي دل ۾ ان مهل فقط هڪڙو ئي خيال هو: هو ڪنهن طرح مغل لشڪر کان نڪري سيوهڻ پهچي. هو ڪجهہ چوڻ وارو هو تہ مجاهد خان وري چيو: " پر اسين چاهيون ٿا تہ ڪنهن خونريزيءَ ڪرڻ بنا، جيڪڏهن سنڌي اطاعت جو قسم کڻن تہ اسين ساڻن صلح ڪرڻ لاءِ ذميداري کڻڻ لاءِ تيار آهيون. ان لاءِ اسان سوچيو آهي تہ محمود خان، دلاور خان ۽ تون گڏجي سنڌين جي سپهہ سالار سان صلح جون ڳالهيون ڪريو!"

دادن کي ڇڻ ڪک جو سهارو ملي ويو ۽ هو مجاهد خان ڏانهن شڪر گذاريءَ جي نظرن سان ڏسندي، شامياني کان ٻاهر نڪري آيو.

**

سچ بہ اڄ لهڻ جي نہ پئي ڪئي، جڻ ڪيس ڪنهن گهاتيءَ جو اُڏڪو هجي۔ رات جي لشڪر کي پنهنجي تيرن سان گهايل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي، هن ڪنڌ ورائي پويان نهاريو. رات جو لشڪر ماڪڙ جيان هن کي چوڌاري ورائيندو ٿي ويو. هن جي تيرن جي باوجود اونده دونهين وانگر دکندي، وڌندي، ڌرتيءَ کي ڳڙڪائيندي ٿي ويئي، ۽ ڪجهہ دير کان پوءِ هن پاڻ کي اونداهي سمنڊ جي ڪنڌيءَ تي، بي يارو مددگار، اونده جي ڏنگن کان ڏنگجندو، اونده جي ڇولين جو ڪاچ ٻڻجندي ڏٺو. سوڍل سچ جي ان بيوسيءَ کي ڏسي، ڪنهن سوچ ۾ اچي ويو. ائين ڇو آهي تہ روشني هميشہ اونده جو ڪاچ ٻڻجندي ٿي رهي. هن کي ائين محسوس ٿيو جڻ سنڌ ان سچ مثل هئي، جو اونده جي لشڪر کان مغلن جي ماڪڙ وانگر مات کائڻ لڳو هو. اهو خيال ايندي ئي هن جي دل جي ڌڪ ڌڪ تيز ٿي ويئي ۽ هو سوچڻ لڳو تہ اها مايوسي ڇو؟ هنن جڏهن ترخانن جي اونده کي ترڙي ڪڍيو هو تہ مغلن جي اونداهہ کي ترڙي ڪڍڻ بہ ڏکيو نہ ٿيندو. هن کي اهو وقت ياد اچي ويو جڏهن هو سيوهڻ تي چڙهڻ جون تياريون ڪري رهيا هئا، ۽ همراهن مان ڪن اهو ٿي چيو تہ مرزا جاني بيگ جي ويهن هزارن سوارن ۽ اڌ لک پيادن سان وڙهڻ لاءِ سنڌين جو هي ويهارو هزار لشڪر ڪيئن پورو پوندو، تڏهن هڪڙي ننڍي نينگر، جنهن جي عمر اجا سترهن ورهيہ بہ ڪا نہ هئي، تنهن اوچتو رڙ ڪري چيو تہ "ادا، اسين سچ وانگر ترخانن جي اونداهہ تي ڇانئجي ويندا سين!" ۽ ٿيو بہ ائين هو. سنڌي ائين وڙهيا هئا، جڻ هنن مان هر هڪ کي ڏهہ ڏهہ سر جمي پيا هئا، ۽ هو ترخانن کي ائين

لٽندا ٿي ويا. جڻ ترخان ڪچا سنگ هئا. جيڪي هنن جي پهچڻ کان اڳ پاڻ نمي ٿي پيا. سوڍي کي مرزا جاني بيگ جي جيئرو نڪري وڃڻ جو ڏاڍو رنج ٿيو هو پر صادق سومري کلي چيو هو تہ: " نٽي جي ملهہ ڪنداسون تہ مرزا جاني بيگ تہ ڇا پٽس بہ اسان جي اڳيان ليلهڙاٽيون ڪندو. دل نہ لاهہ سوڍا. وارا ڇمارا آهن!" اهي ڳالهيون ياد ڪري، هن جي چپن تي مرڪ اچي ويئي ۽ هن دل ئي دل ۾ چيو تہ سنڌ جو سڄ وري ايرندو ۽ مغلن جي هن اونداهہ کي مڪڙن وانگر ڀڄائي ڪيندو. اهو سوچيندي هو مورچي تان هيٺ لهي آيو.

هڪڙو ننڍڙو ڇوڪر، هن جي ڪميت مومل جي بشڪن ۾ آڱرين سان ڦٽي ڏيئي رهيو هو. ڪيترو نہ پيار هو ان ۾. سوڍل کي ائين محسوس ٿيو جڻ مومل بہ ڇوڪرڙي کي پنهنجو وڇيرو ٿي سمجهيو ۽ موقعو ملنديئي هن جي ڳچيءَ ۾ ٻانهن کي ائين ٿي ڇٽيائين، جيئن ماءُ پنهنجي کير پياڪ وڇيري کي ڇٽيندي آهي. اهو ڇوڪر ۽ هو پاڻ ۾ ائين ڳالهائيندا هئا. جو ڇوڪرو ڪلندو ويندو هو ۽ مومل ڪنڌ ڏوٽيندي، ڪن ڦڙڪائيندي، سنب هٽندي رهندي هئي. جڏهن کان هو سيوهڻ آيو هو، اهو ڇوڪر جڻ خاص هن جي گهوڙيءَ کي روز ڏسڻ لاءِ هليو ايندو هو ۽ سوڍل کي پنهنجو پاڻتيو سانوڻ ياد اچي ويندو هو.

هو وڏي اچي نينگر جي پٺيان بيهي رهيو. نينگر مومل جي بشڪن ۾ مشغول هو. پر سوڍل جي ويجهو اچڻ تي مومل جي ڇمڙي جڻ جتان ڪتان اُڌڙڻ لڳي هئي. سندس ڪنن جي ڏِسِ ڇوڪرڙي بدران سوڍل ڏانهن ڦري آئي. نينگر بہ گهوڙيءَ جي بشڪن ۾ هڪ نئين لهر محسوس ڪندي، پويان نهاريو. سوڍل سندس.وارن ۾ هٿ ڦيرائيندي چيو: "پٽ، هاڻ رات ٿي ويئي آهي، تون وڃي گهر ڀيڙو ٿيءُ!"

"چاچا.... هي مغل ڪير آهن؟" نينگر اوچتو سوال ڪيو.

"ترخانن جا ئي سوٽ ماسات آهن. پٽ!" سوڍي کلي جواب ڏنو.

"پر ڪي چون ٿا تہ هو ترخانن کي سڏو ڪرڻ آيا آهن......"

"چون تہ هو پاڻ بہ ائين ٿا. پٽ! پر....."

"پر ڇا؟......."

ڇوڪر کي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آيو.

اوچتو پريان ڪنهن جي گهوڙي جي سنبن جو آواز ٻڌي، سوڍل ماٺ ٿي ويو. الائي ڇو سوڍل جي دل ۾ ڪو ڀرم ڀري آيو: گهوڙي جا سُنب هميشه هن کي ڪجهه نه ڪجهه ٻڌائيندا هئا ۽ هو سوچڻ لڳو هيءَ چال سجاتل هوندي به ڪيتري نه اڻ پرکي آهي. هو پنهنجي ئي خيالن ۾ وري مومل جي بشڪن ۾ آڱريون ڦيرائڻ لڳو. گهوڙيسوار وٽس پهچي، جهيڻي آواز ۾ چيو: "جيئي سنڌ!"

"جيئي سنڌ! ڇو ميان جهيڻو پيو ڳالهائين؟"

"مغلن جا ٽي همراهه اچو جهنبو ڪٽي، ڪوٽ جي دروازي تي ويٺا آهن. چون ٿا ته مجاهد خان جو ڪو نياپو ڏيڻو اٿن!"

"آءُ هلان ٿو اندر. تون ڪين وڃي وٺي اچ. پر ڪوٽ ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ سندن اکيون ضرور ٻڌجو!" سوڍي جڻ ڪيس ياد ڏياريندي چيو.

سوڍو مورچي جي ڏاکڻي طرف، پنهنجي تنبوءَ ۾ هليو ويو. هن جي چوياري اڳيئي ويٺي هئي. ڪين ٻڌايائين ته مغلن جو ڪو نياپو آيو آهي، ڏسجي ته ڇا ٿا چون. مغل جڏهن اندر آيا ۽ سندن اکين ٻڌل پٽيون لاٿائون، تڏهن هنن جي اکين ۾ اچرج ۽ حيرت ڇانئجي ويئي. هو مغل دربارن، صوبائي عاملن جي مجلسن، ڪيمخواب ۽ اطلس جي گاديلن، سونن تختن، بلوري صراحين ۽ جامن ڏسڻ جا عادي هئا. هنن کي هي تڏن تونئرين تي ويٺل، سادا سوتي ڪپڙا پهريل امير بلڪل ڪو نه آئڙيا. اها حيرت هڪڙي مغل جي اکين ۾ ڪا نه هئي، جنهن پنهنجي ٺُري جي پلاند سان اکين کان سواءِ باقي سڄو منهن ڍڪي ڇڏيو هو. ان مغل جي اکين ۾ اچرج بدران ڪا اَجاتي گهرائي ۽ پنهنجائپ ٿي پاتئي.

دعا سلام جو جواب ڏيندي، سوڍي ڪين پنهنجي اڳيان پيل ٻيءَ هڪ تونئريءَ تي ويهڻ جي آڇ ڪئي. منهن ڍڪيل مغل ته هڪدم ويهي رهيو پر ٻيا به مغل بيٺا رهيا. هيٺ ويهڻ هنن پنهنجي شانَ وٽان نٿي سمجهيو پر ويٺل مغل ٿورو ترشيءَ سان ڪين ويهڻ لاءِ چيو ته لاچار هو ويهي رهيا. پر سندن منهن مان بيزاري صاف ظاهر هئي.

سوڍي فارسيءَ ۾ پاڻ ئي شروعات ڪئي: "ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟"

منهن ويڙهيل مغل چيو: "ظلِ اِلاهي، شهنشاهه هند حضور محمد

جلال الدين اڪبر جي پاران امير الامراءِ خان دوران، خان اعظم نواب مجاهد خان جي سلامن کان پوءِ معلوم هجي تہ ظلِ الاهي سنڌ ۾ بغاوتن ۽ شورشن کي ناپسند فرمائين ٿا ۽ چاهين ٿا تہ سندن سموري رعيت امن امان ۽ عافيت سان رهي. ان خيال سان سنڌ ۾ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ حضور جن خان اعظم کي مامور فرمايو آهي. خان اعظم اوهان جي همت، دليريءَ ۽ قربانين جو قدر ڪري ٿو پر هو چاهي ٿو تہ جيئن تہ هاڻ هو انصاف ۽ عافيت قائم ڪرڻ لاءِ سنڌ جي سر زمين تي پهچي چڪو آهي، ان ڪري اوهين پنهنجي بغاوت کي ختم ڪريو ۽ شهنشاهہ هند جي اطاعت ڪريو تہ اوهان کي عام معافي نامي جو پروانو عنايت ڪيو ويندو! ان مضمون جو هي خط خان اعظم طرفان آءٌ اوهان کي پيش ٿو ڪريان." هن، خط سوڍي کي ڏيندي، پنهي مغلن ڏانهن نهاريو جن ڪنڌ ڌوٽي هن جي حمايت جو اعلان ڪيو.

سوڍو ڪا گهڙي چپ رهيو. پوءِ خط پڙهي، مغلن تي نظر وجهندي چيائين: "شهنشاهہ هند کي ۽ خان اعظم نواب مجاهد خان کي سيني سنڌين طرفان سلامن بعد معلوم ٿئي تہ اول تہ سنڌين ظالمن خلاف بغاوت ڪئي آهي، جنهن سان مغل حڪومت جو ڪو واسطو ڪونهي. ٻيو تہ مغل شهنشاهہ جي ڪنن تائين يقيناً ترخانن جي ظلم ۽ ستم جا داستان پهچي چڪا هوندا، ان ڪري بجاءِ سنڌين جي، شهنشاهہ جو عتاب انهن تي ڪرڻ گهرجي، ۽ ٽيون تہ سنڌي ڪنهن بہ ڌارئين - چاهي اهي ترخان هجن يا مغل - جي اطاعت قبول ڪرڻ کان سر ڏيڻ وڌيڪ پسند ڪندا!"

آخري لفظ چوندي سوڍي جي اکين ۾ عجيب شوخي پيرجي آئي ۽ سندس لفظن ۾ هڪ عجيب ڪوڙاڻ پيرجي آئي. مغلن جي منهن تي ڪاوڙ جو رنگ اچڻ لڳو.

"اوهان کي معلوم هجي تہ ظلِ الاهي يقيناً ظلمن کي ختم ڪري پنهنجي رعيت جي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ جتن ڪرڻ جو حڪم صادر ڪرڻ فرمائيندا. پر ان لاءِ ضروري آهي تہ پهرين رعيت پنهنجي اطاعت جو اعلان ڪري." مغل ڄڻ سوڍي جي ڳالهہ نہ سمجهندي چيو.

"سنڌي ڪنهن بہ ڌارئين جي اطاعت هرگز نہ ڪندا!" سوڍي وڌيڪ سختيءَ سان چيو.

هڪڙي مغل کان رهيو نہ ٿيو ۽ وچ ۾ چئي ڏنائين:"اوهان کي شايد حضور جن جي غضب کان ڏپ نٿو ٿئي. پر ياد رکو تہ خان اعظم سمورن باغين کي هڪڙو هڪڙو ڪري هاٿين جي پيرن ۾ چيپاٽي مارائيندو. گهوڙن جي پُڇن ۾ گهلائيندو. ان وقت تائين، جيسين هنن جي رڙين کان سنڌ تہ ڇا آسمان بہ پناهہ گهرڻ لڳندو!" مغل ڪاوڙ ۾ وڏائيءَ کان پاڻ بہ ٿڙڪڻ لڳو هو.

سوڍي جي منهن جو رنگ ئي بدلجي ويو. هن مغل کي اهڙين نظرن سان ڏٺو جنهن ۾ نهارڻ سان مغل کي سڏو سنئون پنهنجو موت نظر اچڻ لڳو. هن ڏند پيڙيندي چيو: "مغل، جيڪڏهن تون منهنجي تڏي تي آيل نہ هجين ها تہ آءٌ سگهڻ هڻڻ سان تو کي ان ساڳئي آسمان جا تارا ڏيکاريان ها. اسان اهڙا سوين ظلم پنهنجي اکئين ڏٺا آهن، پنهنجن هنن هڏن تي سالن جا سال سٺا آهن. پر هاڻ اهو ماڻ پٽ ڇائو ئي ڪونهي، جو سنڌين تي اهي ظلم ڪري. وڃو! اُٿو هتان، ۽ وڃي پنهنجي خان دوران کي سلام ڏيو ۽ کيس چئو تہ شهنشاهہ کي اهو نياپو موڪلي تہ جنهن سنڌ جي سرزمين هن جي پيءُ کي پناهہ ڏني، جنهن جو نمڪ خود سندس رت ۾ شامل آهي، جنهن ڌرتيءَ سندس پهريون ساهہ کيس بخش ڪيو هو سا سنڌ وقت اچڻ تي سندس مقابلي ڪرڻ کان ڪا نہ ڪيٻائيندي. اسين سنڌي شهنشاهت ۽ وڏيءَ سياست مان نہ ڇاڻون، پر جيڪڏهن ڪنهن بہ ڪٽي، اهو اڪبر ڇو نہ هجي، سنڌ ڏانهن ميري اک سان نهاريو تہ اهو شخص پنهنجون هيئي اکيون وڃائي ويهندو! هاڻ اُٿو وڃو!"

مغل انهن لفظن جي ڪوڙاڻ کي محسوس ڪندي، جڪ کائيندو ڏند ڪرٽيندو رهيو. منهن ويڙهيل مغل جي اکين ۾ هڪ عجيب احساس اوتجي آيو جنهن کي ڪو بہ سمجهي نہ سگهيو. هن اٿندي وقت ڏيرج سان چيو: "آءٌ آخري دفعو اوهان کي چوڻ گهران ٿو تہ اڪبري فوج سان جهيڙڻ موت کي سڏ ڪرڻو آهي. جيڪڏهن اوهين ظلِ اِلاهيءَ جي اطاعت جو قسم کڻو تہ خان اعظم ڪوشش ڪندو تہ مرزا باقيءَ جا ظلم بند ٿين ۽ حڪومت ظلِ اِلاهيءَ جي قانون مطابق هلي!"

"ان جي معنيٰ تہ اوهان جو ظلِ اِلاهي مرزا باقيءَ کي سنڌ مٿان قائم رکڻ گهري ٿو ۽ هو چاهي ٿو تہ اسين هڪ طرف مرزا باقيءَ کي سنڌ کي تاراج ڪرڻ ڏيون ۽ ٻئي طرف مغلن جو ڳٽ بہ پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهون ۽ سندن ڏن الڳ ڀريندا رهون. جيسين اسان جي سريءَ ۾ ساهہ آهي، تيسين اسين ترخانن سان جنگ جوٽيندا سون. ان ۾ اڪبر تہ ڇا، سڄي دنيا هن جي پٺڀرائي ڪري تہ اسين سڄي دنيا سان وڙهڻ کان ڪو نہ مڙنداسون!" سوڍي ملاقات ختم ڪندي چيو.

مغل ٻاهر نڪري آيا. ڪجهہ وقت هو ٽيئي ٻاهر بيهي پاڻ ۾ سُس پُس ڪندا رهيا. گهڙيءَ کان پوءِ منهن ويڙهيل مغل ٻين کي اُتي ئي بيهڻ لاءِ چئي، پاڻ وري اندر هليو آيو. سوڍي هن کي اندر ايندو ڏسي چيو: "هاڻ وري ڇا آهي؟"

مغل ڪو بہ جواب نہ ڏنو: هڪ ٽڪ سوڍي جي منهن ۾ نهاريندو رهيو. انهيءَ نگاهہ ۾ عجيب پيار ۽ پنهنجائپ هئي. سوڍو هن جي ان گهُور کي نہ سمجهندي، تڪائيءَ مان ڪجهہ چوڻ وارو هو تہ مغل پنهنجي ڳلي جو پلاند ڇڪي منهن تان لاهي ڇڏيو.

"دادن، تون؟"

"ها ادا، آءٌ آهيان دادن!" ۽ دادن سوڍي کي ڀاڪر پائڻ لاءِ اڳتي وڌي آيو. سڀ حيرت مان هن مغل کي ڏسڻ لڳا. پر سوڍي جي اکين ۾ پيار بدران نفرت جو هڪ درياهہ ڏسي، دادن اتي ئي ڄمي ويو. هيءَ سوڍو هن جي ياءُ سوڍي کان بنهہ مختلف هو.

"تون دشمن جو پانڌي آهين، دادن....."

سوڍو وڌيڪ ڪجهہ چئي نہ سگهيو. هن ائين پانيو ڄڻ تہ اکر هن جي نڙيءَ ۾ اڙجڻ اُتوڙجڻ لڳا هئا. هن جي دل تہ ائين ٿي چاهيو تہ هڪ ئي ڏڪ سان پنهنجي هن ياءُ کي پورو ڪري ڇڏي، پر هن وقت هو سندس تڏي تي آيل مهمان هو ۽ مهمان تي هٿ کڻڻ هن جو مَرڪ نہ هو.

دادن جي دل ۾ چير پوڻ لڳا. هن کي پنهنجي پاڻ کان، سڄي دنيا کان ٻچان اچڻ لڳي، ۽ ڪڏهن نہ روئڻ وارو دادن ڄڻ روئي ويٺو: "ادا، اهو ويڻ تہ نہ ڏينم! منهنجو سر سنڌ تان صدقي، ڏٽيءَ لڳ اهڙو ويڻ تہ نہ ڏينم!"

اهي لفظ نہ، ڄڻ ورلاپ هئا. جي چوياريءَ ۾ وينل سيني ماڻهن تي ڄڻ ڇپ ٻڌجي ڪري پيا. سوڍي جي دل بہ انهن لفظن جي درد ۾ ٻوراڻ تي جهوبو ڪائي ويٺي ۽ هن وڏي ڪٽي دادن کي ڀاڪر وڌو. پوءِ دادن پين سان بہ ڀاڪر پائي مليو. سموري سنگت هن همراهہ جي نئين روپ بهروپ تي حيران هئي. دادن وري سوڍي سان گڏ ويهي رهيو.

"ادا، هيءَ مغلن جي چٽي دراصل منهنجي آندل آهي. آخوند نورمحمد ۽ پين وڏڙن جو خيال هو جيڪڏهن اڪبر مرزا باقيءَ خلاف لشڪر چاڙهي موڪليندو تہ ترخان قنڌار ڀڄي ويندا، ۽ سنڌ ٿوري وقت لاءِ اڪبر سلطنت جو صوبو بنجي امن امان ۾ گذاري سگهندي. سو آءٌ آگري وڃي اهو بندوبست ڪري آيس!" دادن سوڍي ڏانهن نهارڻ بنا، ڪنڌ هيٺ ڪري چيو.

"آخوند نور محمد يا پين کي ڪهڙو حق هو جو سنڌ جا ائين سودا ڪندا وتن. ترخانن جي غلاميءَ مان تہ اسين وڙهي بہ جند ڇڏائي وڃون ها، پر هن مغل ڪاتڪن جي غلاميءَ مان ڪيئن آزاد ٿبو؟" سوڍي ڄڻ تہ پاڻ تي ناراض ٿيندي چيو. "مجاهد خان مون سان وعدو ڪيو هو تہ ترخانن کان پوءِ سنڌ رڳو نالي ماتر اڪبري سلطنت ۾ رهندي، ڪو بہ مغل صوبيدار مقرر ڪو نہ ٿيندو ۽ سنڌ خودمختياري حاصل ڪري سگهندي!" دادن هوريان چيو.

"آزادي ۽ خودمختياريءَ ۾ وڏو فرق آهي، دادن! پوءِ مغلن جا اهي وعدا ڪيڏانهن ويا ۽ هاڻ مغل مرزا باقيءَ جي حمايت ڪيئن پيا ڪن؟" صادق سومري وچ ۾ پڇيو.

"مجاهد خان جڏهن ملتان مَٿي بکر ۾ ترخانن کي شڪست ڏني ۽ اوهان جو لشڪر جدا سنڌ مان ڪين تڙڻ لڳو تڏهن مرزا باقيءَ پنهنجي نياڻي مرزا پائنده بيگ سان گڏ اڪبر جي خدمت ۾ موڪلي ڏني. مغل درٻارين لاءِ بيش بها سوکڙيون پاکڙيون موڪلي، اهڙي سياست هلي جو اڪبر مرزا باقيءَ ڏانهن معافي نامو ڏياري موڪليو ۽ ان سان گڏ مجاهد خان کي فرمان موڪليائين تہ مرزا باقيءَ جيئن تہ اطاعت قبول ڪئي آهي، تون اُتي جي شورشن کي ختم ڪري موٽي اچ!" دادن ٻالهہ کوليندي چيو.

اڪبر جي انهيءَ ڦرتيءَ تي سيني کي اچرج لڳي ويو. سوڍو ڪا گهڙي چُپ ٿي يو. پوءِ دادن ڏانهن منهن ڪندي چيائين: " پوءِ تون ڇا ٿو چئين تہ هاڻ ڇا ڪجي؟"

دادن بہ ڪجهہ سوچ ۾ پئجي ويو. هن جي نظرن اڳيان مجاهد خان جي منظم لشڪر جو نظارو هو ۽ هو دل ئي دل ۾ سنڌين جي مُٺ جيترن ڏهيسرن جي لشڪر سان مغل لشڪر کي ڀيٽيندو رهيو. ڇا بہ هجي، سنڌي سر تريءَ تي رکي پنهنجي وطن تان قربان ٿيڻ ۽ پنهنجا ڪنڌ ڪپائڻ لاءِ تيار هئا. پر اڳيان مغلن جي ڏيڍ لک فوج هئي، جنهن وٽ هاٿي هئا. توپون ۽ تفنگ هئا. روهيلا، راجپوت ۽ مغل گهوڙيسوار هئا. هنن سان مقابلو ڪرڻ هٿ وٺي پاڻ مارائڻو هو. ٻئي طرف سنڌين جي هيءَ فوج باقي رهجي وڃي تہ ترخانن کي ٿُڏڻ ڏکيو نہ ٿيندو. پوءِ جي اڪبر وچ ۾ پيو تہ نالي ماتر سندس اطاعت ڪرڻ، مغل سردارن ۽ درٻارين کي سوکڙين پاکڙين سان سنڌ جي آزادي برقرار تہ رهي سگهندي. هن کي اها بہ خبر هئي تہ مغلن جي اشاري تي مرزا جاني بيگ بہ پنهنجي نئين فوج وٺي اچڻ لاءِ ٺٽي کان نڪري چڪو هو. هن وقت ٻن قوتن سان مقابلو ڪرڻو هو ان ۾ سراسر ڇيهو ئي ڇيهو هو. پر مغل هن لشڪر جي پيش پوڻ ۽ مرزا باقيءَ کان پڇئي بنا ڪڏهن بہ نہ ويندا، مجاهد خان ڪٽي پاڻ هن جو چوڻ مڃي بہ، پر ٻين مغل اميرن کي تہ اڪبر جي خوشنودي وڌيڪ پياري هئي. هو اڃا ان سوچ ۾ ئي هو تہ هڪڙو همراهہ اندر لنگهي آيو ۽ هري هري سوڍي جي ڪن ۾ ڪا ڳالهہ ڪري هتي ٻيهي رهيو. سوڍي جو منهن ٽامڻي هٽي ويو. هن جي اکين ۾ هميشہ واري ڏيا موتي آئي. صادق سومري کان رهيو نہ ٿيو ۽ پڇي ويٺو: "سوڍا، ڪهڙي خبر؟"

"ڪوٽ جي ڀنئين پر، ڏنل ٿل وٽ امير خان ۽ مرزا جاني بيگ، مرزا باقيءَ جو نئون لشڪر وٺي اچي پهتا آهن....."

دادن سوڍي جي اکين ۾ نهاريو جن ۾ مچ مچڻ لڳا هئا. اهو اهڙو رنگ هو جنهن کان دادن هميشہ ڊڄندو هو. پر دادن کان رهيو نہ ٿيو ۽ هن چيو: "ادا، مون کي بہ مغلن کان خبر پيئي هئي تہ مرزا جاني بيگ نئون لشڪر وٺي، ڪوٽ جي ڀنئين پر اچي لهڻ وارو هو. هاڻ مغلن

سان وڙهڻ چريائي ٿيندي. منهنجي خيال ۾ تہ مجاهد خان سان صلح ڪرڻ ئي عقلمندي آهي!"

"دادن، اسين هٿ عقلمندي ڪرڻ ڪو نہ آيا آهيون. عقلمندي ڪرڻي هجي ها تہ پنهنجا گهر ڇڏيون ها!" سوڍي پنهنجي ڪاوڙ تي ضابطي آڻڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

"پر ادا، هنن ٻن لشڪرن سان ڪيئن وڙهبو؟ امير خان وارو لشڪر بہ پنجاهي هزار ٿيندو. مغل اڳيان حملو ڪندا تہ امير خان پٺيان....."

"تہ پوءِ اسين ٻنهي کي منهن ڏينداسون!" سوڍي ڄڻ بحث ختم ڪرڻ لاءِ چيو.

"پر پنهنجي طاقت بہ تہ سارڻ کپي!" دادن جي وات مان نڪري ويو.

سوڍي هن کي اهڙيءَ نظر سان ڏٺو جنهن ۾ هاڻ پنهنجائپ ۽ پيار بلڪل نہ هو. ڪجهہ سوچيندي: هن چيو: "دادن، تون مغلن جو نياپو کڻي آيو هئين. ان جو جواب، جهيڙو شروع ٿئي، تنهن کان اڳ کين پهچاءِ تہ چڱو!"

اهو ويڻ وري بہ دادن جي دل ۾ وڍ وجهندو ويو. سنڌين جي وچ ۾ هن جي سڳي ڀاءُ هن کي ٻنهہ ڌاريون سمجهيو هو. هن کي بہ هاڻ ڪاوڙ اچي ويئي. سوڍو پنهنجي ڏاڍ مڙسيءَ سان هزارين سنڌين کي کهائي ويهندو. هن کي انهن هزارين ڪونڌرن جو خيال اچي ويو، جيڪي سنڌ ۽ سوڍي جي اشاري تي سر گهورڻ لاءِ تيار هئا. هن جو هيءُ ڀاءُ رڳو وڙهڻ ڄاڻي، سياست ۽ حڪمت عملي هن لاءِ ٻنهہ اوپريون ڳالهيون هيون. پر هن پاڻ تہ انهن معاملن کي سمجهيو ٿي، پوءِ ڪيئن اهي ڪونڌر کهائڻ لاءِ مات ڪري ويهي. هن کي ڏني جا لفظ ياد اچي ويا تہ سوڍو سنڌي سورما نہ کُهائي ويهي. هن بہ ٿورو رنج ٿي چيو: "ادا مون کي پنهنجي ساهہ جي ڳڻتي ڪانهي، جو اهو ويڻ ٿو ڏينم تہ آءٌ وڃي مغلن وٽ رسان! آءٌ تہ هنن هزارين سنڌين لاءِ ٿو سوچيان، جن کي رڳو هينئر نہ، آئيندي بہ ويرين سان وڙهڻو آهي. وڙهڻ کان سواءِ برابر چاڙهو ڪونهي، پر اهڙيءَ طرح وڙهجي، جو وڙهڻ مان ڪو مقصد بہ حاصل ٿئي. ائين ٿلهو وڙهي، رڳو سورهيائي ڏيکارڻ تہ اجائي آهي!"

سچي سنگت کي هن جي لفظن ڪجهہ سوچڻ تي مجبور ڪري وڌو. قبول محمد دادن جو پاسو ڪٽيندي چيو: "سوڍا، ڳالھ سوچڻ جهڙي تہ آهي!"

سوڍي ڪو بہ جواب نہ ڏنو: فقط ڏک جو هڪ پاڇولو هن جي منهن تي لهي آيو دادن کان اهو دک ڏٺو نٿي ٿيو ۽ هن جڙ معافي گهرندي چيو: "ادا، آءٌ ننڍو آهيان، پر آءٌ ڪي سال مغلن سان رهيو آهيان. هنن سان اُٿيو ويٺو آهيان. مون کي هنن جي وڙهڻ جهڙڻ، جنگين ڪرڻ، دوکيبازين ۽ ڪمزورين جي مڙئي ٿوري گهڻي ڄاڻ آهي. جي منهنجي صلاح وٺو تہ پنج سؤ يا هزار کن همراهہ تيار ڪري، مغلن تي اهڙي نموني حملو ڪجي، جو مغل ائين سمجهن تہ سنڌين راتاهو ڏنو آهي. مغل اهڙيءَ حالت ۾ ترخانن جي مدد ڪرڻ بدران پنهنجا مورچا ۽ پنهنجي بچاءُ جا هنڌ مضبوط ڪرڻ ۾ لڳي ويندا. اوهين ان وچ ۾ ترخانن تي حملو ڪري، مرزا جاني بيگ ۽ امير خان کي اکوڙڻ جي ڪوشش ڪريو تہ جيئن هو پنيان نہ اوچتو حملو ڪري سگهن. ترخان جيڪڏهن ميدان ڇڏي ڀڄندا تہ مغل بہ سڌو سنئون وڙهڻ کان گوٺنات ڪندا، مَنَ تيسين آءٌ مجاهد خان کي سمجهائڻ ۾ ڪامياب ٿي پوان."

صلاح سيني کي وڻي. سوڍي بہ نهڪار نہ ڪئي. صادق سومري تي ڪم رکيائون تہ مغلن تي راتاهي لاءِ همراهن کي تيار ڪري. دادن صادق سومري کي مغلن جي سموري ڇانوڻي ۽ لشڪر جي بيهڪ ۽ بناوت سمجهائي، کيس چيو تہ بجاءِ سڌي حملي ڪرڻ جي، ننڍين ننڍين ٽولين ۾ ورهائجي رسد خاني، گاهہ جي دنن، ڪڙهين، ۽ اسلح خانن کي باهيون ڏين. صادق سومري کي ڳالهيون سمجهائي، دادن سوڍي کان موڪلائڻ لاءِ اُٿي بيٺو. ٻئي ڀائر ڪا گهڙي هڪٻئي ڏانهن ڏسندا رهيا ۽ پوءِ ٻنهي جون ٻانهون هڪٻئي ڏانهن وڌي آيون. دادن سوڍي جي ڀاڪر ۾ ايڏو قرب ڪڏهن نہ ڏٺو هو. سوڍي جي چپن مان هلڪو پٽڪو نڪتو: "دادن، ڏٺيءَ کي پرتين!:

دادن هلڻ تي هو تہ پنيان وري سڏ ٿيس. سڃاتل آواز ٻڌي، دادن ڪنڌ ورائي پويان نهاريو. هڪڙي همراهہ جي ڪلهي تي هٿ رکي، سنگهار بيٺو هو ۽ پنهنجي نہ ڏسندڙ اکين سان هن ڏانهن نهاري رهيو هو.

دادن جي آنڊن ۾ وڍ پئجي ويا. هن ڪنڌار مڙس کي نابين ڏسڻ جو تصور به هن لاءِ ڇيڇلائيندڙ هو. ترخانن خلاف هن جي نفرت جڻ پڙڪو کائي جاڳي پيئي. هن کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ هن جي نفرت نئون روپ وٺي آئي هئي. هن وڏي بي اختيار ڪٽي سنگهار کي پاڪر پاتو. ڪجهه وقت هڪٻئي جي ڀڪراتيءَ ۾ ٻيئا رهيا. پوءِ سنگهار ڪنگهنديءِ پاڻ تي ضابطي رکڻ جي ڪوشش ڪنديءِ چيو: "دادن، سنڌ جي پارت اٿئي!"

ڪيڏو نه درد هو انهن لفظن ۾. ڄڻ هو چئي رهيو هو ادا منهنجي لڄ جي پارت اٿئي! دادن جي دل ۾ سڏڪو اُڀري آيو ۽ هو ڪنڌ هيٺ ڪري ٻاهر نڪري آيو. مغل ايترو وقت هن کي ويل ڏسي ششدر ٿيڻ لڳا هئا. سونهين ٿنهي جي اکين تي وري به پٽيون ٻڌيءِ ڪوٽ جي دروازي تي سندن اکيون کوليءِ گهوڙا سندن حوالي ڪيا. دادن هڪڙو ڀيرو وري پوپان نهاريو سندن نظرن جي سامهون سنڌ جو ست ـ رنگو جهنڊو عجيب انداز سان ڦڙڪي رهيو هو. هن دل ئي دل ۾ نعرو هنيو "جيئي سنڌ!"

رات ننڊ جي سهيلي ٿي سڏجي، پر جن نيڻن ۾ سنڌ وسي، تن ۾ ننڊ ڪٿي! سنڌ پنهنجي آزاديءَ لاءِ سوين راتيون اوجاڳا ڪيڍي، جاڳي جاڳي پنهنجن سوروبرن سورمن کي به سمهڻ نٿي ڏنو. ساٿيهه جاڳي ته سانگيئڙن کي ننڊون ڪٿي. اهڙيئي هڪ اوجاڳيل رات جو جڏهن سوڍو ڦتل نل جي ترائيءَ ۾ لٿو تڏهن سندس ساٿين کي رڳو اهو خيال هو ته ترخان هنن جي قدمن جي آواز تي سجاڳ نه ٿي پون. سوڍو چئني طرف ڦرندو همراهن کي هدايتون ڏيندو ان گهڙيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳو جنهن گهڙيءَ تي سنڌ جي هيءَ ننڍاڪڙي ڏرتي هنن جي نعري سان گونجي ويندي، ۽ پوءِ جڏهن اها گهڙي آئي ۽ سنڌ جي ويهن هزارن زبانن مان هڪ ئي وقت "جيئي سنڌ" جو نعرو بلند ٿيو تڏهن ترخانن جا ڏيل ڏڪي ويا ۽ مرزا جاني بيگ ڇرڪ ڀري جاڳي پيو. هر طرف رڙيون ۽ ڪوڪون هيون. "سنڌي اچي ويا!" سنڌي اچي ويا!" چوندا ترخان سپاهي هڪ پاسي کان ٻئي پاسي ڊوڙڻ لڳا، پر ڪٿان به پڇڻ جي وات نه هئي. هر طرف کان سنڌي ئي سنڌي هئا. اتر ـ ڏکڻ ـ اوڀر ـ

اولهہ سنڌي هئا. مرزا جاني بيگ بدحواسيءَ مان امير خان جي تنبوءَ ۾ گهڙي پيو ۽ جڻ روئندي چيائين: "امير خان، هاڻ ڇا ٿيندو!"

امير خان هن ڊڄڻي ترخان کي کو آٿت ڏيڻ بدران، پاهر نڪري پنهنجن ماڻهن کي جاڳائڻ ۽ منظم ڪرڻ ۾ لڳي ويو. هن جا مهندار پنهنجن پنهنجن لشڪرين کي گڏ ڪري، صف بندي ڪرائڻ ۾ لڳي ويا. پر جيسين سمورو لشڪر جاڳي، پاڻ تيار ڪري، تيسين سنڌين جو گهيرو تنگ ٿيڻ لڳو. دانهن ۽ ڪُوڪن سان ڌرتي ڪنبڻ لڳي. ان راڙو راڙ هيڪاري امير خان جي لشڪرين جي همت ٽوڙي وڌي ۽ پنهنجن مهندارن جي آٿت ڏيارڻ جي باوجود هنن مان ڪيترا پٺي نڪرڻ لاءِ اوندهہ جو فائدو ڳولڻ لڳا. پر پٺڻ جون سموريون راهون سنڌين جي قبضي ۾ هيون. اڳيان پويان سنڌي هئا. لاچار هو موٽي وري اچي ٿي صفن ۾ بيٺا. جيئن تيئن ڪري امير خان ڪجهہ جٿابندي ڪري هڪ پاسي کان حملي کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳتي وڌيو. امير خان کي پنهنجي سر اڳيان وڌندو ڏسي لشڪرين ۾ ڪجهہ همت موٽي آئي هئي، ۽ هو بہ هاڻ پٺڻ جون واهون بند ڏسي مقابلي لاءِ تيار ٿيڻ لڳا. هنن جو انداز اينترو هو جو امير خان سوچڻ لڳو تہ اجا بہ جيڪڏهن ترخان ڄمي، پير کوڙي مقابلو ڪن تہ سنڌين کي منهن ڏيڻ ڏکيو ڪو نہ هو ۽ اهو ئي سوچي هو واڪا ڪري هنن کي مقابلي ڪرڻ لاءِ همٿائيندو رهيو. کين انعامن اڪرامن جي لالچن ڏيڻ ۽ مرزا باقيءَ جي غضب کان ڊيڄارڻ کان سواءِ هنن جي غيرت کي للڪاريندو رهيو. ائين ٿي پانيو جڻ امير خان چريو ٿي پيو هو جو هڪ پاسي کان ٻئي پاسي جنون جي حالت ۾ رڙيون ڪندو ٿي ويو. پر اوچتو سنڌين جو هڪ جٿو هنن ڏانهن ڪاهيندو آيو ۽ امير خان جيڪي ڏٺو تنهن هن جو ساهہ سُڪائي ڇڏيو. ان جٿي جي اڳيان هن جو پڳ مٽ يار سوڍو پاڻ هو. امير خان کي پنهنجين ٽنگن مان طاقت نڪرندي محسوس ٿيڻ لڳي. هن گهڻو ئي پاڻ کي ڏڍ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي تہ سوڍي کيس نہ مارڻ جو قسم کنيو هو پر ڊپ هن جي سموري بدن ۾ ٿڙڪڻي وجهي ڇڏي.

سوڍو ڇا آيو جڻ ترخانن جي صفن ۾ ڪو درياهہ پائيندو ٿي ويو. هن جو پالو ائين ٿي ڪڙڪيو جڻ ترخانن تي ڪنوڻ ڪِري ٿي پيئي.

هن جي ڪميت اهڙا وَرَ تي ڪاڏا. جو جن ترخانن هن کي ڏسڻ جي تي ڪوشش ڪئي، تن جون اکيون ڪيريون ٽيڙ تي لڳيون. ڪيترا ترخان تہ هن کي ڏسڻ ۾ اهڙا محو تي ويا، جو هنن کي وڙهڻ ئي وسري تي ويو. جڏهن ياد آين، تڏهن سوڍي يا ڪنهن ٻئي سنڌيءَ جي ڪهاڙي سندن ڪنڌ ڪيرائي تي ويئي. سوڍي جي نظر بہ امير خان تي اوچتي پئي، ۽ هن ڪميت کي هلڪو اشارو ڏنو. ڪميت جڏهن امير خان جي ويجهو پهتي، تڏهن امير خان پهريون وار پنهنجي ڍال تي روڪيندي، رڙ ڪري چيو: "سوڍا خان، تنهنجو تہ قسم سُنهن ڪنيل آهي تہ مون تي وار نہ ڪندين!"

"سنڌ مٿان اهڙا هزار سنهن قسم قربان!" سوڍي رڙ ڪري چيو ۽ سندس ڀالو امير خان جو نڙگهٽ چيري ويو.

امير خان کي ڪِرندو ڏسي ترخانن ۾ ٽاڪوڙو پئجي ويو. هاڻ وڙهڻ بدران هو پاڻ بچائڻ جون واهون ڳولڻ لڳا. اهي راهون واهون ڳوليندي، هو ڪرندا تي ويا. هنن جي رڙين ۽ ڪُوڪن ڪان آسمان ۾ پڙاڏا پوڻ لڳا. ڪنهن سندن لشڪر ۾ اهو هُل ڦهلائي ڇڏيو تہ مرزا جاني بيگ تنبن جي پٺيان واريءَ ڪاهيءَ مان ڀڄي ويو آهي ۽ اتي سنڌي اجا نہ پهتا آهن. ترخان سر تان سانگو لاهي، ان ڪاهيءَ ڏانهن ڀڳا. اهو ئي هڪڙو هنڌ هو جنهن کي بند ڪرڻ سنڌين جي وس ڪان ٻاهر هو. ترخان جڻ تہ اکيون بند ڪري ان ڪاهيءَ ۾ ٽپندا تي ويا. ترخانن کي ڪيرائيندي ڪيرائيندي سوڍي جي همراهن جون ٻانهون ساٽيون ٿيڻ لڳيون هيون، ۽ پوءِ جڏهن پريات جو پهريون ڪِرڻو پورب ڪان ليئا پائڻ لڳو تڏهن سنڌين وري نعرو هنيو: "جيئي سنڌ!"

ائين تي ڀانيو جڻ ان پريات وڳڙي ۾ سڄي ڪائنات ان نعري جي وراٽيءَ ۾ جيئي سنڌ جو نعرو هڻڻ لڳي هئي. ان وراٽيءَ ڪان پوءِ جڻ مات تي ويئي. ماحول ۾ هڪ عجيب سُڪوت ڇانئجي ويو. هزارين ترخانن جي لاشن کي لتاڙيندي سوڍو جڏهن ان ڪاهيءَ جي منهن تي پهتو، تڏهن ڪاهيءَ جي تري ۾، هن کي انهن ترخانن جا مڙهہ نظر آيا، جن ڪاهيءَ ذريعي ٽپو ڏيئي سنڌين ڪان بچڻ جي واٽ ورتي هئي.

رسد خاني ۽ اسلح خاني جو سمورو سامان لُٽي، هو وري پراڻي ٺل

ڪان ڦري جڏهن ڪوٽ ۾ گهڙيا، تڏهن سيوهڻ جي سمورين مسجدن مان فجر جي ٻانگ جو آلاپ اچڻ لڳو. سوڍو ڪميت کي شهر وچان ڪڍي، وڏي بُرج تي چڙهي آيو ۽ هن جيڪي ڏٺو تنهن سندس دل ٻيٽي ڪري وڏي. مغلن جي هزارين تنبن مان ٻاهر جون ڇپيون نڪري، مٿي اڏامڻ لڳيون هيون. مغلن جي رڙين ۽ واڪن جو گهمسان اُپ ٿارڻ لڳو هو. سوڍي جي منهن تي مرڪ اچي ويئي، ۽ هو وري هيٺ لهي آيو. هيٺ اچا پهتو ئي مس تہ صادق سومرو ۽ سندس همراهہ ڪوٽ جي در ڪان اندر لنگهي آيا. سوڍي اڳيان وڌي صادق سومري کي ڀاڪر پائي چيو: "واه جو ڪم ڪيو اٿئي، صادق!"

صادق پنهنجي هن يار کي عجيب پيار مان ڏسڻ لڳو. جنهن ترخانن جي هيڏي لشڪر کي پڇائي ڪڍيو هو پر جنهن جي منهن تي اهڙو اهڃاڻ هو جڻ ڪجهہ ٿيو ئي ڪو نہ هو.

"سوڍا، هاڻ پاڻ وڙهي پوندا سون. هيڏي ويڙهہ ڪائي آيو آهين، ۽ وچي ڪو ساهہ پٽين ۽ ساهي ڪٽين، ان بدران برج تي چڙهي پيو جهوتون ڏين! هل، هلي آرام ڪر. خبرون چارون بہ پوءِ ڪنداسين!" صادق ڪوڙي ڪاوڙ ڪندي چيو.

"جيڪا تنهنجي مرضي!" سوڍي مرڪندي چيو ۽ همراهن سان گڏجي پنهنجي چانوٽيءَ ڏانهن وڌي ويو.

**

## [15]

صادق سومري جي راتاهي مغلن جا وڙ وڃائي ڇڏيا. هنن کي سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ حملو ڪنهن ۽ ڪيڏيءَ مهل ڪيو. بظاهر تہ ڪو لشڪر بہ نظر ڪو نہ ٿي آيو. پر رکي رکي پهريدارن، ۽ رسد خاني جي تنبن مان ڪيڪن ۽ رڙين ڪنهن ڏارئين جي موجودگيءَ جو اعلان ٿي ڪيو. پوءِ جڏهن گهوڙن جي گاهہ جي ڍَنين مان باهہ جون ڄڀيون آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳيون، تڏهن محافظ دستا اوڏاهين ڀڳا. پر دشمن هجي تہ لڀي. جيسين هو گاهہ جي پهريدارن کي ڳولين، تيسين رسد خاني جي شاميانن مان دانهون ڪُوڪُون ٻڌڻ ۾ آيو ۽ هڪيئي پٽيان سمورن تنبن ۽ شاميانن کي باهہ وڪوڙيندي ويئي. انهن مان سوين تنبن ۾ رسد خاني جا ملازم سُتل هئا، تن جو پاڻ کي چوڌاري باهہ ۾ وڪوڙيل ڏٺو تہ انهن جي رڙين سڄي مغل لشڪر کي ڏهڪائي ڇڏيو. انهن رڙين تي مجاهد خان ۽ ٻيا مغل سردار ڇرڪ ڀري جاڳي پيا ۽ هنن جيڪي ڏٺو سو اعتبار ڪرڻ جهڙو نہ هو. ائين ٿي ڀانيو ڄڻ رات بدران وڏو ڏينهن چڙهي آيو ۽ هزارين ماڻهو ڪنهن اَڄاتي ڊپ کان هيڏانهن هوڏانهن ڀڄندا ٿي رهيا. ائين ٿي ڀانيو ڄڻ ڪنهن وڏي شهر کي چوڌاري باهہ ورائي ويئي هئي ۽ ماڻهن کي ڀڄڻ جي واهہ ڪا نہ هئي ۽ هنن جي ڏسندي ڏسندي رسدخاني، اسلح خاني جا هزارين تنبو باهہ جو کاڄ بڻجڻ لڳا. مجاهد خان ڪاوڙ کان پنهنجي چپن ۾ چڪ وجهڻ لڳو. جڏهن محمود خان ڊڄندي ڊڄندي چيو: "حضور، شايد سنڌين شبخون هنيو آهي!" تڏهن مجاهد خان سڄو ڏڪڻ لڳو. هن محمود خان کي ڳڃڙ کان جهلي، اهڙي ڏونڌاڙ ڏني، جو هو اتي ئي ٻي سُڌ

تي ڪِري پيو. ٻيا مغل سردار محمود خان جو اهو حال ڏسي، وري پنهنجي تنبن ۽ شاميانن ڏي وڃڻ لاءِ مڙيا، ته مجاهد خان ڪڙڪو ڪندي چيو: "هڪدم سڄي لشڪر کي مقابلي لاءِ تيار ڪيو وڃي ۽ طبل جنگ وڄايو وڃي!"

توتارن ۽ دمالن باهه جي شور کي هيڪاري خوفناڪ بڻائي ڇڏيو. مغلن جو اٿاهه لشڪر ٿوريءَ ئي دير ۾ صفون ٻڌي، حملي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي بيهي رهيو. مجاهد خان پنهنجي سفيد گهوڙي تي سوار ٿي، گهوڙيسوارن جي دستن جو معائنو ڪري، پيادل فوج جي سردارن کي ڪوٽ ڏانهن وڌڻ جو حڪم ڏنو. فيلدارن کي هاٿين کي اڳيان ڪرڻ لاءِ چئي، هو وري گهوڙيسوارن ڏانهن موٽي آيو. دستن جي مهندارن کي گڏ ڪري، هن غضبناڪ آواز ۾ چيو: "آءٌ چاهيان ٿو ته سنڌين کي هن شبخون جي اهڙي سزا ڏني وڃي، جو هنن کي وري ظلِ اِلاهيءَ جي لشڪر تي آڱر کڻڻ جي همت نه ٿئي. اڄ جو اڄ سيوهڻ جو قلعو اسان جي قدمن ۾ هئڻ گهرجي. دلاور خان، آتش خان، بينظير خان ۽ رامسنگهه جا دستا هر اول دستا ٿي اڳتي وڌندا. ٻيا سپهه سالار هنن جي پويان هلندا. جڏهن هاٿي دروازو ڪيرائين، تڏهن هر اول دستن جا چارئي سالار الڳ الڳ دروازن کان سنڌين تي حملو ڪندا. خدا جو قسم، جيڪڏهن هي حملو ناڪام ٿيو ته اوهان جا سِرَ پنهنجي هٿن سان وڍي، ظلِ اِلاهيءَ جي خذمت اقدس ۾ موڪلينداسين....! رامسنگهه ترخانن کي هڪدم حڪم ڪيو وڃي ته هو پنيان هڪدم قلعي تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪن، جيئن سنڌين کي ڀڄڻ جو موقعو نه ملي!"

مغل فوج جو هي سمنڊ جڏهن سيوهڻ تي چڙهڻ لاءِ نڪتو تڏهن زيبا جو ساهه مٺ ۾ اچي ويو. هوءَ تڪڙي تڪڙي دادن جي تنبوءَ ۾ لنگهي آئي. "اوهين اِتي آرام سان ويٺا آهيو ۽ حضور جن قلعي تي حملي ڪرڻ وارا آهن!" هن سهڪندي چيو.

"تون ڪا ڳڻتي نه ڪر. سيوهڻ کي فتح ڪرڻ ۾ خان اعظم کي ڪي سال کپن!" دادن کلي چيو.

زيبا کي هن جي اِها ڪل نه وڻي. هن کي مجاهد خان جي ڪاوڙ ۽ بهادريءَ جي خبر هئي. هن ائين سمجهيو ته ڏينهن چڙهڻ کان اڳ

مجاهد خان قلعو فتح ڪري وٺندو ۽ پوءِ هن جي دادن جو ڇا ٿيندو؟ هن دادن کي اهڙين نظرن سان ڏٺو جنهن ۾ هڪ عجيب التجا هئي، ڄڻ چوندي هجي: "سڄڻ، هن ڪوڙيءَ سياست جي جهڳڙن کان دور مون کي پاڻ سان وٺي هل!" دادن به ان نظر کي پروڙي ويو ۽ نه چاهيندي به هن چئي ڏنو: "زيبا، منهنجي ڳالهه مڃ، خان اعظم کي آزمائڻ ڏي ۽ جڏهن هو ناڪام ٿي موٽندو، تڏهن مغل لشڪر کيس خود مجبور ڪندو ته سنڌ تان هٿ کڻي ۽ جڏهن خان اعظم لاهور ڏانهن اُسهندو تڏهن جي تون منهنجو ساٿ ڏينديءَ ته اسين به پنهنجي ڪا منزل حاصل ڪنداسون!"

زيبا ڪجهه چوڻ تي هئي، ته هن تنبوءَ جي پنيان ڪجهه کڙڪو ٻڌي ورتو. هن اشاري ئي اشاري ۾ دادن کي ڳالهه سمجهائي. دادن پڙڪو ڏيئي ٻاهر نڪتو پر تيسين ڪو ماڻهو تڪڙو تڪڙو اتان کسڪي ويو ۽ هن جي نظرن کان غائب ٿي ويو. جڏهن هو واپس تنبوءَ ۾ آيو ته اتي زيبا ڪا نه هئي. هن ڪن لائي ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ هري هري ٿي پاسي واري تنبوءَ ۾ داخل ٿيو. تنبوءَ ۾ داخل ٿيڻ سان به مغل هڪ ئي وقت هن تي ترارين سان حملو ڪري آيا. دادن ڦڙتيءَ سان اڳيان ٽپ ڏيئي، وار ته بچائي ويو پر مغل وري ڦري آيس. هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي، هن ديوان تي پيل هڪڙي چادر کڻي ورتي، ۽ ڪنهن طرح سان هڪڙي مغل جي بوٽ ۾ ڦهڪائي ڏنائين. جيسين اهو مغل چادر مان منهن ڪڍي، تيسين هن ٻئي مغل جو وار روڪي، کيس ڪنڌ تي اهڙو زوردار ڏڪ هنيو جو هو گوڏن پر ويهي رهيو. هن جي هٿ مان ترار ڦري، هن ٻئي مغل جي پيٽ ۾ ٽنبي ڏني. ڍڳي جهڙي رنڀ ڪري مغل اُتي ئي اونڌو ٿي ڪري پيو.

دادن ترار کڻي ٻاهر نڪتو ۽ هڪ هڪ تنبوءَ ۾ ڏسندو ويو پر هن کي زيبا ڪٿي به نظر نه آئي. مغلن جي حرمن ڏانهن وڃڻ خطري کان خالي نه هو ۽ هاڻ هن جو ائين تنبوءَ ۾ رهڻ به جوکائتو هو. هن کي اهو سمجهه ۾ نٿي آيو ته هن تي ڪنهن حملو ڪرايو. جڏهن سيني کي خبر هئي ته هو مجاهد خان جو مهمان هو. البت ڪيترا مغل سردار هن کي شڪ جي نظرن سان ڏسڻ لڳا هئا. اهو سوچي، هو گهوڙو هٿ ڪري، پاڻ به مغل لشڪر جي پوپان هلڻ لڳو.

مغلن جي فوج جڏهن سيوهڻ تي چڙهڻ لاءِ اڳتي وڌي، تڏهن سندن پوبان ٻرندڙ مچ سندن ٺي پاچولن کي عجيب منظر ڏيئي ڇڏيو. اهي لڏندڙ ٿڙڪندڙ پاچولا ائين ٿي معلوم ٿيا، ڄڻ جنن ڀوتن جو ڪو ڪٽڪ هنن جي اڳواٽي ڪندو ٿي ويو. جيئن جيئن سج جا ڪرڻا چڙهندا آيا، تيئن تيئن پاچولن جو اهو لشڪر مغل لشڪر جي پيرن هيٺان لتاڙجندو ويو ۽ جڏهن پهر سج جو چڙهي آيو، تڏهن سيوهڻ جي قلعي هيٺان انسانن جو هيءُ سمنڊ حملي جي تيارين ۾ لڳي ويو. مجاهد خان فيلدارن کي اشارو ڪيو. ڏهه ڏهه هاٿي قلعي جي چئن دروازن ڏانهن وڌڻ لاءِ تيار ڪيا ويا. پر جڏهن پيلبانن هاٿين کي سوئا ٽنبي، ڪين دروازن ڏانهن وڌڻ جي هُشي ڏني، ان وقت ڪوٽ جي ڪُنگرن ۽ بُرجن مان تيرن جو مينهن وسڻ شروع ٿي ويو. پيلبان بولاٽيون ڪائيندا ڪِرندا ويا ۽ هاٿي رانياٽ ڪندا، موٽي پنهنجي ئي لشڪر ۾ ڪاهي پيا. فيلدارن جيئن تيئن ڪري وري هاٿين کي تيار ڪري، نئين سر نون پيلبانن سان چاڙهي موڪليو پر هنن جو بہ اهو ئي حشر ٿيو. جيئن جيئن ڏينهن چڙهندو آيو. تيئن تيئن سنڌ جي ڌرتيءَ بہ مغلن کي تپائڻ شروع ڪيو. اڄ ۾ بک هنن کي وري پنهنجا تنبو ۽ خيما ياد ڏيارائي ڇڏيا. سنڌ جي سهٽي اُس هنن جي بدنن ۾ سُيون ٽنبڻ لڳي، ۽ هنن وَر وَر ڪري پير مٽائڻ ٿي شروع ڪيا.

مجاهد خان ناڪام ٿيندر حملن کان فيلدارن کي گاريون ڏيڻ لڳو پر جڏهن ترخانن ڏانهن موڪليل رامسنگهه جا ماٺهو موٽيا ۽ مجاهد خان کي ترخانن جي لشڪر بدران سندن سڙندڙ لاشن جي خبر ڏنائون، تڏهن مجاهد خان زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو پنهنجي تڪڙ ۽ اُبهرائيءَ تي پشيمان ٿيڻ لڳو. پر حملي کي اڌ ۾ ڇڏڻ بہ هن نٿي چاهيو. هن حڪم ڪيو تہ ڪمند اُڇلائي فصيلن تي چڙهڻ وارا دستا اڳيان وڌن. راٺوڙن ۽ روهيلن جا اهي دستا پنهنجا ڪمند ۽ رسا سنڀالي قلعي ڏانهن وڌيا. قلعي کي جيئن ئي ويجها پهتا تہ هنن جي مرحبا بہ تيرن جي اهڙي وسڪاري سان ٿي، جو سندن صفن جون صفون ڪِرنديون چٽ ٿينديون ويون. بين انهن جي جاءِ ورتي، ۽ اهي بہ پنهنجن ئي همراهن مٿان ڪِرندا ويا. جڏهن سج نيزي چڙهي آيو تڏهن تہ اڄ ۽ بک کان مغل لشڪر بيحال ٿيڻ لڳو. مختلف جٿن جا سردار مجاهد خان کي جنگبنديءَ لاءِ منٿون ڪرڻ لڳا.

بغاوت بلوي جي ڊپ کان لاچار مجاهد خان جنگبنديءَ جو حڪم ڪيو ۽ مغل لشڪر پنهنجن خيمن ڏانهن موٽڻ لڳو.

خيمن ۾ پهچندي ئي لشڪري پاٽيءَ جي مٽن ۽ نادين تي ٽُٽي پيا. جڏهن هنن جي اُڃ لٿي، تڏهن هنن کي کاڌي جو خيال آيو: ان سان گڏ هنن کي سنڌين جي راتاهي جو خيال آيو. رسد خانو سڄو قلهيار ٿيل هو: سمورو اَنُ، گهوڙن ۽ جانورن لاءِ گاهه، باهه جي نذر ٿي ويو هو. هاهوڪار مچي ويئي. بکيو لشڪر انڌي هاٿيءَ جيان ٿونا هڻڻ لڳو. مغل سردار ۽ امير پنهنجن ئي لشڪرين ۽ سپاهين کان ڊڄڻ لڳا. نئين رسد پهچڻ ۾ وقت لڳندو، ان وچ ۾ لشڪر جي بغاوت کي ڪير منهن ڏيندو. اها صورتحال ڏسي سمورا امير ۽ سالار مجاهد خان جي شامياني اڳيان گڏ ٿيڻ لڳا. مجاهد خان به صورتحال سمجهي ويو هو پر هو ڪري به ڇا ٿي سگهيو. مجاهد خان کي اها به پڪ هئي ته نئين رسد پهچڻ ۾ ايترو وقت لڳي ويندو جو نئين حملي ڪرڻ جو خيال به ملتوي ڪرڻو پوندو. تنهن کان سواءِ قلعي کي فتح ڪرڻ به آسان نه هو. هي قلعو تاريخ ۾ سيني لاءِ ڏکئي ۾ ڏکيو قلعو هو. سڪندر اعظم جهڙي فاتح کي به هزارين سپاهي قربان ڪرڻا پيا هئا ۽ ڇهن مهينن جي انتظار کان پوءِ قلعي هٿ ڪرڻ جي صورت نڪتي هئي. خلجين ۽ تغلقن به ان قلعي پويان ئي جوتا ڪائي دهليءَ جو رستو ورتو هو. جن فاتحن اهو قلعو فتح ڪيو هو تن هميشه ڪنهن نه ڪنهن دوکيبازيءَ ۽ دغا کان ڪم ورتو هو. سڌو سنئون قلعي کي فتح ڪرڻ ناممڪن هو. بهتر هو ته سنڌين سان صلح ڪري، اڪبري لشڪر کي وري لاهور ۽ آگري جي عافيت ڏانهن موٽائجي. ٻئي طرف اڪبر جي غيض ۽ غضب کان مغل سردارن جا هنيان ئي ڪاڇي ٿي ويا. هنن مان ڪنهن به ان رٿ پيش ڪرڻ ۾ اڳرائيءَ جي همت نه ڪئي، جيتوڻيڪ سيني جي دل آگري پهچڻ لاءِ ماندي هئي، جتي جون محفلون ۽ عيش عشرتون هنن جي انتظار ۾ هيون. مجاهد خان خود ئي جڏهن اهڙي راءِ ڏيکاري، تڏهن گهڻن مغلن سردارن کيس پنهنجي همراءِ هجڻ جو يقين ڏياريو. فيصلو اهو ڪيائون ته دادن کي ڪن مغلن سان گڏ وري سنڌين ڏانهن صلح جي پيش ڪش لاءِ موڪلجي.

دادن جڏهن شامياني ۾ پهتو تڏهن سيني مغلن جا لٿل منهن ڏسي، هن جي چپن تي مرڪ اچي ويئي. هن کي پڪ ٿي ته مجاهد خان پنهنجي دليريءَ ۽ سورهائيءَ جي گهمنڊ ۾ پاڻ پوئتي هٽڻ کي مغل شان جي گهٽتائي سمجهي، هاڻ مغل لشڪر جي واپسيءَ جو ڪو عزت وارو رستو ڳولي رهيو هو.

مجاهد خان پنهنجي ڪاوڙ ۽ شرمساريءَ کي لڪائيندي چيو: "سنڌي اسين نٿا چاهيون ته وڌيڪ خونريزي ٿئي. ان ڪري جيڪڏهن سنڌي وڌيڪ شورشون بند ڪن ته اسين شهنشاهه هند طرفان کين معاف ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. موهن ڪوٽ ۽ سيوهڻ جا اجازت ناما ۽ شاهي پروانا پڻ ڏيڻ لاءِ تيار آهيون، بشرطيڪ سنڌي ڪو نئون حملو نه ڪندا، جيسين ظلِ الاهي سنڌين ۽ ترخانن جو ڪو تصفيو ڪري!"

دادن غور سان هن شڪست کاڌل مغرور مغل کي ڪو وقت ته ڏسندو رهيو. پوءِ ڌيرج سان چيائين: "مون ته اڳي ئي عرض ڪيو هو ته سنڌي خود مغل لشڪر سان وڙهڻ نٿا گهرن. مغل ته هرويرو سنڌ جي اندروني جهيڙي ۾ مداخلت ٿا ڪن. موهن ڪوٽ، سيوهڻ ۽ ٻين شهرن لاءِ به هنن کي شاهي پروانن جي ڪا ضرورت ڪانهي: اهي ته آهن ئي هنن جا پنهنجا. رهي ڳالهه شورشن جي، سو جيسين ترخان حڪمران رهندا، شورش بند نه ٿيندي. جيسين هڪڙو به ترخان سنڌ جي سر زمين تي موجود آهي، تيسين هنن جي بغاوت جاري رهندي. آءٌ سنڌين پاران اوهان کي رڳو اها پڪ ڏيئي ٿو سگهان ته مغل لشڪر جي واپسيءَ وقت سنڌي ڪو به حملو نه ڪندا!"

"پر شهنشاهه جي اطاعت ته شرط آهي،" هڪڙي سردار وچ ۾ چئي ڏنو.

"سنڌي اڳ ته شايد شهنشاهه جي اطاعت جي اعلان ڪرڻ کان ڪو نه ڪيٻائين ها، پر جڏهن کان ظلِ الاهيءَ، مرزا باقيءَ جي حمايت جو اعلان فرمايو آهي، تڏهن کان ته هو مرڻ وڌيڪ پسند ڪندا ۽ شهنشاهه جي اطاعت جو اعلان هرگز نه ڪندا!"

"پر سنڌي مغل شهنشاهت کان ڪيترو وقت بچندا.....!" رامسنگهه جي دل جو راجپوت لفظن جي صورت ۾ ظاهر ٿيڻ لڳو.

"مغل شهنشاه....!"

دادن ڪجهه چوڻ تي گهريو پر اوچتو لشڪر ۾ شور ۽ هنگامي جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. لشڪري زور زور سان نعرا هڻي رهيا هئا. ڪنهن کي سمجهه ۾ نه آيو ته ڇا ٿي رهيو هو. مجاهد خان کي پڪ ٿي ته لشڪر ۾ بغاوت ڦهلڻ لڳي هئي. اڃا هو ڪجهه چوڻ تي هو ته لشڪرين جو هڪ شاهي دستو شاميانې کي گهيرو ڪري بيهي رهيو. ڪجهه سپاهي اگهاڙين ترارن سان اندر گهڙي آيا ۽ مغل سردارن جي پويان بيهي رهيا. ڪنهن کي به نڪرڻ جو موقعو نه ملي سگهيو. اوچتو هيبت خان اگهاڙي ترار هٿ ۾ جهلي اندر هليو آيو ۽ مجاهد خان ڏانهن منهن ڪري چيائين:" مجاهد خان, اڪبري لشڪري جي هيڏي بيعزتي تنهنجي لاءِ ڪافي نه هئي, جو هاڻ سنڌين سان صلح جون ڳالهيون ٿو ڪرين!" پوءِ هين سردارن ۽ اميرن ڏانهن منهن ڪري چيائين: "اوهين پاڻ کي مغل امير ٿا سڏايو! حيف آهي اوهان جي حياتيءَ تي! اڪبري فوج جا سالار مُٺ جيترن سنڌين سان مقابلو ڪرڻ بدران آگري ڏانهن موٽڻ جون تياريون ٿا ڪن. ظلِ اِلاهيءَ کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندؤ؟ لشڪر جو سمورو ڪاڌو سنڌين جي راتاهي تباهه ڪري ڇڏيو ۽ انهن کي ڪاڌي ڪارائڻ بدران اوهين ميدان ڇڏي ڀڄڻ جون صلاحون پيا ڪريو. اڄ کان هن لشڪر جو سپهه سالار آءُ آهيان, مجاهد خان کي گرفتار ڪيو وڃي ٿو. اوهان مان جيڪو مون سان ساٿ ڏيڻ گهري, سو هٿ مٿي ڪري. آءُ سنڌين کي اهڙي سيکت ڏيندس, جو هنن کي وري ڪنهن مغل بادشاهه جي حڪم عدوليءَ جي همت نه ٿيندي. سمورو لشڪر مون سان آهي. جيسين ٻاهران رسد پهچي, جنهن لاءِ مون اڳي ئي ماڻهو موڪلي ڇڏيا آهن, تيسين سيني سردارن, اميرن, سالارن, جتن جي مهندارن جي ذاتي رسدگاهن مان ڪاڌو لشڪرين ۾ تقسيم ڪيو ويندو. جنهن امير يا سردار ائين ڪرڻ ۾ ڪو اعتراض ڪيو ته ان کي لشڪرين جي حوالي ڪيو ويندو!"

سيني اميرن جا ڪنڌ هيٺ ٿي ويا. هنن کي پنهنجن ئي لشڪرين هٿان مرڻ جا خيال ستائڻ لڳا. هيبت خان هنن سيني کي ڏسندي وري چيو: "مجاهد خان کي حضور ظل الاهيءَ جي خدمت ۾ پيش ڪري آءُ سموري حقيقت بيان ڪندس. انهن سردارن ۽ اميرن جا نالا پڻ پيش

ڪندس، جن مجاهد خان جو ساٿ ڏنو يا هن کان پوءِ ڏيندا. جيڪڏهن ظل الاهيءَ مون کي ئي قصور وار ڪيو تہ آءٌ خوشيءَ سان سزا ڀوڳيندس، پر مون کي قسم آهي پروردگار جو آءٌ مغل لشڪر، مغل شهنشاهہ ۽ خاندان تيموريہ جي بيعزتي ٿيڻ نہ ڏيندس!"

ٻاهر سڄو لشڪر هيبت خان جي حق ۾ نعرا هڻي رهيو هو. ڪنهن بہ سردار کي هيبت خان جي منهن ۾ نهارڻ جي همت نہ ٿي ۽ پوءِ هري هري ٿي امير ۽ سردار هٿ مٿي ڪڻندا، هيبت خان کي پنهنجي وفاداريءَ جو يقين ڏياريندا ويا. فقط مجاهد خان، دلاور خان، محمود خان، ۽ رامسنگهہ چار ڄڻا هئا، جن پنهنجا هٿ مٿي نہ ڪنيا.

"اڄ کان اسين سيوهڻ تي سڏي حملي ڪرڻ بدران ان کي گهيرو ڪري ويهنداسون، ۽ سندن مڪمل ناڪيبندي ڪنداسون. ڪٽي اسان کي هٿ ڇهہ مهينا ڇو نہ ويهڻو پوي. سنڌي ٿورن ڏينهن ۾ تنگ ٿي اسان کان امان گهرندا...."

اوچتو هن دادن ڏانهن منهن ڪري چيو: "سنڌي، تو هيبت خان کي نہ سڃاتو آهي. مون کي اها بہ خبر آهي تہ سنڌين اهو شبخون ڪيئن، ۽ ڪنهن جي چوڻ تي ڪيو. ان ڪري تنهنجو احتساب ڪرڻ منهنجي وس ۾ آهي! وٺي وڃو هنن مردودن کي! هن سنڌيءَ کي زنجيرن ۾ جڪڙي مٿس سخت پهرو ويهاري ڇڏيو!"

مجاهد خان جو ڪنڌ هيٺ هو. مغل لشڪر جي هن ڄاڻو سپهہ سالار هڪڙي ئي ڏينهن ۾ پنهنجي اُڀرائيءَ ۽ گهمنڊ ۾ ايترين شڪستون کاڌيون هيون، جو شرمساريءَ کان هو جهوُر پوڙهو نظر اچڻ لڳو هو. دادن کي الائي ڇو هن پوڙهي مغل تي رحم اچي ويو. سپاهين سان گڏ ٻاهر ويندي، مجاهد خان ٻڻ ٻڻ ڪندي چيو: "سنڌي، اسين نهايت شرمنده آهيون، جو اسين تنهنجي ڪا بہ ڳالهہ پوري نہ ڪري سگهياسين.... شايد خدا کي ان ڪري ئي اسان جي هيءَ ذلت منظور آهي!" ۽ مجاهد خان پنهنجين اکين ۾ لڙڪن لڪائڻ لاءِ هڪڙو هٿ منهن آڏو ڏيئي ڇڏيو.

**

## [16]

مغلن جي ناڪيبندي جيئن پوءِ تيئن سخت ٿيندي ويئي. قافلن جا قافلا مغلن جي وَر چڙهندا ويا ۽ سيوهڻ جي شهر تي هڪ منحوس پاڇو نمودار ٿيڻ لڳو. ماڻهن ۾ هڪ عجيب بيچيني ۽ بي آرامي ڦهلجندي ويئي، پر ڪنهن به وات مان ڪجهه نٿي چيو. جڏهن مهينو راتين جو پورو ٿيو ته شهر ۾ اَن کٽڻ لڳو ۽ پهريون ڀيرو شهر جي ماڻهن کي احساس ٿيو ته هاڻ ويلا ڪاٽڻا پوندا. سوڍي جا همراهه هن کي سموريون خبرون پهچائيندا رهندا هئا. شهر ۾ ڪنهن به مغلن جي پيش پوڻ جي ڳالهه نٿي ڪئي. ماڻهن ۾ هڪ عجيب جذبو هو ـ ڪلندي ڪڏندي ويلا ڪاٽيندا ٿي ويا. بکون ڪاٽيندا ٿي ويا. مغلن کي گاريون ڏيندا ٿي ويا. جڻ هنن آڻ مڃڻ بدران بکن ۾ پاهه ٿي مرڻ کي بهتر ٿي سمجهيو پر سوڍي ۽ سندس همراهن کان سَنو نٿي ٿيو. سنڌ جي هن ملوڪ شهر جي ماڻهن کي هنن جي ڪري ئي هي ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا هئا. هو ته ان خيال جو هو ته مغلن سان ٻاهر نڪري منهن ڏيڻ گهرجي، پر الائي ڇو سنگت ان خيال ۾ هئي ته مغل پاڻيهي ڪَڪ ٿي پنجي ويندا. هونئن به مغل لشڪر جي پيٽ ۾ هو ايترا ٿورا هئا، جو سڌو سنئون مقابلو ڪرڻ ممڪن نه هو.

هڪڙي ڏينهن، پنهنجن همراهن سان آخري صلاح ڪرڻ لاءِ هن چوياري سڏائي، ته چاچي علوءَ ڪيس اطلاع ڏنو ته مغلن جا ماڻهو ڪو نياپو ڏيڻ پيا اچن. ساڻن تي ڄڻا سنڌي به شامل آهن. سوڍل کي ڪو وسوسو ويڙهي ويو. هن جي دل ۾ پهريون ڀيرو ڪا نستائي، ڪا ڪمزوري محسوس ٿيڻ لڳي. هن کي پنهنجي ان وسوسي جي پاڻ ئي

ڪا ڄاڻ نہ پئجي سگھي، پر جڏهن مغل ۽ ٺٽيءَ سنڌي اندر آيا، تڏهن سنڌن منهن مان ٿي هو سمجهي ويو تہ هن جو وسوسو سچو هو. هنن هڪ خط آڻي سوڍي جي هٿ ۾ ڏنو. سوڍو جيئن پڙهندو ويو، تيئن تيئن هن جي منهن جو رنگ بدلجندو ويو. هڪڙي همراهہ کان رهيو نہ ٿيو، تنهن چيو "سوڍا يار خير تہ آهي؟"

سوڍي ڪو جواب نہ ڏنو ۽ خط ڪٽي سندس هٿ ۾ ڏنو. جنهن تي خط پڙهيو، تنهن جي منهن جو پنو لهندو ويو. آخوند نور محمد لکيو هو تہ سنڌين جي مغل شهنشاهہ سان ڪا لڙائي ڪانهي. ان ڪري مغلن سان صلح ڪجي، ان جو فيصلو سيني راڄن بہ ڪيو هو ۽ سمورن راڄن جي وڏن جون مهرون ان خط هيٺان لڳل هيون. مغلن چيو آهي تہ جيڪڏهن سنڌي وڙهڻ ڇڏين ۽ قلعو مغلن جي حوالي ڪن تہ هو ڪنهن بہ سنڌيءَ کي هٿ نہ لائيندا، ۽ هر ڪنهن کي پنهنجن راڄن ۾ موٽي وڃڻ جي اجازت هوندي. ڪچهريءَ ۾ موجود سمورن ماڻهن کي چڻ ڪنهن سپ سراپي ڇڏيو.

ٿوريءَ دير کان پوءِ سوڍي چيو: " اڙا، ائين ملول ٿيڻ مان تہ ڪجهہ ڪو نہ ورندو. پهرين ڏسون تہ همراهن جي ڪهڙي صلاح آهي تہ پوءِ اهڙو جواب هنن کي ڏجي! صادق، پهرين تون همراهن جي خبر ڪر!"

صادق سومرو، سيني کان ننڍو هو. جاڻو جوان، وڙهڻ مهل ڀالي ۽ تلوار بدران ڪهاڙيءَ تي وڌيڪ ڀروسو ڪندو هو. ترخانن سندس سڄو ڳوٺ ساڙي ڦلهيار ڪري ڇڏيو هو. سندس پيءُ کي انڌو ڪري کوهہ ۾ ٽنگايو هئائون. هو بہ سوڍل جيان گهٽ ڳالهائيندو هو.

"سوڍا، منهنجا همراهہ صلح ڪڏهن بہ ڪو نہ قبوليندا. اسين سنڌ لاءِ وڙهڻ لاءِ نڪتا آهيون. جيسين ڌاريئن لشڪر جو هڪڙو ماڻهو بہ سنڌ ۾ هوندو، تيسين اسين وڙهندا رهنداسين!"

سوڍل کي هن دلير مڙس لاءِ ڏاڍو پيار هو. ڪيس ڏکوئڻ نٿي گهريائين، پر هن وقت ڳالهہ صاف ڪرڻي هئي، سو ڪنڌ هيٺ ڪري چيائين:" پر اوهان جي سومرن جي راڄ جي وڏن جو فيصلو همراهہ ٻڌندا تہ پوءِ؟"

"وڏن جو ڇا وڃي هن جهيڙي سان؟ اسين اول سنڌي آهيون آخر

سنڌي آهيون. سومرن جي راڄ جو ان ۾ ڇا وڃي؟ سڀ ڪو راڄ پنهنجا ڇيڙا نبيرا ڪندو آهي. اسين راڄن ۽ برادرين جي چونڊ تي وڙهڻ توري آيا هئاسون. يا ڪو راڄن اسان کي چوائي موڪليو هو ته ميان وڃي سنڌ لاءِ وڙهو. ويڙهه سڀ ڪنهن جي پنهنجي ويڙهه آهي، جنهن کي سنڌ جي سينڌ لاءِ مانُ آهي، سو وڙهڻ آيو آهي: ڪو سمو ڪو سيد، ڪو سومرو، ڪو لهاڻو تي هٿ وڙهڻ ڪونهي آيو. رهي ڳالهه مغلن سان صلح ڪرڻ جي، سو صلح ته اسين ترخانن سان به ڪري تي سگهياسون. جيڪي هنن گهريو تي، سو جي پيا ڏيون ها، ته ترخانن کي ڪو ڇتي ڪتي ڪو نه ڪاڏو هو. اسين پنهنجي لڄ، پنهنجي مان، پنهنجي ماءُ جيجل ۽ پنهنجي جند جان لاءِ ٿا وڙهون. سو ٻيلي مون کي ڪريو معاف: آءٌ ته وڙهندس، ڪٿي سَوَراڄ ميڙ ڪٿي اچن!" صادق ڪاوڙ مان اٿي بيهي رهيو. ٻاهر نڪرڻ تي هو ته سوڍل ڪٽي پاڪر وڌس. "تڪڙ نه ڪر، منهنجا مٺا. ڳالهه ڳالهه سان ڇتندي، وڙهڻ ۾ آءٌ ته تو سان آهيان، پر ڏسون ته اسين آهيون ڪيترا، جيڪي وڙهنداسون!"

"آءٌ به وڙهڻ لاءِ تيار آهيان!" قبول محمد سمي مختصر جواب ڏنو. پر ائين ٿي پيائيو ته هن جي ڳالهائڻ مان يقين ۽ ويساهه نڪري ويو هو. سمن تازو بادشاهي وڃائي هئي، ۽ سمن جا راڄ ڪڇ ۾ مورچا ٺاهي، وري سنڌ لاءِ وڙهڻ جون تياريون ڪري رهيا هئا. انڙ، جوٽيجا، راهوجا، سميجا، جاڙيجا- سمورا راڄ سمن سان هئا. سو وڃايل بادشاهيءَ بدران اڪبر جي جهنڊي هيٺ سنڌ جي صوبيداريءَ جي لالچ ڪا گهٽ لالچ ڪا نه هئي. ان ڪري ٿي هن جي ڳالهه ۾ اهو پڪو پختو ويساهه ڪو نه هو. پر سوڍل کي پڪ هئي ته ڇا به ٿئي، قبول محمد راڄن کي ڇڏي، هن سان شامل ٿي بيهندو.

سيدن مان مبارڪ شاهه سوڍي جو سوال ٻڌي چپ ٿي ويو. ترخانن شيرازي سيدن کي ڪو ايڏو تنگ ڪو نه ڪيو هو: پاڻ ڪين انعام اڪرام، منصفيون ۽ منشگيريون ڏنيون هئائون. سيد وڙهڻ اِن ڪري نڪري پيا هئا، جو سنڌ ئي اهڙو وطن هو جنهن هنن کي گهٽي ۾ گهٽو مانُ ڏنو هو ۽ هاڻ سنڌ هنن لاءِ اهڙو ئي وطن هو جهڙو سندن وڏڙن لاءِ ايران يا عربستان هو- ۽ وطن لاءِ وڙهڻ ته ايرانين ۽ عربن جي به رت ۾

هو. پر اڪبر جي دربار ۾ بہ شيرازي ۽ هراتي سيدن جو وڏو مانُ هو ڪي تہ پنج هزاري درجن تي وجي پهتا هئا. وڏي سياست جي اڳيان سيدن جا ماٺهو بہ بيهي سگهندا يا نہ، ان جي ڪيس خاطري ڪانہ هئي. سوڍل بہ هن جي دل من هٽڻ ڪي سمجهيو تي، پر پڪ ڪرڻ لاءِ وري چيائين: " شاهہ سائين، تون ماٺ ۾ آهين؟"

"بيلي سوڍل ڳالهہ ڏاڍي ڳري آهي. مون ۾ جيسين ساهہ آهي، تيسين تہ آءُ سنڌ تي ساهہ ڇڏيندس. باقي همراهن مان اڌو اڌ ماٺهو مون سان آهن. اڌ جي پڪ ڪو نہ ٿو ڏيان. چئين تہ پڇي پڪ ڪريان. "

"روپا، تون خبر ڪر،" سوڍي روپي ڏانهن منهن ڪندي چيو:

"ادا، واٺيا آهن سهي جي ڪل: گهٽي ئي وطن جي سِڪ اٿن، پر مُکين جي فيصلي کان پوءِ وڙهندا اصل ڪو نہ. ترخانن باهيون ٻاريون تہ اڌو اڌ ٺٽي جا لهاٺا لڏي ويا۔ ڪي اتر ويا تہ ڪي ڏکڻ. ڪن پنجاب وڃي وسايو آهي تہ ڪي ڪڇ هليا ويا آهن. سو جي هاڻ ڏٺائون تہ ترخانن بدران مغل بہ راج ڪندا، ۽ اڪبر جي راج نيتيءَ ۾ سندن ٽڪاٽا ۽ واپار ونگو سلامت رهندا، تہ ماٺ ڪري ويهي رهندا. هٺ واٺئي جو من آهي ناٺي جو مَٺ: جتي چار ڏوڪڙ سلامت سمجهندو، اُتي وطن وسري ويندن. سو يار، واٺين مان فقط اُهي وڙهندا، جن جي من ۾ هٺ بدران هٺ، ناٺي بدران ماٺهو ۽ ٽڪاٽي بدران سنڌو درياهہ وهندو هوندو. باقي رهي منهنجي ڳالهہ سو منهنجو سر توسان آهي!"

روپو انهن ماٺهن مان هو جن سڄي عمر جنگيون جوٺيون هيون. پرتگالين پيري جڏهن ٺٽي جي گهٽي گهٽيءَ مان باهہ جا اُلا ٽڙڪاٺ ڪري پئي نڪتا، تڏهن روپي جو جٿو هزارين ٻارڙن ۽ زائفائن ڪي صحيح سلامت ڪڍي ويو هو. پرتگالين تي اٺين ئي حملا ڪيائين، جو هنن کي اها خبر نٿي پيئي تہ ڪنهن ۽ ڪيئن ٿي حملو ڪيو. ترخانن بہ سندن جوانمڙسيءَ کي ساراهيو هو.

سنڌ تي ههڙو وقت بہ ايندو جڏهن ماٺهو سنڌ بدران پنهنجن راڄن جو سوچيندا، سوڍل ان تي ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو. هي اهڙو زهر جو ڏُڪ هو جنهن جي ٽِڪَ ۽ ڪوڙا ڻ سپ کان وڌيڪ تکي ۽ ڪڙي هئي. هن کي پنهنجي تارونءَ ۾ ان جو ڪڙو سواد ٽڙڪندو محسوس

ٿيو پر هو ڪري بہ ڇا ٿي سگھيو. هيءَ هن جي پنهنجي جنگ هئي، پر هاڻ اها جنگ جدا جدا ٽولن جي جنگ بڻجي ويئي هئي. هيءَ سنڌ جي جنگ هئي، پر هاڻ راڄن جي جنگ بڻجي ويئي هئي. هن کي پنهنجي پاڻ مان ۽ پنهنجي جنگ مان ويساهہ نڪرندو محسوس ٿيو. هن جي دل ۽ دماغ ۾ هڪ نئين نفرت جنم وٺي رهي هئي. پر هن کي اهو سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ اها نفرت ڪنهن جي خلاف هئي. شايد هن کي پنهنجي پاڻ کان ئي نفرت ٿيڻ لڳي هئي. ان نفرت کي لڪائڻ لاءِ هن پنهنجن يارن، ساٿين سنگتين ڏانهن نهاريو. هر ڪنهن جي نظر سوڙل ۾ ڪُتل هئي. هن جي منهن تي نفرت، ڪاوڙ ۽ ورچ گڏجي، هڪ عجيب رنگ آڻي ڇڏيو هو هن جا سمورا ساٿي پنهنجي پاڻ کي ان رنگ لاءِ جوابدار سمجهي رهيا هئا. هي سورهيہ مڙس، جنهن کي ڏسڻ سان ترخانن جو ساهُہ سُڪي ويندو هو جنهن کي راڄ ۽ پاڙا تہ ٺهيو پنهنجو ڪٽنب بہ ياد نہ هو جنهن کي سنڌ جي لفظ ٻڌڻ سان بدن ۾ ڪنوٽيون لڳنديون هيون ـ اهڙيا مڙس کي ڏکوئڻ ڪنهن نٿي گهريو ۽ جيڪا شيءَ هن کي ڏکوئيندي هئي، سا هئي سنڌ کان مٿي ڪنهن ذاتي جنگ کي اهميت.

هن بہ تہ پنهنجي ذاتي جنگ جهيڙي هئي، ”ان جهيڙي جا گهرا گهرا گهاوَ هن جي هِنئين جي وڍن ۾ ٿي جهلڪيا. اُهي وڍ ۽ چير چڻ وري چِڪڻ لڳا هئا ۽ انهن مان رت نچوئجي هن جي اکين ۾ گڏ ٿيڻ لڳو ۽ ڪنهن ڏنڌ مان نهاريندي، هن مغلن کي چيو: "هِن جو جواب اوهان کي سڀاڻي ملي ويندو!"

**

سنڌ جي ڌرتيءَ، سنڌ جي آسمان، سنڌ جي وڻن ٽڻن، سنڌ جي مٽيءَ جي ذرڙن، ۽ سنڌ جي ماڻهن اهڙي جنگ نہ اڳ ڪڏهن ڏٺي، نہ پوءِ ڪڏهن ڏسندا. سوڍو پنهنجي لشڪر سان جڏهن ميدان ۾ لٿو تڏهن سج بہ ڪهڪهاءَ ڪان هڪ ڪڪر پٺيان لڪي ويو. سج بہ هن ٻئي سج کي لهندي، غروب ٿيندي ڏسڻ نٿي گهريو. اٺ ڏهہ هزار سنڌين جو لشڪر مغلن جي لک فوج سان وڙهڻ نڪتو هو: پر ڇا ويڙهہ هئي! مغلن سوين جنگيون ڏٺيون هيون، پر هيءَ جنگ جڻ زمين ۽ آسمان جي جنگ هئي. اِئين ٿي ڀانيو ڄڻ تہ سنڌين کي ڪِرڻ آيو ئي نٿي. ائين ٿي ڀانيو ڄڻ تہ هر سنڌيءَ جي زخم مان هڪ نئون سنڌي اُٿي جو اُٿي پيدا ٿي وري وڙهڻ ٿي لڳو. مغلن کي هندن جا اُهي ديوتا ياد اچي ويا، جن کي ڏهہ ڏهہ سِر ۽ ويهہ ويهہ ٻانهون هونديون هيون. پر هنن سنڌين جي هر ٻانهن ويهن ويهن مغلن تي وار ڪندي ٿي ويئي. هڪڙو ڀالو ٻن ٻن، ٽن ٽن مغلن مان پار هليو ٿي ويو. هڪڙي ڪهاڙي هڪ ئي وقت ٻہ - ٻہ سريون اجلائيندي ٿي ويئي. هڪڙي ترار هڪ ئي وقت ٻہ ٻہ ڪنڌ ڪپي ٿي ويئي. مغل سپاهي هنن جي ويجهو وڃڻ کان ڪيٻائڻ لڳا هئا. سردارن ۽ سپهہ سالارن جي هشيءَ تي هو وري اڳتي وڌي ٿي آيا، پر هڪ نئين ڌهڪاءَ سان پوئتي هٽڻ ٿي لڳا. هڪ عجيب ڳالهہ اها هئي تہ سڄي وايو منڊل ۾ ڪيڪون ۽ دانهون رڳو مغلن جون هيون. سنڌين جي نڙيءَ ۾ ڄڻ آواز بند ٿي ويو هو ۽ جيڪڏهن ڪو آواز هو تہ اهو تہ ڪِرڻ وقت هنن جي زبان مان "جيئي سنڌ" جو نعرو ٿي نڪتو. اُن جو آواز ٻڌندي ئي ڄڻ سنڌين ۾ نئون روح، نئين جان،

نئون رت اچي ٿي ويو ۽ مغلن جون صفون ٽوڙيندا اڳتي وڌڻ ٿي لڳا. ڪا گهڙي اهڙي بہ آئي ٿي، جڏهن مغلن جو لشڪر پوتئي موٽڻ ۽ پچڻ جي راهہ ڳولڻ لاءِ پويان نهارڻ لڳو پر وري پنهنجي سپهہ سالارن، اميرن جي هشيءَ تي اڳيان وڌڻ ٿي لڳا.

سنجها ٿي وئي، پر اجا ڪي سنڌي وڙهي رهيا هئا. جڻ هنن وڙهي مرڻ جو قسم کنيو هو ۽ جڏهن سج اُن نظاري ڏسڻ جو وڌيڪ تاب جهلي نہ سگهيو. ۽ اولهہ ۾ ڪنهن دور دراز گهرائيءَ ۾ منهن لڪائي روئڻ جو بهانو ڪري، هڪ ڪاري ڪڪريءَ پويان لڪي ويو. تڏهن آري سنڌي بہ ڪِري پيو. ساري ماحول تي موت ڇانئجي ويو. ان وقت ائين ڀانيو جڻ تہ ڌرتيءَ جو پنهنجو ساهہ بند ٿي ويو هو. ڪوٽ جي برجن تي چڙهيل سنڌي پنهنجي ڪونڌرن لاءِ روئڻ بہ وساري ويٺا هئا. ٻانگن ڪي ٻانگون ڏيڻ وسري ويون هيون. قلندر جي نوبت بہ اج پهريون ڀيرو خاموش رهي. هي عجيب ماتم هو. خاموش، چپ! ائين ٿي ڀانيو جڻ سنڌين هميشہ لاءِ ماتم ڪرڻ جو پهہ ڪيو هو ۽ اهو خاموش ماتم صدين تائين انسانذات جي ضمير ۾ ٻڙڇيءَ جو گهاءُ بنجي ڇڪندو رهندو!

❊❊

# ثقافت کاتي حکومت سنڌ

## پاران 2008ع کان 2012ع تائين

## ڇپايل سنڌي، اردو ۽ انگريزي ڪتابن جو تفصيل

| نمبر | ڪتاب جو نالو | مصنف/مرتب/مترجم | قيمت | سال |
|---|---|---|---|---|
| 1 | شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام | ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو | 100/- | 2008 |
| 2 | رسالو ميان سچل فقير جو | مرزا علي قلي بيگ | 800/- | 2008 |
| 3 | شيخ اياز جلد ٻيو (چار ڪتاب) (1. ڪپر ٿو ڪُن ڪري، 2.پتڻ تو پور ڪري، 3.ٽڪرا ٽُڪل صليب جا، 4. واٽون ڦُلن ڇانئيون) | شيخ اياز | 500/- | 2008 |
| 4 | شيخ اياز جلد ٽيون (چار ڪتاب) (1.ٻؤنر ٻري آڪاس، 2.ڪلهي پاتم ڪينرو، 3.ڪي جو ٻيجل ٻوليو، 4.وڄون وسڻ آئيون) | شيخ اياز | 500/- | 2008 |
| 5 | سنڌي ڪنڌ ۾ ڊرامي جي تاريخ | غلام حيدر صديقي | 200/- | 2008 |
| 6 | سنڌوءَ جا گيت | ڊاڪٽر ڪمال جامڙو | 300/- | 2008 |
| 7 | شاهه جو رسالو | ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ | 400/- | 2008 |
| 8 | سُر ڪيڏارو | منظور احمد قناصرو | 250/- | 2008 |
| 9 | شاهه جو رسالو | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 500/- | 2009 |
| 10 | سر آسا | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | 250/- | 2009 |
| 11 | بيت نه پر آيتون | ڊاڪٽر عزيز الرحمان ٻگهيو | 250/- | 2009 |
| 12 | شيخ اياز جلد ٽيون (پنج ڪتاب) (1.لڙيو سج لڪن ۾، 2. ڀن ڇڻ پڇاڙان، 3. چنڊ چنبيليءَ ول، 4. رڻ تي رمجهم، 5. ڀڳت سنگهه کي ڦاسي) | شيخ اياز | 500/- | 2009 |

| نمبر | ڪتاب جو نالو | مصنف/مرتب/مترجم | قيمت | سال |
|---|---|---|---|---|
| 13 | شيخ اياز جلد چوٿون (پنج ڪتاب) (1.راڄ گهاٽ تي چنڊ ، 2. ٻڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي، 3. اَڪن نيرا ڦُليا، 4. جهڙ نيٽان نہ لهي، 5. سُر نارائڻ شيام) | شيخ اياز | 500/- | 2009 |
| 14 | سراج السالڪين | رسول بخش تميمي | 150/- | 2009 |
| 15 | سنڌ جو سرمست | رڪيل مورائي | 300/- | 2009 |
| 16 | ڪوهستان جو سفر | بدر ابڙو | 400/- | 2009 |
| 17 | سنڌ صدين ڪان | ممتاز مرزا | 400/- | 2009 |
| 18 | خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو | ڊاڪٽر عطا محمد حامي | 600/- | 2009 |
| 19 | ڪلامِ گروهڙي | ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو | 500/- | 2010 |
| 20 | شيخ اياز (جلد پنجون 'نثر') | شيخ اياز | 350/- | 2010 |
| 21 | سُر پرڀاتي | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | 350/- | 2010 |
| 22 | شاهہ جي رسالي جي سڃاڻپ (جلد پهريون) | محمد حسين ڪاشف | 500/- | 2010 |
| 23 | شاهہ جي شاعريءَ ۾ اسلامي قدر | ڊاڪٽر عبدالرحمان جسڪاڻي | 600/- | 2010 |
| 24 | سومرا راڄ گهراڻو | ڊاڪٽر مهر عبدالحق سومرو | 400/- | 2010 |
| 25 | قلندر لعل شهباز | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | 200/- | 2010 |
| 26 | مان جي مٿس پنڌ ۾ | رڪيل مورائي | 500/- | 2010 |
| 27 | لاکو پير لطيف الله | پير محمد عالم قريشي صديقي | 150/- | 2010 |
| 28 | شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 100/- | 2010 |
| 29 | استاد بُخاري — فن ۽ شخصيت | آزاد انور ڪانڊڙو | 650/- | 2010 |
| 30 | محمد عثمان ڏيپلائي ۽ سنڌي سماج تي سندس اثر | ڊاڪٽر ثريا ساز ڏيپلائي | 300/- | 2010 |
| 31 | ڳڻوانن جون ڳالهيون | قمرشهباز | 300/- | 2010 |
| 32 | ڄڄ پرائي | قمرشهباز | 450/- | 2010 |
| 33 | ننگر ٺٽو : هڪ مطالعو | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | 250/- | 2010 |
| 34 | صوفي شاهہ عنايت شهيد | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | 600/- | 2010 |

| نمبر | ڪتاب جو نالو | مصنف/مرتب/مترجم | قيمت | سال |
|---|---|---|---|---|
| 35 | شيخ اياز جلد پنجون (چار ڪتاب) (1. اَبر چنڊ پس پرين ، 2. هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جيئن، 3. الوداعي گيت، 4. ننڊ وليون) | شيخ اياز | 750/- | 2010 |
| 36 | شيخ اياز جلد ڇهون (ٽي ڪتاب) ڪتين ڪر موڙيا جڏهن (جلد پهريون، ٻيو، ٽيون) | شيخ اياز | 1000/- | 2010 |
| 37 | شيخ اياز جلد ستون (ٽي ڪتاب) (1. سر لوهيڙا ڳپيا ، 2. سُورج مُکي سانجهه، 3. ڇوليون ٻوليون سمنڊ جون.) | شيخ اياز | 1000/- | 2010 |
| 38 | شيخ اياز جلد اٺون (چار ڪتاب) (1. جر ڏيئا جهمڪن ، 2. هرڻ اکي ڪيڏانهن، 3. چنڊ ڳليون، 4. تون چپر تون چانوَ) | شيخ اياز | 700/- | 2010 |
| 39 | شيخ اياز جلد نائون (پنج ڪتاب) (1. گهاٽ مٿان گهنگهور گهٽا ۾ ، 2. سامنجهي سمنڊ سپون، 3. ڪونجون ڪُرڪن روهه تي، 4. ڪاري رات ڪُهنگ، 5. وڏا وڻ وٽڪار جا.) | شيخ اياز | 600/- | 2010 |
| 40 | شيخ اياز جلد ڏهون (پنج ڪتاب) 1. اٿي اور الله سان ، 2. مينهن ڪٽيون، 3. اک جون ڦلڙيون، پيچ پني ، 4. پکي ساڳي پار جا، 5. هي جي نهرون ننڊ جون) | شيخ اياز | 600/- | 2010 |
| 41 | شيخ اياز جلد پهريون (نثر) 1. جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي ، 2. ساهيوال جيل جي ڊائري، 3. ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون ، 4. جگ مڙيوئي سپنو) | شيخ اياز | 730/- | 2010 |

| نمبر | ڪتاب جو نالو | مصنف/مرتب/مترجم | قيمت | سال |
|---|---|---|---|---|
| 42 | شيخ اياز جلد ٻيو (نثر) (1.ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان ، 2. خط انٽرويو ۽ تقريرون جلد پهريون ٻيو، 3. 'اڳتي قدم' جا ايڊيٽوريل) | شيخ اياز | 700/- | 2010 |
| 43 | شيخ اياز جلد ٽيون (نثر) ڪٿي تہ پيجبو ٽڪ مسافر (جلد پهريون، ٻيو، ٽيون ۽ چوٿون) | شيخ اياز | 1000/- | 2010 |
| 44 | شيخ اياز جلد چوٿون (نثر) 1.شيخ اياز ۽ صحافت | شيخ اياز | 500/- | 2010 |
| 45 | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (شخصيت فن ۽ فڪر) | پروفيسر محمد سليم ميمڻ | 250/- | 2011 |
| 46 | ڪلام ريجهہ علي شاهہ | پروفيسر منظور حسين ڪهڙو | 250/- | 2011 |
| 47 | سنڌ هيرن کاڻ | رسول بخش درس | 150/- | 2011 |
| 48 | قلندر صوفي ۽ ملامتي | ڊاڪٽر نواز علي شوق | 150/- | 2011 |
| 49 | تذڪره لال شهباز قلندر | انور ساگر ڪانڌڙو | 150/- | 2011 |
| 50 | سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر | ڊاڪٽر مخمور بخاري | 300/- | 2011 |
| 51 | سنڌي ڪلچر | غلام رباني آگرو | 200/- | 2011 |
| 52 | سنڌي موسيقي جا سر تار | خليل الرحمان شيخ | 200/- | 2011 |
| 53 | شاهہ جي رسالي جي سچائي (جلد ٻيو) | محمد حسين ڪاشف | 500/- | 2011 |
| 54 | سُر پورب | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | 200/- | 2011 |
| 55 | سنڌي ڊرامن جي مختصر تاريخ | مختيار احمد ملاح | 450 | 2012 |
| 56 | سنڌي ناول جي مختصر تاريخ | مختيار احمد ملاح | 450 | 2012 |
| 57 | مون ڏات انو ڪي آندي آ | محمد ابراهيم جويو | 250 | 2012 |
| 58 | سووينيئر (سچل سرمست 2012 ) | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | | 2012 |
| 59 | منصور ثاني سچل سرمست | پروفيسر عطا محمد حامي | 300 | 2012 |
| 60 | عشق ڪيم اظهار سچل سرمست | خادم حسين عباسي | 250 | 2012 |
| 61 | سچل سرمست سچ جو شاعر | ڊاڪٽر مخمور بخاري | 200 | 2012 |
| 62 | سچل سرمت سچ جي صدا | سميہ قاضي | 250 | 2012 |
| 63 | سپ رنگ | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 250 | 2012 |

| نمبر | ڪتاب جو نالو | مصنف/مرتب/مترجم | قيمت | سال |
|---|---|---|---|---|
| 64 | امر جليل جا ڪتاب (جلد ٻيو) | امر جليل | 800 | 2012 |
| 65 | شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جا تاريخي انٽرويوز<br>تم جيت گئي هم هار گئي<br>Shaheed Mohtarma Benazir Bhutto (Interviews) | پروفيسر اعجاز احمد قريشي<br>پروفيسر سليم ميمڻ<br>Prof. Aijaz A. Qureshi | 200<br>300<br>350 | 2012<br>2012<br>2012 |
| 66 | ڪي نہ وسرن مور | ڊاڪٽر سحر امداد حسيني | 120 | 2012 |
| 67 | سووينئر "لعل شهباز قلندر2012" | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي<br>ڊاڪٽر نواز علي شوق | | 2012 |
| 68 | سنڌڙيءَ جو شهباز قلندر | آزاد انور ڪانڌڙو | 200 | 2012 |
| 69 | قلندر لعل سيوهاڻي | ڊاڪٽر نواز علي شوق | 120 | 2012 |
| 70 | الشهباز | جليل سيوهاڻي | 150 | 2012 |
| 71 | قلندر نامو | حڪيم فتح محمد سيوهاڻي | 100 | 2012 |
| 72 | تذڪره شهباز | ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي | 120 | 2012 |
| 73 | شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي پيغام جو موجوده حالت تي اطلاق | پروفيسر محمد سليم ميمڻ | 250 | 2012 |
| 74 | سنڌي شاعريءَ جو اڀياس | شمشيرالحيدري | 150 | 2012 |
| 75 | شاهہ عبداللطيف ڀٽائي مقالا ۽ مضمون | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ<br>ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | 600 | 2012 |
| 76 | ڀنڀور ۽ ديبل | عبدالقادر منگي | 300 | 2012 |
| 77 | شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي دور ۾ تصوف جا سلسلا | ڊاڪٽر عابد مظهر | 300 | 2012 |
| 87 | سنڌي ڪهاڻي | اسحاق انصاري | 300 | 2012 |
| 79 | فن ۽ فنڪار جلد ٻيو | ڪوثر ٻرڙو | 300 | 2012 |
| 80 | سپيتا جا سونهان | محمد حسين ڪاشف | 200 | 2012 |
| 81 | مون ۾ تون موجود | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | 200 | 2012 |
| 82 | سنڌ جا قديم آثار ۽ تاريخ | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ<br>ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | 250 | 2012 |
| 83 | رهاڻ هيرن ڪاڻ (جلد نمبر ٻيو) | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 850 | 2012 |
| 84 | شاهہ جو رسالو (مڪمل فورِ ڪلر) | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 1500 | 2012 |
| 85 | وڪريل ورق | پروفيسر محمد سليم ميمڻ | 350 | 2012 |

| نمبر | ڪتاب جو نالو | مصنف/مرتب/مترجم | قيمت | سال |
|---|---|---|---|---|
| 86 | مقالاتِ عزيز | عزيز جعفراڻي | 400 | 2012 |
| 87 | فقير هدايت علي نجفي تارڪ جو سنڌي ڪلام | ڊاڪٽر نواز علي شوق | 500 | 2012 |
| 88 | شيخ اياز( شخصيت ۽ فن) | غلام سڪينا حميده قاضي | 400 | 2012 |
| 89 | امر جليل جا ڪتابَ (جلد پهريون) (1.دل جي دنيا ۽ 2. جڏهن مان نہ هوندس، 3. تاريخ جو ڪفن، 4. منهنجو ڏس آسمان کان پڇو.) | امر جليل | 600 | 2012 |
| 90 | رهاڻ هيرن ڪاڻ (جلد پهريون) | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 800 | 2012 |
| 91 | فيض احمد فيض ۽ پاڪستاني ثقافت | امان الله شيخ | 250 | 2012 |
| 92 | فيض جا ايلس ڏانهن خط | شبنم موتي | 250 | 2012 |
| 93 | فيض سان رهاڻيون | پروفيسر محمد سليم ميمڻ | 500 | 2012 |
| 94 | راڳ نامون | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 270 | 2012 |
| 95 | ميزان (فيض احمد فيض) | ڊاڪٽر نواز علي شوق | 240 | 2012 |
| 96 | جهڙي سونهن سندياس | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | 250/- | 2012 |
| 97 | اديون آءُ اڇاڻ | ڊاڪٽر فهميده حسين | 250/- | 2012 |
| 98 | شاهہ سچل ۽ خليفو قاسم | محمد حسين ڪاشف | 200/- | 2012 |
| 99 | شاهہ عبداللطيف مدبر معلم ۽ مهربان | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | 150/- | 2012 |
| 100 | شاهہ جو رسالو (گربخشاڻي) | هوت چند مولچند گربخشاڻي | 600 | 2012 |
| 101 | شاهہ جي رسالي جو مطالعو | مولانا دين محمد وفائي | 150 | 2012 |
| 102 | لطائف لطيفي (سنڌي) | مير عبدالحسين خان سانگي | 150 | 2012 |
| 103 | لطيفي سئر | پيرومل مهر چند آڏواڻي | 120 | 2012 |
| 104 | لطف اللطيف | مولانا دين محمد وفائي | 200 | 2012 |
| 105 | لطيفي لات | ممتاز مرزا | 300 | 2012 |
| 106 | احوالِ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي | مرزا قليچ بيگ | 250 | 2012 |
| 107 | استاد بخاري: سنڌ جي جوڀن جو شاعر | تاج جويو | 200 | 2012 |
| 108 | محمد عثمان ڏيپلائي: هڪ مطالعو | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | 150 | 2012 |

| نمبر | کتابوں کی نام | مصنف/مرتب/مترجم | قیمت | سال |
|---|---|---|---|---|
| 1 | سکھر تاریخ وتمدن | ڈاکٹر عبدالواحد انڈھڑ | 400/- | 2008 |
| 2 | بھٹو کا تصور پاکستان | نصرت لاشاری | 350/- | 2009 |
| 3 | شاہ جو رسالو | شیخ ایاز | 650/- | 2009 |
| 4 | سچل سرمست،تاریخ، تصوف اور شاعری | ڈاکٹر نواز علی شوق | 150/- | 2009 |
| 5 | آئینہ خانہء شاہ لطیف | ڈاکٹر طاہر تونسوی | 200/- | 2010 |
| 6 | حلقہ مری زنجیر کا | شیخ ایاز | 800/- | 2010 |
| 7 | بوئے گل نالہء دل | شیخ ایاز | 500/- | 2010 |
| 8 | دنیا ساری خواب | شیخ ایاز | 650/- | 2010 |
| 9 | اے آہو چشم کدھر | شیخ ایاز | 400/- | 2010 |
| 10 | سچل سچ ہے سارا | آغا سلیم | 300/- | 2010 |
| 11 | سندھ ایک عام جائزہ | مظہر یوسف | 400/- | 2010 |
| 12 | حضرت سچل سرمست عظیم شاعر و مفکر | ڈاکٹر نواز شوق | 250 | 2012 |
| 13 | تاریخ اولیاء سندھ | آفتاب ابڑو | 250 | 2012 |
| 14 | سندھ میں اردو شاعری | ڈاکٹر نبی بخش خان بلوچ | 350 | 2012 |
| 15 | خطوط ڈاکٹر نبی بخش بلوچ | محمد راشد شیخ | 250/- | 2012 |
| 16 | محمد ابراہیم جویو ایک صدی کی آواز | سید مظہر جمیل | 750/- | 2012 |
| 17 | دشت وجود کی مسافت | آغا سلیم | 250/- | 2012 |
| 18 | فکر لطیف | ممتاز مرزا | 250/- | 2012 |

| No | Name of Book | Writer | Rate | Year |
|---|---|---|---|---|
| 1 | Melodies of SALB, V-III | Agha Saleem | 500/- | 2008 |
| 2 | History of Sindhi Literature | Shaikh Aziz | 250/- | 2008 |
| 3 | Melodies of SALB, V-IV | Agha Saleem | 400/- | 2009 |
| 4 | Shah Jo Risalo in Arabic & English | Faiz Mohammd Khoso | 300/- | 2009 |
| 5 | Shah, Sachal, Sami | Mohd. Ibrahim Joyo | 200/- | 2009 |
| 6 | Darazi School of Sufi Thoughts | Dr. Sakhi Qabool Mohammad Farooq | 400/- | 2009 |
| 7 | Handicrafts of Sindh | Waheeda Khizir Qazi | 180/- | 2010 |
| 8 | Sindhi Society & Culture | Prof. Dr .Ghulam Ali Alana | 1600/- | 2010 |
| 9 | Life & Thoughts of Shah Latif Bhitai | Gul Mohammad Umrani | 200/- | 2010 |
| 10 | Songs of Freedom | Shaikh Ayaz | 500/- | 2010 |
| 11 | Six Thousands years of History of Irrigation of Sindh | M. H. Panhwar | 800/- | 2011 |
| 12 | The Epic of Dodo Chaneiser | Saleem Noorhassan | 300/- | 2011 |
| 13 | The Traditional Arts And Crafts of Hyderabad Region | Dr. Nabi Bux Khan Baloch | 150/- | 2012 |
| 14 | Musical Instruments of the Lower Indus Valley of Sindh | Dr. Nabi Bux Khan Baloch | 200/- | 2012 |
| 15 | Alexander's Conquest of Indus Valley | Agha Saleem | 400/- | 2012 |
| 16 | Lake Manchhar | Taj Muhammad Sahrai | 200/- | 2012 |
| 17 | Dr. G.M Mehkri on Sindh Articles | Muhammad Ibrahim Joyo | 350/- | 2012 |

| No | Name of Book | Writer | Rate | Year |
|---|---|---|---|---|
| 18 | Hazrat Shahnshah Lal Shahbaz Qalandar | Syed Dinal Shah Darbelvy | 400/- | 2012 |
| 19 | Mohen-jo-Daro The Indus Civilization | John Marshall | 3000/- | 2012 |
| 20 | Selection from the Risalo | G. A Allana | 150/- | 2012 |
| 21 | Sufism & Classical Sindhi Poetry | Saleem Noorhassan | 150/- | 2012 |
| 22 | Anecdotes of Vataayo Faqeer | Saleem Noorhassan | 200/- | 2012 |
| 23 | The Risalo of Shah Abdul Latif Bhitai (Translated in verse) | Amina Khamisani | 600/- | 2012 |
| 24 | Introduction to The Poetry and Mystic Thought of Shah Abdul Latif Bhittai | Agha Saleem | 350/- | 2012 |